امَين الـُملك نواب

مِير مُحمَّد معصُوْم بكريْ

سيّد حُسّامُ الدّين راشدي



سنڌي ادبي بورڊ

امين الملك نواب

ميرمحمد معصوم بكري

(944هـ - 1014هـ)

(مؤرخ، شاعر، سپاهي، امير ۽ ڊپلوميٽ)

تاليف:

سيد حسام الدين راشدي

سنڌي ادبي بورڊ

چاڪر شورو سنڌ

2005ع

[هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن]

چاپو پهريون	سال 1979ع	تعداد هڪ هزار
چاپو ٻيو	آگسٽ 2005ع	تعداد هڪ هزار

قيمت: ٻه سؤ ست رپيا

[Price Rs. 260-00]

خريداريءَ لاءِ رابطو:

سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ

(فون ۽ فيڪس نمبر: 2633679 - 022)

Email Address: sindhiab@yahoo.com

Website: www.sindhiab.com

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ۾ام شورو ۾ مئنيجر سيد سڪندر علي شاهه ڇپيو ۽ انعام الله شيخ سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي پڌرو ڪيو.

انتساب

برادر بزرگوار پير علي محمد راشديءَ جي نالي

جنهن پهريون ميرَ معصوم جي سوانح سنڌيءَ ۾
لکي ۽ جنهن سان حياتيءَ جا کيترا يادگار سال
گڏ گذاري گهٽو ڪجهه لاءِ پرايم:

فرو نيايدم اين سر بجز، بدرگه دوست
ڪه آنچه درڪفِ ما ماهست، فيض صحبت اوست

— حسام الدين

درِ مذهب ما، بجمله یکسان میباش
در دایرهٔ کفر، بایمان میباش
اینست طریقِ عشق جانانهٔ ما
زنار بگردن و مسلمان میباش

— نامي

چپائيندڙ پاران

سن 923 هـ /1517ع ۾ ظهيرالدين بابر قندار جي حاڪم شاهه بيگ ارغون کي اقتدار تان دستبردار ڪري قندار جون ڪُنجيون حاصل ڪيون. هيءُ اهو دور هو جڏهن ايران ۽ افغانستان ۾ ڪيترائي ترڪ چنگيزي قبيلا اقتدار جي خوني ڪشمڪش ۾ رڌل هئا ۽ سن 923هـ- 926هـ / 1517ع- 1519ع تائين بابر پاران قندار مان تڙيل حڪمران شاهه بيگ ارغون شال، ڪوئٽا ۽ سبيءَ تي پنهنجو غاصبانه اقتدار مضبوط ڪري رهيو هو. جنهن کان پوءِ سندس نڪ جي سامهون سنڌ جي سائي ۽ خوشحال سرزمين هئي، جنهن تي ڪيترين ئي لڙاين کان پوءِ به هو قبضو نه پئي ڪري سگهيو. ٿيٺ 11- محرم 926هـ / 1519ع تي هن افغانين جي هڪ وڏي لشڪر سان سنڌ تي حملو ڪيو ۽ حرفت سان اها جنگ ڪٽي سنڌ کي تن پاڳن ۾ ورهائي ڇڏيائين. سيوهڻ تي هو پاڻ حڪمران تي ويٺو، جڏهن ته ٺٽي جي نالي ماتر حڪمراني ڇام فيروز جي حوالي ٿي ۽ بکر جي حاڪميت هن پنهنجي قنڌاري ساٿي، دوست ۽ دست راست مير فاضل ڪوڪلتاش جي حوالي ڪئي. شاهه بيگ ارغون جي مرڻ کان پوءِ شوال 930هـ /1524ع ۾ سندس پٽ شاهه حسن ارغون ٺٽي ۾ قائم نالي ماتر ڇام حڪومت تي به قبضو ڪري ورتو. نتيجي ۾ ڇام فيروز ٿي پيرا گجرات ۽ ڪڇ جي سنڌي لشڪر جي مدد سان سنڌ تي پنهنجي حڪمراني قائم ڪرڻ لاءِ هٿ پير هنيا، پر هر پيري ناڪام ٿيو. هو سنڌ هٿ ڪرڻ لاءِ آخري جنگ ڪرڻ جي تياريءَ دوران گجرات ۾ همايون جي فوج جي هٿان سن 942 هـ /1535ع ۾ مارجي ويو.

هيءُ اهو دور هو، جنهن ۾ سنڌ تي ڌارين پنهنجو قبضو قائم رکڻ لاءِ حملا ڪيا ۽ هر قسم جي ظلم کي روا رکيو. ارغونن جي پيٽ ۾ سنڌ اندر کن مقامي قبيلن گهريو ٿي، ته سنڌ تي همايون جي حڪمراني ارغونن جي حڪمراني کان بهتر رهندي، پر ڇام فيروز جي مارجڻ کان پوءِ سندن اها اميد به ختر ٿي ويئي. سن 962هـ / 1555ع ۾ شاهه حسن ارغون پنهنجو ڪوبه پٽيتو وارث نه ڇڏيندي 'پلي پوتن' ۾ مري ويو. ان وقت امير محمود ڪوڪلتاش، جيڪو سندس تڄ شريڪ پاءُ هو، سندس سيراندیءَ کان موجود هو، جنهن تڙ تڪڙ ۾ شاهه حسن ارغون جو لاش ٺٽي ڏانهن اماڻي پنهنجي اقتدار ماڻڻ لاءِ هٿ پير هڻڻ شروع ڪيا. ٻئي طرف ارغونن جي افغاني عزيزن، يعني ترخانن

مان ميرزا عيسيٰ خان (اول) سکر ڏانهن ڪاهه ڪئي ۽ گوا مان پورچوگيزن جي فوج پيدروبئريٽو جي ڪمان هيٺ گهرائي ورتي، جنهن نٽي جي شهر ۾ ظالماڻي قرلٽ ۽ قتل عام ڪيو. ان ريت سڄي سنڌ جنسي رت جي راند ۾ ٻڏندي پئي وئي. انهيءَ زماني ۾ سيوهڻ ۾ وسيل مير محمد معصوم بکريءَ جي ناني سيد مير ڪلان سبزواريءَ تمام گهٽين ڪوششن سان محمود ڪوکلتاش ۽ ميرزا عيسيٰ خان (اول) ۾ ناهه ڪرايو ۽ ان ريت سنڌ مير ڪلان جي مدد سان ئي وڌيڪ رتوڇاڻ کان بچي وئي.

شاهه بيگ ارغون جي سنڌ تي قبضي ڪرڻ کان پوءِ افغانستان ۽ قندار مان ترمذي ۽ سبزواري ساداتن سنڌ جو رخ ڪيو. قندار جي حاڪميت واري دور ۾ اهي سمورا سادات هڪٻئي جا دوست هئا. جڏهن مير محمد معصوم بکريءَ جو والد سيد مير صفائي سکر پهتو، تہ بکر جي حاڪر محمود ڪوکلتاش سندس وڏي مرحبا ڪئي. قندار جي اقتدار دوران محمود ڪوکلتاش جو پيءُ مير فاضل ڪوکلتاش بابا حسن ابدال جو معتقد ٿيو، جو سيد صفائيءَ جو وڏو هو. قندار ۾ بابا حسن ابدال جي مزار جو ڪتبو بہ محمود ڪوکلتاش لڳرايو هو. قندار جي واهڻ اشڪلچہ ۾ وسيل ترمذي سيدن جو اصل وطن ترمذ، آمو درياءَ جي اترئين ڪپ تي سرخان درياءَ جي منهن وٽ ٻڌايل هو، جتان پوءِ اهي حسيني سادات ڪنهن سبب جي ڪري قندار ويجهو اشڪلچہ نالي واهڻ ۾ اچي وسي پيا. جتي انهيءَ خاندان مان ڪيترائي نالي وارا ديني عالم ۽ بزرگ پيدا ٿيا، جن ۾ بابا حسن ابدال ترمذي، سيد محمود شيرقلندر ۽ سيد حسين زنجيرپا وغيره جهڙا نامياراڻا ۽ هاڪارا بزرگ شامل آهن.

مير محمد معصوم بکري 7- رمضان المبارڪ سومر ڏينهن 952هـ (1543ع) ۾ بکر ۾ جنم ورتو. سيد مير محمد معصوم بکريءَ جو تيرهين پيڑهيءَ ۾ رشتو امام موسيٰ ڪاظم سان ويجي جُڙي ٿو. مير صاحب ڏاڏاڻن پاران ترمذي حسيني هو، تہ ناناڻن پاران سبزواري موسوي سيد هو. موسوي سيد، شاهه بيگ ارغون جي زماني ۾ سيوهڻ ۽ بکر ۾ اچي وسيا هئا. ان ريت مير محمد معصوم بکريءَ جا ڏاڏاڻا ۽ ناناڻا سنڌ جي ٻن اهم ماڳن يعني سيوهڻ ۽ بکر ۾ اچي رهيا هئا، جي ان دور ۾ سڄي سنڌ جي اقتدار جا ڇڪ اهم مورچا هئا.

جيستائين مير محمد معصوم بکريءَ جو نانو مير ڪلان حيات هو، تيستائين بکر جي مير فاضل ڪوکلتاش جي خاندان ۽ ترخانن جا پاڻ ۾ ناتا

پهتر رهيا. پر شاهه حسن ارغون جي مرڻ کان پوءِ سيوهڻ ۽ بکر جي حڪمرانن جي وچ ۾ اختلاف پيدا ٿيڻ لڳا. محمود ڪوکلتاش پنهنجو تعلق دهليءَ سان رکيو. جڏهن ته ارغونن جي پيٽ ۾ ترخانن پنهنجو تعلق سنڌ جي مختلف مقامي قبيلن سان مضبوط ڪيو. هنن سنڌ جي سميجن ۽ سومرن مان شاديون پڻ ڪيون ۽ سنڌين جي هڪ مضبوط فوج قائم ڪري ورتي. اهڙيءَ طرح فوجي قوت جي لحاظ کان ميرزا جاني بيگ ترخان سنڌ جو هڪ سگهارو حڪمران هو. شايد ان ڪري هو دهلي حڪومت جي اک ۾ ڪنڊو بڻجي چُسيندو رهيو. هن اڪبر اعظم جي موڪليل لشڪر جي سپهه سالار صادق خان سان ساندهه ۾ سال سيوهڻ ۽ لکيءَ جي جبلن ۾ زبردست چوٽون کاڌيون. دهلي دربار کي نندي ڪندِ جي ڏاکڻين ڪندِ ۾ موجود سنڌ جي خودمختيار حيثيت قبول نه هئي. ان ڪري ماه صفر 999ھ بمطابق نومبر 1591ع ۾ ميرزا عبدالرحيم خان خانان جي مهنداريءَ هيٺ دهليءَ جو لشڪر سنڌ تي اچي ڪڙڪيو. آخرڪار ان فوجي قوت جي سَڻَ نه سهندي ميرزا جاني بيگ پنهنجي مدارالمهام گورئي مهتي ۽ ٻين جي غداريءَ ڪري صلح لاءِ مجبور ٿيو ۽ سن 1001ھ /1519ع ۾ دهليءَ جي دربار ۾ پهچي ويو. انهيءَ واقعي کان گهٽو اڳ مير محمد معصوم بکري سن 979ھ /1557ع ۾ دهلي دربار سان واڳجي چڪو هو. سن 984ھ /1576ع ۾ هن جو نالو دهليءَ دربار جي هڪ اهم سپهه سالار جي حيثيت ۾ "طبقات اڪبري" جي تذڪري ۾ نظر اچي ٿو. ان ريت هو امير خان خانان سان گڏ ميرزا جاني بيگ جي ڏکڻ سنڌ جي حڪومت جي خاتمي لاءِ سنڌ ۾ سرگرم نظر اچي ٿو. هُن اڪبر اعظم جي فوج پاران افغانستان ۽ بنگال جي ڪيترين ئي فوجي مهمن ۾ ڪامياب ڪردار ادا ڪيو ۽ بعد ۾ ايران ۾ سفير طور مقرر ٿيو. هن جي تعليم ۽ تربيت سنڌي استادن ڪئي، جن. مان ملا محمد ساڪن ڪنگري واري ۽ قاضي ڏتي سيوهاڻيءَ جو تذڪرو هن پاڻ ڪيو آهي. سيد حسام الدين راشديءَ جو چوڻ آهي ته سندس هڪ پاڻ سيد محمد فاضل سنڌي ڪافيءَ جو شاعر هو. اها ڳالهه وسهڻ جوڳي نه آهي، ڇو ته سندن خاندان جا استاد سنڌي هئا.

بهرحال، انهيءَ محنت جي آڏار تي ڇئي سگهجي ٿو ته هن ڪتاب ۾ مير محمد معصوم بکريءَ جهڙي گهڻ رُخي شخصيت بابت وڌ کان وڌ معلومات ڏنل آهي. پر ان سان گڏ مير صاحب ۽ سندس دور تي ڇڪي خاصي روشني وڌي ويئي آهي. هونئن به ڪنهن علمي، ادبي ۽ تاريخي شخصيت بابت مڪمل ۽ صحيح حالات گڏ ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو عمل آهي. جنهن لاءِ شخصيتن کي نه پر

ادارن کي پرپور ڪردار ادا ڪرڻو پوندو آهي. ان جي باوجود هن تذڪري ۾ سنڌ جي نامور ۽ بي باڪ محقق جناب پير حسام‌الدين شاهه راشدي مغل سرڪار جي نامياري سياستدان ۽ منتظم "مير محمد معصوم بکريءَ" بابت جيڪي حالات قلمبند ڪيا آهن، سي سنڌ ۾ تاريخ نويسيءَ جي حوالي سان تمام وڏي انفراديت رکن ٿا. هيءُ ڪتاب ڪل ٽيهن بابن تي مشتمل آهي، جن مان پهريان اٺ باب مير صاحب جي پيدائش کان جوانيءَ تائين وارن حالات تي مبني آهن. باقي باب جوانيءَ کان لاڏاڻي تائين وارن حالات کي ظاهر ڪن ٿا.

ڪتاب جي تياريءَ ۾ جناب پير صاحب جن ڪيترن ئي مستند ڪتابن، مخزنن، مقالن ۽ خطي نسخن مان استفادو ڪيوآهي. پير صاحب ان سلسلي ۾ وڌيڪ جاکوڙ ڪندي ايران ۾ مير محمد معصوم بکريءَ جي يادگارن تي وڃي انهن جو مشاهدو ڪرڻ ۽ ماڻهن کان ان بابت معلومات وٺڻ جهڙا ڪشالا پڻ ڪيا، تڏهن وڃي مس هيءُ ڪتاب تيار ٿيو آهي.

هيءَ هڪ واضح حقيقت آهي ته هن ڪتاب سميت پير حسام الدين شاهه راشدي، سنڌ جي تاريخ ۽ اُن جي قومن، قبيلن ۽ شخصيتن تي وڏيون تحقيقي خدمتون سرانجام ڏنيون آهن، جن جي ساراهه ڪرڻ کان رهي نه ٿو سگهجي. علمي، ادبي، تاريخي ۽ ثقافتي طور تي سنڌ کي اڄ به پير صاحب جهڙن بي باڪ مؤرخن جي ڏاڍي ضرورت آهي.

ڪتاب "مير محمد معصوم بکري" جي مطالعي کان پوءِ نه رڳو مير صاحب جي حالات زندگي کان بخوبي واقفيت حاصل ٿئي ٿي، بلڪ مغل دور جي تڏهوڪي سنڌ آئيني جيان روشن ٿي سامهون بيهي ٿي. هن ڪتاب جو ٻيهر ڇاپو مارڪيٽ ۾ آڻيندي اسان نهايت خوشي محسوس ڪري رهيا آهيون. اميد اٿئون ته مانوارن پڙهندڙن طرفان به سڻي موٽ ملندي.

چام شورو، سنڌ
سومر ۱۱- شوال المڪرم ۱۴۲۶هـ
بمطابق 14- نومبر 2005ع

انعام الله شيخ
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

فهرست

باب	عنوان	صفحو
	ديباچو ..... (ز)	
پهريون	خاندان ۾ اُن جا بزرگ	1
ٻيو	حسب نسب ۾ نسب نامو	11
ٽيون	سيد مير صفائي	20
چوٿون	مير سيد ڪلان ڪابڙوتي سيوهاڻي	32
پنجون	سيدصفائي جي دؤر ۾ سنڌ جي سياسي ۽ ملڪي حالت	38
ڇهون	سيد صفائي جا آثار	52
ستون	مير معصوم جي ولادت	55
اٺون	ميرمعصوم- نالو، لقب، تعليم ۽ تربيت	60
نائون	زندگيءَ جي ڪشمڪش جي شروعات	69
ڏهون	اڪبري دربار ۾ شروعاتي زندگي	76
يارهون	گجرات جي مهم ۽ قيام	81
بارهون	گجرات کان لاهور روانگي	92
تيرهون	سنڌ تي گهوڙا	94
چوڏهون	نڏڪا گهوڙا غيباڻا هسوار	102
پندرهون	بکر جو قيام، سيويءَ جي فتح	110
سورهون	قندار ۾ فوجي خدمت ۽ قيام	114
سترهون	آسير (خانديش) جي مهم	122
ارڙهون	ايران جي سفارت ۽ سفر جي روئداد	130
اوڻيهون	ايران کان واپسي، اڪبر جي وفات ۽ جهانگير جي تخت نشيني	163

باب	عنوان	صفحو
ويهون	بکر واپسي	167
ايڪيهون	وفات	171
ٻاويهون	خانگي زندگي، سيرت ۽ ڪردار	175
ٽيويهون	علمر و فضل ۽ تصانيف	190
چوويهون	يادگار ۽ آثار	205
پنجويهون	اولاد	236
ڇويهون	ميرصفائي جا ۾ فرزند	246
ستاويهون	معصومي خاندان جا چند قابل ذڪر فرد	249
اٺاويهون	همڪار ۽ احباب	252
اُڻٽيهون	شعر	271
ٽيهون	ڪتبا	333
	اضافا	373
	ماخذ	375
	تصويرون:	383
	انڊيڪس:	493

ديباچو

بيا گويم برايت داستان ها
از آن پيشين، ازان شيرين، زمان ها

مير معصوم بکريءَ جي شخصيت کان آءٌ انهيءَ وقت متاثر ٿيس، جڏهن 1928ع ۾ سکر پهچي، منارو ۽ قبرستان ڏٺم. انهيءَ وقت، عام اعتقاد مطابق، مير معصوم کي ولي الله سمجهيو ۽ مناري متعلق جيکا روايت هئي تہ مير صاحب هڪ غير مسلم ڇوکريءَ جي عشق ۾ ڦاسي، اهو منارو نهرايو. انهيءَ تي ويساهہ ڪرڻو پيو. مير لاءِ زياده انس ۽ سندس احوال جي سلسلي ۾ تجسس تڏهن وڌيو. جڏهن 25 ڊسمبر 1931ع جي هڪ سخت سرد ٻپهريءَ جو اتر جي جَهڪَ هوائن ۾ پراڻي سکر جي معصومي خاندان پنهنجي پرئي مڙس کي پڳ ٻڌائڻ جي رسم منعقد ڪئي ۽ هڪ شاندار جلسو ڪري ان ۾ تقريرون ڪيون. سکر ۾ مسلسل رهڻ سبب دلچسپي وڌندي رهي ۽ مير ۽ مير جي متعلقات جو هر اطلاع گڏ ڪرڻ شروع ڪيم.

تاريخي ذوق جي تسڪين لاءِ پاڻ ۾ چند دوستن گڏجي 1232ع ۾ "مسلم هسٽاريڪل ريسرچ اينڊ پبلسٽي سوسائٽيءَ" جي نالي سان هڪ جماعت ناهي جنهن جا هي ميمبر ڪيا ويا:

(1) ڊاڪٽر عبدالمجيد صديقي (مرحوم) وٽرنري سرجن.
(2) سيد علي محمد سيد حامد شاهہ راشدي.
(3) ميان عبدالله صاحب ميونسپل ڪائونسلر (شيخ شينهن وارو مرحوم).
(4) آغا محمد نواز خان پٺاڻ، بي. اي (مرحوم).
(5) سيد حسام الدين راشدي، ايڊيٽر: سنڌ زميندار
(6) شيخ ڪريم بخش مرحوم (وڪيل روهڙي.)
(7) شيخ غوث بخش مرحوم بي. اي (وڪيل، روهڙي).
(8) مسٽر عبدالرحيم ڪرل وڪيل، (مرحوم).
(9) آغا نظر علي خان افغان (مرحوم)، مئيجر سنڌ زميندار، سيڪريٽري.
(10) افتخار مرتضيٰ (شيخ شينهن وارو)، جوائنٽ سيڪريٽري.

انهيءَ سوسائٽيءَ جا هيٺيان ٻه اغراض مقاصد هئا:

1. تاريخ ۽ آثار قديمه جي تحقيقات
2. صحيح تاريخ ۽ سوانح مشاهير جي نشرو اشاعت

منهنجي برادر بزرگوار پير علي محمد راشدي صاحب سکر ۾ بکر جي اسلامي آثارن متعلق تحقيق شروع ڪئي ۽ هڪ مفصل مقالو انهيءَ ڏس ۾ لکي پهريون "**ستاره سنڌ**" جي بهار نمبر ۾، ۽ پوءِ "**الوحيد**" جي سنڌ آزاد نمبر ۾ شايع ڪيو. پيو هڪ ليکچر مير معصوم جي احوال تي تيار ڪيائين، جيڪو 20 - ڊسمبر 1931ع جو سکر جي بزم مشاعري ۾ پڙهيو ويو ۽ پوءِ مٿئين سوسائٽيءَ جي اهتمام سان جنوري 1932ع ۾ "**حيات معصوم**" جي عنوان هيٺ سنڌ زميندار پريس مان شايع ٿيو. مير معصوم جي هڪ حدتائين تفصيلي سوانح لکڻ ۽ ڪتابي صورت ۾ چپڻ جي اها پهرين ڪوشش هئي، جنهن کي پوءِ ڊاڪٽر دائودپوتي مرحوم پڻ پنهنجو ماخذ بڻايو.

....

مير معصوم جا ڪيترا تاريخي آثار سکر ۾ هئا. سندس مرڪز ۽ گهرگهاٽ اتهن هو، تنهنڪري هن انهيءَ شهر کي سينگارڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي. مير جي تاريخي آثارن کانسواءِ ٻه سکر، بکر ۽ روهڙيءَ ۾ اسان جي شاندار ماضيءَ جا اهڃاڻ ۽ نشان ڳاڻاٽي کان گهٽا موجود هئا. انهيءَ وقت ڪيترو ڪجهه اثاثو برجاءِ هو، جيڪو گهڻي قدر اڄ برباد ٿي ويو آهي. انهيءَ سرمايه تي اسان پنهنجي پائرن وقت بوقت لکڻ شروع ڪيو. ڪجهه ڇپيو رهيو، ڪجهه رکي رهجي ويو. منهنجي پاءُ جون کي قيمتي لکتون مسجد منزلگاهه واري هنگامي ۾ گم ٻه ٿي ويون.

اهو ذوق ۽ اهو تجسس ۽ تحقيق، نتيجو هيو مير معصوم سان انهيءَ پهرين پيدا ٿيل تعلق ۽ دلچسپيءَ جو.

....

مير معصوم جي تاريخي آثارن ۾ درياهه جي ڪنار تي ساڌيلي جي آمهون سامهون ٻن عمارتن جو هڪ مجموعو هو، جنهن کي مسلمان "**مسجد**" ۽ هندو "**منزل گاهه**" سڏيندا هئا. هندو ۽ مسلمانن جي رت کي گرم رکڻ لاءِ سکر جا مقامي ليدر عرصي کان انهن جاين تي ضرورت پوڻ تي ٻنهي ڏرين کي

ويڙهائيندا رهندا هئا، هندن کي مسلمانن جي ناڙاڇوڙ ڪرڻ ۽ سڙڪ ڏانهن منهن ڪري اڳٺ چڪ ۾ وجهي پسار ڪندي ڪندي وٽ پچائڻ واري "کشٽ" نٿي آئڙي[1] . ازانسواءِ دريا شاهه تي پنج وقتو "سربزون" سارڻ به هنن کي ڪونه ٿي وڻيون. شري ساڌٻيلي جو پتڻ سامهون هو، جتان نر ۽ نارين جو سنجهه- صبح عام لنگهه هو.

مسلمانن هندن جو اهو اعتراض سراسر "مداخلت في الدين" سمجهيو ٿي. ميونسپل اليڪشن وقت ته ٻئي ڌريون انهيءَ مسئلي تي ايجيٽيشن ڪري ووٽرن کي جوش ۽ جذبي ۾ آڻينديون رهيون ٿي. انگريزن مسئلي جي سنگينيءَ ۽ انهيءَ مان پيدا ٿيندڙ سڀني خطرن جي مدنظر، عمارتن تي سرڪاري ڪڙا ڪلف چاڙهي ڇڏيا، جيڪي اسان واري زماني ۾ جيتوڻيڪ ڪٽجي ويا هئا، ليڪن موجود هئا. ۽ آخر 1939ع ۾ "**مسجد منزلگاهه واري هندو مسلمان فسادن**"جي هاڃيڪار خونريزين کان پوءِ وڃي لٿا. مير معصوم بکري جي اها جوڙايل تاريخي عمارت نه ڇڙو سنڌ جي سياست ۾ انقلاب جو سبب بڻي، بلڪ پوري هندوستان جي هندو - مسلم سياست جي مستقل وڇوٽيءَ لاءِ بنيادي پٿر ثابت ٿي. سکر ۾ انهيءَ عمارت تي ٿيل خوني اختلاف، گڏيل هندوستان جي آئيندي لاءِ هيٺيان نتيجا ڪڍيا:

1. سنڌ جا هندو - مسلمان هميشه لاءِ هڪٻئي کان ٽٽي ۽ جدا ٿي ويا.
2. خانبهادر الهه بخش شهيد جي وزارت ٽوڙڻ ۽ هندن جي ساٿ کي هيسائي کانئس جدا ڪرڻ خاطر "منزلگاهه" جي قضيه تي خوني فساد ٿيا.
3. خانبهادر الهه بخش جي وزارت عظميٰ ختم ٿي ۽ اڳتي هلي پاڻ به شهيد ٿيو.
4. خانبهادر الهه بخش ۽ هندن جي گڏيل طاقت کي ٽوڙڻ لاءِ سنڌ جي چند سياستڪارن ٻيو چارو نه ڏسي "مسلم ليگ" کي سنڌ اندر منظم ڪري قائداعظم کي هندستان مان گهرائي ڪراچي ۾ عيدگاهه وارو جلسو ڪيو، جنهن ۾ ورهاڱي جي تصور وارو "**ٺهراءُ**" پهريون دفعو پاس ڪيو ويو.

---

[1] هندن کي اهو اعتراض هو، ۽ اهي لفظ زبان زد هوندا هئا.

5. اهو نهراءُ خلاف توقع هندستان جي سياست ۾ ڏماکو ثابت ٿيو ۽ ايڏو ٽرٽلو پيدا ٿي ويو جو آخر ۾ هندستان گير تحريڪ شروع ٿي ۽ پاڪستان وجود ۾ اچي ويو.[1]

اڪبري دؤر جي انهيءَ سياست مدار ۽ اميـر، ميرمحمـد معصـوم جـي شخصيت نـ فقط پنهنجي دؤر ۾ مؤثر هئي، ليڪن سوَن سالن گذرڻ بعد بـ انهيءَ جا اثرات سنڌ، هندوستان ۽ پاڪستان جي تشڪيل، ملڪي مسئلن ۽ معاملن تي اثرانداز رهيا ۽ فيصلـ ڪن ثابت ٿيـا. گويـا ميـر صـاحب جـي شخصيت ايران، افغانستان، سنڌ ۽ هندستان ۾ پنهنجي قائم ڪيل يادگارن سبب ۽ پنهنجي ڇڏيل تاريخي ورثي ڪري هونءَ تـ هميشـ ياد رهندي، ليڪن جڏهن مجلسن ۽ محفلن ۾ ملڪي مسئلن جي ڳالهـ ۽ سياست جي تاريخ جو مذڪور نڪرندو تـ انهيءَ وقت بـ مير جو نالو بهرصورت زبان تي ايندو رهندو.

....

سياست جا ڪيڏاري ۽ ملڪي معاملن جا مداري مير معصوم سان انهيءَ ڏس ۾ دلچسپي وٺي سگهن ٿا، ليڪن راقم الحروف لاءِ مير جي شخصيت شروع کان وٺي پنهنجي گوناگون علمي، ادبي ۽ تاريخي ڪارنامن سبب جاذب ۽ پرڪشش رهي آهي، اهوئي ڪارڻ ٿيو جو پير علي محمد راشديءَ جي انهيءَ

---

[1] هتي منهنجو مقصد سياسي بحث نـ آهي. اهو ڪـر سياسي موڙ جو ٽيندو ليڪن انهيءَ سلسلي ڪي سمجهڻ ۽ واقعن جي ڪڙن ملائڻ لاءِ هيٺين تاريخي تواتر ڪي ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي:

1. الهـ بخش جي وزارت ٺهي.	مارچ 1938ع
2. يونائيٽيڊ پارٽيءَ جو الله بخش سان اختلاف ٿيو.	جولاءِ 1938ع
3. الهـ بخش ۽ هندن جي ٻڌيءَ ڪي ٽوڙڻ لاءِ مسلم ليگ جي عيدگاهـ واري ڪانفرنس ڪئي وئي جنهن ۾ هندو مسلمانن جي جدا رهڻ جو تصور ۽ گهرَ پيش ڪئي وئي.	9-آڪٽوبر 1939ع
4. الهـ بخش تي انهيءَ ڪانفرنس جو ڪو اثر ڪونـ ٿيو.	
5. منزلگاهـ تي مسلمانن زوريءَ قبضو ڪيو.	آڪٽوبر 1939ع
6. جي.ايـ.سيد وارن کي منزلگاهـ مان زوريءَ ڪڍيو ويو.	نومبر 1939ع
7. سنڌ ۾ منزلگاهـ تي هندو مسلمانن خوني فساد ڪيو.	نومبر 1939ع
8. الهـ بخش جي وزارت ٽٽي ۽ مسلم ليگ جي وزات ٺهي.	مارچ 1940ع
9. لاهور ۾ مسلم ليگ جو اجلاس ٿيو ۽ پاڪستان جو نهراءُ پاس ڪيو ويو.	23 - مارچ 1940ع
10. ويسٽن جو ٽربيونل مقرر ٿيو.	مئي 1940ع
11. الهـ بخش شهيد ٿيو.	مئي 1943ع

مختصر تعارفي رسالي منهنجي تشنگي کي وڌائي ڇڏيو ۽ شوق کي مهميز ڏني. تجسس، تلاش، کوشش ۽ ڳولا جاري رهندي آئي، تان جو پوري اڌ صديءَ جي لاڳيتي جاکوڙ بعد مير معصوم جي سلسلي ۾ جيڪو مواد گڏ ٿي سگهيو، تنهن کي سميٽي هنن صفحن ۾ ماضيءَ جي داستان طور پڙهندڙن اڳيان پيش ڪري رهيو آهيان:

دستا نسراي مجلسِ دوشينہ ايم ما
از ما فسانهاي کهن ميتوان شنيد

....

هن ڪتاب جو ابتدائي خاڪو (1-آگسٽ) 1954ع ۾ تيار ڪيو ويو هو، ليڪن تسڪين نہ ٿيڻ سبب ڇاپڻ جي بجاءِ وڌيڪ مواد جي تلاش جاري رکڻي پيئي. سوانح جا مکيہ ماخذ پوءِ هٿ آيا. ڪيترا ڪتبا انهيءَ بعد ميسر ٿيا، ايران ۾ مير جا رند ۽ راهون بہ بعد ۾ ڏسڻ نصيب ٿيون.

اڌ صدي انهيءَ جاکوڙ ۾ گذري چڪي هئي، علمي اُسات ۽ تلاش نہ ڪنڊ جي هئي، نہ تڪميل ٿيندي نظر آئي. ذوق برابر قائم رهيو، پر حياتيءَ جي بيوفائيءَ کي نظر ۾ رکندي ڪم کي نيٽ اُڪلائڻ جي رٽا ڪرڻي پيئي. اهڙيءَ طرح 19 ورهين جي ڄمار ۾ شروع ڪيل ڪم، عمر جي 68 ورهين واريءَ منزل تي پهچڻ بعد بالاخر پورو ڪرڻ ضروري ٿيو.

....

مير معصوم جي سوانح جا مکيہ ماخذ سالن جي ترتيب سان هن ريت آهن:

1. "طبقات اڪبري" 1002ھ
2. "منتخب التواريخ" بدايوني 1004ھ
3. "اڪبرنامہ" ابوالفضل 1010ھ
4. "خلاصتہ الاشعار" تقي ڪاشي 1012ھ (ڀر مير سان مليو.)
5. "عرفات العاشقين" تقي اوحدي 1013ھ (ڀر مير سان مليو.)

اهي مصنف مير جا معاصر ۽ صحبتي هئا. انهن جيڪي ڪجهہ لکيو آهي، سو سندن چشم ديد آهي. هينئن ڪتابن جي مصنفن قريب العهد هجڻ سبب مير صاحب جي متعلقين کان معلوم ٿيل روايتون ۽ حقيقتون ڏنيون آهن:

6. تاريخ طاهري 1030ھ
7. عالم آرائي عباسي 1037ھ
8. مظهر شاهجهاني 1044ھ
9. ذخيرة الخوانين 1061ھ

اهي آهن مکيہ مصنف ۽ مستند احوال تي مبني بنيادي ڪتاب، جن تان پوين تذڪره نويسن ۽ احوال لکندڙ مصنفن، استفادو پي ڪيو آهي.

راقم الحروف اهي ۽ ٻيا ڪيترائي پوڻان ماخذ، بيشمار امدادي ڪتاب، نوشتا، بياض ۽ خطي نسخا پيش نظر رکيا آهن، جن مان ڪن مکيہ ڪتابن جا نالا ماخذ جي فهرست ۽ متن جي حاشين ۾ ڏسي سگهجن ٿا.

ارمان آهي جو "تاريخ سنڌ" کانسواءِ ميرجو پنهنجو ٻيو ڪوبہ ادبي ۽ علمي ورثو ميسر ٿي نہ سگهيو. جنهنکري سوانح جو مکيہ پهلو نظرن کان اڃ بہ اوجهڙ رهيو. شعر جو ذخيرو نہ فقط ميرجي فڪري اهجاڻ کي روشن ڪري ها، بلڪ امکان آهي تہ زندگيءَ جون ڪي اهم واقعاتي روايتون پڻ هٿ اچي وڃن ٿا. پڃنديءَ آهر تہ هر ممکن ڪوشش ڪئي ويئي، پر ڪامياب کانہ ٿي.

....

پنهنجي وس ۽ وسيلن مطابق ڪتاب کي هر طرح مڪمل ڪرڻ جي ڪوشش ٿيل آهي. سوانح جي مليل مواد کي موضوع وار ترتيب ڏنو ويو آهي. هٿ آيل شعرن جو ذخيرو پڻ يڪجا ڪيو ويو آهي، هرڪا ڪوشش ڪري ميرجا ڪتبا ڪنا ڪيل آهن. ڪتبن، عمارتن ۽ قبرستان جون تصويرون ۽ نقشا شامل ڪيل آهن، جن جي عڪس برداري، سواءِ ڪن چند جي راقم جي پنهنجي ڪيل آهي.

هن سموري ڪمام کي تيار ڪرڻ ۽ ميسر ڪرڻ ۾ ڪيترن دوستن مدد ڪئي آهي، جن لاءِ هر وقت دست بدعا آهيان. جهڙوڪ:

1. ڊاڪٽر نذير احمد صاحب عليگڙھ
2. جناب مالڪ رام صاحب دهلي
3. ڊاڪٽر لطف الله هنرفر اصفهان
4. جناب علي اڪبر جعفري تهران
5. جناب احمد گلچين معاني مشهد

6. جناب ڊاڪٽر پرويز ناتل خانلري	تهران
7. جناب عبدالحي حبيبي	ڪابل
8. موسيو ڪوريل	پئرس
9. آغا راحت يار خان (مرحوم)	سکر
10. عبدالرحيم ميمڻ (مرحوم)	حيدرآباد
11. جناب محمود بيگ ڪتابدار آثار قديمہ	ڪراچي
12. ڊاڪٽر محمد عبدالله چغتائي	لاهور
13. ڊاڪٽر محمودالحسن صديقي	ڪراچي
14. ڊاڪٽر محمد رفيق مغل	ڪراچي

پوريءَ اڌ صديءَ جو طويل فاصلو آهي. جن دوستن قرب ڪيا، ظاهر آهي تہ انهن سڀني جا نالا ياد رکڻ ڏکيو ڪم آهي، بهرحال انهن سڀني جو آءٌ ٿورائتو ۽ دعاگو آهيان.

....

ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ ڇپيو آهي، جيتوڻيڪ ڪتاب سبب اداري جو علمي مانُ ٿيو ۽ نيڪنامئيءَ واري فهرست ۾ هڪ مانائتي عدد جو اضافو ٿيو، تاهر منهنجو اخلاقي فرض آهي تہ اهلڪارن جا ٿورا مڃيان. سيڪريٽري، سيد ظفر حسن شاهہ صاحب خاص سهڪار ڪيو. پريس مئنيجر، مسٽر الهہ بچائي يوسف زئي پنهنجون سڀئي فني صلاحيتون ڇپائي ۾ ڪتب آندیون. دوست عزيز مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ جي همڪاري تہ هميشہ ڪان دل جي آڌت جو سبب رهي آهي. انهن سڀني صاحب جا ٿورا لاهي نٿو سگهان.

مهراڻ جي نائب مدير جناب ناشاد جي شڪرادائي پڻ فرض ٿو سمجهان، جنهن صاحب دلچسپي ونئي پاڻ هرتو محنت سان انديڪس ناهي ڪتاب ۾ شامل ڪئي. جناب شجيع ڪاظمي صاحب (ڪراچيءَ واري) ڪتاب جو ٽائيٽل ناهيو آهي، پنڻين پاسي تي گورستان جو عڪس آهي ۽ مهڙ تي ڪي اهم تاريخي اهميت جا حامل ڪتبا آندا ويا آهن. مير جي خصوصيت ڪتبہ نويسي بہ هئي، تنهنڪري گردپوش ۾ سندس انهيءَ ذوق جو نشاندهي پڻ مدنظر رهي آهي.

تربت جام واري ڪتبي تي مير جا پنهنجا هٿ اکر ۽ يقيناً سندس پنهنجا

دسختط آهن، جيڪو نقطو پڙهندڙن کي ذهن ۾ رکڻ کپي.

ڀاءُ محمد ابراهيم جويي سموري ڪتاب جا پروف پڙهيا ۽ قيمتي صلاحون ڏنيون، جنهن جي ٿورن مڃڻ تي هن ديباچي جي پڄاڻي ڪيان ٿو. رب ڪريم شال کيس خوش رکي.

علي رضا هائوس،
60 - الحمرا سوسائٽي،
ڪراچي،
27- جنوري 1979ع

الهه واهي!

- حسام الدين راشدي



امین الملک نواب
میر محمد معصوم بکری

(احوال ء آثار)

باب پهريون

خاندان ۽ ان جا بزرگ

مير معصوم جو گهراڻو ترمذي سيدن جي انهيءَ ڦريءَ سان لڳي ٿو. جنهن جو سلسلو حضرت امام موسيٰ ڪاظم رضہ سان پيوست ٿئي ٿو. انهيءَ ڪان پهرين جو نسبنامي تي بحث ڪجي، مناسب لڳي ٿو تہ خاندان جي ڪن آڳاڻن بزرگن جو بيان ڪجي، جن لاءِ ڪي قدر معلومات ملي ٿي:

1- بابا حسن ابدال

مير معصوم پنهنجي "تاريخ سنڌ" ۾ قندار جو احوال لکندي هن بزرگ جو ذڪر ڪيو آهي ۽ تاريخ جي ديباچي خواه پنهنجي ڪتبن ۾ پنهنجو سلسلو ساڻس ملايو آهي.

بابا حسن ابدال ترمذ [1] جي صحيح نسب ساداتن مان هو. هن شروع حياتيءَ ۾ وطن کان نڪري حرمين جي زيارت لاءِ سفر ڪيو. جتي ڪجهہ سال گذاري. شاهرخ ميرزا والي خراسان (807-850 هـ) [2] جي زماني ۾ ترڪيءَ (روم) جي رستي کان سبزوار [3] پهتو. شاهرخ ميرزا جي ساڻس عقيدت هئي، تنهنڪري هُن سان گڏجي قندار جي ويجهو "لنگر" ڳوٺ ۾ آيو ۽ پڪيءَ طرح اتهن رهي پيو. مير معصوم جو بيان آهي تہ: هن بزرگ پنهنجي مريدن کي چيو

---

[1] افغانستان جي مزار شريف ۽ دولت آباد جي مٿان تاجڪستان روس جي سرحد تي آهي. تفي ڪاشيءَ پنهنجي تذڪري ۾ لکيو آهي تہ: مير معصوم ٻيءَ جي طرفان ترمذ جي حسيني ساداتن سان لڳي ٿو ۽ ٻئي طرف کان سبزوار جي موسوي سيدن سان پيوست ٿئي ٿو- "از جانب پدر بزرگوار بہ سادات حسيني نسب، ترمذ ميرسد و از جانب ديگر، بسادات ڪبار موسوي حسب، بلدۂ طيبۂ سبزوار، راجع مي گردد" (خلاصةالاشعار نسخه مانچسٹر ورق 482 الف)- نيز رسالو پارس ڪراچي (1-1 ص 2) تقفي ڪاشيءَ هيٺيون شعر مٿينءَ عبارت بعد ڏنو آهي:

هر نبوت در نسب، هر بادشاهي در حسب
کو سليمان، تا در انگشتش کند انگشتري

"پادشاهي در حسب" انهيءَ ڪري چيو اٿائين جو صفوي بادشاهہ پاڻ کي موسوي سيد سڏائيندا هُا، جا ڳالهہ غلط آهي.

[2] ولد امير تيمور گورگان. شاهہ رخ ميرزا 14 ربيع الاخر 779 هـ جو سمرقند ۾ ڄائو ۽ فوت ٿيڻ بعد امير تيمور جي مقبري ۾ سمرقند ۾ دفن ٿيو. (ڏسو تفصيل ترخان نامہ جي شجري J ۾).

[3] سبز وار خراسان ۾ نيشاپور جي ايراضيءَ ۾ آهي.

هو ته: هن منّيءَ مان مون کي محبت جي خوشبو پئي اچي [1]!

حياتيءَ جي جنجال مان جند آجي کرڻ بعد انهيءَ ڳوٺ ۾ سندس منّي پنوڙي پنهنجي جاءِ ڪئي. اهو ڳوٺ ارغنداب جي ڀر ته هڪ سرسبز ۽ شاداب هنڌ تي آهي، جنهن لاءِ ميو معصوم لکيو آهي ته: سچ پچ فيض وارو ماڳ ۽ ڪمال صفائيءَ وارو مڪان آهي، ۽ لکي ٿو ته: آئي وئي کان پڌو ويو آهي ته هن هنڌ جهڙي جوءِ گهٽ لينديءِ. [2]

ميو معصوم قندار جي آس پاس جي انهن چند ماڳن جو پڻ بيان ڪيو آهي، جن جو ڪنهن نه ڪنهن نموني بابا حسن ابدال جي ڪرامتن سان تعلق هيو. مثلاً:

1- جنهن ٽڪر جي دامن ۾ بابا حسن ابدال جي مزار آهي، انهيءَ ٽڪريءَ جي مٿان هڪ گنبذ جهڙي عمارت آهي، جنهن لاءِ مشهور آهي ته بابا حسن ابدال پنهنجي هٿن سان جوڙي آهي. گنبذ جي ٻيهڪ هڙي اچرج ۾ وجهندڙ آهي جو هر ڪو انهيءَ کي سندس ڪرامت جو ڪرشمو سمجهي ٿو. ڏسندڙن جي سمجهه موجب انساني قوت کان ٻاهر آهي ته اهڙيءَ عمارت ٺهي سگهي. [3]

2- اهڙيءَ ريت سندس آستان جي سامهون هڪ ٻيو گنبذ آهي جيڪو پڻ سندس جوڙيل چيو وڃي ٿو. انهيءَ جي اڏاوت، اڻ گهڙيل پٿرن کي بنا مسالي جي هڪ ٻئي مٿان رکي، ڪئي وئي آهي ۽ پٿرن کي اهڙيءَ ريت پاڻ ۾ ملايو ويو آهي جو ڪابه درز يا وٿي ڏسڻ ۾ ڪانه ٿي اچي ۽ انساني عقل دنگ رهجو وڃي ٿو. هڪ-هڪ پٿر پنجن مڻ کان گهٽ نه هوندو. انهيءَ جاءِ تي بابا حسن ابدال چلو ڪيندو هيو.

3- قندار جي اولهه کان هڪ ڳوٺ آهي، جنهن کي پنجوائي [4] سڏيو وڃي ٿو. انهيءَ جي ڀر هڪ ٽڪر ۽ ان ۾ هڪ غار آهي، جنهن کي گهڙي منجهس

---

(1) ازين زمين بوي محبتي بمشام من ميرسد-(تاريخ سند ص 134).

(2) الحق جاي پرفيض و منزل دركمال صفاست. و از اكثر وارد و صادر شنيده شدكه: مثل اين جا، كم بر نظر درمي آيد (ص 134).

(3) تاريخ سند ص 134.

(4) قندار کان 27 ڪلوميٽر پري پنجوائي 33 ڳوٺن جو مجموعو آهي. ارغنداب انهيءَ جي اوير کان شروع ٿي ڏکڻ ڏينڊو اتر کان وڃي ٿو. ڪٽڪ، جَوَ، جوئر ۽ ساريون ٽين ٽيون. ميون ۾ ٻاڙهون، انگور، صوف، ناخ، زرد آلو، انجير، شفتالو ۽ شڪرپارا پيدا ٿين تا. انهيءَ علاقي ۾ ٻه ٽڪر آهن، جنهن مان هڪ جو نالو-مارڪوه آهي، جنهن ۾ غار آهي، جنهن کي "شمشير غار" چيو وڃي ٿو. ان لاءِ ڪيترا افسانا مشهور آهن. ماڻهو انهن کي ڏسڻ ايندا آهن- (قاموس جغرافياي افغانستان ج 2-ص 352)

لهڻ لاءِ ڏاڪا ۽ وهڻ لاءِ ٿَلو ۽ انگڻ ناهيو ويو آهي. ڪاريز اندران نڪري وهندي رهي ٿي. غار تمام سوڙهو ۽ اونداهو آهي. چيو وڃي ٿو تہ بابا حسن ابدال انهيءَ ۾ اندر گهڙي هڪ سوني سِرَ کڻي آيو هيو. انهيءَ غار جو ٻيو مٿو ٽڪر جي ٻئي پاسي کان نڪري ٿو، جتي مشهور "چهل زينو" [1] ۽ ان جو پيش طاق (ورانڊو) آهي. جنهن تي بابر بادشاهہ ڪتبو اُڪرايو هيو ۽ اڪبر جي دور ۾ مير معصوم اضافا ڪري ان کي اڪبر جي زماني تائين مڪمل ڪيو. [2]

بابا حسن ابدال جي مزار تي پٿر جو هڪ ڊگهو ڪتبو لڳل آهي، جنهن تي بکر جي حاڪم سلطان محمود بکريءَ (962-982هہ) جي والد مير فاضل ڪوڪلتاش (و-928 هہ) سال 920 هہ ۾ هيٺين عبارت اڪرائي آهي. انهيءَ زماني ۾ شاهہ بيگ ارغون قنڌار جو خود مختيار والي هيو ۽ مير فاضل ڪوڪلتاش سندس امير، دوست ۽ دست راست هيو.

ڪتبي جو پهريون طرف

هو الحي القائم القيوم سبحان الملک الحي الذي لايموت لہ الحکيم وله الحمد وله الکبرياء والجبروت-

بر لوح ضمير زائران روضۂ ادراک، وخاطر خطير عاکفان خطۂ خاک، ظاهر و پيدا و روشن و هويدا خواهد بود کہ: خلاصي از مضائف ايام و رستگاري از مذلت اقدام، بزيارت ارباب قبور و استعانت از اصحاب حضور، منوط مربوط است. چنانچہ کلام خجسة فرجام حضرت رسالت پناه عليه من الضلواة افضلها ومن التحيات اکملها خبر ازين معني ميدهد.

---

[1] مجمع التواريخ جي مصنف ميرزا احمد خليل مرعشي چهل زيني جو هن ريت بيان ڪيو آهي- "هفتم قلعہ کوه چهل زينہ، کہ در زمان شاه جهان کہ علي مردان خان قلعۂ قندهار را بہ اهل هند داد، حسب الحکم شاه جهان پادشاه قليچ خان قلعہ دار، حصاري بر دورکوه "چهل زينہ" کشيد. و اين کوه چهل زينہ کوهي است واقع درمابين شمالي وشرقي قلعۂ قندهار، و مشرف بر قلعۂ کہ در زمان بابر پادشاه حسب الحکم، سنگ تراشان چهل زينہ، سنگي تراشيده برسر آن کوه را پيدا کرده بودند، وچون آن کوه اشراف زيادي داشت، بابر پادشاه عمارتي مختصر بر قلۂ آن کوه ساخت وشبهاي ماهتاب بر فراز آن کوه رفيع برآمده سير ماهتاب مي نمود بسبب اشراف آن کوه قليچ خان حصاري بر دور آن کشيده آنرا نيز داخل قلعہ نمود- " (ص 13 ڇاپ عباس اقبال تهران 1328 ش ۽ ڏسو تاريخ افغانستان در عصر گورگاني از عبدالحي حبيبي ڪابل 1341 ص 205).

[2] ڪتبو ڪتاب ۾ اڳتي اچي ٿو.

- اذا تحيرتم في الامور فاستعينوا من اهل القبور-

کاشف این حکایت و شاهد این روایت است. اسعاف حاجات وانجاح مهمات زائرین این مشهد مقدس و معتکفان این مرقد منور است. اعني مرقد سلطان الطریقة و برهان الحقیقه، قطب فلک الهدایت و مرکز دائرهٔ ولایت، مهبط انوار الاهي و مظهر اسرار نامتناهي، قدوة الواصلین زبدة الکاشفین، سر حلقهٔ ارباب وجد وحال، **بابا حسن ابدال**، نور الله مرقده وعطر مشهده، که در عالم طریقت کسوت وخرقهٔ از حضرت سلطان الاولیا وبرهان الاتقیا...في العالم **سلطان ابراهیم** ادهم [1] داشة اند. وبه نیل سعادات و رفع درجات فائز و فائق... و مجذوب سالک بوده اند. و خوارق عادات از خدمت ایشان بظهورمي انجامیده، چنانچه در افواه و السنه جاري است. و ارباب ملک و ملت و اصحاب دین و دولت روي نیاز و ابتهال بدین درگاه- که کعبهٔ آمال و اماني این دیار است-آورده مقصود مي یا بند.

چو کعبه، قبلهٔ حاجات خلق گردید
نهند روي به درگاهت، از دیار بعید

و حضرت خاقان مرحوم مغفور **شاهرخ میرزا** از روي اخلاص و ارادت، درین مقام ملاقات کرده، آنچ از خدمت **بابا** شنوده بودند، به راي العین مشاهده آمد. واین موضع که موسوم است به- **قریهٔ لنگر**-به رسم زکواة وقف حضرت **بابا** فرموده، از مالیه و...کل تکالیف معاف و مسلم داشة اند. و در زمان حضرت سلطان مشارالیه بفحواي مصدوقهٔ:

-المومنون لایموتون بل ینعلون الي...

از دار فنا بدار بقا رحلت فرمودنه، و چون زمام سلطنت منتقل بحضرت سلطان مرحوم و مغفور ابو الغازي **سلطان حسین** بهادر...گشت [2]، اهل بغي وعناد در... بلادسر به فتنه برآورده

---

[1] وفات جي سال بر اختلاف آهي. سن 130، سن 161، سن 162، سن 166 حضرموت یا شهر صور بر فوت تیو (ریحانة الادب 1: 54).

[2] سال جلوس 863 هـ.

گردن كشي آغاز كرده بودند، ورعايا منفرد و متفرق گشة از اوطان خود جلاّ مي شدند، هر چند كه فرزندان كا مگار و مردان نامدار مي فرستادند، اين ديار قراري پيدا نمي كرد... برين تقدير، حضرت امير كبير عالمگير، المويد من السماء المظفر علي الاعدا، افتخاري الا عظر الامير المر حوم المغفور امير شجاع الدوه والدين ذوالنون بهادر برد الله مضجعه، دربن ولا از ولايت ماوراء النهر...شان اتقاف افتاد، واهل شروفساد دفع و...عالي بنام مبارک حضرت مشاراليه شرف صدوري يافت.[1] آن جضرت با برادران نامدار و فرزندان كامگار وچندي از خاصان (متوجه-عازم) اين حدود گشتند، به عون عنايت الاهي و ياري دولت نامتناهي، به ضرب تيغ آبدار، اين ديار را، ازشر و مفسدان باغي، پاک و صافي گردانيد (ند). دران (ايام) از كنارهٔ آب سند تا خطهٔ كابل و از بلخ تا...ناحيت دارالسلطنة هرات و از سرحد سجستان تا دامن...در قبضهٔ تصرف پادشاهانه در آورده، لواي عدالت و شفقت درين اقليم...سلطان غازي سلطان محمود بن سبكتگين نور الله مرقده، از صفحه خاطر جهانيان و اهل زمان محو و منسي گرديد.

كتبي جو پيو طرف

وبحمدالله تعالي كه اين دولت ابد پيو ند، ولد ارجمند عاليحضرت مشار اليه وهو حضرت امير روشن راي، صافي ضمير، عاليجاه ممالک پناه، عدالت دستگاه، النيرالفلک الارتفا، مبارزالدوله شاه شجاع [2] خلدالله دولت الي يوم الدين، اين بلاد و ديار... به فراغ دل و حضور، روزگارمي گذ رانند و اوقات بسرمي برند. ظل ظليل مرحمت و عاطفت اين حضرت الي يوم التناد برسر

---

(1) ميرمعصوم لكيو آهي: امير ذوالنون 884 هـ ۾ پنهنجي لشكر سميت نئين صوبي (غور ۽ زمين داور) ڏانهن روانو ٿيو ۽ ٽي‌چار سال كيس انهيءَ علاقي جي فسادن (هزاره ۽ تكدري) كي ختم كرڻ ۾ لڳا. ۽ اهو علاقو پنهنجي قبضي ۾ كيائين (ص 80-81).

(2) يعني شاهه بيگ ارغون، جنهن كي 913 هـ ۾ بڪس جي مارجڻ بعد اهو ملک هٿ آيو ۽ بابر جي هٿان ڏكجڻ بعد سنڌ جي گهرو جهگڙي منجهان فائدو وٺي سنڌ تي قبضو كري ويٺو.

سکان...عباد آفاق گیرباد. وهذا...فاصلاح الاصناف...مشارالیه...کافه رعایا و برایا...ابنیه عالیهٔ مصروف و معطوف است. ارکان دولت و اعیان حضرت...مساعي جمیله بظهور میر سانند.

درین ایام خجسة فرجام توفیق رفیق حال فرخنده مال، حضرت کوکلتاش مشارالیه و هو جناب رفعت مآب امارت پناه شجاعت ستگاه امیر عاقل عامل عادل باذل امیر ناصر الدین فاضل [1] ابدالدولة بر...لوح عرش فرساي.. عالي ... توفیق یافت. و الحمد الله علي التوفیق. لکاتبه:

میر فاضل، یادگاري ماند در عالم زخیر
باد باقي دولت او، تا جهان فاني است
چونکه در ماه ربیع الثاني، شد اتمام او
سال تاریخش همین، ماه ربیع الثاني است [2].

920هـ

مٿین کتبي مان ظاهر ٿو ٿئي ته بابا حسن ابدال شاه رخ میرزا سان گڏجي انهيءَ ڳوٺ ۾ ڪونہ آیو هو [3]، بلڪ بابا حسن ابدال اڳ ئي اتهن رهیل هو. شاهہ رخ میرزا جڏهن لاڳهائو ٿیو ان وقت عقیدت سبب ساڻس ملیو ۽ اهو ڳوٺ جیڪو "لنگر" جي نالي سان مشهور ٿیو سو خانقاهہ جي خرچ یعني ننگر جي لاءِ معافي ڏل تي کیس ڏنو ویو. شاید انهيءَ سبب ڪري ڳوٺ تي بہ "لنگر" نالو پئجي ویو. اهڙيءَ ریت سندس تربت کي "مزار بابا ولي" سڏیو وڃي ٿو.

---

[1] یعني میر فاضل کوکلتاش (وفات 928 هـ) بن عادل خواجہ-هي میر فاضل سلطان محمود بکريءَ جو پيءُ هو.

[2] آریانا کابل شماره 10 سال 6 ۽ تحفة الکرام (مرتب-حسام الدین) ص 192 تا ص 194. اهو کتبو افغاني دانشمند جناب محمد ابراهیم خلیلي مٿین رسالي ۾ هن نوٽ سان شایع کیو آهي:-مزار بابا حسن ابدال که در قندهار واقع شده. این مزار آنجا بعرف "مزار بابا ولي" اشتهار دارد و مقام بسیار قشنگ و زیبا و سرسبز است، در دامنه کوه این مدفن مقدس است.

[3] میر معصوم غلط لکیو آهي ته-...در سفر هند بابا را تکلیف نموده با خود بردند و درحین مراجعت در موضع لنگر قندار رحل اقامت انداخته...(ص 134) یعني هندوستان جي سفر ۾ کیس ورتیون ته ویو ۽ بابا ولي اتاهون موتندي حسن ابدال ۾ همیشه لاءِ مقیم ٿیو.



(محمود بکريءَ تي منهنجو مضمون ڏسو. پڙهيل کانگريس ايرانالاجي تهران ۾ تحفة الکرام 1: 200)

قنڌار جي شهر کي پنج دروازا آهن، اُڀرندي واري در تي "دروازۂ بابا ولي" نالو پيل آهي، جنهن مان ٻاهر نڪري مزار ڏانهن رستو وڃي ٿو [1] .

2- سيد حسن زنجيرپا

هي بزرگ پڻ مير معصوم جي آڳاٽن مائٽن مان آهي، سندس چواڻي هن جو تعلق سبزوار جي "سادات ذوالسعادات" سان لڳي ٿو، ۽ اڻويهن واسطن ذريعي حضرت امام موسيٰ ڪاظم پيوست ٿئي ٿو.

هي سيد حسين زنجيرپا مٿئين بابا حسن ابدال جو ڀاڻيجو هو ۽ سندس والد جو نالو سيد عين الدين آهي. مير معصوم جو چوڻ آهي تہ: بابا حسن ابدال جڏهن حجاز مقدس کان زيارتون ۽ فرائض پورا ڪري واپس وطن وريو، ان وقت پنهنجي ڀيڻ بيبي فاطمہ جو نڪاح سيد عين الدين سان ڪيائين جيڪو "اجلۂ سادات سبزوار" مان هو. شاديءَ ٿيڻ کان اڻويهہ ورهيہ پوءِ سيد حسن زنجيرپا پيدا ٿيو.

مير معصوم سيد حسين زنجيرپا جون پڻ ڪي ڪرامتون بيان ڪيو آهن. مثلاً: پاڻ ستن ورهين جي ڄمار ۾ گهر مان غائب ٿي ويو ۽ ستن ورهين کان پوءِ هڪ ڏينهن اوچتو اچي گهر نڪتو. چئي: کيس جن کڻي ويا هئا جيڪي "ارباب ايمان" وارن مان هئا، انهن کيس سندس مامي بابا حسن ابدال وٽ هندستان (؟) پهچايو [2]، جتي هو هڪ سال رهيو ساڳين "ارباب ايمان" يعني جنن جي وسيلي ڪن درويشن جي خانقاه تي پهتو، انهن وٽان ڇهن ورهين تائين روحاني تعليم ۽ تربيت حاصل ڪري سڌو انهيءَ خانقاهہ تان هاڻي گهر پيو اچي!

هڪ ڏينهن سيد حسين زنجيرپا پنهنجي مامي وٽ لنگر ۾ رهيل هو، اوچتو ڪيئي معتقد ۽ مهمان اچي نڪتا. پنج سير گوشت ۽ ڏهہ سير قنڌاري وزن جو اٽو ملائي، سيد زنجيرپا ديڳڙو چلهہ تي چاڙهيو. بابا حسن ابدال جيتوڻيڪ پاڻ بہ ڪانيءَ ڪرامت جو صاحب هو، ليڪن کيس سمجهہ ۾ نہ آيو

---

[1] مجمع التواريخ (ص 13)- "دوم دروازۂ بابا ولي يعني بابا حسن ابدال کہ مزار او نيز در آنجاست و در سمت شرقي واقع است-".

[2] مير جي قول ۾ تضاد آهي- نزد خال بابا حسن ابدال باشارت ايشان بديار هند بردند- (ص 135) انهيءَ عبارت کان بہ ٽي سٽون مٿي لکيو اٿائين تہ بابا موصوف رهيو خواه فوت ٿيو لنگر ڳوٺ ۾-تا آخر عمر دران منزل گذرانيده همانجا آسوده اند (ص. 134) تحفة الڪرام ۾ (2: 89) بابا حسن زنجيرپا جو احوال مير جي تاريخ تان ورتو ويو آهي.

ته هيترن سارن مهمانن ۾ اهو مختصر کاڏو ڪيئن پورو پئجي سگهندو؟ زنجيرپا ڪيس پڪ ڏياري ته ماني سيني کي پوري ٿي ويندي! مير معصوم-از ثقات مروي ست جي آڏار تي لکي ٿو ته: نه فقط انهن پندرهن سيرن مان ڏيڊ سؤ مهمانن کائي ڏؤ ڪيو پر ديڳ اوتري جو اوتري پري رهي.

اهڙيءَ ريت سيد حسين زنجيرپا جي هڪ-اڌ بي ڪرامت بيان ڪندي مير معصوم "قصي کي کوتاهه" ڪري لکيو آهي ته:

"-چون کرامات و خوارق ايشان ازان زياده است که
درين صفحه اندراج يابد، بر اندکي اختصار نمود-" [1]

سيد موصوف جي مزار پاڻئجي ٿو ساڳي لنگر ڳوٺ ۾ آهي. مير معصوم کولي ڪونه لکيو آهي، پر سندس هڪ ڪرامت جو بيان ڪيو اٽائين جيڪا لنگر ڳوٺ ۾ ظاهر ٿي، يعني سندس ڪرامت سبب پنير (چيز) جا ٽڪر پٿر ٿي ويا جن کي آستان جي دروازي تي رکيو ويو. مير معصوم جڏهن ڏٺا تڏهن خادمن انهن کي مرقد منور تي آٽي رکيو هو [2] .

انهيءَ مان ظاهر آهي ته سيد زنجيرپا جي تربت انهيءَ ساڳي ڳوٺ ۾ آهي ۽ "بابا ولي" جي شهرت هن سيد جي تربت کي جدا حيثيت ۾ اسرڻ نه ڏنو.

3-سيد محمود شير قلندر

هي بزرگ متئين سيد حسين زنجيرپا جو فرزند هو. رياضت ۽ سير سلوڪ ۾ هن پاڻ کي "درجات عاليه" تي پهچائي چڏيو هو ۽ هميشه "لب تشنگان باديه طلب را از سرچشمهٔ معرفت سيراب مي ساختند" سندس ڪشف ۽ ڪرامتن جو به ڳاڻاٽو ڪونه هو. مير معصوم انهيءَ کري لکيو آهي ته:

"-ازان متصاعد است که مهندس انديشه از عهدهٔ استيفاي آن تواند برآمد-" [3].

انهيءَ هوندي به نموني طور کي ڪرامتون درج ڪيون ويون آهن جيئن ته: هڪ دفعي قندار جي حاڪر امير ذوالنون ارغون کان ڪا بي ادبي ٿي وئي

---

(1) تاريخ سنڌ ص 137.

(2) ...آن سنگهارا بر در آستان نهاد، و اکنون آن سنگهارا خادمان بر مرقد منور ايشان نهاده اند....(ص 137).

(3) تاريخ سنڌ ص 137.

جنهن تي سيد پنهنجو انساني قالب مٽائي شينهن جي صورت اختيار ڪئي. جنهن ڪري نہ رڳو ذوالنون ارغون ڏڪي تويہ تائب ٿيو بلڪ انهيءَ ڏينهن ڪان سيد تي "شير قلندر" لقب پئجي ويو.

سيد شير قلندر جي وفات مير معصوم جي ڄاڻ موجب عاشوري ڏينهن محرم مهيني ۾ سال 933 هـ ۾[1] ٿي، جڏهن تہ سنڌ تي ذوالنون ارغون جو پوٽو شاه حسن قابض هو ۽ قافلن جا قافلا هرات ۽ ڪابل قندار کان پاڇوڪڙ ۽ موقعي پرست پناه گيرن جا سنڌ ۾ اچي رهيا هئا.

شير قلندر جي مزار "اشڪلچہ"[2] ڳوٺ ۾ آهي. اهو ڳوٺ قندار جي اولهہ ۾ ڏهن ڪوهن تي آهي. مير معصوم جو چوڻ آهي تہ: ايا تائين قندار ۽ زمين داور جا ماڻهو مرادن حاصل ڪرڻ لاءِ انهيءَ "مزار فيض آثار" تي ٽولن جي مهن ايندا تا رهن ۽ درگاه تي لنگر جي چُلهہ هميشہ گرم رهي ٿي.[3]

مير معصوم 1005 هـ ۾ جڏهن قندار ۾ هو، ان وقت هُن مزار تي پنهنجي عادت مطابق هڪ ڪتبو يادگار طور نصب ڪيو جنهن جي عبارت هيٺين رٻت آهي:

درين آرام گاهہ بي ره و رو
اگر مردي! مَنِہ دل يک سِرمو
ازين منزل، ڪہ ياران در رحيل اند
ترا آن جملہ در رفتن وڪيل اند
ترا گر آسمان منزل نشين است
هم آخرجاي تو زيرِ زمين است
بياناميِ! بہ ڪار خود بگرييم
زماني، بر مزار خود بگرييم

بتاريخ سنہ 1005 هـ حسب الحڪم از بڪر بہ ڪمڪ قندهار آمدو بہ زيارت مزار جد بزرگوار سيد شير قلندر سبزواري ولد مير بزرگوار سيد امير انصاري

---

[1] سال 933 هـ لکيو ويو آهي. ٻئي خطي نسخي ۾ فقط "يوم عاشوره" درج آهي، تنهنڪري ڇئي نٿو سگهجي تہ 933 هـ صحيح آهي يا نہ.

[2] "قريۂ اسڪلچہ ضلع سپيروان جنوب غربي قندهار بفاصلہ 5 ميل بر ڪنار درياي ارغنداب" مقالات الشعرا ص 364.

[3] تاريخ سنڌ ص 140.

(؟) ترمذي مشرف شد.

العبد محمد معصوم نامي ابن سيد صفائي ابن مير مرتضيٰ به يادگار اين جا را تعمير نمود. درايام دولت شاهنشاه ظل الله جلال الدين محمد اكبر پادشاه غازي سمت تحرير يافت - نوزدهم شهر شوال (1005هـ) [1].

ڪتبي جي عبارت ڪن هنڌان غير مربوط لڳي ٿي. اهڙيءَ ريت سيد شير قلندر کي مير بزرگوار سيد امير انصاريءَ جو پٽ بيان ڪيو ويو آهي. جيڪا ڳالهه خود مير معصوم جي پنهنجي بيان جي ابتڙ آهي.

بهرحال اهي ئي بزرگ مير معصوم جي آڳاڻن مائٽن ۾ آهن جن جو پاڻ احوال ڏنو اٿس. انهن ٽن کان سواءِ مير معصوم جي والد سيد صفائي تائين ٻيو ڪوبه بزرگ اهڙو ڪونه گذريو، جنهن جي شهرت يا ڪرامت مشهور ٿي مير صاحب جو توجهه ڇڪي سگهي. اهو ئي ڪارڻ ٿيو جو مير معصوم انهن ٽن بزرگن جي احوال لکڻ تي اڪتفا ڪئي.

---

[1] هي ڪتبو دوست عزيز جناب عبدالحئي حبيبي قندهاريءَ جي ذريعي حاصل ٿيو ۽ ڏسو مضمون "مير معصوم نامي" مطبوعُ آريانا ش 6 س 4 ص. 38 ۽ ڏسو "تاريخ افغانستان در عصر گورگاني هند" عبدالحئي حبيبي ص 302.

باب ٻيو

حسب نسب ۽ نسب نامو

بيان کيل ٽيئي بزرگ مير معصوم جي ڏاڏنگ جون ڪڙيون چيا وجن تا مير معصوم پنهنجي سر انهن جي باري ۾ هڪ ٻئي جي ابتڙ اهڙيون عبارتون لکيون آهن، جو سلسلي جو مسئلو منجهائيندڙ ٿيو پوي. سندس بيان، جز جو گذريل صفحن ۾ به ذکر اچي چڪو آهي، هن ريت آهن:

1- سيد شير قلندر بن بابا حسن ابدال السبز واري مولداً والقندهاري موطناً و مرقداً (ص 3).

2- سيد شير قلندر فرزند سيد حسين زنجيرپا است (ص. 137).

3- سيد شير قلندر بن سيد حسين زنجيرپا بن بابا حسن ابدال السبزواري (کتبو چهل زينو ۽ قلعو آسير).[1]

4- سيد حسين زنجيرپا خواهر زاده بابا حسن ابدال و فرزند سيد عين الدين (ص. 130).

5- سيد شير قلندر سبز واري ولد مير بزرگوار سيد مير انصاري (؟) ترمذي (کتبو مزار شير قلندر)[2].

مٿين عبارتن ۾ جيڪو اختلاف آهي، انهيءَ ڏنهي بزرگن جي باهمي رشتي کي منجهائي رکيو آهي. خبر نٿي پوي ته ڪير ڪنهن جو پٽ هو. مير معصوم جي پنهنجي خاندان ۾ جيڪو نسب نامو موجود آهي، سو هن ريت آهي.[3]

> سيد معصوم بن سيد صفاي، بن سيد شير مرتضيٰ، بن سيد علي، بن سيد امام الدين، بن سيد محمد بزرگ، بن سيد علي، بن سيد محمود، بن سيد شير قلندر، بن سيد عين الدين، بن سيد شمس الدين، بن سيد علاء الدين، بن

---

[1] اپي گرافيا سال 1925 ص 39.

[2] هن ڪتبي جي عبارت ۾ شڪ ٿو پوي پڙهندڙ شايد غلط پڙهيو هجي.

[3] ڪتاب تحفۂ مدد پناه لزائرين الحج از سيد پناه علي شاه معصومي مرحوم مطبوعه پوکرداس حميديه پريس لاهور 14 آگسٽ 1911ع - منهنجي برادر بزرگوار پير علي محمد شاه راشدي انهيءَ ڪتاب تان نقل ڪري پنهنجي ڪتاب "حيات معصوم" ۾ ڏنو ۽ ساڳيو شجرو ڊاڪٽر دائود پوتي مرحوم پنهنجي مقدمه جي حاشيه ۾ آندو آهي.

سيد محمد، بن سيد بابا حسن ابدال، بن سيد حسين زنجيرپا، بن سيد رضا، بن سيد محمد، بن سيد احمد، بن حضرت هارون، بن امام موسيٰ کاظم (و-183 هـ).

هن شجري ۾ سيد محمود کان سيد رضا تائين جيکو اختلاف آهي، تنهن هيکاندي مسئلي کي مشکوک کري ڇڏيو آهي. ڊاڪٽر دائود پوٽي مرحوم انهيءَ کري ئي لکيو آهي تہ: هن نسب ۾ کي نالا هيڻ - مٽي آهن، جنهن لاءِ مير معصوم پاڻ بہ ذميدار آهي.[1] مير معصوم هڪ جاءِ تي پنهنجو نالو آندو آهي، جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ ماءُ جي طرفان بابا حسن ابدال سان سندس نسب ملي ٿو- محمد معصوم بکري، بن سيد صفائي الترمذي المنتسب أماً الیٰ سيد شير قلندر، بن سيد حسين زنجيرپا، بن بابا حسن ابدال السبزواري اصلاً و القند هاري مرقداً [2] انهن نسبن کي ڊاڪٽر دائود پوٽي مرحوم لکيو آهي تہ: لهذا اين نسبنامه ناصحيح است [3].

مير معصوم هڪ جاءِ تي اهو بہ لکيو آهي تہ: اٽويهن واسطن سان امام موسيٰ کاظم رضہ سان سيد حسين زنجيرپا جو نسب ملي ٿو [4]. مٿي ڏيکاريل شجري ۾ زنجيرپا ۽ امام موسيٰ کاظم رضہ جي وچ ۾ چؤ چار واسطا ڏيکاريل آهن. سيد حسين زنجيرپا، سيد رضا، سيد محمد، سيد احمد، حضرت هارون- امام موسيٰ کاظم؟

بهرحال، اهو ظاهر آهي تہ جيکي نسب نامہ صدين کي پنهنجي دامن ۾ وکوڙن ٿا، انهن مان ڪن ڪڙن جو ٽٽڻ، ڪن نالن جو بدلجڻ ۽ ڪن هنڌ تي اختلاف ٿيڻ جو امکان هميشه موجود رهي ٿو.

انهيءَ گهراڻي جو ٻيو بہ هڪ شجرو سيد نور علي شاهہ معصومي مرحوم [5] منهنجي برادر بزرگ پير علي محمد شاهہ راشديءَ کي (31 ڊسمبر 1931ع

---

[1] ظاهراً درين نسب نامه بعضي اسماء غلط شده است و خود مير معصوم براي اين اختلاف مسئول است (مقدمو ط).

[2] مقدمو ط.

[3] مقدمو ط.

[4] تاريخ سنڌ ص 135.

[5] سيد نور علي شاهہ بن سيد مير حسين علي شاه ڊويزنل فاريسٽ آفيس شڪارپور ۾ هيڊ ڪلارڪ هيو. ڏسڻ جهڙو شاندار بزرگ هيو. 18 شوال 1372 هـ مطابق 10 جون 1953ع جو فوت ٿيو ۽ اباڻي قبرستان ۾ دفن ٿيو.

پنجشنبه 21 شعبان 1350 هـ) پاڻ وٽ رکيل اصل نسخ تان نقل ڪري ڏنو هيو. جنهن متان تصديق لاءِ سکر جي برک بزرگن جون مهرون لڳل هيون. جهڙوڪ:

(1) الخادم اميد علي شاه جيلاني ابن سيد نواز علي شاه جيلاني.

(2)الخادم عبدالغفور ابن مولوي احمد.

(3) الخادم عبدالرحمان ابن ڪمال الدين.

(4) الخادم نور محمد.

انهيءَ شجري ۾ ٻه نالا اهڙا آيل آهن، جيڪي متئين خانداني شجري ۾ موجود نه آهن. شجرو هن ريت آهي:

مير معصوم، بن سيد صفائي، بن سيد شير مرتضيٰ، بن سيد علي، بن سيد امام الدين، بن (سيد مير بزرگ) بن (سيد مير شاهه) بن سيد حسين شير قلندر، بن سيد عين الدين، بن سيد شمس الدين، بن سيد علاء الدين، بن سيد محمد، بن سيد بابا حسن ابدال، بن سيد حسين زنجيرپا، بن سيد رضا، بن سيد محمد، بن سيد احمد، بن سيد هارون، بن سيد امام موسيٰ ڪاظم.

در حقيقت ڏنگين وارا ٻئي نالا هئڻ گهرجن-سيد محمد بزرگ، بن سيد شاهه علي. شايد لکندڙ کان پهرين نالي ۾ (محمد) لکڻ رهجي ويو ۽ ٻئي ۾ (علي) چڏجي ويو. جنهنڪري نالن جي صورت بدلجي وئي ۽ شجري منجهه نقص پيدا ٿي پيو.

پيو هڪ شجرو مير علي شير قانع نتويءَ "شجرهٔ سادات بکر" تان نقل ڪري "تحفة الڪرام" ۾ ڏنو آهي:

مير معصوم، مير مرتضيٰ، مير تقي، مير خوارزم شاه، قلندر شير، ميرعلي، ميز عماد، مير بزرگ، مير خوارزم شاهه، شير قلندر، حُسين، علاء الدين، محمد، حسن، علي، جعفر، محمد، هارون، محمد، جعفر، محمد، احمد، هاشم، امام موسيٰ ڪاظم [1].

---

[1] تحفة الڪرام نسخو خطي ڪتابت 1267 هـ (اپريل 1851ع) سنڌي ترجمي ۾ آهي ته: سيد صفائي بن سيد مرتضيٰ الترمذي ماءُ جي طرفان سيد شير قلندر بن بابا حسن ابدال سان نسبت رکي ٿو (ص 318) فارسي نسخي جي عبارت آهي .... الترمذي المنتسب الي سيد شير قلندر ابن بابا حسن ابدال(ص 103) خطي خواهه سنڌي ترجمي ۾ مير معصوم ولد مير مرتضيٰ لکيل آهي. سيد صفائي جو نالو ڪونه آهي.

هيءُ شجرو متي ڏيکاريل بنهي شجرن کان مختلف آهي. ازانسواءِ مير معصوم جي والد سيد صفائيءَ جو نالو وڃان ئي غائب آهي.

اهڙيءَ ريت هڪ شجرو "تذکرة الانساب" [1] نالي هڪ خطي ڪتاب ۾ درج آهي، جو سڀ کان نرالو آهي. مثلاً: هن ريت:

- موسيٰ ڪاظم، هاشم، احمد، محمد، المعزبالله، هارون، محمد، جعفر،



[1] هيءُ ڪتاب عبدالرحمان نالي ڪاتب 6 محرم 1264 هـ جو نقل ڪيو آهي جنهن تان منهنجي پاءُ پير علي محمد راشديءَ 12- آڪٽوبر 1932ع جو اتاريو.

هڪ ٻيو ڪتاب "جامع الانساب" [1] جي نالي سان 1376 هـ ۾ ايران مان ڇپيو آهي. انهيءَ ۾ حضرت هارون بن امام موسيٰ ڪاظم بن امام جعفر جي اولاد جو هڪ اهڙو شجرو ڏنو ويو آهي، جنهن ۾ مير معصوم جو سلسلو پڻ موجود آهي. انهيءَ شجري جو مدار گهٽو - "سراج الانساب" [2] تي آهي.

جامع الانساب جي مؤلف مير معصوم جو ذڪر ڪندي لکيو آهي:

-نسب شريف مير بزرگ از طرف پدر بيش ازين اطلاعي از افراد اين رشة نداريم، و در زنجيرهٔ نسب سيد محمد مشهور بـه آقاي شاه- ڪه بـه علي، بن محمد، بن احمد، بن هرون ميرسد-شخصي بنام سيد حسين زنجيرپا ذكر شده، و درين رشة هم نامي از سيد حسين زنجيرپا ديده مي شود.

(عبارت سراج الانساب) پس از آنكه عمود نسب راتا مير عماد مي رساند چنين است:

-مير عماد، بن مير بزرگ، بن شاه بزرگ،از طرف والده مير سيد شير قلندر بن سيد حسين زنجيرپا بن...الخ [3].

سيد هارون جا بـه فرزند هئا-محمد ۽ احمد. سيد محمد جي شاخ ۾، جنهن ۾ مير معصوم اچي ٿو. هڪ بزرگ مير شير قلندر بن سيد حسين زنجيرپا موجود آهي. اهڙيءَ طرح سيد احمد جي هڪ پٽ محمد جي فرزند عليءَ جي سلسلي ۾ پڻ سيد حسين زنجيرپا جو نالو موجود آهي، جنهن ڏانهن متينءَ فارسي عبارت ۾ اشارو ٿيل آهي. سلسلو هن ريت آهي:

هارون، احمد، محمد، علي، صالح، محمد، جعفر، حسين، علاء الدين، قطب الدين، شمس الدين، سيد حسين زنجيرپا، عين ألدين...تا سيد محمد يعني آقاي شاه.

---

(1) مؤلف سيد محمد علي روضاتي.

(2) مؤلف احمد بن محمد بن عبدالرحمان النجفي. مؤلف هي ڪتاب پنهنجي شاگرد سيد سراج الدين جي چوڻ تي شاهه طهاسپ صفويءَ جي زماني (919-984 هـ) ۾ لکيو. جنهن جو نسخو ڪتبخانه ملي تهران ۾ آهي. جامع الانساب ۾ هيٺين ڪتابن تان مدد ورتي وئي آهي:- 1- صحاح الاخبار في نسب السادات الفاطمية الاخيار از: محمد سراج الدين رفاعي مخزومي (793-885) طبع مصر 1306 هـ. 2- المسجدي في انساب الطالبين از: سيد ابو الحسن نجم الدين علي عمري معروف بـه ابن الصوفي (423 هـ) هي ڪتاب ايان نه ڇپيو آهي. 3- عمدة الطالب في النساب آل ابي طالب از: سيد جمال الدين احمد (828 هـ) مطبوعه. 4- المشجر الكشاف التحقيق اصول السادة الاشراف يعني بحرالا نساب از شمس الدين ابوعلي نجفي (900 هـ) مطبوعه. 5- الاسدية-انساب سادات اعليويه از: سراج الدين محمد قاسم مختاري. 6- مجموعة ملتان از: جلال ملتاني. هي اڃ ڇپيل بياض آهي، جنهن ۾ نسب بـه درج آهن. 7- لباب الا لباب والقاب الاعقاب مؤلف ابوالحسن بيهقي مصنف تاريخ بيهقي.

(3) جامع الا نساب ص 64.

مٿين سيد احمد جي فرزند محمد جي صاحبزادي موسيٰ اصغر جي پوٽي سيد احمد بن حسن جنيدي جي پشت ۾، ايران جو مشهور صوفي شاعر ۽ بزرگ شاھ قاسم انوار آھي. انهيءَ لحاظ سان هارون جي هڪ صاحبزادي محمد جي پشت ۾ سيد محمد معصوم آھي ۽ ٻئي صاحبزادي سيد احمد جي اولاد ۾ معين الدين علي مشهور به سيد قاسم انور ٿيو. [1]

مير معصوم جي شاخ هن ريت آھي:

امام جعفر، امام موسيٰ ڪاظم، حضرت هارون، جعفر، محمد، هارون، محمد، حسين، علي، احمد، محمد، رضا، حسن، حسين، حسين؟، محمد، علاءِ الدين، شمس الدين، سيد حسين زنجيرپا، مير شير قلندر...شاه بزرگ، مير عماد بزرگ، مير سيد علي، مير مرتضيٰ ولي، مير سيد، مير مرتضيٰ، سيد صفائي، مير معصوم، مير بزرگ. [2]

هن شجري مان ٻه ڳالهيون صاف ٿي وڃن ٿيون:

1- جيئن ته مير معصوم لکيو آھي ته سيد حسين زنجيرپا کان امام موسيٰ ڪاظم تائين اٺويهه [3] واسطا آھن. هن شجري ۾ سيد حسين کان موسيٰ ڪاظم تائين ارڙهن واسطا ٿين تا، جيڪڏهن امام جعفر کي شامل ڪجي ته پورا اٺويهه واسطا ٿيندا [4].

---

[1] ولادت 757 هـ ۽ وفات 837 هـ (عين بهشت - دل خراب) راقم سندس مزار جي زيارت، تربت احمد جام کان مشهد ڏانهن موٽندي، تربت جام کان 20 ميل اورتي خرگرد جام جي ڳوٺ لنگر ۾ ڪئي (بتاريخ 13-سيپٽمبر 1966ع). مقبرو مير علي شير نوائي ٺهرايو آھي. ڳوٺ نندو ۽ مقبري ۾ صفائي ڪانه آھي. مقبري جي ديوارن تي اندر ۽ باھر چند ڪتبا آھن، جيڪي اميرن ۽ صفوي بادشاهن جا آھن. ديوان قاسم انوار آقاي سعيد نفيسي مرحوم 1137 ش ۾ چپيو آھي.

[2] جامع الا نساب ص 16-56-63-64.

[3] تاريخ سنڌ ص 135.

[4] تقي ڪاشي سندس ملاقاتي ۽ دوست هيو. پنهنجي تذڪري ۾مير جي نسبي سلسلي لاءِ لکي ٿو ته: پيءُ جي طرفان حسيني نسب جو هو ۽ ٻئي طرف کان يعني ناناٽي طرف کان موسوي نسب هيس -از جانب پدر بزرگوار بسادات حسيني نسب، ترمذ مير سد. و از جانب ديگر، به سادات کبار موسوي حسب بلدهٔ طيبه سبزوار راجع ميگردد- تقيءِ سندس نسب متعلق هي بيت لکيو آھي:

هر نبوت در نسب، هر پادشاهي در حسب
کوسليمان، تا در انگشتش کند انگشتري

(پارس 1-1 ص 2) موسوي حسب کي غلطيءِ کان طبقات اکبريءِ ۾ (3-500) صفوي لکيو ويو آھي. اهڙيءِ طرح منتخب التواريخ (3-364) ۾ ساڳيءِ طرح صفوي آندو ويو آھي. مطربي بخارائيءِ "تذکرهٔ جهانگيريءِ" ۾ طبقات اکبريءِ جي پيروي ڪئي آھي، يعني: از سادات صفوي است. (ص 15).

2- مير معصوم چهل زيني يا آسير جي قلعي واري کتبي ۾ لکيو آهي: محمد معصوم بکري، بن سيد صفائي الترمذي، المنتسب اماً الیٰ سيد شير قلندر، بن سيد حسين زنجيرپا، بن بابا حسن ابدال...الخ.

متين چاٽايل شجري ۾ سيد حسين زنجيرپا-بابا حسن ابدال جو فرزند چاٽايل نہ آهي بلڪ بابا حسن ابدال جو مرڳو نالو ئي نہ آيو آهي، جنهن مان پائنجي تو تہ حسن ابدال حضرت هارون جي پنهي صاحبزادن جي اولاد مان نہ آهي پر ڪنهن بيءَ نُڪ مان آهي ۽ پنهنجي هميشيره سيد حسين زنجيرپا جي والد سان پرٽائي مير معصوم وارن سان پيوست تي ويو تو پائنجي. مير معصوم غلطيءَ کان مادري سلسلي جي بجاءِ ڪيس پدري نڪ ۾ شامل ڪيو آهي.

انهيءَ شجري ۾ بي هڪ اٽاٽ موجود آهي ۽ اها هيءَ تہ ،سيد حسين زنجيرپا جي والد جو نالو سيد عين الدين جي بجاءِ شمس الدين لکيو ويو آهي. وري ٻئي پاسي حضرت هارون جي صاحبزادي احمد جي فرزند علیءَ جي شاخ- جنهن کي "جامع الانساب" مان نقل ڪيو اٿئون-انهيءَ ۾ پڻ هڪ سيد حسين زنجيرپا جو نالو موجود آهي ۽ ان ۾ عين الدين کي سيد حسين زنجيرپا جو پٽ ڪري لکيو ويو آهي. پنهي پٽن جي سلسلي ۾ نالي جو اختلاف هن طرح آهي:

احمد	محمد
علاء الدين	علاء الدين
قطب الدين	؟
شمس الدين	شمس الدين
سيد حسين زنجيرپا	سيد حسين زنجيرپا
عين الدين	مير شير قلندر

انهيءَ منجهائيندڙ اختلافن کان سواءِ بيون بہ ڪي غلطيون ۽ اوٽايون موجود آهن. مثلاً: مير معصوم سيد محمد شير قلندر جي وفات جو سال 933هـ [1] لکيو آهي، جيڪو قطعي غلط آهي. ڇاڪاڻ تہ انهيءَ دوز ۾ مير

---

[1] ڊاڪٽر دائود پوٽي تاريخ سنڌ جي هڪ خطي نسخي (مڪتوبہ 1138 هـ) جو فقرو ڏنو آهي جنهن ۾ سال ڪونہ آهي فقط-در روز عاشوره برحمت ايزدي پيوست (ص 140) لکيل آهي. اهو بلڪل درست آهي. ٻئي نسخي ۾ سال جو اندراج ڪاتبن جي ڪرامت تو ڏسجي. راقم رٽ هڪ نسخو 1243 هـ جو ۽ ٻيو نسخو 1323 هـ جو آهي انهن پنهي ۾ پڻ سال ڏنل نہ آهي.

معصوم جو والد سيد صفائي - جنهن جي ۽ شير قلندر جي وچ ۾ بظاهر ڇهه واسطا آهن- سو سنڌ ۾ پنهنجي جوانيءَ جا ڏينهن وڏيءَ آبروءَ ۽ احترام سان گذاري رهيو هيو. نه فقط اهو غلط آهي بلڪ شير قلندر جي ڪرامت واري واقعي ۾ امير ذوالنون ارغون (متوفي 913 هـ) کي شير قلندر جو معاصر بيان ڪرڻ ۾ سنئين سڏي شَهَو آهي. ڇهن درمياني واسطن وارن کي هڪ ئي زماني ۾ ڏيکارڻ تي، افسوس آهي جو مير معصوم ڏيان ڪونه ڏنو.

جيڪڏهن گهڙي کن لاءِ باور ڪجي ته سيد شير قلندر سچ پچ سيد حسين زنجيرپا جو فرزند ۽ سيد حسين زنجيرپا پاڻيجو هيو، بابا حسن ابدال جو ۽ پنهنجي مامي وٽ تربيت ۽ سکيا ونڊي ڪمال کي پهتو ته، انهيءَ صورت ۾ سيد حسين زنجيرپا ۽ سندس فرزند سيد شير قلندر کي شاهه رخ ميرزا جي زماني ۾ هجڻ گهرجي، جنهن جو ڇر 779 هـ ۾ ۽ حڪومت جو زمانو 799 هـ کان 850 هـ تائين آهي.

بابا حسن ابدال کي شاهه رخ ميرزا جي شهزادگيءَ واري زماني ۾ جيڪڏهن پڪيءَ عمر جو فرض ڪيو وڃي ۽ سيد عين الدين ۽ سندس پٽ سيد حسين زنجيرپا ۽ ان جي پٽ سيد شير قلندر جي وفات سال 800 هـ جي آسپاس شمار ڪجي ته وڏيءَ ڇڪتاڻ کان پوءِ "جامع الانساب" واري شجري جي ڇهن درمياني ڪڙن جو نائين ۽ ڏهين صديءَ جي پهرين ڏهاڪي ۾ وڃي حساب بيهندو.

انهيءَ کان پوءِ مير معصوم جي خانداني شجري ۽ هن پوئين سلسلي ۾ نائنگ جو جيڪو اختلاف آهي، سو به پنهنجي جاءِ تي هڪ منجهائيندڙ معاملو آهي.

بهر صورت، ڪيئن به هجي، نسب نامن نالن جو اختلاف ۽ عدم مطابق هن هڪ گهراڻي جي ڇا بلڪ، ڪنهن جي به حسب نسب ۽ سيادت تي اثر انداز ڪرڻ ڏو ڏي سگهي. مير معصوم جي سلسلي ۾ ته خاص طرح سواءِ چند روايتي اختلافن ۽ غلطين جي، ڪنهن به شڪ شبهي لاءِ ڪوبه واضح، قطعي ۽ تاريخي دليل ڪونه آهي. باقي رهيو نالن جو اختلاف ۽ سلسلي جو غير مرتب هجڻ، سو صدين جي طويل سفر ۾ واقع ٿيڻ هڪ قدرتي ڳالهه آهي.

هونءَ به شجرن تي آسرو يا انحصار رکڻ يا انهن کي افتخار جو سبب سمجهڻ، هرويرو ضروري ۽ لازمي نه آهي، بلڪ هڪ حد تائين اجايو به آهي. نسب نامه کان هزار دفعا افضل آهي فرد يا خاندان جو پنهنجو عمل ۽ ڪردار.

ڏسڻ اهو نہ گهرجي تہ شجرو ڪيئن آهي؟ ڪڙيون ملن ٿيون يا نہ؟ ڪهڙو امام ڏاڏنگ ۾ آهي؟ سيادت جي سعادت حاصل آهي يا مرڳوئي ڳالهہ مشڪوڪ آهي؟ اصل ۾ ڏسڻ اهو گهرجي تہ، هڪ انسان يا هڪ گهراڻي پنهنجي هڙان ۽ وڙان دنيا کي يا انسان ذات کي ڇا ڏنو؟ خدا جي هن مچايل مانڊاڻ ۾ سندن حصو ڪهڙو رهيو؟ خدا جي مخلوق کي فائدو پهتو يا نقصان رسيو- انهيءَ معيار تي مير معصوم جي خاندان کي ايندڙ صفحن ۾ پرکڻو، جاچڻو ۽ ڏسڻو آهي!

باب ٽيون

سيد مير صفائي

مير صفائيءَ جي نالي جي خبر ڪانہ ٿي پوي، صفائي سندس تخلص[1] معلوم ٿئي ٿو، پاڻ شاعر جي حيثيت ۾ جيتوڻيڪ مشهور ڪونہ ٿيو، ليڪن شعر چوندو هيو، جيئن اڳتي هلي معلوم ٿيندو.

سندس بزرگ اصل ترمذ[2] جا هئا، جتان لڏي قنڌار جي قريب "اشڪلچہ" نالي ڳوٺ ۾ اچي ساڪن ٿيا، جتي کين سيد محمد شير قلندر بن سيد حسين زنجيرپا جي درگاهہ جي مجاوري ملي.[3] سيد شير قلندر والده جي طرفان مير صفائيءَ جي خاندان جو مورث اعليٰ هيو. يعني ناننگ طرفان ڪنهن پيڙهيءَ ۾ سيد صفائيءَ جو نانو ٿيو ٿي. اهوئي سبب ۽ اهائي نسبت هئي، جنهن انهيءَ گهراڻي کي اصلوڪي وطن (ترمذ) کان لڏائي اتهين آڻي جائيتو ڪيو. مير معصوم انهيءَ مسئلي تي روشني ڪانہ وڌي آهي، ليڪن ماثر الامرا جي صاحب لکيو آهي تہ: انهيءَ ڳوٺ ۾ سندن ٻہ ٽي پيڙهيون گذريون[4] گويا اشڪلچہ ۾ مير صفائيءَ جو پڙ ڏاڏو اچي ويٺو هيو.

ولادت: ظاهر آهي تہ مير صفائي انهيءَ ڳوٺ ۾ پيدا ٿيو، ۽ تربيت ۽ تعليم بہ اتهين يا انهيءَ علائقي جي آسپاس ۾ حاصل ڪيائين. جيتوڻيڪ اشڪلچہ ۾ سندس گذاريل ڏينهن جي روئداد دستياب نہ آهي، ليڪن بظاهر اهو ئي قياس ٿي سگهي ٿو.

---

[1] صفائي تخلص جا ڪيترا شاعر ٿي گذريا آهن مثلاً: صفائي استر آبادي، صفائي اصفهاني، صفائي اندجاني، صفائي بروجردي، صفائي تبريزي، صفائي خراساني، صفائي سندي، صفائي قزويني، صفائي قمي، صفائي ڪرماني، صفائي ملاميري، صفائي نراقي، صفائي نصرپوري، صفائي يزدي- (فرهنگ سخنوران ص 338-339) مٿينءَ فهرست مان معلوم ٿيندو تہ انهيءَ تخلص سان سنڌ ۾ پڻ ٻہ شاعر ٿي گذريا آهن.

[2] ترمذ: آمو درياهہ جي شمالي ڪناري تي سرخان درياهہ جي منهن وٽ شهر آهي. اتان جا سادات مشهور هئا، حڪومت بہ ڪئي اٿن (ڏسو اردو دائرة المعارف اسلاميہ ج 6 ص 374 تا 378).

[3] ذخيرة الخوانين (1: 200) اصل ترمذي سيد هئا، سندن وطن قنڌار کان ٻٽن ڪوهن جي فاصلي تي آهي، کين بابا شير قلندر جي مرقد منور ۽ معطر جي توليت جو منصب حاصل ٿيو، انهيءَ خدمت ۾ ساڻن ٻيا سادات بہ شراڪتي هئا. اتا هون مير صفائي لڏي اچي بکر ۾ ويٺو (...اصل وطن ايشان از دوسہ کروهي قندهار است ومنصب توليت مرقد منور و معطر بابا شير قلندر-ک در قندهار آسوده اند-با بعض سادات ديگر شرکت دارند. مير صفائي ازانجا بہ بهکر تشريف ارزاني فرمودند...).

[4] ماثر الامرا (3: 326) جو صاحب لکي ٿو: ٻن-ٽن (دوسہ پشت) پشتن کان سندن سڪونت قنڌار ۾ هئي وڌيڪ ذخيرة الخوانين وارو احوال درج آهي.)

سندڙ ڏانهن لڏڻ جا سبب: مير صفائي پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ نهيل-ڪيل گهر گهاڻ کي ڇو ڇڏيو؟ انهيءَ جو ڪو خاص شخصي سبب ڪونه ٿو ڄاڻجي، سواءِ هن جي ته ڏهين صديءَ هجريءَ جي پهرينءَ چوٿائيءَ ۾ خراسان اندر جيڪا عام سياسي ڏماڇوڪڙي ۽ بادشاهه گڙدي هئي، تنهن مخلوق جي هڪ خاص طبقي کي مجبور ڪيو ته هو پنهنجي ماڳن کي ڇڏي سُک-سلامتيءَ وارن ملڪن ڏانهن لڏي پلاڻي وڃي پناهه گزين ٿين.

خراسان جون ملڪي حالتون غير يقيني ۽ سياسي طرح بيحد خطرناڪ ۽ مخدوش هيون. سلطان حسين ميرزا بايقرا جي وفات (911 هـ) ڪان پوءِ، مختلف مائن منجهان پيدا ٿيل ۽ متضاد فطرت رکندڙ شهزادن[1] پاڻ ۾ وڙهڻ شروع ڪري ڏنو. مَسهائپ، هڪ ٻئي خلاف سازشون، اندر ۾ ڪوٽ، ڪنن جي ڪچائي، چغلخورن جي چوٽ تي اعتبار ڪرڻ، هڪٻئي جي پٺڪي لاهڻ لاءِ ڪڏون کوٽڻ، مطلب ته بغض ۽ عناد، شقاوت ۽ فساد جي انهيءَ فضا چند مهينن اندر هرات جي تيموري سلطنت جو شيرازو تباهه ڪري، انهيءَ حد تائين انهيءَ جي ساک ختم ڪري ڇڏي جو چوڌاري هرات تي حملا شروع ٿي ويا، جن نيٺ انهيءَ نامور حڪومت جو خاتمو آڻي ڇڏيو.

بادشاهه گردي شروع ٿيڻ سان هڪ طرفان ايران جي صفوي سلطنت جي باني شاهه اسماعيل (907 هـ) حملا شروع ڪري ڏنا، ٻئي پاسي ڪان ماوراءُ النهر جو اوزبڪ بادشاهه محمد خان شيباني (905 هـ) مقابلي لاءِ نڪري آيو. اهي ٻئي قوتون ملڪ گيريءَ ۽ توسيع حڪومت جي لالچ ۾ برسر پيڪار هيون. انهيءَ ئي زماني ۾ هندوستان جي مغل سلطنت جو باني بابر بادشاهه پڻ فرغاني تان پنهنجي اباڻي حڪومت ساڪي شيبانيءَ هٿان وڃائي (910 هـ) خراسان جي قندار، ڪابل، بُست ۽ زمين داور واري علاقي ۾ قسمت آزمائڻ لاءِ هٿ-پير هڻڻ لاءِ اچي پهتو. انهيءَ حصي تي شاهه حسين بايقرا طرفان ڪيتري زماني کان، ارغون گهراڻو (امير ذوالنون-شاهه بيگ) نيابت جي صورت ۾ حڪومت ڪري رهيو هو. جيڪو شاهه حسين بايقرا جي وفات کان پوءِ، شهزادن جي باهمي جنگ وجدل ۾ مشغول ٿي وڃڻ سبب انهيءَ حصي جو پاڻ کي تقريباً آزاد حڪمران سمجهي رهيو هيو ۽ نهايت سيبتائيءَ ۽

---

[1] ڏسو - خان نامه شجرو (L).

چالاڪيءَ سان شيبانيءَ، صفويءَ ۽ بابر جي وچ ۾ پاڻ کي بچائڻ ۽ سلامت رکڻ لاءِ هٿ-پير هلائڻ ۾ مصروف ۽ مشغول هيو.

انهيءَ سياسي افراتفريءَ ۽ بادشاهه گڏيءَ ملڪ جي قسمت کي چند سالن اندر هيٺين ريت زيروزبر ڪري ڇڏيو:

910هـ/1504ع بابر فرغاني جي حڪومت وڃائي[1] (907 هـ) ڪابل پهتو ۽ امير ذوالنون جي پٽ محمد مقيم کي پهريون دفعو شڪست ڏنائين.

911هـ/1505ع شاهه حسين ميرزا بايقرا انتقال ڪيو، جنهن بعد شهزادن پاڻ ۾ وڙهڻ شروع ڪيو ۽ گهرو ويڑهه جي ابتدا ٿي وئي.

913هـ/1507ع محمد خان شيبانيءَ هراتي شهزادن کي شڪست ڏئي خراسان کي پنهنجي قبضي ۾ آندو. امير ذوالنون ارغون انهيءَ جنگ ۾ مارجي ويو، سندس پٽ شاهه بيگ ارغون قندار واري علاقي تي جانشين ٿيو. ليڪن ساڳي سال ۾ بابر قندار پنهنجي قبضي ۾ آڻي شاهه بيگ کي شال (ڪوئٽه) ۽ سيويءَ طرف ڏڪي ڪڍيو.

917هـ/1511ع شاهه اسماعيل صفويءَ، شيبانيءَ کي جنگ ۾ شڪست ڏئي قتل ڪري خراسان تان سندس تسلط ختم ڪري ڇڏيو. شاهه بيگ ارغون سندس سلام تي هرات ويو جنهن کي هُن قلعهء اختيار الدين ۾ قيد ڪري ڇڏيو، جتان هو سنبل نالي پنهنجي نوڪر جي ذريعي پڃي نڪتو.

921هـ/1515ع بابر ۽ شاهه بيگ جي درميان آويزشون ٿيندیون رهيون. قندار جو علاقو پنهنجي لاءِ غير محفوظ سمجهي، مستقل طرح شال ۽ سيويءَ طرف نئين حڪومت جي طرح وجهڻ شروع ڪئي. سندس جو ملڪ بہ سامهون هيس جنهن تي 17 ذوالقعده جو[2] آزمائشي حملو ڪري دادو ضلع ۾ باغبان ۽ ڳاهن تائين پهچي لٽ-ڦر ڪري في الحال موتي هليو ويو.

923هـ/1517ع شاهه بيگ بابر جي مسلسل حملن کان بيوس ٿي قندار تان آخرڪار هٿ کنيو ۽ قلعي جون ڪنجيون بابر ڏانهن موڪلي پاڻ آڪهه سميت اچي سيويءَ ۽ شال (ڪوئيٽا) واري علاقي تي اکتفا ڪري آئيندي جي حالتن جو انتظار ڪرڻ لڳو.

---

(1) 907 کان 910 تائين ماوراءُ النهر طرف قسمت آزمائي ڪندو رهيو.

(2) ارسکن انهيءَ حملي جي تاريخ 18 ذوالقعد 924 (21 نومبر 1518ع) لکي آهي 1: 353.

جنهن وقت خراسان اندر بادشاهه گردیءَ جو اهو صورتحال هيو، عين انهيءَ دور ۾ سنڌ کي به اچي بدبختيءَ پاسو ڏنو. 914هـ/1508ع ۾ سنڌ جو نامور ۽ خوش بخت بادشاهه سلطان ڄام نظام الدين 48 ورهيه حڪومت ڪرڻ بعد فوت ٿي ويو ۽ سنڌ جي شهزادن ۾ پڻ تيموري شهزادن جهڙي جنگ شروع ٿي وئي ۽ دشمنن لاءِ سنڌ جا دروازا کلي پيا[1] نتيجي طور شاهه بيگ جهڙي موقعه پرست Interloper ۽ ننگ، سنڌين کي ڏوکي ۾ رکي ملڪ مٿان (927هـ/1520ع) قبضو ڪري ورتو. اهڙيءَ ريت خراسان جي انقلاب سنڌ جي قسمت ۾ به بدبختيءَ جو ڦيرو آڻي ڇڏيو. نه فقط ملڪي آزادي وئي ۽ پنهنجن جي مالڪي ختم ٿي، بلڪ ڏارين جي اچڻ لاءِ سنڌ جا رستا کلي پيا. خراسان جي انهيءَ خاص طبقي، جنهن جا مفاد ۽ مقصد اتهن ختم ٿي چڪا هئا، ۽ ڪنهن نئين ملڪ جي تاڻ ۾ واڌون ۽ وجهه تڪي ۽ تاڙي رهيا هئا، انهن جو رخ سنڌ ڏانهن ٿيو. هاڻي سنڌ مٿان خراسان جي هڪ مغرور گهراڻي جو قبضو هيو، خراسان جي سرحد سان هي نئون ملڪ لاڳيتو ۽ مقابلتاً زياده شاهوڪار، سائو ۽ ستابو، امن ۽ امان وارو هيو، تنهنڪري جيڪي پڳوڙا اتهن لڏ پٽي هتي پناهگير ٿي اچي پهتا، سي چڙ پنهنجي گهر جي ئي اڳڻ ۾ اچي نڪتا هئا.

انهيءَ طريقي ۾ جيڪي پنهنجي وطن کي ترڪ ڪري سنڌ ۾ آيا، انهن مان مير سيد صفائيءَ جو گهراڻو به هيو، جنهن بکرکي پنهنجي مستقل قيام لاءِ منتخب ڪيو.

بکر جو انتخاب ۽ جاءِ وقوع: بکر سياسي خواهه سماجي طرح سنڌ جو مکيه شهر هيو. جاءِ وقوع جي لحاظ کان پڻ اهڙي هنڌ تي هيو، جت سيئي آسانيون مهيا هيون، مثلاً: ڪابل - قندار هڪ طرف کان واقع هيو، ٻئي طرف کان سنڌ جي گاديءَ جو شهر ننگر ٺٽو ويجهو، هندوستان جهڙو وسيع ۽ عريض ملڪ ٽئين طرف کان پنهنجي سموريءَ سرحد جي دامن کي وڃايو پيو هيو، سيئي گهٽ-گهيڙ، رستا ۽ راهون بکر کان اوڏانهن ويا ٿي. غير يقيني حالتن هيٺ پناهگيرن لاءِ اهڙو شهر نهايت موزون ۽ مناسب هيو، جتي هر قسر جي آساني ۽ سهوليت به موجود ۽ بوقت ضرورت دوباري فرار لاءِ پڻ چارئي طرف کليل. ازان سواءِ اباڻي ملڪ کان ايندڙ-ويندڙ قافلن جو راهه ۽ رند به اتاهون

---

[1] پڙهو مڪلي نامو سمن جو حصو از: راقم الحروف.

شروع ٿيو ٿي. گويا بکر ۾ عارضي يا پکيءَ طرح ساکن ٿيڻ سبب سيئي سهوليتون سک ۽ آسانيون ميسر ٿيا ٿي.

سلطان محمود بکري: شاهه بيگ ارغون، جنهن کي بابر بادشاهه شجاع بيگ سڏيو آهي[1] سنڌ قبضي ڪرڻ بعد ستت ئي فوت ٿي (22 شعبان 928 هـ) ويو. جنهن وقت سيد مير صفائي بکر ۾ پهتو، ان وقت سندس پٽ شاهه حسن ارغون سنڌ جو حڪمران هيو ۽ بکر جي علاقي تي پٽس جي ڪير پيتي (ڪوڪلتاش) پاءُ مير فاضل جو پٽ، سلطان محمود بکري سندس نيابت ۾ حڪومت ڪري رهيو هيو، جنهن جو مير صفائي جي گهراٽي سان قديمي تعلق هيو. مير فاضل سيدن جي جد اعليٰ سيد حسن ابدال (بابا ولي قندٰاري) جي درگاهه جو معتقد هيو، جنهن جو اظهار انهيءَ ڪتبي مان ٿئي ٿو، جيڪو هن مرمت ڪرائڻ وقت انهيءَ بزرگ جي مزار تي لڳايو آهي[2].

مير سيد صفائي جڏهن بکر پهتو، انهيءَ وقت انهيءَ خانداني رابطي ۽ راهه و رسم سبب، سلطان محمود سندس وڏو آدر پاءُ ۽ استقبال ڪيو ۽ وڏي شان-مان سان ڪيس بکر ۾ رهايو. ذخيرة الخوانين جي مصنف لکيو آهي:

"سلطان محمود حاڪم بکر، مير جي اچڻ کي غنيمت ڄاڻي وڏي عزت ۽ مرتبي سان ڪيس اتهن رهايو"[3].

محمود بکريءَ فقط پراڻي رابطي ڪري سيد صفائي جي پذيرائي نه ڪئي هئي، بلڪ سيد پاڻ به پنهنجي اوصافن سبب لکُ لهندو هيو، اهڙي احترام ۽ عزت لاءِ هر طرح لائق ۽ فائق هيو. خانداني پس منظر کان سواءِ سندس شخصي طبعيت، مزاج جي لطافت، علم و فضل، زهد و تقويٰ، جود و سخا ۽ منجهس مهمان نوازي ۽ هٿ جي کشادگيءَ وغيره جا اهڙا انگ هئا جو خراساني خويش ته خير هيائي سندس پنهنجا، ليڪن نئين وطن جا باشندا - جيڪي اجنبي قابضن جي تشدد کان بيزار ۽ انهن جي طور طريقي کان مايوس ۽ مشڪوڪ هيا-سي پڻ سيد صفائي جي جا گرويدا ٿي پيا ۽ کين منجهانئس محبت ۽

---

(1) بابر نامه ڏسو. سندس اصل نالو شاهه شجاع بيگ ٿو پائجي. شاهي بيگ به سڏيو وڃي ٿو. سنڌ ۾ شاهه بيگ جي نالي سان تاريخ ۾ لکيو ويو.

(2) اهو ڪتبو گذريل باب ۾ نقل ڪيو ويو آهي.

(3) سلطان محمود حاڪر بهکر، مقدم مير را گرامي داشته به اعزاز و احترام مقيم آنجا ساختند (1: 200). سلطان محمود جو شجرو هت شامل ڪجي ٿو.

پنهنجائپ جي خوشبو اچڻ لڳي. سندس اوطاق تي چيو ويجي ٿو ته: سنڌين جو ميلو لڳو رهندو هيو. اوري-پري ۽ آسپاس وارن جا ڪنڪ اچڻ-وڃڻ لڳا. ميو معصوم پنهنجي والد جو هن طرح مذڪور ڪيو آهي:

"نقابت ۽ ڪثرت ذوق جي صفت سان موصوف هو. سخا ۽ احسان جي گهٽائيءَ ۾ مشهور. هميشه عالمن فاضلن سان محبت رکندو هيو ۽ مسافر خواهه پاڙيسري سندس احسان جي دسترخوان مان فائدو وٺندا رهندا هئا ۽ هميشه - التعظيم لامر الله والشفقة علىٰ خلق الله- جي مقتضا موجب عمل ڪري، محتاجن ۽ زيردستن جي خدا ڪارڻ امداد ۽ مدد ۾ ڪوشان رهندو هو" [1].

جنهن جاءِ محمود بكريءَ جهڙي ظالم ۽ شقي القلب حاڪم جي ظلم کان پناهه ۾ ملي سگهي، دستر خوان ۾ کليل هجي، سلام-ڪلام ۽ ملڻ-جلڻ ۾ ۾ محبت ۽ شفقت هجي، تقويٰ ۽ پرهيزگاري ۽ دين-دنيا جو مجسم ۽ مظهر اڪين سامهون هجي، اتهن مظلومن جا ميڙا خلق خدا جا انبوهه ڪيئن نه ڪڏ ٿيندا.

سيد صاحب سجون ۽ سڪٽون، بوچڙ ڪلهي تي رکي الاتهار ڪري سنڌ ۾ ڪونه آيو هيو. جڏهن وطن تان سندس دل کڄي وئي، تڏهن پنهنجي ڪڙم قبيلي ۽ سڄي ڪهول نوڪرن چاڪرن گولن ۽ گولاڙن سميت، لڏي پلاٽي سڪر ۾ اچي پهتو هيو. تنهنڪري سنڌ جي اٽي تي چٽي ڪونه هيو. مورڳو سنڌين لاءِ سندس وجود آٿت ثابت ٿيو ۽ پاڻ سندن معاون مددگار ٿي رهيو.

ذخيرة الخوانين جو صاحب جيڪو پاڻ بكر جو رهاڪو هيو. سو سيد مرحوم جي رهٽي ڪهٽي، صاحبيءَ ۽ ثروتمنديءَ جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته: وٽس ڪيئي ٻانهيون ۽ غلام موجود هئا. [2]

شيخ الاسلامي: شاهه بيگ جو پٽ شاهه حسن ارغون (962 هـ) ۾ بي اولادو فوت ٿيو. سنڌ کي ڪائنس پوءِ سندس بن اميرن پاڻ ۾ ورهائي ڪنيو. لوَر سنڌ ڏني سميت عيسيٰ ترخان جي حصي ۾ آئي ۽ سيوهڻ ڪان متين سنڌ

---

[1] سنڌي ترجمو 280- "به صفت نقابت و وفور حالت موصوف بود وبكثرت جود وسخا مشهور. پيوسته با علما و فضلا صحبت ميداشت. و مسافر و مجاور از موائد ايشان بهره مند مي بودند. و همواره به مقتضائ - التعظيم لامر الله والشفقة علىٰ خلق الله-عمل نموده. لله في الله در امداد محتاجان وزير دستان سعي موفور ميفرمودند" (ص 237).

[2] داه و غلام بسيار جمع آورده (1: 201).

سلطان محمود بکريءَ کنئين جنهن جو مرڪز دستوري طرح بکر رهيو.

ارغونن، بکر جو شيخ الاسلام شاهه قطب الدين بن شاهه محمود بن شاهه طيب هرويءَ کي مقرر ڪيو هيو، جو ساڻن گڏجي ڪابل ۽ قندار کان هت پهتو هيو. سندس علم ۽ فضل جي واکاڻ ڪندي مير معصوم لکي ٿو:

"خراسان جي اڪابرن ۽ وڏي درجي وارن ساداتن مان هيو، ترڪن (ازبڪن) جي جنگن سبب ملڪ ڇڏي سنڌ ۾ تشريف فرما ٿيو، بکر ۾ اچي رهيو. جُمع ڏينهن واعظ جي ذريعي مخلوق خدا کي سنئين رستي تي هلڻ لاءِ هدايت ڪندو هيو. نهايت متقي، پرهيزگار ۽ شريعت جو پابند هيو. سال (977هـ) (اوائل 1570ع) جي پڇاڙيءَ ۾ عالم جاوداني ڏانهن لاڏاڻو ڪيائين "واعظ" مان سندس وفات جو سال نڪري ٿو. [1]

انهيءَ بزرگ جي لاڏاڻي بعد سلطان محمود بکريءَ اهو عهدو سيد صفائيءَ جي سپرد ڪيو، جنهن کي هن بزرگ نهايت ديانتداريءَ ۽ نيڪناميءَ سان ڪن سالن تائين هلايو. [2]

وفات: تاريخ معصوميءَ جي ڇپيل نسخي مطابق ذيقعده 991 هـ[3] (نومبر 1581ع) ۾ سيد صاحب هن فاني دنيا مان ڪوچ ڪيو. مير معصوم خاندان جي انهيءَ حادثي تي جيڪا تاريخ چئي آهي، اها مير صفائي جي مزار تي اکريل ۽ هن ريت آهي:

ماه قرشي سيد صفائي
کافراشت فلک لوائي نورش
ناگاه، ازين جهانگهه سير
افتاد، بآن جهان عبورش
نامي زپراي سال تاريخ
گفتا: پرنور باد گورش[4]

991 هـ

---

(1) معصومي فارسي ص 197- سندي ص 239.
(2) چند سال به استقلال گذرانيد (237).
(3) معصومي ص 137.
(4) معصوميءَ پرلفظي فرق سان آيل آهي ص 237. مثلاً: شاه قريشي... کافراخت...جهان فاني-تاريخ جو جستمش زنامي بلاخمن (آئين اڪبريءَ ۾) مير صفائي جي وفات جو سال ڪڍ ڏنو آهي- (578) ميلٽ صاحب پنهنجي ترجمي ۾ مرڪو مير صفائي جو ذڪر ئي ڪونہ آندو آهي.

سلطان محمود تہ سخت گير، تند مزاج ۽ درشت خو هيوئي، ليکن اهو، اُهو زمانو هيو جڏهن نٽي ۾ ميرزا عيسيٰ ترخان جو پٽ ميرزا باقي ترخان ظلم ۽ تشدد جي انتها ڪري رهيو هيو ۽ تقريباً ڪشت وخون جو مٽس جنون سوار هيو.

انهيءَ قطعي جي چوڏاري پٿر جي چئن ڪنارن تي هيٺيان شعر اُکريل آهن:

اي آمده! بر سر مزارم
از آمدنت، اميد وارم
يک فاتحهٔ بخوان با خلاص
تا حق کندت بمغفرت خاص
حسرت زده ام بخاک مانده
افتاده درين مغاک مانده.

سکر ۾ مير معصوم جي قبرستان ۾ چٽيءَ هيٺان پهرين قبر ۾ سيد مير صفائي ابدي آرام ۾ محو آهي.

اخلاق ۽ فضيلتون: سيد مرحوم جي شخصي اخلاق، علم ۽ فضل، هٿ جي ڪشادگيءَ ۽ سخاوت متعلق پٽس مير معصوم جي زباني‌ءَ مٿي ذڪر اچي چڪو آهي. ساڳيائي تعريفي لفظ ٽوري ڦير گهير سان بين مصنفن پٽ ڪتب آندا آهن. جن به ذڪر ڪيو آهي، تن اڳيان مير معصوم جي ئي لکت پيش نظر رهي آهي، بدايوني جيڪو مير معصوم جو معاصر آهي، تنهن هيٺينءَ طرح سندس گهراٽي جي عظمت جو ذڪر ڪيو آهي، "شهر جي اڪابرن ۽ عظيم الشان ساداتن مان هيو". [1]

ماثر رحيميءَ جي صاحب تقريباً مير معصوم جا لفظ نقل ڪيا آهن[2] مقالات الشعرا جو مصنف بارهين صديءَ جو مؤرخ آهي، تنهن پنهنجي تذڪري (1174 هـ) ۾ ساڳوئي مطلب پنهنجي لفظن ۽ پنهنجي انداز ۾ ادا ڪيو آهي:

"موصوف علم ۽ فضل جو صاحب، پنهنجي دور جي فاضلن ۾ برک ۽ وقت جي عالمن ۾ يگانو هيو. بهترين ڪرامتن ۽ چوندڙ عادتن کي يادگار ڇڏيائين.

---

(1) بدايوني 3: 364 -"از اعيان سادات و اکابر بلدهٔ بکر بود"-

(2) ماثر رحيمي 2: 336 -"بصفت نقابت و بکثرت جود و سخا معروف و مشهور بود"-

سندس پرمڙسائي ۽ شرافت، تعريف ۽ تشريح جي محتاج نہ آهي."[1]

ساڳيو مصنف - تحفة الكرام (1181 هـ) ۾ به اهوئي مطلب ڏهرائي ٿو.[2]

شاعري: سيد صاحب لاءِ شاعري جيتوڻيڪ سندس فضيلت ۽ علمي مرتبي مطابق نہ هئي، ليڪن انهيءَ دور جي اهل علم و فضل جي طريقي ۽ رواج مطابق انهيءَ ذوق ۽ هنر کان بيگانو ڪونہ هيو، چنانچہ هيٺيون شعر ڏانهس منسوب آهي:

شجرِ عشق، بہ هر جا کہ دواند ريشہ
مڙهٔ مور، کند کار هزاران تيشہ

مير معصوم پيءُ جي شاعر هجڻ ڏانهن اشارو ڪونہ ڪيو آهي. خبر نہ آهي تہ مير علي شير قانع متيون شعر ڪٽان آڻي ڏانهس منسوب ڪيو؟[3]

عيال - اولاد: خيال آهي تہ سيد صفائي پنهنجي اصلي وطن ۾ غالباً شادي ڪونہ ڪئي هئي، جڏهن هتي آيو، ان وقت پنهنجي سر اڪيلو هيو. هتي اچڻ سان سيوهڻ جي ڪابڙو تي[4] ساداتن منجهان شادي ڪيائين. اها سڳابندي سلطان محمود بکريءَ جي ذريعي ٿي، جيئن ذخيرة الخوانين جي مصنف لکيو آهي:

"سلطان محمود...سيوهڻ جي ڪابڙوٽي (2) ساداتن منجهان سندس نسبت ڪرائي جنهن مان ال - اولاد تيس."[5]

---

[1] مقالات الشعرا علي سير قانع ص 364 -"مومي عليہ صاحب علم و فضل، سر آمد فضلائ عصر و يگانۂ علماي عهد بود. خوارق حميده وعادات گزيده بيادگار دارند. نقابت و نجابت وي محتاج توضيح و تشريح نيست-".

[2] تحفة الكرام ص 3: 126 قديم فارسي چاپو -"صاحب علم و عمل و سر آمد فضلائي عصر بود".

[3] پير علي محمد راشديءَ هڪ رباعي ڏانهن منسوب ڪئي آهي، جنهن جو حوالو نہ ڏنو ويو آهي. مفهوم کي مد نظر رکندي پائنجي ٿو تہ مير معصوم جي چيل آهي:

سر منزل ما، نيز هوائي دارد
ويرانۂ غم، نيز بجائي دارد
ديوانۂ دل مرا ملامت مکنيد
اين وادئي (ما) نيز صفائي دارن
(حيات معصوم 14)

صفائي جو لفظ اهو اشتباه پيدا ڪيو آهي، جيڪو تخلص جي مفهوم ۾ ڪتب آيل نہ آهي.

[4] جيئن لکياري ۽ متياري سادات شهرن جي نسبت سان مشهور آهن، اهڙيءَ طرح هي سادات، جيڪي اصل ۾ ترمذي آهن، کابڙوٽ (ضلع دادو) جي ڳوٺ سان منسوب ٿيا.

[5] ذخيرة الخوانين (1: 200) -"سلطان محمود...بہ سادات کهروت ساکنان سيوستان نسبت ايشان نمودند، تولد وتناسل بهم رسانيده-" ماثرالامرا (3: 326) اها ساڳي روايت ذخيره تان ورتي آهي.

سيد مير ڪلان، ڪابڙوتي سيدن جو جد اعليٰ هيو. جيڪو پٽ ساڻگئي دؤر ۾ ساڻگين سببن ڪري خراسان مان لڏي سيوهڻ ۾ اچي وينو هيو. مير معصوم ڪيس پنهنجو جد (مادري) لکي ٿو:

"- سيادت پناه سيد مير ڪلان... هنن ورقن جي لکندڙ جو ڏاڏو...". [1]

"سيادت پناه سيد مير ڪلان جيڪو هنن ورقن جي لکندڙ جو ڏاڏو آهي... ". [2]

تحفة الڪرام جو صاحب پٽ مير معصوم ڪي سيد جو ڏهتاڻ ڄاڻائي ٿو. [3]

مرحوم ڊاڪٽر دائود پوٽي تاريخ معصومي جي مقدمي ۾ لکيو آهي ته: "سيد موصوف انهيءَ مير ڪلان جي نياڻي سان شادي ڪئي هوندي". [4] قرين قياس اهوئي آهي ته هنن ٻنهي گهراڻن جي پاڻ ۾ واقفيت ان وقت تي آهي جڏهن مير ڪلان ڪربلا ڪان موٽندي اشڪلچ جي ڳوٺ ۾...شير قلندر جي درگاهه تي پهتو هيو. [5]

سيد مير ڪلان سنڌ جي تاريخ ۾ اهم شخصيت ۽ حيثيت رکي ٿو جنهن جو ذڪر هن ڪان پوءِ جدا باب ۾ ايندو. هت مير صفائي جي پٽيتيءَ اولاد جو ذڪر ڪجي ٿو، جنهن لاءِ خيال آهي ته ڪيس انهيءَ هڪ ئي ديري مان ٿي.

1- مير ابو القاسم

مير معصوم پنهنجي والد جي مختصر مذڪور ڪان سواءِ، پنهنجي خاندان ۽ پائرن يا عزيزن متعلق ڪو ذڪر ڪونہ ڪيو آهي، انهيءَ جو سبب غالباً اهوئي ٿي سگهي ٿو ته سندس تاريخ خالص سياسي واقعات متعلق آهي، تنهنڪري هن پنهنجي گهراڻي جو ذڪر ڪرڻ موضوع ڪان خارج سمجهيو آهي. مختلف اشارا جيڪي موضوع جي لحاظ ڪان ضروري هئا سي البت هن ڪيا آهن، جن تي هن سوانح جو دارومدار رکيو ويو آهي.

مير ابو القاسم جو نالو سڀ ڪان پهريون تاريخ بدايوني ۾ ملي ٿو جنهن ۾ ڪيس "اعاظم اڪابر بکر" [6] لکيو ويو آهي ۽ بيان ڪيو ويو آهي ته: هو

---

(1) معصومي ص 194 "سيادت پناه سيد مير ڪلان...جد مسود اوراق..."

(2) معصومي ص 222 "سيادت پناه سيد مير ڪلان ڪه جد مسود اوراق است..."

(3) تحفة الڪرام خطي 110 ب "...مير معصوم بکهري ازاحفادش است..."

(4) مقدمه "...جد (مادري؟) مير معصوم. ميتوان نتيجه گرفت ڪه سيد صفائي دختر اين بزرگوار را در حلقهٔ ازدواج ڪشيد..."

(5) معصومي ص 198.

(6) منتخب التواريخ 2: 245.

ميو سيد محمد (ميو عدل) جي پٽن سان گڏجي سيويءَ جي قلعي کي فتح ڪرڻ لاءِ ويو جنهن ۾ کيس ڪاميابي ٿي جنهن بعد ميو ابوالفضل (ميو عدل جي فرزند) سان گڏجي اڪبر بادشاهه جي درٻار ۾ پهتو. جتي کيس "منصب احديه" عطا ٿيو. ميو ابو القاسم انهيءَ فتح جي تاريخ هن ريت ڪڍي:

"فتح سيوي شد باولاد نبي" [1] 984 هـ: ذخيرة الخوانين جو مصنف شيخ فريد پاڻ بکر جو رهاڪو ۽ خاندان متعلق شخصي ڄاڻ رکندڙ هو. ڪائنس معلوم ٿئي ٿو ته ميو صفائيءَ کي ٽي پٽ هئا[2] جن ۾ وڏو فرزند ميو ابوالقاسم، ٻيو ميو محمد فاضل، ۽ ٻنهي کان ننڍو ميو معصوم هيو.

ميو ابوالقاسم جو انتقال (991 هـ) ۾ غالباً ڦوهه جوانيءَ ۾ ٿيو، جنهن بدقسمت سال ۾ سندس والد پڻ لاڏاڻو ڪيو ۽ ميو معصوم پاڻ انهيءَ زماني ۾ خواجه نظام الدين احمد بخشيءَ جي ملازمت ۾ گجرات ويل هيو.

ميو صفائي جي هن فرزند جي تربت خانداني قبرستان اندر مرڪزي چٽيءَ هيٺان ميو معصوم جي پر ۾ اوپر کان آهي، ٻنهي قبرن جي وچ ۾ هڪ ٻار جي قبر آهي. پاڻ جي قضيه تي ميو معصوم هيٺيون تاريخي قطعو چيو جيڪو قبر جي پيرن کان لوڙهه تي اکريل آهي:

چوشد ميو ابوالقاسم نيک راي
سوئي دار عقبا ز دار فنا
چو نامي طلب کرد، تاريخ او
خرد گفت: رفتا بہ دارِ بقا
991 هـ

انهيءَ بزرگ کي صاحب ذخيرة الخوانين جي قول مطابق هڪ پٽ محمد شجاع نالي هيو جيڪو سندس ٻئي پاڻ محمد فاضل جو نائي ٿيو.

2- سيد محمد فاضل

هيءُ ميو صفائي جو ٻيو پٽ هيو. عالم، فاضل ۽ هندي (-سنڌي؟) زبان جو ڄاڻو ۽ شاعر هيو. چيو وڃي ٿو ته شعر ۾ ڪمال جي فصاحت هيس ۽ سندس ڪافيون ماڻهن ۾ ڏاڍو مقبول هيون. [3]

---

(1) بدايوني 2: 245.
(2) ذخيره 1: 201 "...سه پسر بہ او حق تعلي کرامت کرد..."
(3) "از قسر کافي بہ کمال فصاحت مي گفت و قبوليت داشته..." ذخيره ص 1: 201.

هندي (اردو) زبان ۾ ڪافي ڪانـ ٽيندي آهي، اها صنف سنڌي ۽ ملتانيءَ جي آهي، يقين آهي تہ سيد محمد فاضل سنڌيءَ ڪافيءَ جي صنف جو خصوصي شاعر هيو. ڪتابت جي تصرف سنڌيءَ کي هندي ڪري ڇڏيو آهي. سنڌي ڪلام انهيءَ دؤر ۾ تمام مشهور، عام ۽ مقبول هيو، هنديءَ جو سنڌ اندر رواج ڪونہ هيو ۽ سنڌ ملڪ ۾ ان جي مقابلي ۾ سنڌيءَ جا ڪيئي ڪلاسيڪي شاعر انهيءَ دور ۾ موجود هئا، جهڙوڪ: مخدوم نوح، شاهہ ڪريم، سيد علي شيرازي وغيره ۽ انهن کان اڳ ۾ قاضي قاضن ۽ ان جا معاصر ڪافي گو شاعر، جن جون ڪافيون حضرت شيخ عيسيٰ سنڌي جنداللہ سيوَستاني وارا برهانپور ۾ پنهنجي سنگتين کان ٻڌندا رهندا هئا. ڪافيءَ جي صنف مقبول ترين صنف هئي جنهن کي ميـر فاضل اختيار ڪري پاڻ بہ قبول عام حاصل ڪيو. [1]

محمد فاضل کي پٽيتو اولاد ڪونہ ٿيو. هڪ نياڻي هيس جيڪا سندس پائٽي سيد محمد شجاع جي گهر ۾ هئي.

سندس قبر تي ڪتبو ڪونہ آهي، ڇئي نٽو سگهي تہ مرڪزي ٽلهي تي ڪهڙيءَ قبر ۾ پاڻ ستل آهي.

ميـر سيد صفائي جي ننڍي مگر جڳ مشهور فرزند ميـر محمد معصوم جو مذڪور هن ڪتاب جو عنوان ۽ مقصود آهي، تنهنڪري ايندڙ صفحن لاءِ ان کي ڇڏيو وڃي.

---

[1] 1947ع جي ورهاڱي بعد ڪوشش ڪئي وڃي ٿي تہ اردوءَ جي پيدائش سنڌ ۾ ڏيکاري وڃي جيئن انهيءَ حق تي اردوءَ لاءِ سنڌ اندر جواز پيدا ڪجي. انهيءَ جو دعويدار سڀ کان پهريون مرحوم سيد سليمان ندوي هيو، جنهن اردوءَ جو مولد سنڌ کي مقرر ڪيو. انهيءَ کان پوءِ منهنجو هڪ مضمون ڇپيو، جنهن ۾ مون پڌ انهيءَ مفروضي جي تائيد ڪئي. سيد صاحب مرحوم کي سنڌيءَ جا ۽ ڪي سرائڪيءَ جا ٽڪرا دليل طور ڏنا هئا، جيڪي سنڌ ۽ گجرات جي تاريخ ۾ آيل هئا. (فيروزشاهي-مراة سڪندري-تاريخ احمدي) ليڪن مون اڳتي هلي جڏهن وڌيڪ تحقيق ۽ غور ڪيو تہ معلوم ٿيو تہ گجرات وارا فقرا سرائڪي زبان جا آهن ۽ نٽي جو فقرو سنڌيءَ جو هو جيڪو تاريخ فيروز شاهيءَ ۾ ڪتابت جي خرابيءَ سبب پنهنجي اصلي صورت بدلائي چڪو هيو. شاهہ عالم گجراتي اصل اڇ جو هيو، سندس زبان سرائڪي هئي. ازان سواءِ سنڌ جي سمن بادشاهن مان بيبي مغليءَ ۽ بيبي راڻيءَ سان شادي ٿيل هيس، تنهنڪري سندس گهر ۾ زبان سرائڪي ۽ سنڌي ڀگالهائي ويندي هئي. گجرات جي فارسي تاريخ ۾ پڌ هولي، جي اصل صورت کي ادا نہ ڪرڻ سبب اها غلط فهمي پيدا ٿي آهي. هن جديد تحقيقي دؤر ۾ پنهنجي مقاصدن پوري ڪرڻ لاءِ چند مفروضن کي آڌ بٽائڻ کـل جهڙي ڀگالهہ آهي. (ڏسو نقوش سليماني-1967- "سنده مين اردو" حسام الدين- وغيره وغيره.)

باب چوٿون

مير سيد ڪلان کابڙوٽي سيوهاڻي

مير معصوم جي ناني مير سيد ڪلان جو گذريل صدر ۾ نالو اچي چڪو آهي. سنڌ ۾ انهيءَ دور ۾ سيد مذڪور جي شخصيت سماجي خواه سياسي لحاظ سان تمام اهم هئي. سندس متعلق جيڪا منتشر معلومات ميسر آهي، ان کي يڪجا ڪيو وڃي ٿو، جيئن پڙهندڙن اڳيان سندس زندگيءَ جو، ڪم از ڪم، هڪ خاڪو اچي وڃي.

مير معصوم جي لکت مطابق، سيد مير ڪلان سنڌ فتح (927هه) ٿيڻ بعد قنڌار کان لڏي سيوهڻ جي پسگردائيءَ (حَوالي) ۾ اچي ساڪن ٿيو، سندس زياده وقت "قدوة الواصلين" حضرت قلندر لال شهباز جي "مزار فائض الانوار" تي بسر ٿيندو رهيو.

سندس وڏا ڪربلا معليٰ جي "عظيم القدر ساداتن" مان هئا، جتان ڪنهن زماني ۾ لڏي خراسان ۾ آيا. مير ڪلان خود پنهنجي آڪهه سميت قنڌار هليو آيو، جتي مير شير قلندر جي مزار سان سندس قلبي تعلق پيدا ٿيو. سيد بزرگ ديندار ۽ طريقت ۽ نسبت جو صاحب هيو. بزرگن جي مزارن سان سندس انس جو اهوئي ڪارڻ هيو. سنڌ ۾ پهچڻ بعد سندس قلب جو ساڳو صورتحال قائم رهيو ۽ هتي حضرت قلندر لال شهباز جي درگاهه سا لنؤن لائي ويهي رهيو.

ڊاڪٽر دائود پوٽي مرحوم جو قياس صحيح معلوم ٿئي ٿو ته، مير صفائي ۽ مير ڪلان جي پهرين واقفيت حضرت شير قلندر جي خانقاهه ۾ ٿي ۽ اتهن واريءَ واقفيت اڳتي هلي، سنڌ ۾ پهچڻ بعد، باهمي رشتيداريءَ جي صورت اختيار ڪئي.

مير ڪلان جي فضيلت، زهد ۽ تقويٰ جي لاءِ مير معصوم لکيو آهي ته: بي نظير هو، مسڪينن فقيرن ۽ دل وارن لاءِ سندس دل ۾ بي انتها ڪاڍو هيو.[1] انهيءَ پرهيزگاري، فقير دوستي ۽ مسڪين نوازيءَ هنن نَون ماڳن ۾ کيس جلد ئي اهڙيءَ ريت مقبول ۽ مشهور ڪري ڇڏيو جو سندس اوطاق، اوڙي-

---

[1] ... در زهد و عبادت نظير خود نداشتند، و رعايت جانب فقرا و مساكين مي نمودند..." (معصومي ص 198).

پاڙي جي ڏکويل ۽ آزاريل انسانن لاءِ مرڪز ۽ مرجع ٿي پئي. جنهن صورت ۾ ملڪي سياست تي پڻ انهن نوواردن جو قبضو ۽ انهن کي ئي قدرت حاصل هئي، جيڪي سيد مير ڪلان جي پنهنجي ئي ملڪ جا هئا. تنهنڪري سياسي مسئلن ۽ معاملن جي نبيريءَ ۽ نچيڙيءَ ۾ پڻ سندس مرضيءَ جو خاص خيال رکيو ويندو هيو. اهوئي سبب ٿيو جو آل رسول صہ هنڌ جي حيثيت هر صورتحال ۾ اهم ۽ نمايان رهي ۽ ڪنهن به مسئلي ۾ سندس شخصيت ۽ وجود کي نظر انداز ڪرڻ سيڪنهن لاءِ آسان ڪونہ هو.

مير معصوم ملڪي معاملن ۾ سيد مير ڪلان جي ادا ڪيل ڪردار جو هڪ مثال پيش ڪيو آهي، جنهن مان بخوبي اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ سيد موصوف جو وجود ڪيئن ۽ ڪيترو نہ اهم هو.

ميرزا شاهہ حسن ارغون 962 هـ (1555ع) ۾ وفات ڪئي. سندس پويون وقت ڏسي، لاولد مرڻ سبب بن اميرن، ميرزا عيسيٰ ترخان ۽ سلطان محمود بکريءَ جي وچ ۾، سنڌ تي قبضي ڪرڻ لاءِ سخت اختلاف پيدا ٿيا ۽ گهٽي ڪشمڪش بعد نيٺ پنهي ڌرين ۾ خانگي معاهدو ٿيو. جنهن مطابق اپر سنڌ سلطان محمود جي قبضي ۾ آئي ٿي ۽ لوور سنڌ تي ميرزا عيسيٰ ترخان حاڪر ٿيٽو هيو. معاهدي مطابق پهرين جي گادي بکر ۾ ۽ پوئين جي گادي ٺٽي ۾ برقرار رکي وئي هئي.[1]

معاهدي لکجڻ ۽ مهرن لڳڻ بعد به ڪين هڪ ٻئي تي اعتبار ۽ اعتماد ڪونہ ٿي آيو پنهي کي دل ۾ ڇور هيو ۽ ٻيئي هڪ ٻئي کي شڪ-شبهي سان ڏسي رهيا هئا. ميرزا شاهہ حسن 12- ربيع الاول 962 هـ[2] سومر ڏينهن ٽپهريءَ جو علي پوٽن ۾ انتقال ڪيو. شاهہ حسن پوين ڏينهن ۾ پنهنجن جو اهو حال ڏسي مجبوريءَ منجهان گاديءَ جي شهر يعني ٺٽي جي سنيال چند سنڌين جي

---

(1) ...از لکي بالاتر تعلق بہ سلطان محمود خان دارد، و از کوہ لکي اين جانب بہ ميرزا عيسيٰ ترخان دارد. برين جمله مقرر و معترف گرديده، وثيقہ بجهت تاکيد بقيد کتابت در آورد. بہ مهرهائي خود و مهرهائي اکابر مزين گردانيد ند...(معصومي ص 191).

(2) معصومي- دوشنبہ دوازدهم (ربيع الاول 962 هـ/ 3 فيبروري 1555ع) ...نزديک نوبت عصر مرغ روح ميرزا شاہ حسن ندائ ارجعي... شنيد و بمرغزار جنان طيران نمود (معصومي 192) ڈاڪٽر محمود الحسن صديقيءِ جي ڪٿ آهي تہ وفات جي تاريخ سومر 9 جمادي الاول 962 هـ/1- اپريل 1555ع ٿيڻ گهرجي (ترجمہ معصومي 123 ۽ ضميمو 247- ۽ سدي علي رئيس جي سفر نامہ جو سنڌي ترجمو از: اقم الحروف مطبوعہ مجلہ مهراڻ سال 1971ع)

حوالي ڪئي هئي. ميرزا عيسيٰ احتياط ۽ خبرداريءَ لاءِ، جيئن ميرزا جي وفات تي سنڌين جو قبضو نہ ٿئي، نڪي ۾ ويهي رهيو. ميرزا جنهن وقت دم ڏنو، ان وقت محمود بکري وٽس موجود هيو، هو ميت کي نڪي روانو ڪري پاڻ فوراً پنهنجي مرڪز کي محڪم ۽ مضبوط ڪرڻ لاءِ بکر راهي ٿيو.

سنڌ وڏي بحران ۾ اچي وئي. ڏارين جون نيتون نہ فقط هڪ ٻئي سان وڙهڻ جون هيون، بلڪ سندن خيال سڄيءَ سنڌ کي زيرو زبر ۽ پائمال ڪرڻ جو هيو. سيوهڻ جي قلعدارن ميرزا شاهه مسعود، شاهه حسين نڪودري، ميرابوالخير، ميرحميد ساربان، ۽ خواجه باقيءَ قلعو بند ڪري سيوهڻ واري علاقي تي پاڻ قبضي جي ڪوشش شروع ڪري ڏني.[1] ٻئي طرف ميرزا عيسيٰ پنهنجي مدد لاءِ گُوا جي پورچو گيزن کي دعوت ڏئي، پاڻ بکر وڃي پهتو. اڃان باقاعدي جنگ شروع ڪانہ ٿي ته پورچو گيز ٻيڙا ڪاهي اچي نڪي پهتا. ميرزا عيسيٰ کي موجود نہ ڏسي نڪي کي ايترو ڦريائون، ساڙيائون ۽ سنڌين جو قتل عام ڪيائون جو شاهه بيگ ارغون وارو قتل عام ۽ ڦرلٽ انهيءَ اڳيان هيچ ٿي وئي[2]. سلطان محمود پنهنجو رخ سيوهڻ طرف رکيو ۽ اتهن پهچي هُن مثالي خون خرابو ۽ لٽ ڦر ڪئي. ٻئي طرف بکر جي علاقي ۾ عيسيٰ خون ٿي وهايو، ٽئين طرف پورچوگيزن ننگر نٽو پهچي ساڙيو ۽ باريو. مطلب ته سنڌ چوڌاري رت جي ريلي ۽ باهه ۾ سڙي ۽ ٻري رهي هئي.

اهڙي خوفناڪ صورتحال ۾ مير ڪلان اڳتي وڌيو ۽ پنهنجي نئين وطن کي هنن خونخوارن وحشي، خودغرض ۽ توسيع پسند جانورن جي شر، فتني ۽ فساد کان بچائڻ خاطر، صلح صفائي جي ڪوشش شروع ڪري ڏني. وڏي ڪوشش ۽ ڪشمڪش بعد مير ڪلان پنهي ڌرين کي ٽيل معاهدي تي نئين سر صلح ڪرائي فوجن کي پنتي موٽايو. اهڙيءَ ريت ميرڪلان هڪ بزرگ، انسان دوست، خيرخواه ۽ وطن پرست جي حيثيت ۾ پنهي درندن جي هولناڪ رتوڇاڻ

---

(1) معصومي ص 194.

(2) پورچوگيز 1556ع ۾ Pedro Barreto Rolin جي سرڪردگيءَ ۾ ٻيڙا ڪاهي آيا (مخزن سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي 1938ع 3: 4 ص 74) تقريباً سڀني جامع مسجدن ۾ جمع نماز پڙهندڙ جماعتن کي هنن تهہ-تيغ ڪري ڇڏيو. شهر ۾ ڪيئي "گنج شهيدان" بڻجي ويا، سمورو ننگر نٽو ئي ڇڻ گنج شهيدان ٿي پيو هو.

کان في الحال سنڌ ۽ سنڌ جي بيگناهه باشندن ۽ سر زمين کي بچائي ورتو.[1]

مير ڪلان جيسين حال حيات هيو تيسيتائين، سنڌ لاءِ عموماً ۽ سيوهڻ جي علائقي لاءِ خاص طرح، رحمت جو فرشتو ٿي رهيو. هر ڏکئي وقت ۽ سخت موقعي تي انفرادي خواهه اجتماعي صورت ۾ شفيق پرئي مڙس جو ڪردار ادا ڪندو رهيو. معاملن جو رفع-دفع ڪرڻ، مختلف ڌرين جي وچ ۾ نبيرو نڇيڙو ڪرڻ، آزاريلن کي آسرو ۽ ڏکويلن کي دلاسو، سندس رات ڏينهن جو مشغلو رهيو. خلق خدا جي خدمت سان گڏ پنهنجي مولا سان پڻ لنؤن لاتيون رهيو. قلندر شهباز جي پاڙي ۽ پاسي ۾ ويٺي هميشه رياضت ۽ عبادت الاهي ۾ مصروف ڏٺو ٿي ويو.

وفات ۽ مزار: معلوم نه آهي ته مير ڪلان ڪڏهن وفات ڪئي. مير معصوم پنهنجي تاريخ 1009 هه جي آسپاس لکي پوري ڪئي آهي. مير ڪلان جي سلسلي ۾ سندس لکيل عبارت مان اندازو ٿئي ٿو ته ترخانن جي دؤر ۾ مير موصوف انتقال ڪيو هوندو. راقم الحروف جو قياس آهي ته مير ڪلان، عيسيٰ ترخان جي آخري سالن (962-973 هه) ۾ لاڏاڻو ڪيو ٿو ڏسجي. ڇاڪاڻ ته ميرزا عيسيٰ جي اولاد ۾ جيڪو جنگ وجدل ٿيو، يا ميرزا باقي پنهنجن خواهه پراون مٿان مامرا مچايا ۽ خون خرابا ڪيا. انهيءَ سلسلي ۾ مير ڪلان جو ڪٿي به نالو ڪونه آيو آهي.

سندس مزار سيوهڻ ۾ سبزواري ساداتن واري قبرستان ۾، مٽيءَ جي هڪ دڙي تي بيحد زبون حالت ۾ موجود آهي. هاڻوڪي صورتحال مان ظاهر ٿئي ٿو ته قبر جي چوڌاري ڪوٽ نڪتل هيو، زمين مٿاهين هئي ۽ قبر نهايت احترام واري سمجهي ويندي هئي. هن وقت به انهيءَ مزار سان ڪيتريون روايتون بيان ڪيون وڃن ٿيون، مثلاً: راقم الحروف جڏهن مير ڪلان جي پويرن سان قبر جي زبونيءَ جي شڪايت ڪئي، تڏهن چيو ويو ته: مرمت ڪرائڻ لاءِ بزرگ جي منع ٿيل آهي! جنهن به مرمت ۽ نئين ٺهرائڻ جي ڪوشش ڪئي، اهو پاڻ پنهنجي خاندان سميت ختم ٿي ويو آهي! تنهنڪري ڪنهن کي به همت ڪانه آهي ته حڪم عدولي ڪري مزار کي نئين سر اڏائي!

---

[1] بلڪ معصومي 208-222.

اهو قبرستان سيوهڻ جي ڪابڙوٽي (سبزواري) ساداتن جو آهي. جيڪي سندس اولاد ۽ پوير هئا. قبرستان شهر سان لڳ اولهه طرف آهي ۽ شهر جو ئي هڪ حصو سمجهڻ گهرجي.

اولاد: مير معصوم لکي ٿو ته ڪيس گهٽو اولاد ٿيو. جيڪو وسيو ۽ وڌيو.

"...اولاد ڪثير از ايشان مانده..."

اڄ تائين سندس اولاد موجود آهي ۽ سيوهڻ جي برڪ حيثيت وارن ساداتن ۾ شمار ٿئي ٿي. پويون پڳدار سيد وريل شاهه (B.A) مرحوم هيو. جنهن سان راقم الحروف جي پڻ آشنائي هئي. درگاهه قلندر شهباز جي آمدنيءَ ۾ حصيدار هو ۽ زندگي تمام آسودگيءَ ۽ نهايت آسان رويءَ سان گذاري پوري ڪيائين. هن وقت سيد صادق علي شاهه نالي سندس فرزند شهر جي نبيري نچيڙيءَ جو حقدار ۽ زميندار آهي. منهنجي درخواست تي صادق علي شاهه صاحب پنهنجي خاندان جو شجرو ڏسڻ لاءِ ڏنو ۽ خاندان سان متعلق ڪي سندون پڻ ڏيکاريون. شجري منجهان معلوم ٿئي ٿو سيد مير ڪلان کي چار فرزند ٿيا:

1- سيد برڪو

2- سيد محمد

3- سيد محمود - ۽

4- سيد طالب

سيد طالب کي پٽ ٿيو مير خسرو، جنهن جو فرزند مير مظفر ٿيو، ۽ ان جو فرزند مير خسرو، سندس پٽ مير مظفر، سندس پٽ مير فتحي ٿيو. انهيءَ مير فتحي جو اولاد اڳتي هلي وڌيو ۽ اُسريو. سيد وريل شاهه مرحوم ۽ سندس خاندان انهيءَ سيد جو اولاد آهي[1]. مير ڪلان جي باقي فرزندن جو اولاد ڪونه ڏيکاريو ويو آهي. ازانسواءِ نياڻين جو اولاد شجري ۾ حجاب واري رسم سبب ڄاڻايو ڪونه ويندو آهي. تنهنڪري اهو چئي نٿو سگهجي ته نياڻيون ڪيتريون ٿيون ۽ انهن جو اولاد ڪهڙو ۽ ڪٽي ڪٽي ٿيو؟ بهرحال سبزواري ساداتن جي

---

(1) مير فتحيءَ کي پٽ سيد مير صادق علي ٿيو. ان کي پٽ مير فتحي ٿيو. ان کي پٽ سيد مير انور ٿيو. ان کي پٽ سيد مير جعفر علي ٿيو. انهيءَ شجري جي آخر ۾ سيد علي ابن الحسين بن العقيل حسيني ۽ عبدالرزاق بن حسين بن تاج الدين محمد بن علي الحسيني مشهور به گل سرخ ۽ محمد بن علي بن حسين الحسيني مشهور به مڪ جا دستخط آهن.

مقبرن جي اڏاوت ۾ انهن تي ڪاشيءَ جي ڪم مان اندازو ڪري سگهجي ٿو ته ڪيترا صاحب انهن ساداتن مان صاحب طريقت ۽ سلوڪ ٿيا، جن تي خوبصورت قبا اڏيا ويا ۽ تشخيص لاءِ انهن تي جدا جدا مقبرا جوڙيا ويا.

سيد ميو ڪلان جي نسب جو سلسلو شجري ۾ هن ريت جاڻايو ويو آهي:

سيد ميو ڪلان، بن سيد ولي، سيد محمود، بن سيد جعفر، بن سيد مغفور، بن سيد محمد، بن علي، بن ابي طالب محمد، بن علي، بن هيبت الله، بن ثعلب، بن محمد، بن علي، بن احمد، بن حسن محمد، بن ابراهيم، بن محمد، بن موسيٰ ڪاظم، بن جعفر صادق، بن محمد باقر، بن امام زين العابدين، بن حضرت سيدنا حسين، بن علي رضه، بن ابي طالب. [1]

ميو ڪلان کي وقت جي سرڪار، وظيفا ۽ زمينون ڏنيون هيون، جيڪي مغلن جي دور تائين سندس اولاد ۾ رهنديون آيون [2]. هن وقت پڻ سندس اولاد زمينداري ڪري ٿيو. ساڳي وقت قلندر لال شهباز جي نگهداريءَ ۾ پڻ سندن حصو آهي ۽ غالباً اهو هن ڪري ٿيو جو سيد ميو ڪلان پنهنجي حياتي انهيءَ درگاهه سان تعلق ۽ توسل رکي گذاري.

---

(1) هن شجري جي قديم نسخي تي سال 693 هـ ڄاڻايل هيو، ان کان پوءِ جي شجري تي 994 هـ لکيل هيو.

(2) ٽن پروانن جا نوٽا ڏجن ٿا، جن جا سال آهن: 1016 هـ... 1050هـ - 1319هـ

باب پنجوھ

سيد صفائي جي دؤر ۾ سنڌ جي سياسي ۽ ملکي حالت

ڏهين صدي هجري، سنڌ لاءِ ڏارين جي تسلط زور زبردستيءَ ۽ تمام ڏڇي جي صدي هئي، جنهن بعد ادائي سؤ ورهين تائين سنڌ غلاميءَ جي زنجيرن کي ٽوڙي کاڻ سگهي ۽ انهن ادائي صدين جي مايوسيءَ ۽ پراون جي غير شريفاڻي سلوڪ، سنڌي عوام جي ذهن، فڪر، حوصلن ۽ همت کي ايترو ڇيهو رسايو، جنهن جا اثرات اڄ تائين مختلف صورتن ۾ سَندُن مزاج ۽ طبعيت تي اثر انداز رهندا اچن ٿا.

ارغونن جي استبدادي حڪومت، ترخانن جي زور زبردستي، ميرزا باقي ترخان ۽ محمود بکريءَ جي ظالماڻي گرفت، ازانسواءِ خراسان مان لاٿعدا مغرور اميرن، صاحبِ اختيار ۽ اقتدار پناهگيرن جي آمد، سنڌ جهڙي نندڙي، امن پسند ۽ مانيٽي سياءَ واري ملڪ لاءِ، درحقيقت هڪ عذاب، قهر ۽ خدائي ڏمر هو، جيڪو هتان جي گهرو جهڳڙن جي نتيجي ۾، قدرت طرفان سزا طور نازل ٿيو جنهن جو نتيجو اجتماعي خواهه انفرادي طرح سموريءَ سنڌ کي پوڳٽو پيو. ملڪ جا سيئي قلعا، وسنديءَ وارا واهڻ ۽ وستيون، مال-ملڪيتون مطلب تہ سڄو ارڪو ترڪو ڏارين جي قبضي ۾ اچي ويو، جن جي نہ ٻولي سمجهہ ۾ ٿي آئي ۽ نہ سندن اٺ-ويهٽ، چال چلت ۽ رهٽي ڪهٽي مان هتان جي ماڻهن کي ڇاڻ ۽ سڃاڻ هئي. هندي مغلن جي قبضي جون حالتون ڏسندي اسان جي قومي شاعر شاهہ لطيف جيڪو هڪ صدي پوءِ هينئن چند بيتن ۾ فرمايو، سو حقيقت ۾ انهيءَ سڃي صورتحال جو مڪمل تفسير ڇئي سگهجي ٿو، جيڪو ارغونن کان وٺي سندن جانشين هندي مغلن جي تسلط تائين سنڌ اندر وهيو ۽ واپريو هو.

پَـيـــم پـنـاڻن سـين، ٻولـي جـي نـہ بُـجهن
آءٌ سِنڌيءَ جو سَعيو ڪريان، هُـو پارسيون پُـڇن
مـون پـڻ مُـلاڻن، سَـرتيون سُـور پرائيـو:

بروفازان بات جنهين جي، ٿانگورَوان ٿيشي
ڏين پارسيون پاڻ ۾، ايزا بِليشي
ليڙا رات لطيف چئي، نيائون نيشي
پُنهون پرويشي، ڪَجِ پيادَن پنڌ ۾.

برو، بگيرد، بام بليخا، مون نہ پروڙي مامَ
ٿؤدئي، ٿومان، خشتگان، ڇُليي ڇپر لامَ
اَچي پئي تنهين سامَ، دُراه! دُراه! ڪَن جي.

هيٺين بيتن ۾ شاهہ صاحب انهن پارسي واڻن جي ڪيل ويڌن جو بيان ڪيو آهي:

بروبگيرد جي، ٿا ڏين پارسيون پاڻ ۾
مون لوڏان ئي لَکِيا، تہ هاجون ڪندا هي
ماريندا مون کي، پنهون نيندا پاڻ سين.

انهن "برو بگيرد وارن" ٻهراڙيءَ جون زمينون، جن تي سنڌ جي غريب عوام جي گذر بسر جو دارومدار هو، ناني ويڙهو ٺاهي، پاڻ ۾ وراهي کنيون، ڪن جي نالي تي جاگيرون ٿيون، ڪن خالصن جي صورت ۾ ورتيون، ڪن وظيفي ۽ چراغيءَ جو نالو ڏئي قبضي ڪيون. ملڪ جي اصل مالڪن کي نظرانداز ڪري سڀيئي اعليٰ عهدا بہ پاڻ ۾ وراهي ورتائون. گويا سنڌ جي قسمت ۽ ثروت جون واڳون مڪمل طرح انهن ٻاهرين جي هٿن ۾ اچي ويون ۽ سنڌين ويٺي فقط قدرت جو تماشو ڏٺو ۽ پنهنجي بدبختيءَ تي روئڻو ٿي رنو.

انهيءَ ناني ويڙهي جو تعداد تہ خدا ڄاڻي ڪيترو هوندو؟ ليڪن ڪجهہ واقعن جي سلسلي ۾، ڪنهن خاص صاحب اَختيار ماڻهن، عملدارن ۽ اميرن جا نالا تاريخ ۾ اچي ويا آهن، جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ سندن اقبال جو آفتاب ڪيئن نہ نصف النهار تي هيو.

1. امير فاضل ڪوڪلتاش
2. سلطان محمود بکري
3. سلطان علي ارغون
4. علي حسن ارغون

5. میر علیگ ارغون (خویش محمود بیگلار)
6. میر کیبک ارغون
7. میر فرخ ارغون
8. میر جُملہ ارغون
9. میر شاہ محمود ارغون
10. میر سفر ارغون
11. میر قاسم کیبک پوش
12. میرزا بیگ علي
13. شاہ حسن نکودري
14. میر محمد قلي
15. میر دوست میر آخور
16. میر سید قاسم
17. ملک محمد کوکو
18. میر ابو مسلم
19. میر محمود ساربان
20. سلطان محمد مُہر دار
21. میر عبدالرزاق
22. میر ابوالفتح
23. میرزا قاسم ایلچي
24. حمزہ بیگ
25. دولت خان
26. پاینده محمد قریشي
27. میر سلطان قلي بیگ
28. علي محمد کوکلتاش
29. دوست محمد
30. ہندو علي کابولي
31. میرزا شادمان
32. جوہر خان

33. امير قلي مُهردار
34. خواجه شمس الدين ماخولي
35. مير حميد بن محمود ساربان
36. دوريش محمد
37. حمزه بيگ
38. شير محمد
39. ميرزا قاسم
40. مير كوچك
41. يادگار محمد كوتوار
42. خواجه باقي
43. ميرزا قاسم
44. خواجه محمد حسين
45. فقير محمد ترخان (داماد عيسيٰ ترخان)
46. احمد ترخان
47. يار محمد ترخان (خواهر زاده عيسيٰ ترخان)
48. كوكو ترخان
49. زينك ترخان
50. محب ترخان
51. پاينده محمد ترخان
52.مير محمد مسكين ترخان
53. جاني ترخان
54. بابا احمد (برادر محمود بكري)
55. بابا چوچك (اتك سلطان محمود)
56. مراد بيگلار
57. سلطان مقيم بيگلار
58. سلطان قلي بيگلار
59. مير ابوالقاسم بيگلار-وغيره

انهن كان سوءِ سوين ٻيا امير هئا، جن جون چٽسالين واريون قيمتي

قبرون سنڌ جي عام قبرستانن ۾ خاص ڪري مڪلي جي گورستان ۾ ايا تائين ڏسڻ ۾ ايندیون، جن ۾ "يوم الحساب" تائين ڪيئي معلوم ۽ نامعلوم شخص زير زمين آهن. هر هڪ سان پنهنجو پنهنجو اُڏُ انهيءَ کان علاوه هيو.

اهي ماڻهو جڏهن هن نئينءَ دنيا ۾ جتي سندن اصل ۽ نسل کان ڪوبہ واقف ڪونہ هيو- پهتا، تڏهن منجهانئن هر هڪ مير امير، ميرزا، خان، بيگ، سلطان، مَلڪ ۽ خواجا کان گهٽ ڏيڪ-ويڪ وارو ڪونہ هيو. تاريخ ۾ انهن اضافي القابن سان سندن نالو ضبط ڪيو ويو آهي، حالانڪہ سواءِ ڪن جي، ٻئي ڪنهن جو نالو نشان سندن اصلي ملڪ يعني خراسان جي معاصر تاريخن اندر ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي، اتي چا هئا؟ ڪير هئا؟ حيثيت چا هئي؟ ثروت ڪهڙي هئن؟ اها خبر خدا ڪي! بهرحال هت پهچڻ شرط سڀ مال سندن ٿيو، ملڪ سندن ۽ ملڪيت سندن، اتي - ويني، هلي-چلي ۽ ڪارو اچو سڀ انهن جي قدرت ۽ قبضي ۾ هليو ويو. جتان آيا اتان هڪٻئي جا شراڪتي هئا. جڏهن هت پهتا، ان وقت بہ هڪٻئي جا پشتي بان، مددگار ۽ معاون ٿي رهيا. مقصد هڪ، مطلب هڪ، هڪ زبان ۽ هڪ ئي تهذيب. فڪري ۽ ذهني رجحان بہ اهوئي هڪ هيو. جيڪو فاتح جو مفتوح لاءِ غالب جو مغلوب ڏانهن يا مالِ غنيمت جي سلسلي ۾ تفسير ڪندڙ جو هوندو آهي.

شاهہ بيگ ارغون پهريون حاڪم ۽ ٻيو حاڪر سندس پٽ شاهہ حسن ارغون ٿيو. ٻنهي جي حڪومت جو دور 928هـ /1522ع کان 962 هـ /1555ع تائين يعني چوٽيهہ ورهيہ رهيو. انهيءَ مختصر عرصي اندر نٽي کان ملتان تائين مفتوحين جو جيڪو حال ٿيو، خلق خدا جي مال، ملڪيت، آبرو ۽ عزت سان جو سلوڪ ڪيو ويو، انهيءَ جا چند مثال نادانستہ ۽ اتفاقي طور تاريخ جي ورقن ۾ محفوظ رهجي ويا آهن، انهن مان بخوبي اندازو ڪري سگهجي ٿو. مثلاً:

❖ (شاهہ بيگ جي لشڪرين) نٽي شهر کي تاراج ۽ تباهہ ڪري، ذلت جي ڏوڙ باشندن جي منهن ۾ وڌي. [1]

❖ ٽلٽيءَ ۾ رهي، اتهن جي رهاڪن جي زندگيءَ کي فنا جي هوا ۾ اڏائي ڇڏيائين. [2]

❖ ماڇي قوم (قبيلي) جي ماڻهن، آڻ نٽي مَڇي ۽ اطاعت کان نابري واري

---

[1] شهر تتہ را تاراج نموده، خاک مذلت برفرق ساکنانش افشاند ند-(1).

[2] در تلتي مقام نموده خرمن حيات سا کنانش آن موضع رابباد فنا بر داد-(2).

بينا هئا. سيني جو قتلِ عام ڪيو ويو ۽ سندن مال ملڪيت کي غارت ڪري گهر گهاٽ، آبرو ۽ مان لاهي، سندن قلعي کي ڌاهي زمين برابر ڪري ڇڏيائون[1].

❖ فيصلو ڪيائون ته هن قوم (جتوئي بلوچ) جي باهه کي تلوار جي آب ساڻ اُجهايو وڃي...جڏهن مقرر ٽيل وقت پهتو، ان وقت سيئي هڪ پيري تلوارون مياڻ منهنجان ڪڍي مٿن ڪڙڪي پيا ۽ انهيءَ گروهه جي پڇاڻي آڻي ڇڏيائون. چنانچه هڪ ئي وقت گهڙي ڪن ۾ بلوچن جي ٻائيتاليهه ڳوٺن جو صفايو ٿي[2] ويو.[3]

❖ تيزيءَ سان هلان ڪري انهيءَ گروهه کي ته وبالا ڪري ڇڏيائون مطلب ته صبح کان وٺي سانجهي تائين قتلِ عام جي بازار ۾ رونق رهي ۽ تقريباً ويهه هزار ماڻهو صاف ٿي ويا[4].

❖ ۽ الور (اروڙ) کي جو اڳ سنڌ جو تختگاهه هو- ويران ڪري اتان جي پڪين سرن کي ڏوئي بکر آندو ويو...تُرڪن ۽ سمن جي عمارتن کي - جيڪي بکر جي آسپاس هيون-ڌاهي پڪيون سرون بکر واري قلعي ۾ ڪتب آندیون ويون.[5]

❖ جڏهن سيوراءِ جي قلعي وٽ پهتو، تڏهن تباهي ۽ بربادیءَ جي شروعات ٿي وئي. ٻيءَ ڏر جو جيڪو ماڻهو اکين چڙهيو ۽ هٿ آيو ان کي ترار هيٺان ڪڍيو ويو.[6]

---

(1) مردم ماچيان ڪ طغيان ور زيده، سر اطاعت وانقياد كشيده بودند، همه را بـ قتل رسانيدند، و اموالش أنهارا غارت نموده، خان و مان وقلعهٔ آنهارا بخاك برابر ساختند- (3).

(1) معصومي ص 114 (2) معصومي ص 117 (3) معصومي ص 120.

(2) ظالم جي تلوار ڪنهن بـ قوم يا قبيلي جي ڪيتري بـ نسل ڪشي ڪري، ليڪن ناممڪن آهي ته بچ ڪوٽي ڪري سگهي. اهو سندس قدرت کان ٻاهر آهي. جتي 42 ڳوٺن جي ننڍي وڏي کي ماريو ويو اتان اڄ صدين گذرڻ بعد بـ جتوئي قوم جي اڪثريت موجود آهي ۽ سندن سرداريءَ جو مرڪز بـ اڄ تائين آتان هليو اچي ٿو (شڪارپور).

(3) قرار دادند ڪ آتش اين قوم (جتوئي بلوچ) را بـ آب شمشير فرو بايد نشانيد...چون وقت موعود رسيد، همه بـ يكبار دست بـ شمشير كرده، كار آن گروه بي انجام را بـ انجام رسانيدند. چنانچه در آن واحد، چهل ودو موضع بلوچان مقموع و مقتول گرديد-(1).

(4) بـ سرعت تاخة زلزله دران گروه انداختند، القصه از صباح تا آخر پيشين، معركـ قتال آراسة بود و قريب بيست هزار آدمي در ميدان افتا دند- (2).

(1) معصومي ص 125 (2) معصومي ص 144.

(5) و قلعـ الور را ڪ سابقاً پايهٔ تخت بوده، ويران ساخة خشت پخة آن را بـ بهكر آوردند...عمارات مردم ترك وسمه- ڪ در حوالي بهكر بودند-اكثري را ويران ساخة بـ عمارت قلعـ بكار بردند- (1)

(6) وچون بـ قلعهٔ سيوراي رسيد بلوازم نهيب و تاراج اقدام نمودند، دستبرد نموده از مخالفان هركسي راڪ ميديد ند، بـ قتل مير سانيدند-(2).

سيوراءِ قلعي وٽ منزل فرمائي حڪم ڪيائين تہ: قلعي کي ويران ڪيو وڃي! اهڙي (مضبوط) قلعي کي هڪ هفتي اندر برباد ڪري زمين برابر ڪيو ويو.[1]

❖ راءِ زادي بهلول ۽ بين ڪيترن کي گرفتار ڪيو ويو. ميرزا (شاهه حسن) سندن قتل جو اشارو ڪري پاڻ شهر ڏانهن رخ رکيو. اوچتو قلعي جي دروازي کي ٽوڙي مارڌاڑ لاءِ هٿ وڌايائون...سردارن جي سسين کي نيزن تي چاڙهي لاڳاهن کي ڏيکاريو ويو. هنن لاچار ٿي هار کائي بُرجن ۽ قلعي جي ديوارن تان ٽپا ڏئي پاڻ کي مارڻ ۽ پڇڻ شروع ڪيو. حڪم مطابق اُڇَ جي ماٺهن مان جيڪو هنن جي هٿ تي چڙهيو، تنهن کي قتل ڪيو ويو ۽ شهر کي (دل کولي) غارت ڪيو ويو.[2]

❖ (دلاوَر جي قلعي ۾) ...چِتي جنگ شروع ٿي وئي...قلعي وارا بيشمار قتل ڪيا ويا باقي قَنجي پيا، جيکي بچي ويا، تن کي قيد ڪيو ويو.[3]

❖ ... ميرزا (شاهه حسن) جو لشڪر ساڻ ڪري، لنگر خان، بني ڪلوان (بني ڪلوڙان) تي چڙهائي ڪري ويو، جتان آنُ ۽ مال خواهه پيا ٽپڙ لٽي ڦري لشڪر گاهه تي موٽي آيو. فتحمند لشڪر، محاصرو ۽ محاربو شروع ڪري ڏنو.[4]

❖ ڏاريجن جي سردارن کي ساڻ ونئي آيو، جن مان سلطان محمود خان...ستاويهن ڇٽن کي مارائي ڇڏيو.[5]

---

(1) متصل قلعه سيورائي نزول فرمود و حكم كرد كه: قلعه را ويران سازند. آنچنان قلعه را در عرض **يک هفته به خاک يکسان ساختند**-(3).

(1) معصومي ص 124 (2) معصومي ص 150 (3) معصومي ص 151.

(2) بهلول راي زاده و جمعي كثير دستگير شدند. ميرزا (شاه حسن) اشارت به قتل آن جماعت كرد و همچنان از ميدان قتال روي بظاهر شهر آورده، دروازه قلعه را شكسته دست به استعمال ضرب وپيكار بردند... ناگاه سرهائي سرداران برنيزه ها كرده به آن مردم (لنگاه) نمودند، به يک مرتبه منهزم شده خود را از برج و باره انداخته راه نجات جستند، اما حسب الحكم هر كس از مرد م آچه بدست اين جماعت مي افتاد به قتل مي رسانيدند. و مردم شهر را غارت ميكردند- (1).

(3) (قلعه دلاور)...چون محاربه به اشتداد كشيد...بيساري از اهل قلعه مقتول و مجرُوع گشتند و معدودي كه مانده بودند، همه را دستگير كردند... (2).

(4) ...لنگر خان باعسا كر ميرزا (شاه حسن) بهُٹي كهلوان (؟ بني كلوڙان) را تاخة غل و مواشي **وساير اشيا را به اردو ئي ميرزا آورد و عساكر نصرت معاصر**، محاصر و محاربه كردند-(3).

(1) معصومي ض 153 (2) معصومي ص 156 (3) معصومي ص 157.

(5) از سرداران ڏاريجه باخود آورد، سلطان محمود خان... بيست وهفت كس را ازمردم **دهاريجه** به سياست رسانيدند-(1).

❖ تاريخن جو مسئلو شاهه بيگ جي خدمت ۾ سلطان محمود خان پهچايو...سلطان محمود خان گهڙيءَ اندر شهر ۾ پهتو ۽ راتو رات سيني مڙسن جي گردن هٽائي لاشن کي انهيءَ بُرج تان هيٺ درياهه ۾ اڇلرايو ويو جيڪو "خوني برج" [1] جي نالي سان مشهور آهي.

❖ ميرزا (شاهه حسن)...فرمايو...جيڪو به حڪم جي انحرافي ڪري، ان جي سر کي نيزي جي نوڪ تي چاڙهيو! ۽ اُڇ جي قلعي ۽ انهن جي عمارتن کي مهندم ڪرڻ جو حڪم فرمايائين. عمارتن جي ڪاڻ کي ٻيڙن ۾ وجهي بکر آندو ويو. [2]

❖ مير عبدالفتاح (سلطان محمود جي پاءُ)...ڪيترن بلوچن ۽ ٻين ماڻهن (سنڌين) کي قتل ڪري ڇڏيو. [3]

❖ ٽيهه ڇٽا سندس (سلطان محمود) شمشير جي ضرب سان قتل ٿيا. [4]

بي واهن جي ڪشت و خون واري انهيءَ شاهاڻي شغل ۾، لشڪر-جنهن لاءِ مير معصوم "بهادر" جو لفظ ڪتب آندو آهي-ٻن سون سنڌي مظلومن کي شهيد ڪري ڇڏيو. عبارت جو انداز هي آهي: "دويست کس از اعدا را بخاک هلاکت انداختند و ساير بلوچان حال بدين منوال ديده بدر رفتند."

❖ هُنن... ڪاهان ۽ باغبان جي ڳوٺن کي اچي قُريو...انهيءَ لُٽ ۾ ائٽن ۾ وهندڙ هزار اُٺ ڪاهيو هليا ويا. [1]

❖ ملتان ۾ ڏڪار ۽ آن جي اٽاٽ سبب ڍڳي جي مُندي ڏهن ٽنڪن ۾، ان جو مڙ ملتاني حساب سان هڪ سؤ ٽنڪي تائين پهتو. گهٽا ماڻهو ته ڍڳن

---

(1) سلطان محمود خان معاملهٔ دهاريجه به عرض شاه بيگ رسانيد...سلطان محمود خان در ساعت به شهر رسيد و شباشب آن مردم را گردن زده، از برجي که مشهور به "خوني برج" (2) است، به زير انداخت-(3).

(2) ميرزا (شاهه حسن)...فرمود:...هر کيس که خلاف حکم نمايد، سر اورا بر نيزه کنند و به تخريب و انهدام و قلعه و عمارات اوجه حکم فرمود. چنانکه چوب عمارات به کشتي انداخة به بهکر آورد ند-(4).

(1) معصومي ص 123 (2) بکر جي قلعي جو هڪ برج "خوني برج" سڏيو ويندو هيو، جاکاڻ ته اتان ماڻهن کي هيٺ اڇلائي ماريو ويندو هو. (3) معصومي ص 123 (4) ص 253.

(3) مير عبدالفتاح برادر سلطان محمود... جمعي کثير از بلوچ و مردم ديگر را به قتل رسانيدند...(1).

(4) سي کس بضرب شمشير او (سلطان محمود) مقتول گشتند- (2).

(1) آن جماعه...قريه کاهان وباغبان را آمده تاختند...درين تاخت هزار شتر از چرخهائي باغات، که شب کار ميکردند، بردند-(3). (3) معصومي ص 110.

جون ڪلون ۽ چمڙا، جيڪي ڪائڻ جا ئي نہ آهن، ڪائي رهيا هئا. حالت هيءَ تي جو ڪُتو ۽ ٻلو بہ ائين ئي ڪاڏائون تي جيئن هرڻ يا چيلو ڪائجي. نيٺ (مجبور) ماڻهن ٻيو چارو نہ ڏسي ڪُسٽ ۽ مرڻ قبول ڪري قلعي تان پاڻ ڪي هيٺ ڪاهيءَ ۾ اچلائڻ شروع ڪيو. [1]

گهيري جي مدت جڏهن هڪ سال تائين سانده هلي ۽ قلعي واريءَ مخلوق جي ساهہ تي اچي بيني ۽ ڪاتي ڪنڈ متان ڏنائون، (يعني معذور، مجبور ۽ لاچار تي پيا) ان وقت 11-تاريخ ربيع الثاني 933 هـ جو بهادر ارغونن، ساهہ ڪيندڙ تيرن جي بوڇاڙن سان، جسمن کي جان کان آجو ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. صبح جو هڪ ٽولو ٻالن ۽ گُرزن سان (قلعي جو "لاهوري دروازو" پڄي اندر لنگهي پيو. پوءِ تہ حدون ٽپي بيدرديءَ ۽ نهايت بيرحميءَ سان قتل، غارت، لُٽ قُر ۽ مارڌاڙ شروع ڪري ڏني. ستن سالن کان ونی ستر سالن تائين جيڪو هٽ چڙهين تنهن کي باندي ڪيائون. ملتانين متان ڇڻ ڪاري قيام اچي ڪتي، جيڪي پڄي سگهيا، تن وڃي خانقاهہ (بهاؤ الدين ذڪريا ۽ رکن عالم) ۾ پناهہ ورتي. ڏهہ- ٻارنهن ڏينهن شهر ۾ اهو حال رهيو. محب علي ترخان ان کان پوءِ وري خانقاهن ڏانهن رخ رکيو، اتي جنهن کي لڌائون تنهن کي ماريائون ۽ خانقاهن کي بہ باهيون ڏئي بزرگن جي مزارن کي رتوچاڻ سان ڳاڙهو ڪري چڏيائون.

لاڪاگهہ ۽ ملتاني گهٽو ڪري انهيءَ غارتگريءَ ۾ قتل تي ويا ۽ قيمتي هيرا جواهر ۽ ٻيو مال خزانو جڏهن سيئي مغلن جي هٽ چڙهيو ۽ لڌجي بينو تنهن کان پوءِ وڃي، ميرزا شاهہ حسن جي ڪاوڙ لڌي ۽ لشڪر پنهنجون تراريون مياڻن ۾ وڌيون... [2]

---

[1] در شهر ملتان قحط و غلا عظيم روئي نمود، چنانچه کله گاؤ به ده تنکه و قيمت يک من غله به سنگ ملتان به صد تنکه رسيد. و اکثر مردم به پوست و چرم گاوي که شايسته خوردن نبودي، ميگذرانيدند. و اگر احياناً سگ و گربه بدست مي افتاد، گوشت آن را در رنگ حلوان و بره ميخوردند... آخر الامر مردم کشته شدن بخود قرار داده از با روي قلعه، خود را به خندق مي انداختند -(1).

(1) معصومي 108.

[2] چون ايام محاصره بيک سال طول کشيد، واهل حصار را کار بجان، و کارد به استخوان رسيد. دريازدهم شهر ربيع الثاني 933 هـ بهادران ارغون بزخم تير جانگداز، قالب اکثري را تهي ساختند، عاقبت جمعي به زور تير و گرز وقت سحر دروازۂ لوهاري (لاهوري) را شکسته به شهر آمدند، و دست از آستين بيدادي بر آورده شروع به قتل و نهيب و تاراج کردند و سکنۂ شهر از *(ماتندڙ)*

❖ سال 945 هـ جي اوائل ۾ (شاهه حسن) راڌڻپور کان نڪي راهي ٿيو. واٽ هلندي جاڙيجن ۽ سودن کي جيئن جو تيئن لُٽيندو ۽ قتل ڪندو ويو. [1]

❖ ملا درويش محمد انبار دار کي سلطان محمود جي گهر اڳيان ڦاهيءَ تي چاڙهيو ويو. مقدمن مان هر هڪ هالي ۽ عمر شاه جي، ڪل لهرائي وئي ۽ لاشن کي بکر جي دروازي ۾ ٽنگرايو ويو. [2]

❖ مجاهد خان جي ماءُ صالحه بيگم جنسي باهه ۾ پاري ڇڏي. بيمار ماڻهو جيڪي (علاج لاءِ) قلعي کان ٻاهر ٿي نڪتا، تن جا پيٽ چيرائي ڏنائين ٿي جيئن پئسا کنيو نه وڃن. قلعي وارن جڏهن اهو حال ڏٺو تڏهن هنن قلعي ۾ رهي مرڻ بهتر چاتو ۽ صبر ڪري ويهي رهيا. [3]

اهو خلاصو آهي، انهن غير ملڪي قبضيدارن جي دؤر ۽ طرز حڪومت جو، جنهن ۾ سنڌ جا باشندا پنهنجا ڏينهن ۽ پنهنجون راتيون رت ۾ گذاري رهيا هئا. انهيءَ ڏڇي ،ڏوجهري ۽ وحشي پڻي جي حالت ۾ ڪنهن کي يقين ڪونه هو ته ايندڙ گهڙيءَ ۾ ڪير رهندو ڪير.مرندو.

ميو سيد صفائي-خدا متس رحمت ڪري — انهيءَ دؤر هلندي هتي وارد ٿيو. ۽ آيو لٽيرن جي انهيءَ ئي قسمت آزمائيندڙ رولو ٽولي سان، پر ماڻهوءَ ماڻهوءَ ۾ فرق آهي، پنج ئي آگريون برابر ڪونه آهن. خراسان ۾ پيدا ٿيل بدامنيءَ سبب سندس لاءِ ٻيو ڪو چارو ئي ڪونه هو ته انهن پاڇو ڪڙن سان گڏ يا انهن

هفت سال تا هفتاد به بند رفتند، و آن چنان حادثه به ملتان روي داد که ياد از قيامت ميداد... بعد از ده دوازده روز که شهر را غارت کردند. محب علي ترخان باجمعي به خانقاه رفته، مردمي زا غارت کرده و آتش دران بقعه انداخت و خون بسياري دران مزار ريخت و مردمي لنگاه و سپاه ملتان اکثري در قتل عام کشته شدند، و دران تاراج جواهر نفيس و نقود تا محدود بدست مغول و سپاه افتاد، بعد ازان ناپرۀ غضب ميرزا شاه حسن تسکين گرفته- (1).

(1) در اوايل سنه خمس و اربعين و تسع مايه (945 هـ) از راه رادن پور، عازم تهته شد، و (شاه حسن) در حين مراجعت مردم جاريجه و سوده را قتل و نهب عجيب نمود (2).

(1) معصومي ص 159 (2) معصومي ص 164.

(2) ملا درويش محمد انبار دار را در برابر خانۀ سلطان محمود (بکري) بدار کشيدند و مقدمان هر يک هالۀ و عمر شاه را درميان دروازه بکر، پوست کندند (3).

(3) مادر مجاهد خان صالحه بيگم دست تعدي دراز نموده، بيماران راکه، از قلعه بيرون مي رفتند، شکم آنهارا پاره کرده تجسس زرمي کرد، چون اهل قلعه مشاهده آن حال نمودند. مردن خود را درون قلعه بهتر مي دانستنه (2).

(1) معصومي ص 178 (2) معصومي ص 235.

جي پنڌيان اچي. ترڪ وطن بعد هيءُ ئي ملڪ ويجهو هو. واقف ۽ هم زبان ۽ هتي اچي پهتا هئا، تنهنڪري سنڌ ۾ سندس ساڪن ٽيڻ قدرتي امر هو.

انهيءَ قسم جي شرفائن جا ٻيا ۽ ڪيترائي قافلا هتي اچي پهتا هئا جهڙوڪ: نٽي جا شڪر الاهي، شيرازي، مازندراني، عرب شاهي، سبزواري، پوراني، بيگلار ۽ اهڙيءَ طرح بکر جا سيد، رضوي، عريضي، ميرڪي، قطب شاهي وغيره. جن ۾ اڪثريت عالمن، بزرگن، زاهدن ۽ اهل علم ۽ اصحاب قلم جي هئي، جن سنڌ کي وطن سمجهي، هن سر زمين سان لئون لائي گهٽو ڪجهه ڏنو. ظاهر آهي ته جڏهن سيئي هم وطن ۽ هم جنس پاڻ ۾ گڏيا ۽ اتفاق سان ملڪ ۽ ملڪ جي حڪومت تي ۽ اتهن وارن جو قبضو هو، جن مان ڪيترا سيد مير صفائيءَ جا شخصي طرح واقف، معتقد يا صاحب سلامت وارا هوندا، تنهنڪري قدرتاً پنهنجي وطن جهڙيون، بلڪ گهٽن حالتن ۾ ته وطن کان ۽ وڌ سهولتون ۽ آسانيون ڪيس ميسر ٿي ويون.

مير سيد صفائي نه فقط پنهنجي ذاتي خوبين ۽ شخصي صلاحيتن يعني زهد، تقويٰ، دينداري ۽ پرهيزگاري سبب ممتاز هو، بلڪ پنهنجي ثروت مندي ۽ ظاهري شان شوڪت سبب پڻ هڪجهڙن ۾ ڪين خصوصي مرتبو ۽ برتري حاصل هئي، مال اسباب جي فراواني، گولَن ۽ بانهن جي قطار، ڏيڻ ونڻ ۽ دسترخوان جي ڪشادگي، هر ڪنهن سان نوڙت ۽ ميناج سان اٺڻ ويهڻ، اهي سڀيئي اهڙيون وصفون هيون، جن سندس دنيوي جاه و جلال کي آسمان تي پهچائي ڇڏيو. جڏهن هن سکر ۾ پير پاتو ان وقت اتان جي حاڪم سلطان محمود بکريءَ جو ڪيس تقرب حاصل ٿي ويو. جيڪو پنهنجي زشت فطرت ۽ درشت سيرت سبب آيل سيني غير ملڪي قبضيدارن ۾ ظالم ترين انسان ۽ بدترين قسم جو حڪمران هو ۽ سنڌ اندر وڌ ۾ وڌ بدنام هو. مير معصوم پنهنجي تاريخ ۾ سندس متعلق جيڪي ڪجهه لکيو آهي انهيءَ ۾، هو انهيءَ ڳالهه کي لنوائي نه سگهيو ۽ ڪيس لکڻو پيو ته:

"مزاج ۾ سختي ۽ ازحد تڪائي هيس، جڏهن ڪاوڙ ايندي هيس ته انهيءَ تي ڪنهن بہ صورت ضابطو ڪري ڪونہ سگهندو هو. خونريزي ڪندي ڪوبہ ترس نہ ايندو هيس، ٿوري گهٽي گمان ۽ شڪ پوڻ تي ماڻهوءَ جو خانو خراب ۽

گهر ٻار برباد ۽ اجاڙ ڪري ڇڏيندو هو.[1]

مير معصوم پنهنجي والد جي انهيءَ مربيءَ ۽ پنهنجي پهرين ولي نعمت جي تعريف ۾ ڪئي آهي، ليڪن هو پنهنجي ڪرتوتن سبب انهيءَ حد تائين رسوا ۽ بدنام هو جو متينءَ مختصر عبارت لکڻ کان سواءِ ڪيس کو چارو ڪونہ هو.

اهڙي حاڪم جي سرپرستي حاصل ٿيڻ کان پوءِ بخوبي سمجهي سگهجي ٿو تہ سيد صفائي جو دنيوي اثر، ڏيک ويک ۽ شان مان ڪهڙي حد تي پهتل هوندو ۽ ظاهري دٻدٻي جي ڪهڙي ڪيفيت هوندي؟ خاص ڪري اهڙيءَ حالت ۾ جڏهن تہ مذهبي اداري جو اعليٰ ترين عهدو ۽ سندس حوالي ڪيو ويو. يعني ولايت بکر جي سموريءَ حد جو "شيخ الاسلام" پاڻ مقرر ٿيو.

سيد صاحب، خواهہ پايهٔ تختگاهہ نٽي جي شيخ الاسلام سيد شڪر الله شيرازيءَ جو زهد، پرهيز گاري، خدا پرستي ۽ خدا شناسي بلاشڪ هڪ طرف، ليڪن اهو معلوم نہ آهي تہ ديني علم ۾ ٻنهي جو درجو ڪيتريقدر هو ۽ "شيخ الاسلام" هجڻ لاءِ جيڪي علمي ڇاڻ جا لوازم هئا انهن ۾ سندن مرتبو ڪهڙو هو. ٻنهي بزرگن جي ظاهري شان ۽ شوڪت جود و سخا، زهد ۽ تقويٰ جي تعريف تہ دل کولي ڪئي وئي آهي، ليڪن سندن مذهبي تعليم جي ڇاڻ ۽ ان ۾ سندن حاصل ڪيل پائي جي بيان ۾ هڪ لفظ ۽ ڪونہ لکيو ويو آهي؟ جنهن مان معلوم ڪري سگهجي تہ آيا هو انهيءَ مذهبي مرتبي ۽ عهدي جا ڪيترو قدر اهل ۽ لائق هئا؟ نٽي جي شيخ الاسلاميءَ تي سيد شڪر الله شيرازيءَ جو فائز ٿيڻ ۽ سندس وفات بعد شيخ محمد هرويءَ کي اُچ مان گهرائي مقرر ڪرڻ، اهڙيءَ طرح بکر ۾ شاهہ قطب الدين[2] جو شيخ الاسلام ٿيڻ ۽ انهيءَ بعد مير صفائيءَ جي تقرر جو مذهبي خواه دنيوي نڪتہ نگاهہ سان جواز معلوم ڪرڻ ۾—جيڪڏهن انهيءَ وقت جي محڪوم ماڻهن کي ڪٽي نظر انداز ۽ ڪجي تاهم-سنڌ جي ايندڙ آزاد نسلن يا گهٽ ۾ گهٽ تاريخ جي عدالت کي تہ آساني ٿئي ها ۽ قائل ٿيڻ جو موقعو ملي سگهي ها، تاڪ سنڌ اندر ان وقت، جيڪي عظيم ترين عالمِ دين موجود هئا، انهن جي مقابلي ۾ مذڪوره بزرگن جو تقرر هر صورت ۾ هر لحاظ سان اڻ ٽر ۽ جائز هيو. مثلاً: هينئن سنڌي

---

[1] حدت مزاج او، در نهايت استعلا بود، چون در غضب آمدي، ضبط خود ۽ هيچ وجهہ نتوانستي، و در خون ريزي ملاحظ نہ داشت، و ۽ اندک توهم و بد گماني خان ومان مرد مي بر مي انداخت-(ص 236).

[2] معصومي ۾ آهي تہ: بعد فترت ترکمانيد ۽ بلاد سند تشريف آورده، در بلدهٔ سکر سکونت نمود ند...مشارالٻه متقي و متشرع بوده (ص 144-197).

عالمن مٿان هر صورت ۾ کيس فوقيت ۽ برتري حاصل هئي چا؟

مخدوم بلال: زهد تقويٰ ۾ بينظير هجڻ کان علاوه تفسير ۽ حديث ۾ سندس جهڙو في زمانہ ٻيو ڪوبہ هيو. مير معصوم خود لکي ٿو تہ: قلم کي طاقت نہ آهي جو سندن سيئي فضيلتون بيان ڪري سگهي. ديني علم خواهہ طريقت ۽ تصوف ۾ سندس ڪوبہ ثاني شريڪ نہ هيو.

قاضي ڏتو: ديني علم ۾ تمام وڏي مرتبي جو مالڪ هيو. مذهب ۽ حوالي جي ڪتابن جا صفحن جا صفحا ياد هيس. علم ۽ فضل ۾ امام جارالله [1] جي برابر هيو. خود شاهہ حسن ارغون ۽ مير معصوم بہ ڪانئس فيض ورتو ۽ علم پرايو هيو.

مخدوم رڪن الدين: ڪيترن ڪتابن جو مصنف ۽ مير معصوم جي قول مطابق "يگانئہ عصر" هيو.

مخدوم ميران: معقول ۽ منقول ۾ جامع الحيثيات ۽ شاهہ حسن ارغون جو استاد هيو. "وارث الانبياءَ" سندس وفات جي تاريخ آهي.

مولانا ضياءالدين: ديني علمن ۾ جامع ۽ ڪامل سنڌ اندر سندس شخصيت وڏي احترام ۽ ادب سان ڏني ٿي وئي.

مخدوم فضل الله: عالم، فاضل ۽ علم جي ڪيترن شعبن ۾ پاڻ ڪامل ۽ اڪمل هيو.

مولانا يوسف: متدين، پرهيزگار ۽ شرعي علمن ۾سندس ڪو عديل ڪونہ هيو.

مولانا عبدالله مفتي ملتانيءَ: لاءِ خود مير معصوم جو قول آهي تہ "سڀ پڇ تہ علوم عقليہ جو معتبر عالم هيو ۽ حدت طبع ۽ دقت ذهن ۾ بلند ترين مرتبي جو حامل هيو.

مخدوم قاضي عثمان درپيلائي: معقول ۽ منقول جي سيني قسمن ۾ لاجواب بزرگ ٿي گذريو آهي.

اهي بزرگ ۽ انهن کان سواءِ ٻيا ڪيئي عالم فاضل سنڌ ۾ موجود هئا، جيڪي ديني منصبن تي فائز ٿيڻ جا هر طرح لائق ۽ هر لحاظ کان فائق هئا،

---

[1] امام اعظم علامۂ ابوالقاسم محمود بن عمر بن محمد بن احمد. دين جو عالم، اديب، مفسر ۽ نحوي. ز مخشر (خوارزم) جو ويڙل (467-538 هـ) مدتون خاني ڪعبي جي مجاوري ڪندي گذاريائين. جنهنڪري مٿس لقب "جارالله" يعني خدا جي گهر جو پاڙيسري بڻجي ويو (دهخدا ص 3).

ليڪن ملڪ جي واڳڻ تي قابض ٽيڻ بعد، ارغونن مذهبي منصبن کي پنهنجن جي ئي قبضي ۾ رکڻ مناسب سمجهو. جيئن سندن حاڪماڻي فيصلن ۽ منصوبن کي مذهب جي پشتي باني آساني سان ميسر ٿي سگهي-قبضيدارن جون پنهنجون مصلحتون ٽيون ۽ اهي عالم آشڪار آهن. يزيد کان وٺي چنگيز ۽ هلاکوءَ کان تيمور تائين مڙني جي پاليسي اها رهي آهي.

سنڌ جي مذهبي پيشوائن ۽ دين جي عالمن بهرحال انهيءَ پاليسيءَ کي شدت سان محسوس ڪيو ۽ پانئجي ٿو ته اهوئي سبب ٽيو، جو انهن مان ڪن قطعي گوشه نشيني اختيار ڪئي ۽ جيڪي زياده حَساس هئا، تن روز روز جي اُرَه زورائين، غلط ڪارين ۽ بي انصافين ڏسڻ کان مرڳوئي هتان لڏي ذهني اذيت ۽ فڪري عذاب کان نجات حاصل ڪئي. قاضي عبدالله ۽ شيخ عبدالله گجرات ويا، اتاهون مدينه طيبه هليا ويا. شيخ عيسيٰ سنڌيءَ وارا متن مائٽن دوستن يارن ۽ اهل عيال سميت برهان پور طرف اهڙيءَ ريت لڏيا جو وطن ڏانهن دوبارو واجهائي ڪونه ڏنائون. پرديس ۾ فقط سنڌي ڪافيون ٻڌي اندر ئي اندر ۾ پيا ڪڑهندا هئا. اهڙيءَ ريت هتان جا اصحاب علم ۽ اصحاب فڪر و نظر بهر صورت مهاجر پائرن يا اچوڪي اصطلاح مطابق پناهگيرن جي تُرڪ تازن لاءِ پنهنجي اباڻي ملڪ کي ٽي طلاقون ڏيون هليا ويا.

سيد صفائي عليه رحمت جي دؤر جي پوري سياسي ۽ ملڪي حالتن جو جيڪڏهن صورتحال ذهن ۾ رکبو ته سندس مقام ۽ حيثيت متعين ڪرڻ ۾ ڏکيائي ڪانه ٿيندي. سيد صفائي جنهن وقت "شيخ الاسلامي" جو منصب سنڀاليو (977 هـ) ان وقت سنڌ جي هيٺين حصي تي عيسيٰ ترخان جي پٽ ميرزا باقيءَ (973-993 هـ) جهڙي پاپيءَ ۽ جنونيءَ جي حڪومت هئي. جنهن جي ڪرتوتن جي پيڙا ۾ هيٺين سنڌ جا مجبور باشندا پنهنجا شب و روز گذاري رهيا هئا—گويا سنڌ جي ٻنهي حصن تي اهڙا ظالم حڪومت ڪري رهيا هئا، جيڪي جبر، تشدد، غضب ۽ قهر ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئا. شاهه بيگ ۽ شاهه حسن ارغون جي ظلمن جو اهي ٻئي حاڪم ڇڻ تتمو ۽ تڪملو هئا.

سلطان محمود بکري، سيد صفائي جي جيئري (982 هـ) فوت ٽيو ۽ جڏهن سيد صفائيءَ هي جهان ڇڏيو (991 هـ)، ان وقت هندستاني مغل بادشاهه اڪبر جي صوبيدارن کي بکر جي حڪومت جون واڳون ورتي نَوَ سال ٿي چڪا هئا.

باب ڇهون

سيد صفائي جا آثار

سيد صفائي، ظاهر آهي جڏهن سکر (بکر) ۾ وارد ٿيو، ان وقت عارضي طرح ڪنهن سنڌيءَ جي جاءِ ۾ مقيم ٿيو هوندو، جيڪا حڪومت طرفان ڪيس ملي هوندي. ڪجهه عرصي بعد هُن اطمينان سان پنهنجي حويليءَ، اوطاق ۽ ضرورت جون ٻيون جايون ٺهرايون هونديون. حويليءَ ۽ اوطاق جي ايراضي تمام ڪشادي ۽ آبرو منداڻي هوندي. نوڪر غلام، پورهيتون ۽ ٻيون خدمتگار عورتون يا اٽالو سپ جا سپ انهيءَ ئي جاين خواهه ايراضيءَ اندر رهندو هوندو يا حويليءَ جي آسپاس انهن لاءِ جدا جايون ٺهيون هونديون. ٻاهر جي اوطاق يا مردانو حصو وسيع ۽ ڪشادو هيو، جنهن ۾ آيو ويو ٽڪندو هيو. سندس پنهنجي ڪچهري ۽ مجلس منعقد ٿيندي هئي ۽ اهو مردانو حصو ايترو ته ڪشادو هيو، جو انهيءَ جي هڪ حصي ۾ مدرسو هيو، جنهن ۾ ڪنهن وقت مولانا عبدالخالق گيلاڻيءَ ڪيترو وقت درس-تدريس جو شغل جاري رکيو.[1]

تاريخ ۾ سندس حويليءَ ۾ هڪ جامع مسجد جو ذڪر ملي ٿو. ميرِ معصوم باوجود هن جي ته هو شخصي طرح يادگاري جاين ٺهرائڻ جو شوقين هو، پر پنهنجي پيءُ جي آثارن جو ڪوبه ذڪر ڪونه ڪيو آٿائين، فقط لکي ٿو: "خير جي آثارن مان، هڪ جامع مسجد آهي، جيڪا هُن منبع انسان پنهنجي حويليءَ جي پر ۾ جوڙائي."[2]

انهيءَ عبارت مان ظاهر آهي ته مسجد جامع کان سواءِ هُن بزرگ کي ٻيو خير جو يادگار ڪونه جوڙايو. پوين تذڪرن ۾ پڻ سندس حويليءَ ۽ انهيءَ جامع مسجد جو ذڪر آيو آهي، جنهن جو ماخذ تاريخ معصومي آهي. مثلاً: ماثر رحيميءَ جي مصنف ساڳي عبارت لکي آهي:

"مسجد جامع بهکر از بنا هائ خير ايشانست."[3]

جيتوڻيڪ "از بنا هاي خير" جي فقري مان ظاهر ٿئي ٿو هُن کي ٻيون به

---

[1] معصومي ص 217.

[2] معصومي 238- از آثار خير آن منبع احسان است مسجد جامع که در جوار منزل ايشان است.

[3] ماثر رحيمي 2: 336.

خير جون جايون يادگار ڇڏيون. ليڪن اهو فقرو ميو معصوم جي "از آثار خير آن..." جي ٻي صورت آهي.

ذخيرة الخوانين جي مصنف البت مسجد جي گنبذ جو عبارت ۾ اضافو ڪيو آهي. مصنف پاڻ بڪر جو هيو. ڪتاب جيتوڻيڪ تقريباً هڪ صدي (1060 هـ) بعد لکيو اٽائين، ليڪن بعيد نه آهي ته جوانيءَ ۾ هن پاڻ مسجد ڏٺي هجي. عبارت آهي:

"دروازه حويلي خود در قصبهٔ سکر، مسجدي جامع باگنبذ عالي بنانمود". [1]

انهيءَ عبارت مان نه ڇڙو گنبذ عالي جو پتو پوي ٿو. بلڪ جاءِ وقوع بہ ظاهر ٿئي ٿي. گويا مسجد حويليءَ جي دروازي وٽ هئي ۽ اڳين دؤر جو دستور بہ اهوئي هيو. مسجد هميشہ حويليءَ جي وٽ ۾ گهٽو ڪر دروازي جي اڳيان هوندي هئي. مسجد نہ ڇڙو عبادت گاهہ ٿي ڪتب آئي ٿي، بلڪ پاڻ ۾ گڏجاڻي جو مرڪز پڻ هوندي هئي. بزرگن ۽ الله وارن جي ڏينهن جو اٽڪ-ويهڻ ۽ گذر-بسر گهٽو ڪري الله جي گهر ۾ ئي ٿيندو هو.

انهيءَ مسجد لاءِ قول آهي ته سيد صفائي (960 هـ) ۾ ٺهرائي، جنهن وقت شاهہ حسن ارغون اجا حال حيات هو ۽ محمود بکري سندس طرفان سکر ۾ نائب هيو. مسجد کي ڪيئي صديون گذري ويون، خاندان وڏي ۽ پراڻي سکر ۾ جدا جدا جايون ٺاهي ويٺي، حويلي ڍهي وئي، اهي انگ اکر بہ مٽجي ويا، اهو جغرافيو بہ بدلجي ويو ۽ مسجد بہ بالاخر ويران ٿي ڍهي وئي.

انگريزن جي دؤر ۾ ٽي سال کن ته بلڪل ڊنل رهي جنهن بعد خاندان جي هڪ فرد سيد سڪندر علي شاهہ معصوميءَ ٽيهن سالن جي ويراني بعد پراڻن بنيادن تي وري نئين سر اڏاوت ڪري 14- شعبان 1309 هـ جي ڏينهن مسجد کي مڪمل ڪيو ۽ شايد ساڳي ڏينهن نمازين کي مدعو ڪيو. خاندان جي هڪ ٻئي فرد سيد صابر علي شاهہ مسجد تي هيٺيون تاريخي ڪتبو هنيو، جنهن مان تاريخ بنا ۽ ٻيو احوال معلوم ٿئي ٿو:

صدرِ دين، سيد صفائي الحسيني ترمذي
رهنما دينِ محمد، هادي لات و عزيٰ
بلبلِ باغِ کرامت بود، آن صاحب سخا
برسرِ غربا کشاده کو دو دستش از عطا

---

[1] ذخيره 1: 120- 121

تاجِ سرِ معصوم شاه تاجِ سرش بُد مرتضيٰ
بر شرعيت بود قائم، واصل درگهِ خدا
درخجسة سال ذُه صدشَصت، با امرِ خدا
كرد اين مسجد بنا، با چارگنبذ عرش سا [1]
آنچه داده بود ضانع، نقش را صنعت دران
روضهٔ رضوان گوير يا سماي زرفشان
در حكومت قوم عيسيٰ، اين چنين مسجد قديم
منهدم كردند، او را ناظمان، اهلِ جحيم
بعد ازان، اين مسجدي، سه سال ويران بُد تباه
بعد سه سال اين بنا شد، مسجدِ رضوان گاه
در بِنايش زيب دادش سيد سكندر علي
با رضاي ذوالمنن، بن سيد عباسِ علي
آن خجسة يک هزار وسه صدو نهه سال بود
چار ده شعبان ز مه، تاريخ فرخ فال بود [2]
گفت تاريخ بنا، اين مسجدِ صابرعلي
هست از اولاد سيد مير معصومِ علي

مسجد غالباً پراڻي ته ٿي چڪي هئي. ليڪن انگريزن جي ناظر، خبر نه آهي ڪهڙي سبب سان ان کي منهدم ڪيو ۽ ٿي سال ڪن صفا ويران رهي.

مسجد سيد قوت علي شاهه صاحب معصوميءَ جي بنگلي جي اوپر ۾ اڄ به موجود آهي، نهايت سادي ۽ گنبذن کان سواءِ ۽ بلڪل معمولي ڏيک اٽس. راقم الحروف 10- جنوريءَ 1962ع جو ان کي ٻاهران ڏٺو. دروازو بند هيو. تنهنڪري اندران ڏسڻ ڪونه ٿيو. پائنئجي تو ته موجوده عمارت اها نه آهي، جيڪا سيد سڪندر علي شاهه نهرائي. بنياد ممڪن آهي قديمي هجي، ليڪن عمارت سيد سڪندر علي شاهه واري نه آهي، ڇاڪاڻ ته خود شعر ۾ جيڪا تعريف ٿيل آهي، تنهن جو نالو نشان نظر ڪونه ٿو اچي.

سيد صفائيءَ جي خاص حويلي پائنئجي تو، سيد قوت علي شاهه صاحب جي بنگلي واري جاءِ تي هئي. بهرحال اهي قديمي انگ اکر متجي ويا آهن. هنڌ ۽ ماڳ اهي پر جايون ۽ جَت اهي ڪونه آهن!

---

(1) بيت 4- 8- 9 "حيات معصوم" ۾ آيل آهن (ص 13- 14).
(2) 14 مارچ 1892ع.

باب ستون

ميرمعصوم جي ولادت

جيئن گذريل صفحن ۾ بيان ڪيو ويو آهي، ميرمعصوم پنهنجي والد جو ننڍو فرزند هو. هڪ قطعي جي روايت مطابق پاڻ 7- رمضان المبارڪ سومر ڏينهن 944 هـ (7- فيبروري 1528ع) جو هن دنيا ۾ آيو:

در مه رمضان به شب، ديدير در هفت آسمان
جمع هاي از ملايک، هر صف کروبيان
بود در صفهاي آن، اين غلغله، اي دوستان!
البشر! سيد صفائي را، ز درگاه، منان
ميشود پيدا به خانه ات ولد صاحب ذوالکرام
نام او "نامي" بود، چون شمس روشن درجهان
دايما باشد ثنا خوان خدا و الرسول
دايما باشد خدا راضي، برو صاحب قران
شد طلوع آن شمس، درخانه صفائي از خدا
از بروج نيک، در ساعت سعيد، آن شدعيان
بود آن تاريخ هفتم ليل دوشنبه از صيام
سال نه صد چهل بود، از وي زوائد چار دان

انهيءَ قطعي جا آخري ۾ شعر خانداني شجري جي حوالن سان پهريون پير علي محمد شاهه راشديءَ "حيات معصومي" ۾ چپيا ۽ ان کان پوءِ مرحوم ڊاڪٽر دائود پوٽي پنهنجي مقدمي ۾ آندا.[1]

اهو قطعو ظاهر آهي ته ميرمعصوم جي زندگانيءَ کان گهٽو پوءِ ڪنهن چيو آهي. هڪ ته منجهس نامي تخلص بن معنائن ۾ ڪتب آندو ويو آهي ٻيو شعر ايترو ضعيف ۽ فني لحاظ کان بي تڪو آهي جو پائنڊجي تو چوڏهين صديءَ جي ابتدا ۾ خاندان جي ڪنهن فرد اها طبع آزمائي ڪئي تي ڏسجي.

ميرمعصوم رجب 1012 هـ (ڊسمبر 1603ع) ۾ ايران پهتو. ڪاشان[2] ۾

---

[1] حيات ص 15 مقدمه ط باقي بيت پير علي محمد شاهه راشديءَ جي نوٽ بڪ تان ورتا ويا.

[2] راقم الحروف به دفعا ميرمعصوم جي ڪتبن ڳولڻ لاءِ ڪاشان ويو ليڪن ڪامياب ڪانه ٿي.

سندس ملاقات، اتهن جي مشهور شاعر ۽ تذڪره نويس، تقي الدين ڪاشيءَ سان ٿي، جنهن پنهنجي تذڪره "خلاصة الاشعار" ۾ انهيءَ ملاقات جو ذڪر ڪندي لکيو آهي تہ "ان وقت مير صاحب جي عمر 60 سال هئي"[1] انهيءَ حساب سان مير معصوم جي تولد جو سال 952 ھ بيهي ٿو.

اسان وٽ مير معصوم جي ڄم متعلق اهي ٻہ روايتون موجود آهن، جن ٻنهي جي وچ ۾ اٺن سالن جي وٿي ٿئي ٿي. بهر حال مير ڏهين صديءَ هجري جي وچ ڌاري پيدا ٿيو. جڏهن سنڌ خواهہ هند جا ٻئي ملڪ پنهنجي جاءِ تي ڏاڍي ڏوجهري ۽ ڏولائي ۾ هئا. سنڌ تي شاهہ حسن ارغون[2] جي استبداد جو شباب ۽ سندس اقبال مندي جو عروج هيو، ۽ ملڪ سڄو وڏيءَ پيڙا ۽ عذاب ۾ مبتلا هيو. هندستان ۾ بابر بادشاهہ جي بنايل مغل سلطنت تي سندس پٽ همايون متمڪن تہ هيو ليڪن چئنن طرفن کان جنگيون، جهڳڙا ۽ بغاوتون هيون. جنهنڪري بابر جي تخت جا چارئي پاوا لوڏن ۾ هيا، شير شاهہ سوري مغلن جي انهيءَ نو آباديءَ تي، جيڪا اڳتي هلي مغل شهنشاهيت بڻجڻ واري هئي، پنهنجو حق ٿي سمجهيو ۽ مٿس قبضي ڪرڻ جي رٿا ۾ سرگرم هيو.

شاهہ حسن هندستان ۾ پيدا ٿيل انهيءَ صورتحال جو ڏاڍي ڳوڙهي ويچار سان مطالعو ڪري رهيو هيو.[3] ڇاڪاڻ تہ پاڙي واري ملڪ جي سياسي لاهہ

---

(1) ...اين هنگام...سن شريفش بعقد سيتن رسيد..." نسخهٔ مانچسٽر ورق 482 الف ۽ مجلہ پارس ص 3.

(2) تاريخن ۾ شاهہ حسين ارغون لکيو ويو آهي، ليڪن سندس نالو شاهہ حسن هيو جيئن تہ مير علي رضا آگاهہ جي شعر مان (مقالات ص 15)، جامع فرخ جي ڪتبي مان، "مثنوي مظهر الآثار" مان روضة اسلاطز جي قصيدن ۽ صنايع الحسن جي ديباچي ۽ قصيدن مان معلوم ٿئي ٿو.

(3) هُن صحيح حالتن کي ڏسڻ ۽ سمجهڻ لاءِ پنهنجي هڪ امير، مير عليڪ کي (946 هہ) ۾ هندستان موڪليو جيڪو ظاهر ۾ گجرات ۽ بنگال جي فتح تي تهنيت جو پيغام کڻي ويو ۽ حالتون ڏسي موٽي اچي جيڪا رپورٽ پيش ڪيائين اها مير معصوم جي اکرن ۾ هن ريت آهي: "چون مير عليڪ بملازمان بندگان درگاه پادشاه عالي مکان مشرف شد، از بي پروائي وعظم شان پادشاه چنان تفرس نمود کہ عنقريب بعضي از سپاه بيگانہ نقش تمرد برلوح خواهند نگاشت، مير عليکہ بي رخصت پادشاه از اردوئي اعلي برآمده، بسرعت خود را بہ ميرزا شاه حسن رسانيد...او گفت: من پادشاه را در نهايت استعلا ديدم و ارکان دولت و اعيان مملکت را در نهايت غفلت. از حساب ترکانہ خود يافتم کہ عنقريب باغي بر ايشان استيلا يافتہ خلل در قواعد سلطنت ايشان، راه خواهد يافت، و من آمدم کہ شما را خبردار گردانم (ص 65- 166) مير عليڪ جڏهن بادشاهہ جي خدمت جو شرف حاصل ڪيو تڏهن بادشاهہ جي لاپرواهيءَ ۽ مغروريءَ مان سمجيائين تہ جلدئي ڪو ڌاريو لشڪر وٺي ايندو ۽ بغاوت جو ارادو ڪندو! سو مير عليڪ پادشاهہ جي اجازت کان سواءِ شاهي ڪيمپ مان نڪري، نهايت تڪڙو مرزا شاهہ حسن وٽ اچي رسيو...(مير عليڪ) چيو تہ: مون بادشاهہ کي نهايت غرور ۾ ۽ حڪومت جي وزيرن کي غافل ڏٺم، تنهنڪري پنهنجي ترڪاڻي حساب مان معلوم ڪيم تہ مٿن جلدي ڪو باغي غلبو ڪري، سندن بادشاهيءَ جي بنيادن کي ڌوڻي رکندو. سو مان توهان کي خبردار ڪرڻ آيو آهيان...الخ
(ٿوري ڦير گهير سان سنڌي ترجمي تان ورتل ص 206 -207).

چاڙهه جو اثر سنڌ متان لازماً پوٽو هيو. جنهن کي منهن ڏيڻ لاءِ هو کنهن به قيمت تي تيار کونه هيو.

مير معصوم جي ولادت (944 هـ) کان بن ادائي سالن بعد بلاخر 10- محرم 947 هـ (17 - مئي 1540ع) جو شير شاهه سوريءَ قنوج جي ميدان جنگ ۾ همايون کي اهڙي شڪست ڏني جو ٻئي مقابلي جو منجهس تاب ئي نه رهيو. بچيل سپاهه سميت متعلقين کي ساڻ ڪري سڌو لاهور، ملتان ۽ اُڇ کي لتاڙيندو سنڌ جي پهرين وڏي شهر روهڙي ۽ ٻيڙيءَ جي "چار باغ" ۾ (28 رمضان 947 هـ) اچي پهتو.

شاهه حسن پنهنجي والد جي زماني ۾ پيءُ کان ناراض ٿي بابر بادشاهه وٽ کي ڏينهن گذاريا هئا. شاهه بيگ پنهنجي نهيل نڪيل حڪومت تي، بابر جون اکيون ڏسي، هٽ ڪٽي سنڌ ۾ اچي پهتو هيو. مغلن جا ارادا ۽ مزاجي ڪيفيت ارغون کي معلوم هئا. خود هتي سنڌ اندر به اڃا سندس پير پختا کونه ٿيا هئا. آزاديءَ جي تحريڪ ۽ ملڪ کي ڏارين جي چنبي، تسلط ۽ قبضي مان ڇڏائڻ واري جستجو، ملڪ جي کنڊ ڪڙ ۾ موجود هئي. مقامي ماڻهن جو عدم تعاون پنهنجي جاءِ تي خوفناڪ صورت اختيار ڪري چڪو هيو. شاهه حسن انهن نازڪ ۽ انديشناڪ حالتن سبب اڳ ئي غير مطمئن هيو ۽ تسلط قائم رکڻ لاءِ خون خرابي، ڏهڪاءُ ۽ ڏاڍائيءَ سان پاڻ کي مضبوط ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مصروف هيو. انهيءَ اندر خاني صورتحال جي موجودگيءَ ۾ همايون جو اچي سنڌ ۾ وارد ٿيڻ، در حقيقت سندس لاءِ وڏي خطري ۽ تشويش جو باعث هيو. ليڪن قسمت ۽ قدرت شاهه حسن جي پشت پناهي تي هئي. تنهنڪري خود همايون اندروني اختلافن جو شڪار ٿي ويو جنهن سبب سنڌ اندر سندس پير جمي نه سگهيا ۽ شاهه حسن جي حڪومت جا، خوش قسمتيءَ سبب، ڏينهن وڌي ويا.

همايون حقيقت ۾ آيو هن لاءِ هيو ته سنڌ ۾ رهي پنهنجون حالتون درست ڪري ۽ شاهه حسن جهڙي حاڪم وٽان—جيڪو سندس والد جو نمڪ خوار رهي چڪو هيو—اخلاقي ۽ فوجي امداد وٺي شير شاهه تي ڦهي ڪي نئين سر حملو ڪري، ليڪن حالتن درست ٿيڻ بدران پاڻ کيس وڌيڪ تڪليفون پيش آيون. ناگفته بهه مصيبتون نازل ٿيون. سندس پنهنجو لشڪر تباهه حال ۽ دلبر داشته هيو. امير ۽ مُکُ سپاهي کيس ڇڏي چڪا هئا. خزانو—جنهن تي لشڪر جو

دارومدار ٿئي ٿو. سو—خالي هيو. تنگدستيءَ ۾ افلاس جي هيءَ حالت هئي جو تردي بيگ جهڙي خٽيٽ طبعيت ۾ معمولي ملازم وٽان ڪيس وڪ وڪ ٿي اوڏر وڃي روزانو خرچ هلائڻو ٿي پيو.

سنڌ ۾ سندس پهچڻ کان پهريون ئي جنگي قانون مطابق شاهه حسن، بيڊل فصل تباهه ڪرائي ڇڏيا هئا، جيئن سندس گهوڙن جو گاهه داڻو ۽ لشڪر کي آڻ مهيا ٿي نه سگهي. مقامي طاقتون جيتوڻيڪ ارغونن کي ختم ڪرڻ لاءِ همايون سان آن، داڻي ۽ گاهه پڻي جي مدد ڪري رهيو هيون، جن ۾ راقم الحروف جا وڏا يعني سيوهڻ جا لکياري سادات[1] پڻ پيش پيش هئا. ليڪن خانگي امداد هڪ تباهه حال لشڪر ۽ شڪسته خاطر بي ترتيب انبوهه کي ڪيترو هٿي ڏئي ٿي سگهي. ۽ شاهه حسن ۽ سندس پوئلڳن خود سنڌ جي ماڻهن ۾ ڪهڙو ست ۽ ساهه باقي ڇڏيو هيو، جو هو گهٽي وقت تائين ۽ حسب ضرورت ايڏو سارو بار کٽي سگهن.

لکياري سيدن ۽ سيوهڻ جي حُريت پسندن، سنڌ جي ڪيترن ٻين قبيلن، ڇاهيو ٿي ته همايون کي مضبوط ڪري ارغونن جي تسلط کي ختم ڪجي. همايون جنهن جي ڪاميابيءَ واري حالت ۾ بهر حال مرڪز آگرو هيو. سو سنڌ لاءِ گهٽ هاڃيڪار هيو بنسبت انهيءَ ڏاري دشمن جي، جنهن جو مرڪز سنڌ ۾ هيو ۽ سندس سمورو لڏو رات ڏينهن سنڌ ۽ سنڌين جي سيني تي سوار ٿيو ويٺو هيو. ۽ اها حقيقت به آهي ته انهيءَ دشمن کان، جيڪو هزار ميل پري رهي حڪومت ڪري، اهو ويري وڌيڪ خطرناڪ آهي جنهن سان همه وقت واسطو هجي ۽ هن لاءِ سندس ڪيل هاڃن سبب دلي ڏڪار پيدا ٿي چڪي هجي ۽ هر متنفس ان جي هٿان نفسي! نفسي!! ۾ هجي.[2]

مير معصوم لکيو آهي ته: الله تعالىٰ جي ڳجهن حڪمتن ۽ مصلحتن جي خواهش موجب - جڏهن ته هر نامرادي جي اوٽ ۾ مراد جا ڪيترائي اسباب تيار ٿيندا آهن — جڏهن (بادشاهه جي) ارادي موجب سنڌ ملڪ ۾ سندس مراد پوري نه ٿي سگهي، تجربي جي ڪسوٽيءَ تي (پنهنجي) ماڻهن جي نالائقي ظاهر ٿي پئي ۽

---

(1) مظهر شاهه جهاني.

(2) ظفر الواله جي مصنف لکيو آهي ته ارغونن ڏوکو ڏئي سنڌ ورتي...پئي هنڌ لکي ٿو ته سنڌي جڏهن ڏاڙئي دشمن کي پنهنجي ملڪ مان ڪڍڻ گهرندا آهن ته پيءَ ڪنهن قوت کي آڏو آڻي پنهنجو مقصد حاصل ڪندا آهن.

لشکر جي کوڙائي، پائرن جي بزدلي ۽ بيائي سامهن آئي ۽ زماني جي ناموافقت جو بادشاهه کي تلخ مشاهدو ٿيو. تڏهن دل برداشتو ٿي هن دنيا کان ئي مورڳو لاڳاپا ٽوڙي حجاز مقدس وڃي گوشه نشين ٿيڻ جو ارادو کيو".[1]

انهيءَ صورتحال، شاهه حسن جي قسمت کي چمڪائي ڇڏيو ۽ هن پاڻ بہ مختلف ذريعن سان بادشاهه کي انهيءَ ارادي تي جلد ۾ جلد عمل ڪرڻ لاءِ کوششون ڪيون. چناڇ 7 ربيع الاول 950 هـ جو جُـوڻ جي منزل تان درياهه اُڪري بادشاهه قندار طرف روانو ٿي ويو.[2]

الغرض، اهي حالتون ۽ واقعات، مير معصوم جي هن دنيا ۾ وارد ٿيڻ واري وقت ۾ سنڌ اندر رونما ٿيا. جيڪڏهن خانداني روايت واريءَ تاريخ (944هـ) کي نظر ۾ ونجي تہ مير معصوم ٽن سالن جو هيو جڏهن (947 هـ) همايون سنڌ ۾ داخل ٿيو. ڇٽن ورهين جي ڇمار هيس جنهن وقت همايون سنڌ جي پاٽ شهر ۾ حميده بانو بيگم سان شادي (جمادي الاول 948هـ) ڪئي. ۽ هڪ سال بعد امـرڪوٽ جي قلعي ۾، جڏهن تہ بادشاهه جو اهل و عيال راجپوت راڻي جي پناهه ۾ هيو، اڪبر اعظيم ڄائو[3]. جنهن مغلن جي معمولي حڪومت کي پنهنجي دؤر ۾ "مغل شهنشاهيت" جي درجي تي پهچائي ۽ تاريخ ۾ پنهنجي لاءِ "اڪبر اعظم" جو سڪو ثبت ڪرائي ڇڏيو.

---

[1] ترجمو ص 216- 217 "چون بہ مقتضائي غوامض حڪمت الاهي و دقائق مصلحت ازلي-ڪہ در ضمن هر نامرادي چندين اسباب مراد سرانجام مي يابد- حسب الاراده پادشاه، در ديار سند نقش مراد نہ نشست و عيار جوهر نامردمئ مردم ظاهر شد، و بي اخلاصئ لشکر و بد مرادئ برادران، و بي خردي و نامساعدئ روزگار در مشاهدهٔ پادشاه افتاد، خواست ڪہ در لباس تجريد قدم شوق دربادیهٔ راهروان طريق حق زند و حلقهٔ ڪعبهٔ مراد گرفته در ارض مقدس حجاز ساڪن گردد—" (ص 175).

[2] بادشاهه جي رواني ٿيڻ ۽ شاهه حسن جي ڏنل اُڻَـن جو دلچسپ احوال گلبدن بيگم جي "همايون نامہ" ۾ پڙهڻ کپي. نهايت دلچسپ مزيدار ۽ مضحکہ انگيز آهي. جنهن مان شاهه حسن جي ذهانت فطانت، عياريء ۽ چالاکيء جو پورو پورو اندازو ٿي سگهندو. شاهه حسن لاءِ اهو زمانو واقعي ڏکيو ۽ مصيبت جو هيو، جنهن کي هن پوريءَ چالاکيءَ ۽ عقلي کيڏ سان منهن ڏنو. جيڪڏهن همايون کامياب ٿي ٿيو تڏهن بہ سنڌ سندس هٿان وئي ٿي ۽ جيڪڏهن مقابلي ۾ شير شاهه کَـٽي ها انهيءَ حالت ۾ بہ انتقام ونڻ لاءِ شير شاهه سندس جڙ ٻڇو رلائي ٻوٽو پٽي ڇڏي ها. همايون جي پٺيان شير شاهه لاهور تائين پهچي ڇڪو هيو. سنڌ تائين پهچڻ سندس لاءِ ڪهڙو مشڪل هيو؟ شاهه حسن نهايت شاطراڻيون چالون هلي همايون کي ناڪام ڪري سنڌ مان ڪڍي ڇڏيو.

[3] ڄمڻ جي تاريخ تي اختلاف آهي. اڪبر نامہ (ص 1: 47) ۾ شب يڪشنبہ 5 رجب 949 هـ (11- آڪٽوبر 1542ع) همايون نامہ ۾ 4- رجب 949 هـ روز يڪشنبہ وقت سحر (ص 59)، اسمٿ ۾ 14 شعبان 949 هـ (جمعرات 23- نومبر 1542ع)، برگس ۾ 5- رجب 949 هـ (15- آڪٽوبر 1543ع) آهي.

باب اٺون

ميرمعصوم

نالو، لقب، تعليم ۽ تربيت

ميرمرحوم جو نالو محمد معصوم رکيو ويو. سيادت سبب، شايد هندستاني دستور موجب نالي سان "مير" لفظ جو الحاق ٿيو. خانداني روايت آهي ته سندس لقب "نظام الدين" هيو. ليڪن پير علي محمد شاهه جيڪا عبارت ڏني آهي سا دستور مطابق ناقص آهي، جئين ته لکيل آهي "نظام الدين نواب امير محمد معصوم" [1] حالانڪ نواب، امير، ٻئي سرڪاري خطاب آهن. جيڪڏهن کيس ملن ها ته ڪٿي نه ڪٿي ذکر ضرور اچي ها. ازان سواءِ عبارت جي ترتيب هن ريت هئڻ ڪپندي هئي: "نواب امير نظام الدين محمد معصوم" نواب، امير، نظام الدين ڪنهن به تاريخ ۾ مرقوم نه آهي. تذکره نويسن کيس مير محمد معصوم لکيو آهي[2]. تقي الدين ڪاشيءَ مير کي امين الملڪ امير محمد معصوم، نواب وغيره لکيو آهي، ليڪن سفير جي حيثيت ۾ ايران اچڻ تي هڪ تذکره نويس شخصي اخلاق ۽ تعلق سبب اها عبارت ڪتب آندي آهي. "امين الملڪ" [3] جو خطاب يا عهدو اڪبري دؤر ۾ کيس مليل ڏسجي ٿو. ڇاڪاڻ ته سنارت وقت اڪبر طرفان جيڪو شاهي رقيمو مير صاحب شاهه عباس ڏانهن ڪٽي ويو، انهيءَ ۾ اهو لقب استعمال ڪيل آهي، عبارت آهي: -امين الملک مير محمد معصوم بکري که از اجلهٔ سادات ابن بلاد است- گويا نه امير نه نواب نه نظام الدين جا القاب يا خطاب ڪتب آيل آهن. "امين الملڪ" غالباً سندس عهدو هيو، جيڪو پانئجي ٿو ته 12- 1013 هـ ۾ کيس مليو ۽ عبارت ۾ شامل ڪيو ويو آهي. مير معصوم پاڻ به

---

[1] اهو لقب خانداني شجري ۾ مرقوم آهي ۽ سيد منور علي شاهه معصومي مرحوم وٽ اڪبري عهد جا به فرمان موجود هٺا، جن ۾ پٽ اهو لقب لکيل هيو (1) فرمان 46 جلوس (22 جمادي الثاني 1001هـ) جو ۽ (2) 49 جلوس اڪبريءَ جو. آخري فرمان پير علي محمد شاهه پاڻ ڏنو هيو، جنهن تي بقول سندس "نظام الدين نواب امير محمد معصوم" مرقوم هو (حيات معصوم 15).

[2] ذخيره ص 200- مائرالامرا 3: 325- اڪبر نامو 2- 3: 836 وغيره.

[3] امين عهدو آهي، امين الملڪ خطاب آهي.

(2- 3) اڳتي اهي خط ۽ ڪتبا ايندا.

پنهنجي هيترن سارن ڪتبن ۾ اهي لفظ استعمال نہ ڪيا آهن. جيڪڏهن شاهي خطاب مليل هجن ها تہ لازماً اهي ڪيس نالي سان گڏ لکڻا هيا. شاھ عباس جيڪو جوابي خط موڪليو آهي ان ۾ ڪيس "معتمد الخاقاني ميو محمد معصوم خان" (2) لکيو ويو آهي. سندس فرزند ميو بزرگ سپ کان پهريون پنهنجي ڪتبن ۾ پيءُ لاءِ (3) نواب ۽ امير جو لفظ استعمال ڪيو آهي. جنهن بعد عقيدت سبب سندس اولاد ڪيس انهيءَ طريقي سان لکندي ۽ سڏيندي آئي آهي.

نظام الدين جو لقب سراسر اشتباه آهي. "طبقات اڪبريءَ" جي مصنف جو نالو خواجہ نظام الدين احمد هيو. جيڪو گجرات ۾ ميو معصوم جو ولي نعمت تي رهيو هيو ۽ مرندي (1002 هـ) تائين ساٿس ميو جو تعلق خاطر رهيو. پانئجي تو خاندان جي پويرن کا اهڙي عبارت پڙهي آهي جنهن ۾ "نظام الدين" بہ آيو آهي ۽ اڏوري فارسي ڇاڻڻ سبب بن جدا شخصيتن کي هڪ سمجهي نظام الدين سندس لقب سمجهيو ويو آهي؟ جيڪڏهن کا حقيقت هجي ها تہ ميو بزرگ انهيءَ خطاب کي پنهنجي عبارت ۾ ڪينءَ ڇڏي ها؟

ميو معصوم پرگو ۽ صاحب ديوان شاعر هيو. "نامي" سندس تخلص هيو.

تعليم ۽ تربيت:

سندس تعليم ۽ تربيت ڪينءَ ۽ ڪهڙيءَ ريت تي ۽ ڪنهن ڪئي، انهيءَ لاءِ اسان وٽ ڪابہ معلومات ڪانہ آهي ۽ واقعي تعجب تو تئي تہ ميو صاحب جهڙي تاريخي ذهن ۽ ذوق رکڻ واري بزرگ، جنهن سفر دوران بہ پنهنجي نقش قدم لاءِ ڪتبا هٽائڻ ضروري سمجهيا، تنهن پنهنجي خاندان ۽ پنهنجي متعلق احوال لکڻ ۾ ڇو غفلت ڪئي؟ خانداني وجاهت ۽ ذاتي اهميت کان هو غافل ڪونہ هيو. هن کي پنهنجي گهراڻي جي عظمت ۽ عزت ۽ پنهنجي شخصي اهميت ۽ اقتدار جو پورو پورو احساس هيو. اهڙيءَ صورت ۾ تعجب تو تئي تہ هن ڇو ڪونہ انهيءَ موضوع تي ڪجهہ لکيو. تي سگهي تو تہ هن جدا ڪتاب لکڻ "اڇ نہ سيان" تي ڇڏيو هجي ۽ زماني جي مصروفيتن کيس وصال واريءَ گهڙيءَ تائين انهيءَ آرزوءَ کي پورو ٿيڻ نہ ڏنو؟ يا ڪو نوشتو جيڪڏهن ڇڏيو اٿس تہ اهو ضايع تي ويو! بهرصورت انهيءَ قسم جي ڪتاب يا رسالي جو ڪٿي بہ اشارو يا حوالو اسان کي ملي ڪونہ سگهيو آهي.

ميو صاحب مرحوم جي سوانح لکندڙ کي سخت دشواري درپيش اچي تي

سوين ورق اتلائي ٹُڪر ٽوٽا هِتان هُتان ڳولهي هٽ ڪري باهمي پيوند ڪان پوءِ ههڪ خاڪو تيار ڪرڻو پوي ٿو ۽ انهيءَ سرماريءَ بعد بہ لکندڙ کي تسڪين ڪانہ ٿي ٿئي ۽ موضوع مڪمل محسوس نٿو ٿئي. تعليم متعلق ڪابہ سنئين سڌي معلومات ڪانہ آهي، فقط بدايونيءَ مان معلوم ٿئي ٿو تہ ميرِ معصوم تعليم حاصل ڪرڻ ۾ تمام گهٽي جاکوڙ ڪئي آهي[1] اتفاقي حوالن مان سندس چند استادن جا نالا ملن ٿا جيئن تہ:

ملا محمد ساڪن ڪنگري

ذخيرة الخوانين جي مصنف لکيو آهي تہ: پنهنجي والد جي وفات (991 هـ) کان پوءِ صرف نحو، نظر ۽ نثر جي تعليم ملا محمد ڪنگريءَ واري کان حاصل ڪيائين[2]. مائر الامرا جو ماخذ ذخيرة الخوانين آهي، تنهن بہ ساڳي عبارت لفظي ڦيرڦار سان ڏني آهي، جيئن تہ-تحصيل علوم، اشتغال بہ ڪمالات حسيہ آشنا گشت- صاحب مائر الامرا جا پنهنجا اضافا ۽ عبارت آرائي آهي.[3]

ڪنگري راقم الحروف جو اباڻو ڳوٺ آهي. اهو پير ڳوٺ جو قديمي نالو آهي. در اصل شهر جا بہ حصا آهن، پراڻي حصي کي ڪنگري چيو وڃي ٿو، جڏهن حضرت روضي ڌڻي رحمة الله عليہ جو لاش مبارڪ درياهہ جي پائينڊ سبب "پراڻي ڳوٺ" مان ڪڍي آڻي اتهن دفن ڪيو ويو، تڏهن ڪان نئين حصي جو نالو "پير ڳوٺ" ٿيو ۽ ڪنگري هلندي هلندي آخر ذهن تان ميسارجي وئي. پانڌجي ٿو تہ اتهن وڏي درسگاهہ هئي، جت ملا محمد صدر مدرس هيو ۽ ڪيترا قابل ذڪر بزرگ وٽانئس تحصيل علم ڪري عملي زندگيءَ ۾ گهڙيا. مثلاً: آخوند محمد اسحاق بکري پڻ ميرِ معصوم سان همدرس هو.[4] جنهن پوءِ

---

(1) بدايوني- در طالب العلمي خيلي کوشيده (3: 366).

(2) بعد از فوت پدر بہ تحصيل علم نحو و صرف و نظر در خدمت ملا محمد ساکن کنگري- از توابع بکر-مشغول بود ...(1: 201).

(3) پس از فوت پدر در خدمت ملا محمد ساکن کنگري بہ تحصيل علوم اشتعال نمود و بہ کمالات حسيہ آشنا گشت (3: 326).

(4) يکجا بہ کسب علوم مشغولي داشتند (ذخيره 1: 201) مقالات ۾ ملا محمد اسحاق جو شعر آيل آهي:

مي تپد دل در برم، در شوق تو
ميگذارد خانہ را، از ذوق تو

ميرِ قانع لکي ٿو تہ: سلطان محمود وٽ ملازم هيو. علم ۾ هرڪا فضيلت حاصل هيس. پڇاڙيءَ ۾ ميرزا غازي ترخان جو استاد ٿيو. (مقالات ص 42) تاريخ طاهريءَ جو مصنف *(هلندڙ)*

وجي گجرات ۾ نالو ڪڍيو ۽ هڪ غلط روايت مطابق مير معصوم انهيءَ سنگتيءَ جي آسري تي گجرات پهچي بخشي نظام الدين سان منسلڪ ٿيو. آخوند صاحب پنهنجي دؤر جو پاڻ بہ عظيم استاد هو. ظاهر آهي تہ جنهن بزرگ جي درس مان انهيءَ قسم جا تاريخي ماڻهو پيدا ٿيا، انهيءَ جو پنهنجو وجود تہ بهر صفت سچو سون هوندو.

قاضي ڏتو سيوهاڻي

مير معصوم ضمناً پنهنجي بن استادن جو ذڪر ڪيو آهي، جن مان هڪ سندَ جو جڳ مشهور استاد قاضي ڏتو سيوهاڻي هيو. پاڻ لکي ٿو: "هنن ورقن جي لکندڙ پڻ سندس درس جي حلقي مان علمن جو اقتباس ڪيو آهي." [1] ممڪن آهي مير معصوم پنهنجي ناناڻن ۾ رهي، سيوهڻ جي هن بزرگ وٽان علم پرايو هجي. قاضي ڏتو پاڻ وڏي پائي جو عالم، مدرس ۽ خدا رسيدو بزرگ هيو. قاضي صدرالدين پنجن واسطن سان سندس ڏاڏو هي و. پنهنجي والد قاضي شرف الدين عرف مخدوم راهوءَ وٽ "مطول" تائين درس ورتائين. تفسير، حديث مخدوم بلال جي حضور ۾ ۽ ٻيا علم مخدوم عبدالعزيز ابهري ۽ مخدوم فخر پوٽي جي درس مان پرايائين. مخدوم ارڙهن تفسير پڙهيا هئا ڪي ناظرو ۽ ڪي قرآت جي ذريعي، جي سڀئي ڪيس برزبان هئا. ترڪي خط پڙهڻ ڄاڻندو هيو، گويا زبان ڪيس ايندي هئي. ارغون ۽ ترخان خواه سلطان محمود بکريءَ جو گهراڻو ترڪي گو[2] هيو. فارسي ٻاهر، گهر ۾ ترڪي ٻولي ڳالهائي ويندي هئي. مخدوم غالباً انهيءَ ڪري ترڪيءَ ۾ شد بد پيدا ڪئي ٿي ڏسجي، علم جعفر ۽ انهيءَ قسم جي ٻين طلسماتي علمن تي پڻ چگيءَ پر هٿ پچندي هيس. حافظي جي اها حالت هئي جو جيڪي پڙهيو هئائين، سو سڀ برزبان هيس. پاڻ صاحب ڪشف و ڪرامات پڻ هيو.

محمد طاهر نسياني ميرزا غازي سان گڏ آخوند صاحب وٽ پڑهندو هيو. پنهنجي استاد لاءِ لکي ٿو تہ- آخوند صاحب دل، صوفي المذهب ۽ خضر طبيعت هيو. شيخ سعديءَ ۽ مولانا روم جي شعر ۾ پاڻ سند هيو—"چون آخوند، صاحب دل صوفي المذهب را در كلام عندليب بوستان بي خار شيراز حضرت شيخ المشائخ سعدي شيرازي و مولاناۓ متبحر مولوي معنوي قدس سره وقوف تمام بوده و بنا بران ارث كلام شريف ايشان مي خواندند. باندک عبور شعر از حضور آن منبع فضائل و مصدر نوادر، توجهہ موجهہ معلم معروف بهر صفت-كہ در تحرير و تقرير گنجائش ندارد. (طاهري 13- 14- ميرزا غازي ترخان اور اسكا بزم ادب-حسام الدين ص 129)

[1] معصومي ص 200.

[2] ڏسو سدي علي رئيس جي سفر نامي تي منهنجو مضمون مهراڻ رسالو.

سندس والد قاضي شرف الدين صاحبِ حال هيو. چوڻ ۾ اچي ٿو ته وفات بعد مخدوم ڏتي سندس ئي اشاري تي حضرت مخدوم بلال جي درس ۾ حاضري پري. ميو معصوم جو چوڻ آهي ته: شاهه حسن ارغون پڻ قاضي ڏتي وٽ پڙهيو ۽ کيترا سبق سندس هٿ اکرين هُن پاڻ قاضي صاحب جي کتبخاني ۾ ڏنا هئا. شاهه حسن گهڻو کري وٽس حاضري پريندو هيو ۽ وٽانئس درس حاصل کندو رهيو. شاهه حسن کيس امام جارالله جو[1] مد مقابل سمجهندو هيو.

شيخ حميد درٻيلائي

درٻيلو انهيءَ دؤر ۾ سنڌ جو عظيم تعليمي ۽ روحاني مرڪز هيو. ڪو وقت هيو جو ڪيئي عالم، مدرس ۽ اهل دل بزرگ منجهس رهندا هئا. سنڌ ۾ قومي لحاظ سان درٻيلي کي خاص شرف هن ڪري به ملیو. جو جڏهن ڏاريا سنڌ ۾ داخل ٿيا ۽ هنن ظلم ڪرڻ ۽ خلق خداءِ سان ناحق ڪرڻ شروع ڪيو ته اتهون جا عالم ترڪ وطن ڪري، پهريون گجرات ۽ پوءِ مڪي ۽ مديني هليا ويا [2]. جيئن ساڳي زماني ۾ پاڻ ۽ سيوهڻ جي ڪيترن روحاني ۽ علمي خاندانن احتجاجي هجرت ڪئي هئي.

شيخ حميد درٻيلائي پڻ انهن عالمن مان هڪ هيو. جنهن درٻيلي مان ترڪ وطن ڪيو. گجرات کي ترجيح ڏيڻ جو سبب اهو ٿيو جو سنڌ جي سمن سلطانن جي گجراتي سلطانن سان مٽي مائٽي هئي. جنهنڪري سنڌ ۽ گجرات جا گهاٽا تعلقات ۽ انفرادي دوستيون ۽ آشنائيون هيون. سنڌ وارن کي گجرات وڃڻ سولو لڳو ٿي. جتان حجاز مقدس ڏانهن به آسانيءَ سان ماڻهو وڃي ٿي سگهيو.

ميو معصوم پنهنجي انهيءَ استاد لاءِ پاڻ لکي ٿو ته: انهيءَ علاقي (گجرات) جي فتح (991 هـ) ٿيڻ بعد سندن خدمت ۾ مشرف ٿي "مشڪواة" کي از اول تا آخر پڙهي ۽ حديث جي ٻين ڪتابن جو درس حاصل ڪري سَنَدَ حاصل ڪيو.[3] حضرت شيخ حميد جون فضيلتون بيان ڪندي لکي ٿو: مڙني

---

(1) ڏسو صفحو 80 حاشيو.

(2) معصومي ص 202.

(3) معصومي ص 303 - بعد از فتح آن نواحي ملازمت ايشان مشرف شده مشكواة را من اولهٖ الیٰ آخره مع كتب ديگر حديث پيش ايشان گذ را نيده و اجازه حاصل نموده.

فضيلتن سان پرپور ۽ ڪمال سان سينگاريل آهي. عقلي ۽ نقلي علمن ۾ ڪيس ڏاڍي مهارت ۽ چاڻ آهي. تفسير ۽ حديث ۾، خاص طرح حديث ۾ ته ڪيس قدرت ڪامل آهي. [1]

شيخ حميد 1002 هـ ۾ خان اعظم عزيز ڪوڪ[2] سان گڏجي گجرات ڇڏي پنهنجي بزرگن وانگر حج تي روانو ٿي ويو، جتان وري نه گجرات ۽ نه سنڌ موٽيو. جيستائين جيئرو رهيو، اوستائين جعبةالله جي پاڇي ۾ حديث شريف جو درس ڏيندو رهيو. مير معصوم لکيو آهي: مڪي جي موجوده عالمن جا مخدوم صاحب جن ئي حديث ۾[3] پيشوا ۽ سربراهه آهن. [4]

ملا محمد ڪنگري جي سلسلي جي روايت "ذخيرة الخوانين" ۽ ان جي پيرويءَ ۾ "مائرالامرا" جي آهي. "صرف ۽ نحو" جي لفظن انهيءَ روايت کي هن ڪري ڪمزور ۽ مشڪوڪ ڪري رکيو آهي ته والد جي وفات (991 هـ) تائين، مير صرف نحو تائين به نه پهتو هو، جڏهن ته سندس عمر 47 ورهيه هئي. ازانسواءِ جڏهن سندس والد وفات ڪئي ان وقت مير (991 هـ) گجرات ۾ هو، جنهن جو اشارو متي اچي چڪو آهي ۽ تفصيل ايندڙ صفحن ۾ ايندو. ذخيرة الخوانين مير جي وفات کان 47 ورهيه پوءِ لکيو ويو. مصنف پاڻ بکر جو هو. مير جو همدرس آخوند اسحاق سندس قريبي عزيز هيو. ان وقت بکر ۾ اجا اهي ماڻهو به موجود هوندا جن مير معصوم کي آخري عمر ۾ ڏٺو هوندو ۽ سندس اولاد سان ته خاص واهپو ٿيو هوندن. شيخ فريد جون روايتون سراسر غلط ٿي ڪونه ٿيون سگهن. عبارت ۾ تصرف ٿيل نظر اچي ٿو. اهو مجي سگهجي ٿو ته مير، صرف ۽ نحو يعني ابتدائي تعليم ملا محمد ڪنگريءَ واري وٺ ورتي هجي.

---

[1] معصومي ص 203- به حليهٔ فضائل و كمال آراسته و پيراسته است و در علوم عقلي و نقلي مهارتي تمام دارد و در تفسير و حديث، خصوصاً در حديث يد طولىٰ دارد.

[2] خان اعظم ميرزا عزيز ڪوڪو اڪبر جو رضاعي پاءُ هيو. 1033 هـ ۾ فوت ٿيو. بادشاهه جي ڪاوڙ سبب في الحال 1002 هـ ۾ حج تي هليو ويو. ملا بدايونيءَ تاريخ چئي:

بجاي داستان، شد خان اعظم
ولي در زعم شاهنشاه كج رفت
چو پرسيدم بذل، تاريخ اين سال
بگفتا: ميرزا كوكه به حج رفت

[3] مير تاريخ 1009 هـ ۾ پوري ڪئي آهي، تنهنڪري "امروز" جي لفظ جو 1002 هـ ڪان 1009 هـ تائين ڪنهن به هڪ سال تي اطلاق ٿي سگهي ٿو.

[4] "امروز مقتدائي اهل حديث در علمائي مكه ايشانند" معصومي ص 203.

سلطان محمود بکري 982 هـ ۾ انتقال ڪيو. ان کان ڪيئي سال اڳ ۾ تعليم ختم ڪري سلطان جي ملازمت ۾ آيو. ظاهر آهي ته 20-22 ورهين جو انهيءَ وقت ضرور هوندو، انهيءَ لحاظ سان (96 هـ ۾ هو ملازمت ۾ داخل ٿيو[1]. موزون اهو لڳي ٿو ته ملا محمد ڪنگريءَ کي سندس پهريون استاد سمجهڻ گهرجي.

مخدوم عثمان دربيلائي

برادرم بزرگوار پير علي محمد شاهه راشدي معصومي جي خانداني روايت جي بنياد تي مخدوم عثمان دربيلائيءَ کي به ميرمعصوم جي استادن ۾ شمار ڪيو آهي[2]. ليڪن ميرجي پنهنجي عبارت ۾ انهيءَ طرف اشارو ٿيل ڪونه آهي. پاڻ مخدوم صاحب جي حال ۾ لکي ٿو: سيني قسمن جي منقول، معقول ۽ متداول علمن ۾ جهڙس ڪونه هيو، پاڻ متبحر عالم هيو. هميشه درس ۾ وقت گذاريندو هيو. ۽ اهوئي سندس شغل هيو. اخلاق حميده ۽ صفات پسنديده جو حامل هيو. هي نهايت تقويٰ، پرهيزگاري ۽ شرعيت تي ڪاربند رهيو. انهيءَ ڪمال واري ڄاڻ ۽ باوجود پير سنائي جي به تواضع ۽ ڪسرنفسيءَ ۾ بي مثل عالي مقامات ۽ ظاهري ڪرامات جو صاحب هيو.

دنيا کان منهن موڙي ڇڏڻ جو وتيرو، جيڪو هنن کي الله ڏنو، سو سندس زماني ۾ ڪنهن به بزرگ کي ڪونه نصيب ٿيو. سڄ پڄ ته "ترک مافي ايدي الناس" تي عمل ڪندي، نذرانو يا عطيو، تورو يا گهٽو، مطلقاً ڪنهن کان ڪونه ٿي ورتائون. هميشه وٽن شاگردن خواهه عالمن جو اڇ وڇ عام جام رهندو هيو، انهن جي ڪارائڻ پيارڻ ۾ ڪڏهن ڪوتاهي يا ڪٽر ڏسڻ ۾ ڪانه آئي[3].

---

(1) ڊاڪٽر دائود پوتي جو پڙ اهو خيال آهي ته: ناممڪن آهي جو ميرانهيءَ عمر تائين جاهل رهيو ۽ 962 هـ کان پوءِ هن قاضي ڏتي وٽ تعليم ورتي.

(2) حيات معصومي ص 15.

(3) در جميع اقسام علوم متقول و معقول و متداول تبحر تمام داشته و همواره به تدريس علوم افادهٔ آن اشتغال مينموده و با خلاق حميده و صفات پسنديده متصف بود. ونهايت ورع وتقويٰ و پرهيزگاري داشته ، باوجود کمال دانشمندي و کبرسن به صفت تواضع و کسرنفسي اتصاف داشته وصاحب مقامات عليه و کرامات جليه بوده و آن چنان قطع تعلقات امور دنيوي کرده ايشان را دست داده بود، در ابناء زمانه معاينه نمي شد. و في الواقع، ترک مافي ايدي الناس، گرفته مطلقاً کلي و جزوي به رسم نذر و عطا از کس قبول نمي کردند، و هميشه جماع از طلبه وفضلا سروقت ايشان مي رسيده اند و به ضيافت آن مردم کماينبغي مي پرداخته اند" (معصومي ص 240).

مخدوم مرحوم 1002 هـ ۾ انتقال ڪيو جنهن وقت ارغونن جي وارث ترخانن جي حڪومت ختر ٿي چڪي هئي ۽ سنڌ هندستاني مغلن جي سلطنت جو جزو ٿي چڪي هئي. مير معصوم انهيءَ سال بکر ۾ مقيم هيو. ايتري ساريءَ عبارت ۽ تعريفي جملن ۾ ڪٿي به پنهنجي شاگرديءَ جو اشارو ڪونہ ڪيو اٿائين.

پانئجي ٿو همشهري هجڻ سبب مخدوم حميد دربيلائي ۽ قاضي عثمان جي وچ ۾ نالي ٻل ٿي ويئي آهي. بجاءِ مخدوم حميد جي، خاندان ۾ قاضي عثمان مير معصوم جو استاد مشهور ٿي ويو آهي.

انهيءَ ۾ شڪ ڪونہ آهي تہ مير معصوم جا پنهنجا ذاتي تعلقات مخدوم عثمان سان ضرور هئا ۽ سندس بزرگيءَ ۽ ولايت جو مير قائل ۽ معتقد هيو. صاحب ذخيري جي روايت موجب خان خانان ميرزا عبدالرحيم خان ۽ جاني بيگ ترخان جي وچ ۾ هلندڙ جنگ جي سلسلي ۾-جنهن ۾ مير پٽ خان خانان جي وچ ۾ هلندڙ جنگ جي سلسلي ۾-جنهن ۾ مير پٽ خان خانان سان شامل هيو-جڏهن دربيلي ۾ پهتا انهيءَ موقعي تي مير معصوم خان خانان کي پاڻ سان ونئي مخدوم عثمان جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ خان خانان حضرت مخدوم جي خدمت ۾ مٿو رکي گهڙي ساعت دل جي حضور سان پيو رهيو ۽ فتح جي لاءِ دعا گهريائين [1] انهيءَ روايت جي صاحب ذخيرة اخوانين "آورده اند" سان ابتدا

---

[1] معصومي ص 117.

[2] آورده اند در وقتي خان خانان به تسخير تته مامور گرديد و در قصبهٔ دربيلہ (از توابع بکر) رسيده، مير محمد معصوم خان بکري نامي ايشان را درخدمت مخدوم قاضي عثمان رحمة الله عليه-که مجتهد وقت و اعلم العلماء واکمل الاوليا بود-برد. خان خانان سر خود را برپائي مخدوم نهاده ساعتي چند از روي خضوع و خشوع افتاده بود، مخدوم بر عجز و ضعف ازو راضي شدند، همان شب خان خانان را در واقع نمودند که: حضرت سرور عالم صلي الله عليه وآلهوسلم بر مسند تکيه کرده نشسته اند، و وهزاران هزار آدمي گرد بگرد ايشان حلقه زده استاده، بزرگان سند تا دران وقت حيات بودند و ازعرش تا فرش نظر داشتند، مثل ميان نوح و ميان وهيه (و شيخ برکيه) ميرزا جاني بيگ را گرفته در خدمت حضرت سرور عالم صلي الله و عليه وآله وسلم آوردند، که: يا رسول الله! از وجود باجود ميرزا جاني بيگ اهل سند قائم اند، خان خانان برسر اوآمده است حمايت و رعايت اين مرد فرمايند که خان خانان مغلوب شده بر گردد! مخدوم عثمان دست خان خانان را گرفته در خدمت سرور عالم صلي الله و عليه و آله وسلم آورده عرضي ميکنند که: يارسول الله! اين مرد به اعتقاد صادق در مسجد بنده آمده التجا آورده، شرم ريش سفيد بنده را نگاه داشته، توجه فرمايند که، خان خانان غالب آيد! آن سرور زمانه ممتد نگار به هر دو جانب کرده فرمودند که: ملک تته به مرزا جاني بيگ بحال خود مقرر باشد، اما به خان خانان جنگ نکند، مغلوب خواهد شد. به وسيلہ خان خانان به ملازمت (هلندڙ)

ڪئي آهي. ڪٿان اها روايت آئي؟ ڪنهن آندي؟ اصل منبع معلوم ڪونہ ٿي سگهيو آهي. بهر حال انهيءَ مان ايترو ظاهر آهي تہ مخدوم صاحب جي بزرگي مسلم هئي ۽ ميرمعصوم سندن انهيءَ مرتبي ۽ منزل کان آگاهہ هيو. اهو واقعو 999 ھ جو آهي. مخدوم صاحب چند سالن بعد وصال ڪيو.

ميرمعصوم جي ابتدائي خواهہ انتهائي تعليم متعلق پاڻ کي ايترا ڏس پتا ميسر ٿي سگهيا آهن. مولانا عبدالخالق گيلاني (شاگرد مولانا عبدالله يزدي) 972 ھ ۾ قندار کان قلعي بکر ۾ آيو. هڪ مدت تائين (مدتي) ميرمعصوم جي اوطاق ۾ رهي درس ڏيندو رهيو. ميرمعصوم انهيءَ جو ذڪر ڪيو آهي. ليڪن اهڙو ڪوبہ اشارو ڪونہ ڏنو اٽائين جنهن مان خبر پوي تہ پاڻ بہ کي سبق وٺس پڙهيائين. در حقيقت ميرکي ٿي سال اڳ تعليم ۾ تحصيل ڪري چڪو هيو. باقي زندگيءَ ۾ موقعي ملڻ تي حديث جو درس ۽ سندون وقت جي مختلف ۽ جيد محدثن کان سو وٺندو رهيو.

اکبر بادشاه برود! چنانچہ مقاليد شهر را بہ دست خان خانان دادند.

مخدوم نوح و ميان وهيہ و شيخ برکہ (کاتيار همان نصف شب فرياد کرده مرزا جاني بيگ را طلب فرمودند. و مذکور اين واقع درميان آوردند کہ: حالا از دست مايان هيچ کاري برنمي آيد کہ حکم سرور عالم چنين شد. ميرزا جاني بيگ ازين رويشان رنجيده گفت کہ: از لشکر شبينہ رويشان کاره ساخته شد. ببينيد کہ از لشکر روز چہ کارها سر انجام برآيد. 1: ص 179- ص 180) قصو دلچسپ آهي. بزرگ تہ وليءُ خدا جا آهن. بهرحال سندن لاءِ ٻئي ڏريون هڪجهڙيون هيون. جاني سنڌين سان چگو هليو ٿي. سگابندي ڪري سنڌين جي رهلي ۾ اچي ويو هيو. ۾ ساڳئي وقت خان خانان بہ اڪبر جو نمائندو هيو. جيڪو "آمرکوٽ" سنڌ ۾ هن دنيا اندر آيو هيو. سنڌ لاءِ ۽ سنڌين لاءِ ڪيس خاص ڪشش هئي. فيضي. ابوالفضل ۽ سندن والد بزرگوار شيخ مبارک سندس درباري هئا.

صاحب "تبيان" تماڪ چڪڻ جي مسئلي جي سلسلي ۾ مخدوم عثمان جي پوٽي جو ذڪر ڪيو آهي. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ مخدوم صاحب کي علامہ عبدالطيف نالي هڪ فرزند ٿيو جنهن جو فرزند علامہ محمد جان السندي الحنفي ٿيو. صاحب "تبيان" اهو بيان سال (1198 هـ) ۾ ڪيو آهي. (مطبع يوسفي لکنو) ممڪن آهي اهو سلسلو مخدوم عثمان دربيلائي جي اولاد جو هجي.

باب نائوں

زندگيءَ جي ڪشمڪش جي شروعات

جيئن ته ڄاڻائي آيا آهيون، مير معصوم چند اشارن کان سواءِ پنهنجي زندگيءَ لاءِ، ڪوبه مواد يا اطلاع پنڌيان ڪونه ڇڏيو آهي، سلطان محمود بکريءَ وٽ ملازمت ۾ داخل ٿيڻ ته سمجهه ۾ اچي سگهي ٿو. ليڪن، شئيل شڪار ڪرڻ جو يا ته ايترو اميراٽو ناڻ يا عسرت جي اها صورت جو پيدل گجرات پهچڻ ۽ آخوند اسحاق جي ذريعي بخشيءِ نظام الدين وٽ نوڪري ڪرڻ؟ اتاهون اڪبري اميرن جي زمره ۾ اچڻ؟ اهي سڀ اهڙا واقعا آهن. جن جي تفصيل معلوم ٿيڻ کان سواءِ مير جي حياتيءَ جا سڀئي پهلو صاف ٿي نٿا سگهن، مير معصوم کي سمجهڻ لاءِ جيسين زندگيءَ جي هر هڪ عمل ۽ خدو خال جو تفصيل نه ملندو، تيسين ساٺس سير حاصل يا اطمينان بخش ملاقات ٿيڻ ممڪن نه آهي ۽ سندس شخصيت ۽ شخصيت جي همه گير نوعيت، مجسر ٿي ذهن ۾ اچڻ ڏاڍو مشڪل آهي، تنهنڪري پڙهندڙ کي قدم قدم تي افسوس ۽ ارمان سان متصادم ٿيڻو پوي ٿو. بهرحال جيڪي حال آهي سو پيش پريان نال آهي:

محمود بکريءَ وٽ ملازمت: عملي زندگيءَ جو پهريون واقعو، سلطان محمود وٽ مير صاحب جي ملازمت جو آهي، جنهن جو اطلاع "تحفة الڪرام" جي ذريعي ملي ته ٿو ليڪن ان جي ماخذ جو پتو ڪونه ٿو پوي، لکي ٿو: مير معصوم ابتدا ۾ سلطان محمود وٽ ۽ پوءِ اڪبر بادشاهه جي حضور ۾ مرتبي تي پهتو [1].

قرين قياس پڻ اهو لڳي ٿو ته تعليم مان فراغت حاصل ڪرڻ بعد سڀ کان پهريون ضرور خانداني تعلق ۽ دستوري تقاضا مطابق، هن سلطان محمود وٽ ملازمت ڪئي هوندي. خود سندس پنهنجي نوشتن مان ڪي تاريخي واقعا اهڙا ملن ٿا (2) جيڪي هُن سلطان محمود کان سڌو سنئون ٻڌي لکيا آهن. ظاهر آهي ته اهي واقعا انهيءَ ملازمت ۽ هر وقت جي ساٿ ۾ رهڻ سبب حاصل ڪري سگهيو هوندو.

---

[1] ...مير نخست پيش سلطان محمود، آنگاه بحضور اکبر بادشاه به مرتبه والا رسيده... (تحفة الڪرام قديم چاپو 3: 127).

اڪبري دربار: بکر مان نڪري، دربار اڪبريءَ تائين رسائي ڪرڻ تائين هن ڪهڙو هفت خوان طي ڪيو؟ ڪيئن پهتو؟ ۽ ڪڏهن پهتو؟ ان لاءِ ڪوسنئون سئولو اطلاع ڪونہ آهي. خيالي ڪٽائون ڪري سگهجن ٿيون. جنهن لاءِ هينيان موقعا ذهن ۾ اچن ٿا—مير معصوم (998 هـ) ۾ گجرات کان اڪبر وٽ لاهور پهتو. انهيءَ وقت والده وٽان، وٽس کي سوڪڙيون پهتيون، جيڪي هُن شاهي حضور ۾ پيش ڪيون. اڪبر بادشاهہ دلنواز ۽ ظاهري ملڪ سان گڏ دِلن جي مملڪت جو پڻ بادشاهہ هيو. هن خوشيءَ سان سوڪڙيون قبول ڪندي ڪائنس پڇيو تہ: والده کان جدا ٿئي ڪيترا سال ٿيا اٿو؟ مير عرض ڪيو: قبلا سائين! ويهہ ورهيہ کن ٿي ويا آهن [1]! انهيءَ روايت جي حساب مطابق مير (979 هـ) جي لڳ ڀڳ وطن جا وڻ ڇڏيا هوندا. ۽ اهو زمانو هيو. جڏهن محب علي خان بن مير خليفہ[2] ۽ سلطان محمود بکري جي وچ ۾ روهڙيءَ ۽ ميرپورماٽيلي جي حد اندر معرکا ٿي رهيا هئا، جن جو سلسلو (978) کان شروع ٿي سلطان محمود جي وفات (981 هـ) تائين برابر هلندو رهيو. [3]

سلطان محمود پوڙهو ٿي چڪو هو [4]، پٽيتي اولاد کانہ هئس. هڪ نياڻي (بکري بيگم) هيس جيڪا انهيءَ زماني ۾ اڪبر جي حرم ۾ موڪلي چڪو هو [5]، پاڻ ٽلهو پنهنجي عمر جا ڏينهن فڪر ۽ پريشانيءَ ۾ پورا ڪري رهيو هو تہ ڪائنس پوءِ سندس رقيب ترخان سندس حصي ٿي قبضو نہ ڪن، تنهنڪري اڪبر کي اطلاع موڪلي محب علي خان وارو متي جو سور هن پاڻ ئي پنهنجي سر ۾ وڌو هيو. جنهن حياتيءَ جي پوئين پهر ۾ بہ ڪيس آرام سان پساهہ پورا ڪرڻ ڏنا. هن بہ ڪيترن جا پساهہ پيڙائون ڏئي پورا ڪرايا

---

(1) ...چند سال است کہ از والده جدا شده اید؟ مير چيو: قريب بہ بيست سال باشد (معصومي 251-بلاخمن 463).

(2) مير نظام الدين علي خليفہ امير بابر بادشاهہ. محب علي جي زال ناهيد بيگم هئي جيڪا نياڻي هئي، حاجي بيگم جي، اها ڏيءَ، حاجي بيگم کي پهرين مڙس قاسم ڪوڪي مان هئي. حاجي بيگم پاڻ ميرزا محمد متيم بن امير ذوالنون جي ڏيءَ هئي، ان جي وفات بعد شاهہ حسن ارغون سان شادي ٿيس. انهيءَ جي وفات بعد ميرزا عيسيٰ ساٽس شادي ڪئي. فخري هرويءَ انهيءَ حاجي بيگم لاءِ پنهنجو تذڪرو لکيو هيو. سندس جي سياست ۾ حاجي بيگم يا ناهيد بيگم جو حصو ڪهڙو رهيو تنهن لاءِ ڏسو (مآ اثر 3: 239 ببعد).

(3) معصومي 229 آئين بلاخمن.

(4) ولادت 898 هـ ۽ ان وقت 980 هـ ۾ سندس عمر 83 سال هئي.

(5) معصومي 229.

هئا. اهو قدرت جو انتقام آهي جيڪو هر ظالم کان ورتو وڃي ٿو. سنڌيءَ جي چوٽي-جهڙي ڪرٽي تهڙي پرٽي-انهيءَ سلسلي تي صادق اچي ٿي. ممڪن آهي ته ميو معصوم پنهنجي ملڪ جون اهي حالتون ڏسي، انهن ٻن سالن (979-980 هـ) ۾ اڪبر بادشاهه جي دربار ۾ پهچي ويو هجي؟ اهو به امڪان ٿي سگهي ٿو ته ضعيفيءَ ۾ سلطان محمود کي چڏڻ مناسب نه سمجهي انهيءَ جي وفات (982 هـ)[1] کان فوراً پوءِ سکر ۾ پهتل اڪبري اميرن جي وساطت سان دار السلطنت روانو ٿيو هجي؟

ذخيرة الخوانين جي غلطي: شيخ فريد بکريءَ ميو جي هندستان وڃڻ جو داستان عجيب نموني سان بيان ڪيو آهي. روايت ڪٽان آئي؟ ڪنهن ٻڌايو؟ ڪنهن سُڻايو؟ اها خبر خاوند کي.

"...جڏهن افلاس ۽ تنگدستيءَ کيس انتهائي مجبور ڪيو، ان وقت ٻن-ٽن هر شهرين سان گڏجي پيادو گجرات طرف روانو ٿيو. شهاب الدين احمد خان نيشاپوري[2] (متوفي 999 هـ) صوبيدار ۽ خواجه نظام الدين احمد هروي صاحب "طبقات اڪبري" اتهن جو ديوان هيو. ميان شيخ اسحاق فاروقي- راقم جو طغائي-خواجه نظام الدين هرويءَ جو مطلق العنان وڪيل هيو ۽ ميو جو انهيءَ طرف وڃڻ به انهيءَ سبب ڪري ٿيو جو شيخ اسحاق سان سندس دوستي هئي ۽ هر درس به رهي چڪا هئا.

شيخ سندن اچڻ کي غنيمت سمجهي کيس صوبيدار ۽ صاحب ديوان جي خدمت ۾ پيش ڪري سندس لاءِ منصب جي تجويز ڪئي. خواجه نظام الدين

---

[1] سلطان جو انتقال 8- صفر ڇنڇر ڏينهن ٻنهڙن منجهند جو ٿيو. (معصومي 235- 236) اڪبر بادشاهه کي اهو اطلاع 2- ربيع الثاني 982 هـ جو پهتو جڏهن پاڻ بينگال طرف ويندي جونپور جي ويجهو يحيٰ پور جي ڳوٺ ۾ منزل انداز هيو. طبقات اڪبريءَ ۾ آهي ته: و درين زمان منهي اقبال به عرض رسانيد ڪ: سلطان محمود خان بهكري داعي اجل را اجابت نمود و قلعه بكر كه معظر قلاع است بتصرف اولياءُ قاهره درآمد (2: 287). انهيءَ اطلاع کي فتح بنگال لاءِ بادشاهه نيڪ فال سمجهيو. ساڳي وقت اهو به عريضو پهتو ته محب علي خان ۽ مجاهد خان تي اعتبار نه آهي تنهنڪري ٻيو ڪو امير اچي سلطان محمود جا وڪيل جنهن جي حوالي قلعي جون ڪنجون ڪن—و درين ايام عرضداشت وكلائ سلطان محمود رسيد كه سلطان محمود و ديعت حيات سپرد و مارا بر محب علي خان و مجاهد خان اعتبار نيست اگر از درگاه كسي را فرستند قلعه را حوالي او نمائيم! حضرت خليفه اللهي ميو گيسوي بكاول بيگي را كه "گيسو خان". خطاب داشت بجهت حراست قلعهٔ بكر فرستادند (طبقات 3: 301). ميو معصوم جو قول آهي ته گيسو خان 12- جمادي الاول 982هـ جو بکر ۾ داخل ٿيو (معصومي 242).

[2] شهاب الدين جو حال ماثر الامرا ۾ ڏسڻ گهرجي (2: 566).

احمد کي "تاريخ طبقات اکبري" جي لکڻ جو ان وقت شوق هيو ۽ مير کي جنهن صورت ۾ تاريخ جي علم ۾ کامل دستگاھ هئي، تنهنکري خواجہ کيس پنهنجو نديم ۽ مصاحب مقرر کيو [1].

مير صاحب جي افلاس ۽ تنگدستيءَ جي صورتحال کي روشن کرڻ لاءِ شيخ فريد هيءَ حکايت ٻہ لکي آهي:

"جڏهن مير گجرات پهتو، تڏهن هڪ صراف هزار اشرفي ڳڻي ڪوئيءَ ۾ ٽي بند ڪئي. مير ڏسي تڏو ساھ پري آسمان ڏي هڻ ڪڍي چيو تہ: اي منهنجا مولا! ايتري دولت هن ٻانهي کي ٻہ عطا ڪر تہ موٽي بکر وجي پنهنجن ٻارن ٻچن سان فرحت ڪري پنهنجو وقت گذاري! تنهن تي سندس همراھ شاھ قليءَ چيو تہ: اي پست همت! اهو کهڙو عرض آهي، جيڪو باري تعاليٰ کي ڪرين ٿو؟ اهو نٿو چوين تہ: يا الاهي! مون کي ايڏو رتبو ۽ جاھ و جلال نصيب ڪر جو آءٌ ايتري زر درماهو پنهنجي هڪ-هڪ سپاهيءَ کي ڏيان!! مير پنهنجو سر زمين تي رکي (سجدو ڪري) رب اڳيان اهوئي سوال کيو. ستارو موافق هيو ۽ سوال اهڙو اگهي ويو جو مير واقعي پنهنجي زندگيءَ ۾ 30-40 لکن ربين جي موڙيءَ جو مالڪ ٿي ويو [2].

---

[1] ...ميان شيخ اسحاق فاروقي-طغائي مسود اوراق شيخ فريد بکري-وکيل مطلق العنان خواجہ نظام الدين هروي بود، و عزيمت مير بصوب گجرات محض از تقريب محبت شيخ اسحاق بود، کہ در بکر يکجا بکسب علوم مشغولي داشتند. شيخ قدوم ميمنت لزوم مير را از جملہ مغتنمات دانسۃ ملازمت صاحب صوبہ و ديوان کنانيده منصب تجويزي دهانيد.

خواجہ نظام الدين احمد را ذوق تصنيف "تاريخ طبقات اکبري" بود، و مير درعلم تاريخ بهره کامل داشت. جمعيت ايشان برارکرد مصاحب و نديم گر ديدند. آخر بہ مرور ايام بہ منصب هزاري ذات سوار رسيده و در خدمت عرش آشياني قرب و حالت بهم رسانيد (ذخيره 1: 201-202) ماثرالامرا جو مؤلف اها ساڳي روايت ذخيره تان وڃي آخر ۾ ڇاڻائي ٿو تہ: مير معصوم پهريون نظام الدين وٽ ۽ پوءِ شهاب الدين وٽ نوکر ٿيو—پس ازان بملازمت شهاب الدين احمد خان صاحب صوبہ آنجا فائز گشت. تجويز منصب امتياز گرفت و بمرور ايام نامي بہ شجاعت و مردانگي بر آورده در خدمت عرش آشياني دولت روشناس اندوخت (3: 337).

[2] آورده اند کہ: چون مير محمد معصوم بکري بہ گجرات تشريف بردند بہ دوکانچہ صراف منزل کردند. آن صراف بزره هزار اشرفي را شمر ده در کوتهري نهاده. مير آه سرد از دل پر درد برآورده و دست بر آسمان برداشت کہ: بار خدايا! اين قدر زر بہ بنده عطا فرماي (کہ) بہ بکهر رفتہ در گوشۂ انزوا با فرزندان اوقات گذر نمايد! شاه قلي يار ايشان-کہ درين سفر رفيق بود-از روي ابرام بہ مير گفت: اي پست همت! اين قدر آرزو است؟ بدرگاه قاضي الحاجات مسئلت نما کہ: رتبۂ جاه وجلال من چنان زياده گردان کہ اين قدر زر درماهہ يک سپاهي من باشد! مير جبين نياز بدر گاه بي نياز برزمين نهاد مسئلت اين مطلب نمود. اختر در گذر بود، مستجاب شد. مير در زمان دولت خود، صاحب سي وچهل لک روپيہ گرديد (1: 2-2).

انهيءَ داستان جي شروعات "آورده اند" سان ڪئي وئي آهي. ائين پيو پانئجي تہ شيخ فريد ڪنهن ڪتاب تان ورتو آهي، جنهن جي نالي کان اسين واقف نہ آهيون. بهرحال شيخ فريد جي انهيءَ داستان ۾ هيٺيان سقم آهن:

(1) شهاب الدين احمد خان جو گجرات ۾ تقرر وزير خان جي جاءِ تي 984 هـ[1] ۾ ٿيو[2]، ۽ ميرِ معصوم تقريباً ست ورهيه پوءِ گجرات ۾ مقرر ٿيو. جڏهن شهاب الدين جو تبادلو ٿي چڪو هيو ۽ سندس جاءِ تي اعتماد خان کي 991 هـ [3] ۾ موڪليو ويو. خواجہ نظام الدين جو تقرر پڻ انهيءَ موقعي تي ٿيو. اهو وقت هيو جو بين اميرن ۽ عملدارن سان گڏ ميرِ معصوم بہ مقرر ٿي گجرات ۾ آيو.

(2) ميرِ معصوم 984 هـ ۾ جڏهن تہ سندس موجودگي گجرات ۾ ڏيڪاري وڃي ٿي-خواجہ غياث الدين علي آصف خان ثاني[4] جي سپهہ سالاريءَ هيٺ ايدر جي لڙائيءَ ۾ شريڪ هيو. جنهن ۾ 4- ذي الحج 984 هـ (جون 1576ع) جو شاهي لشڪر کي آخري طرح ڪامل فتح حاصل ٿي[5].

جيئن ايندڙ صفحن ۾ ظاهر ٿيندو. ميرِ معصوم درحقيقت سلطان محمود جي وفات (982 هـ) کان پوءِ، جڏهن اپرسنڊ اڪبري سلطنت جو جزو بڻجڻي هئي يا بڻجي چڪي هئي، هوا جو رخ ڏسي بکر کي خيرباد چئي قسمت آزمائڻ لاءِ هندوستان ويو ٿو ڏسجي. ماثر رحيميءَ جي هڪ عبارت مان اهڙو اشارو بہ ملي ٿو. گجرات ۾ اعتماد خان ۽ شهاب الدين خان سان مظفر گجراتي جي آويزش (990 هـ-991 هـ) جو ذڪر ڪندي هڪ جنگ جي روئداد ڏئي عبدالباقي نهاوندي لکي ٿو:

"ميرِ معصوم بکري جيڪو بکر جي وڏي شاندار ساداتن مان هو... بادشاهي اميرن ۾ "فتح بکر" جي موقعي تي شامل ٿيو هو. انهيءَ وقت (991هـ) گجرات ۾ ڪمڪي هيو"[6].

---

(1) مراۃ سڪندري ص 457- مراۃ احمدي 985 هـ لکيو آهي (1: 137).

(2) اڪبر نامہ 3: 217.

(3) اڪبر 9 ربيع الاول بروز چهار شنبہ 991 هـ جو اعتماد جي تقرر جو حڪم جاري ڪيو (طبقات 3: 368- اڪبر نامہ 3: 403 مراۃ احمدي 1: 142) 12 شعبان 991 هـ جو اعتماد خان احمد آباد ۾ داخل ٿيو.

(4) آصف خان لاءِ ڏسو نورجهان جو پدري ۽ مادري شجرو ڇپيل مظهر شاهجهاني مرتب راقم الحروف.

(5) طبقات 2: 330 اسمٿ ڇاپو ٻيو ص 108.

(6) ميرِ معصوم بکري ڪ از سادات رفيع الشان بکر بود...در سلک امراي پادشاهي، در هنگام فتح بکر منتظر شده بود. دران وقت کمکي گجرات بود (ماثر رحيمي 2: 226).

فتح بکر مان عبدالباقيءَ جي مراد اهو ٿورو عرصو آهي، جيڪو محب علي جي معرڪ آرائين (979 هـ) کان شروع ٿيو ۽ سلطان محمود بکريءَ جي وفات بعد بکر جي پهرين مغل صوبيدار مير کيسو خان بکاول بيگيءَ جي آمد (982 هـ) تي ختر ٿيو.

مير معصوم جي هڪ قول مان جنهن جو راوي ملا بدايوني آهي. ظاهر ٿئي ٿو ته، مير بکر کان گجرات نه پر سڌو سنئون آگري دربار ۾ پهتو هيو. ملا صاحب جو بيان آهي ته:

"مير معصوم جيئن ته تقويٰ، پرهيزگار، درود، نماز ۽ تلاوت جو بيحد پابند هو. کنهن چيو ته: تيسين کوبه فائدو پهچي نٿو سگهي، جيسين مرشد جي رهنمائي حاصل نه ڪجي! جواب ۾ مير معصوم چيو ته: منهنجا ٻي مرشد آهن، وڌيڪ جي في الحال ضرورت نه آهي! انهن ٻن مرشدن جي نوعيت بيان ڪندي مير صاحب شروعات هن جملي سان ڪئي آهي:

پنهنجي وطن کان دارالخلافه طرف روانو ٿيس. ان وقت جوانيءَ جي هواءِ ۽ هوس ۾ مٿو انهيءَ حد تائين خراب هيو جو هزاري ۽ دو هزاريءَ اڇيان ڪنڌ ڪونه ٿي جهڪيو. جنهن وقت دربار ۾ پهتس ۽ چوبدارن جا چهبوڪ کاڏم ۽ ذلت سهڻي پئي ۽ گهڻي انتظار ۽ کاڏن ڪيڏ بعد منصب بيستي نصيب ٿيو..."[1]

مٿين عبارت مان ظاهر آهي ته مير بکر کان سڌو دارالخلافه (آگره) پهتو. ٻئي جملي مان صاف معلوم ٿئي ٿو ته جواني ۽ جواني جي مستي هيس افلاس زده ڪونه هيو ۽ نه بي سرو سامان هيو جيئن ذخيرة الخوانين واري تصوير چٽي آهي. بهرحال ايترو ڪجهه اٿاٿو هيس جو هزاري ۽ دو هزاري اميرن جي پرواهه مطلق نٿي ڪيائين. افلاس ۽ بي زريءَ تي اها خوءِ بوءِ کانه ٿيندي آهي، هڙ ڪوسيءَ کان سواءِ مير کي، پنهنجي هٿ، علم ۽ عملي قوت تي پٽ وڌو تکيو هيو، جنهنڪري کنهن تي اک کانه ٿي ٻڌس. "گهڻي انتظار" بعد مان اهو پٽ ظاهر آهي ته جنهن صورت ۾ هزاري دو هزاري اميرن کي ڪونه ٿي ليکيائين، تنهنڪري کيس ترسٽو پيو، جيسين بادشاهه کنهن نه کنهن وسيلي

---

[1] بدايوني 3: 6 استسر ما به هزاري و دو هزاري هم فرو نمي آمد، چون به دربار رسيده چوب پساولان وچوبداران صاحب اهتمام، خوردبر و رذالت کشيديم و بعد از طول انتظار مارا به منصب بيستي سر فراز ساختند..."

سان سندس خوبين کان آگاھ ٿي کيس کو منصب عطا فرمائي.

مير معصوم حقيقت ۾ (984 ھ کان) کافي عرصو اڳ اڪبري ملازمت ۾ داخل ٿي چڪو ھيو. ملازمت حاصل ڪرڻ ۾ منصب ونڊ جا سيئي مرحلا طئي ڪري انھيءَ سال تاريخ جي صفحن تي ايري آيو آھي ۽ مختلف معرڪن سر ڪرڻ ۾ انھيءَ دور جي سيني مڪيہ امين ۽ سپھ سالارن جي معيت کيس حاصل ٿي ھئي. آصف خان ثاني، خان اعظم کوکو، شھاب الدين احمد خان، اعتمادالدولہ ۽ خان خانان ميرزا عبدالرحيم جھڙن عظيم المرتبت جرنيلن جي ڪَمان ھيٺ ڪيترن معرڪن کي سر ڪرڻ جي سرخروئي کيس حاصل ٿي چڪي ھئي.

لڙائي، ملڪي معاملن کي سلجھائڻ ۾ مسئلن کي منھن ڏيڻ ۾ عام ڪارڪردگيءَ سبب، مير معصوم پاڻ کي ايترو اھم ۽ متانھون ثابت ڪيو، جو جن بہ مورخن سندس ذڪر ڪيو آھي يا نالو ورتو آھي تن سيني جي عبارتن ۾ لفظن منجھان مير لاءِ نھايت عزت آبرو ۽ احترام وارو جذبو ظاھر ٿئي ٿو.

اڪبر جو سمورو دور-جيئن ايندڙ صفحن مان معلوم ٿيندو-خيرخوبيءَ سان گذاري مير جھانگير جي پھرين سال ۾ جڏھن انتقال ڪيو، اوستائين سندس وقت نھايت سھٽي نموني سان گذريو. ڪڏھن عتاب شتاب ۾ ڪونہ آيو، حالانڪ ڪيئي معاصر شاھي نظر تان ڪڏھن ڪريا ڪڏھن بحال ٿيا. آخري وقت تائين مير پنھنجي منصب تي قائم رھندي انجام بخير تي پھتو، جيڪا شخصي ۽ مغلئي حڪومت ۾ ھڪ وڏي سوپ ھئي.

انھي ۾ ڪو شڪ ڪونہ آھي تہ اڪبر نہ فقط مردم شناس ھيو، بلڪ ماڻھن مھيا ڪرڻ ۾ بہ سندس پاڻ پلا ھئا، جيڪي مشير امير کيس ميسر ٿيا سي پوين مان ڪنھن بہ مغل بادشاھ کي نصيب ڪونہ ٿيا. اڪبر واقعي پاڳوند ۽ راڄ چگو مڙس ھيو[1].

---

(1) 31- 12- 1975ع ڪراچي-علي رضا منزل- الحمرا سوسائٽي.

باب ڏهون

اڪبري دربار ۾ شروعاتي زندگي

اڪبري دربار يا سرڪاري ملازمت ۾ مير معصوم جي داخل ٿيڻ جو— جيئن گذريل صفحن ۾ ڏيکاريو ويو آهي—کوبه حمتي اطلاع يا اهجاڻ کونه ٿو ملي. قياس ۽ قرينو جي آڌار تي خيال آهي ته مير مرحوم سال 979 هه ڌاري بکر جا وڻ ڇڏيا هوندا. 984 هه ۾ پهريون پيرو سندس نالو اڪبري دوڙ جي تاريخ ۾ ورتو ويو آهي. جيتوڻيڪ اهي وچ وارا چند ورهيه (79- 984 هه) سندس ڪيفيت ۽ احوال ڄا هو، اها خبر خدا کي، البت ايترو ڄئي سگهجي ٿو. ته 984 هه کان ضرور کو عرصو اڳ باقاعدي شاهي ملازمت ۾ شامل ٿيو هوندو. نه ته تاريخ جي صفحن ۾ نويل يا سيکڙاڻ رنگروٽ کي ڪٿي اهو شرف حاصل ٿي سگهيو ٿي ته ڪهنه - مشق جرنيلن سان گڏوگڏ سندس نالو ورتو وڃي. پهرئين سال ملازم ٿيڻ شرط به. مغلن جي دستور مطابق، ايتريءَ اهميت جو مستحق نه سمجهيو وڃي ها. تنهن مان ظاهر آهي ته يقيناً جنگ جو ٽٽ ۽ رزم آرائيءَ جي ڳر خواهه بادشاهي ملازمت جي سيني امتحانن مان ڪيس انهيءَ کان پهرين ٽپٽو پيو هوندو.

ايدر جي جنگ 984 هه/1576ع: خواجه نظام الدين بخشي سال 23 الٰهي (984هه/1576ع) جي آخري مهيني جي روئداد بيان ڪندي ٿو ته: بادشاهه ذي الحج ۾ ديبال پور (مالوهه) پر ڳٽي ۾ منزل انداز هو، جتي اطلاع پهتو ته راجا نارائڻ داس ڪيڪا جو والي — جيڪو ڪجهه وقت اڳ راءِ مانسنگ هٿان شڪست کائي ڪوهستاني علاقي ڏانهن روپوش ٿي ويو هو[1] - تنهن تي بادشاهه چڙهائيءَ جو حڪم ڪيو آهي ۽ ڪمان قطب الدين خان جي سپرد آهي. پنيانس قليچ خان جي امدادي فوج به اماڻي ويئي، ۽ علي مراد خان اوزبڪ پڻ ايدر مان انهيءَ فوج ڪشيءَ ۾ وڃي شامل ٿيو.

---

[1] 20 محرم 985 هه جو بادشاهه اجمير جي منزل تان راءِ مانسنگ کي انهيءَ راڄي جي سرڪوبيءَ لاءِ اماڻيو (طبقات 2: 321). ڪوهستان هندواڙي جي شهر ڪوڪندي وٽ جنگ ٿي، جنهن ۾ راڻو شڪست کائي، زخمي ٿي، پڇي ويو (طبقات 2: 22- 323). مانسنگ ڪوڪندي تي قبضو ڪري ويهي رهيو، ۽ ڪجهه عرصي بعد لشڪر کي ڏڪار پوڻ سبب واپس گهرايو ويو (طبقا 2: 326). انهيءَ بعد اجمير کان اها لشڪر ڪشي ڪئي ويئي، جنهن ۾ بادشاهه پاڻ به ڪجهه وقت بعد شريڪ ٿيو.

نارائڻ داس مقابلي لاءِ اوسي پاسي جي زميندارن ۽ راجپوت پاڙيسرين کان مدد وٺي ايدر[1] جي ٿاڻي کان ڏهن ڪوهن جي فاصلي تي راتاهي (شب خون) جي وجهه ۾ اچي ويٺو هو. موقعي ۽ مهل جي نزاڪت کي ڏسندي، بادشاهه متعدد جرنيلن کي رواني ڪرڻ جو انتظام ڪيو. "طبقات" ۾ آصف خان، ميرزا محمد مقيم، تيمور بدخشي، مظفر خان (برادر خان عالم)، خواجه ناصر وغيره جي موڪلڻ جو ذڪر آيو آهي. اهڙن ناميارن جَري ۽ قديم سپهه سالارن جي صف ۾ مير معصوم جو نالو شامل ڪيو ويو آهي. جنهن مان بخوبي مير صاحب جي اهميت ۽ جنگي اهليت جو اندازاو ڪري سگهجي ٿو[2].

چوٿين ذي الحج 984 هه جي صبح جو ميدان ٿيو، جنهن جي سَٽ نارائڻ داس جهلي نه سگهيو، ۽ شڪست کائي وري جان بچائي ڀڄي ويو. بادشاهه کي جڏهن اهو اطلاع پهتو، تڏهن هرهڪ امير ڏانهن جدا جدا خوشنوديءَ ۽ تحسين جا فرمان موڪليا ويا[3].

بهار ۽ بنگال 988 هه/1580ع: گذريل چند سال يعني 984 کان 988 هه تائين مير معصوم جي سلسلي ۾ ڪوبه اطلاع ڪونه ٿو ملي. ڪٿي رهيو؟ ڪهڙيءَ مهم جي پٺيان رهيو؟ ڪهڙو ڪم سندس سپرد رهيو؟ قريباً پنج سال تاريخ جا صفحا سندس ذڪر کان خالي آهن. پاڻ وري کيس سال 988 هه-1580ع ۾ خان اعظم ميرزا عزيز ڪوڪَلتاش جي ڪمان ۾ بهار ۽ بنگال طرف معرڪن ۾ مشغول ۽ منهمڪ ڏسون ٿا.

بنگال ۾ مظفر خان کي صوبيدار بنائي مرڪز مان موڪليو ويو هو. جنهن اتي پهچي پنهنجو رويو ايترو سخت رکيو، جو رعيت جي تاليف قلب ڪانه ٿي، بلڪ انتشار، بي آرامي ۽ عوامي بغاوت وڌي ويئي. مظفر خان انهيءَ ڪشمڪش ۾ مارجي ويو، جنهن کان متاثر ٿي، مرڪز طرفان راجا توڏرمل، محمد صادق خان ۽ ترسون خان موڪليا ويا. اڃا اهي پهتائي ڪونه، ته بغاوت وڌي وڃي بهار جي سرحدن ۾ داخل ٿي. گويا هاڻي ٻنهي ملڪن جو

---

[1] ايدر پرڳڻو احمد آباد کان 45 ڪوهن تي اوڀر طرف آهي، جنهن جون سرحدون اوڌيپور ۽ ڊونگر پور سان لڳن ٿيون. ايدر ۾ قديم قلعو موجود هو (مراة احمدي 3: 195 بڙودو 1930ع —ترجمه انگريزي از نواب علي، ص 164 بڙودو 1928ع).

[2] بدايوني (2: 245) ۾ ميرزا ابو الغيث بخاريءَ جو به نالو آيو آهي.

[3] طبقات 2: 331. بدايونيءَ ۾ انهيءَ جنگ جي تاريخ 4- ذي الحج 984 هه ڏنل آهي (2: 244).

عوام گڏجي، آگري کان ويهي حڪر هلائيندڙن جي خلاف، هڪڙئي سان ٻانهه ٻيلي ٿي بر سر، پيڪار ٿيو هو.

حالتون جڏهن انهيءَ ڪڙيءَ تي آيون، ان وقت خان اعظم ميرزا عزيز ڪوڪلتاش کي بهار طرف اماڻيو ويو [1]. پٽيان ڪمڪ ۾ محب علي خان پٺ روانو ٿيو. "اڪبر نامہ" انهيءَ سلسلي ۾ مير معصوم جو نالو به آندو آهي—"سيد مظفر، مير معصوم ۽ ٻيا تجربيڪار خدمتگذار همراهيءَ ۾ موڪليا ويا—"[2].

مختصر هي ته انهيءَ قسر جي "تجربيڪار خدمتگذارن" جي انبوهه در انبوهه پهچڻ بعد ڪٽي ماڻهن ۾ دم هو، جو منهن ڏيئي سگهن! تنهنڪري في الحال ته شورش ختر ٿي ويئي ۽ انتظامي طرح ناپر آئي.

بنگال 991 هـ / 1584ع: ليڪن پوءِ به مخالف جو بج ڪونہ نڪتو هو، ۽ گاهي ماهي هنگاما ٿيندا ٿي رهيا، جن جو مهندار معصوم ڪابلي هو.

خان اعظم، بنگال کان 9- محرم 990 هـ جو واپس دربار ۾ پهچي، شاهي حضور ۾ اتي جي سموري روئداد اچي پيش ڪئي. چند ڏينهن اُتي رهي، خان اعظم پٽنہ (حاجي پور) جڏهن واپس ٿيو، ان وقت بادشاهہ پيش ٿيل حالتن جي مد نظر ته ڪابل کان واپس آيل لشڪر منجهان چيدا چيدا سپاهي ساڻس گڏي ڏنا، جيئن اتي پهچي معصوم ڪابليءَ کي هميشہ هميشہ لاءِ نابود ڪرڻ جي ڪوشش ڪن [3].

خان اعظر اڃا واٽ تي هو، جو معصوم ڪابليءَ جي از سرنو شورش جو اطلاع پهتو. "طبقات" جو مصنف 991 هـ- 1583ع جي واقعات ۾ لکي ٿو:

"(28 سال الٰهي) گذريل صفحن ۾ مذڪور آيو تہ خان اعظم ۽ ٻيا جا گيردار حاجي پور مان درگاهہ ۾ آيا. جنهن صورت ۾ صوبو خالي هو، تنهنڪري حرام نمڪن فرصت غنيمت ڄاڻي، ڪنڌ ڪڇ کان فتنو ۽ فساد پيدا ڪري ڇڏيو" [4].

---

(1) اڪبر نامو 3: 324- "چون خان اعظم بجنود اقبال طراز پيوست عشرت رايات بلند شد".

(2) اڪبر نامو 3: 324- "سيد مظفر و مير معصوم و ديگر خدمت گزينان كارشناس را همراه گردانيد ند".

(3) طبقات 2: 364.

(4) طبقات 2: 365— "در اوراق گذشته ذكر يافت كه خان اعظم وسائر جاگيرداران از حاجي پور بدرگاه آمدند. چون آن صوبه خالي ماند بود حرام نمكان فرصت يافته از هر گوشه سر فتنه و فساد بر آوردند".

خبسه نالي معصوم کابليءَ جي ملازم، ترخان ديواني ۽ سرخ بدخشيءَ سان گڏجي، بهار جي صوبي ۾ قتل ۽ غارت گرديءَ جو طوفان کڑو کري ڇڏيو. اتفاق سان محمد صادق خان بخشي اُتي موجود هو. جنهن محب علي خان سان گڏجي معاملي کي منهن ڏنو. مقابلي ۾ خبسو مارجي ويو. جنهنکري باغي گروه دل شکستو ٿي، کجهه مغلوب ۽ باقي منتشر ٿي ويو.

انهيءَ بغاوت کي ختر کرڻ بعد محمد صادق خان بهار کان واپس دربار ۾ آيو ۽ اُتي جا اڇي سموراحوال بادشاهه جي گوش گذار کيائين. اکبر مطمئن نه ٿيو. هُن محمد صادق خان کي فوراً پٽني موڪليو. جيئن خان اعظم سان گڏجي انهيءَ فتني کي آئنده لاءِ نيست نابود کرڻ جا اپاءَ وٺن. شاهه قلي، شيخ ابراهيم حبشي ۽ ٻيا امير پڻ انهيءَ چڙهائيءَ ۾ مَدَد واسطي موکليا ويا.

اهو بيان "طبقات" جي مصنف جو آهي، جنهن فوجي سردارن ۾ مير معصوم جو نالو کونه ورتو آهي- "ديگر امراي کبار" جو فقرو مطلب جي ادائگيءَ لاءِ کافي سمجهي، سلسلي کي ختر کري ويو آهي. ليکن خدا پلو کري ابوالفضل جو، جنهن "اکبر نامه" ۾ انهيءَ سال ۽ انهن ويندڙ اميرن ۾ مير معصوم جو نالو آڻي، سوانحي ڪَڙين کي ملائڻ لاءِ سولائي کري ڇڏي آهي. خاص اميرن جي فهرست هن ريت ڏني ويئي آهي:

"-بنا بران سيزدهم اُردي بهشت، ميرزا خان و زين خان کوکه، و اسماعيلُ قلي خان، و مخصوص خان، و مطلب خان، و راي سرجن، و شيخ جمال بختيار، و شيرويه خان، و صفر بيگ، و مير ابو المظفر، و مير معصوم بکري، و بسياري ديگر از ملتزمان بارگاه حضور دستور شرقي ديار يافتند و هريک رابخلعت فاخره اسب خاص سر بلندي بخشيدند —"[1].

مصنف موصوف لکي ٿو، ته اڄا اها کمک رواني مس ٿي هئي، ته مخالف گروه جي شکست ۽ هزيمت جي خوشخبري دربار ۾ پهچي ويئي. "طبقات" جي مصنف تفصيل ڏيندي لکيو آهي ته بنگال کان خبر رسي ته خان اعظم جون فوجون ٽانڊه ۾ پهتيون، ان وقت خالدي خان، جبار بردي، ۽ ميرزا قاقشال انهيءَ ڏوهيءَ (معصوم کابليءَ) کان الڳ ٿي، خان اعظم وٽ اچي،

---

[1] اکبر نامه 3: 399.

پاڻ کي پيش ڪيو. جنهنڪري معصوم ڪابليءَ جي ڪمر ٽُٽي پيئي ۽ ميدان ڇڏي عيسيٰ زميندار وٽ وڃي سامر پيو. اهڙيءَ طرح ولايت بنگال جو جيڪو حصو باغين جي قبضي ۾ هو، سو موٽي، شاهي تصرف ۾ اچي ويو.[1]

مير معصوم جي حياتيءَ جي انهن ننڍين ۽ ابتدائي مهمن کان سواءِ آئنده واري دور ۾ چند اهر ترين واقعا ۽ مهمون درپيش هيون، جن کي درحقيقت سندس سر ڪاري زندگيءَ جو ماحصل ۽ سندس حياتيءَ جو سنگ ميل چئي سگهجي ٿو. انهيءَ آئيندي دور ۾ ئي هُن هن دنيا ۾ پنهنجي عمل جا نقش ۽ نشان قائر ڪيا، جن ڪيس نہ چڙو تاريخ ۾ اهر مقام ۽ دوام بخشيو، بلڪ سندس شخصيت کي حقيقي عظمت ۽ اهميت انهيءَ دور ۾ حاصل ٿي.

مير جي ايندڙ زماني کي اسان ٽن عنوانن ۾ ورهائي سگهون ٿا:

(1) گجرات جي مهر، خواجہ نظام الدين احمد صاحب "طبقات" سان تعلق ۽ تاريخ نويسيءَ جي رجحان جو پيدا ٿيڻ، ۽ "تاريخ سنڌ" لکڻ جو ذهني خاڪو.

(2) سنڌ تي لشڪر ڪشيءَ ۾ خان خانان سان شموليت، ۽ سنڌ ۾ پنهنجا آثار قائر ڪرڻ.

(3) ايران جي سفارت ۽ اُتي جي عملي حلقن ۾ رسوخ ۽ ساک پيدا ڪرڻ.

ايندڙ صفحن ۾ انهن ٽن عنوانن جو تفصيل سامهون ايندو[2].

ظاهر آهي تہ انهن ٽن مکيہ عنوانن کان علاوه مير جي زندگيءَ ۾ بيا بہ ڪي ٻئي اهڙا واقعا ٿيا هوندا جن کي يا تہ تاريخ ضبط نہ ڪري سگهي يا انهن جي سڌ پوڻ جو ذريعو پاڻ کي ميسر نہ ٿيو، جهڙوڪ تہ: سيويءَ تي چڙهائي قندار ۾ ڪيترو وقت قيام ۽ اتهن سندس ڪيل خدمتون ۽ ڪارنامہ وغيره وغيره، اهي اهڙا مسئلا آهن جن جي تفصيل کان اسان محروم آهيون. فقط اهجاڻن تي ايندڙ صفحن ۾ انحصار ڪيو ويو آهي.

---

[1] طبقات 2: 368- "از بنگالہ خبر رسيد کہ خان اعظم و افواج قاهره در تانده در آمدند. و خالدي خان و جبار بردي، و مرزا بيگ قاقشال از عاصي (معصوم) کابلي جدا شده، پيش خان اعظم آمدند. و او (معصوم) فرار نموده پناه بہ عيسيٰ زميندار برد. و آنک از ولايت بنگالہ بہ تصرف باغيان در آمده بود، باز بتصرف اولياي دولت روز افزون در آمد."

[2] (26- 3- 1978).

باب يارهون

گجرات جي مهم ۽ قيام

گجراتي سلطنت جي زوال جي آخري ڏينهن ۾، سلطنت جو اميرالامرا ۽ وزير الممالک اعتماد خان هڪ نهايت ئي زيرڪ، چالاک ۽ موقعي پرست شخص هو، جنهن جي خود غرضيءَ تي مبني چالبازين، بجاءِ استحڪام جي، پيڙهين جي آزاد مملڪت کي مغلن جو غلام بنائي ڇڏيو.

سلطان محمود شاهه سوم (944هـ/1537ع-961هـ/1553ع) لاولد قتل ٿيو. اعتماد خان شخصي مصلحت خاطر رضي الملک نالي هڪ بار کي سلطان احمد شاهه (باني احمد آباد) جي اولاد مان ظاهر ڪري ڪيس سلطان احمد شاهه جي لقب سان تخت نشين ڪيو. انهيءَ هٿ ٽوڪئي نينگر کي، حرم سراءِ ۾ ويهاري، پاڻ سياهه - سفيد جو مالڪ بڻجي، حڪم هلائڻ لڳو. پنجن سالن تائين انهيءَ تماشي کي صبر سان سهڻ بعد، احمد شاهه حرم سراءِ ڇڏي باهر نڪتو، ۽ بين اميرن کي پاڻ سان هموار ڪري، انتظام هٿ ۾ ڪيائين. نتيجي ۾ ملڪ خانه جنگيءَ ۾ مبتلا ٿيو. اعتماد خان چند ڏينهن اندر سلطان کي ننڍ ۾ قتل ڪرائي (969هـ/1561ع)[1]، پئي هڪ ڇوڪري کي سلطان محمود جو فرزند ظاهر ڪري، تخت تي ويهاريو ۽ سلطان مظفر اُن جو لقب ظاهر ڪيائين. اعتماد خان دوباره نه ڇڙو پنهنجي وزارت مضبوط ڪئي، بلڪ پنهنجي لاءِ "مسند عالي" جو خطاب تجويز ڪري، وري تسلط قائم ڪرڻ جي هڪ ڪوشش ڪيائين.

اهو زمانو هو، جڏهن لوور سنڌ تي ميرزا عيسيٰ ترخان جي حڪومت هئي ۽ اپر سنڌ تي سلطان محمود بکري پنهنجي جبري حڪومت هلائي رهيو هو، جنهن ۾ سنڌ جي باشندن جو دَمُ گهٽجي رهيو هو. نٽي واري حصي ۾ جيتوڻيڪ بظاهر خير هو، ليڪن عيسيٰ جي پٺن ۾ اندرُون اندر هڪٻئي خلاف وڏو روڳ هلي رهيو هو. گجرات سان سنڌ جي سمن سلطانن جو جيڪو تعلق هو، تنهن جو خاتمو شاهه بيگ ۽ پوءِ شاهه حسن جي عناد آميز روش سبب

---

[1] اهو سال فرشته لکيو آهي 2: 451.

ڪڏهن جو خاتمو ٿي چڪو هو. سنڌ ۽ گجرات جي وچ ۾ ڪوبہ سياسي ۽ سماجي تعلق باقي نہ رهيو هو. گجرات انهيءَ دور ۾ فقط سنڌ جي مظلوم ۽ ستايل ماڻهن لاءِ پناهہ ۽ اجهي جو ڪر ڏيئي رهي هئي. هتان جي ظلم ڪان پڄي سنڌين اتي وڃي پناهہ ورتي ٿي، جيڪا ڳالهہ مقبوضہ سنڌ جي حاڪمن کي اصل ڪاڻ ٿي وڻي، ليڪن ان جو علاج وٽن ڪو نہ هو.

اڪبر کي گجرات جي دعوت: "مسند عالي" اعتماد خان جيڪو نئون انتظام ناهيو، سو گهٽي تائين جٽاءُ ڪري نہ سگهيو. نہ چڙو سلطان مظفر سندس مخالف ٿي پيو بلڪ پيا امير پڻ گروهہ بنديءَ ۾ لڳي ويا. اعتماد خان کي حالتن تي جڏهن اعتبار نہ رهيو، ان وقت هو وطن فروشيءَ تي آمادو ٿي ويو ۽ اڪبر کي ڪاهہ ڪرڻ جي پنهنجي ڪارندن هٿ دعوت موڪلي ڏنائين[1].

اڪبر کي اها دعوت 980 هـ/1572ع ۾ ناگور جي منزل تي پهتي. انهيءَ گهريلو فتني مان اڪبر فوراً فائدو وٺڻ چاهيو ۽ اتانهون ئي گجرات ڏانهن ڪوچ جو نقارو وڄائي روانو ٿيو. اڪبر کي وهم گمان ۾ بہ ڪونہ هو تہ گجرات جي سلطنت انهيءَ حد تائين تباهہ حال ۽ زوال پذير ٿي چڪي هوندي، جو ڪوڙي سچي هڪ ڏينهن جي مقابلي جي توانائيءَ ڪان بہ محروم هوندي. احمد آباد وٽ جڏهن اڪبر پهتو، ان وقت شير خان فولادي شهر جو قبضو ڇڏي پڄي ويو. مظفر خان لاءِ وڙهڻ بيڪار هو ۽ پاڻ ئي اڳي پيش پيو. اهڙيءَ آساني‌ءَ سان انهيءَ قدير سلطنت خواه ملڪ جو هٿ اڇڻ خدائي ذات ڪان گهٽ ڪونہ هو. نمڪحرام "مسند عالي" اعتماد خان تي- جنهن ملڪ ۽ ملت جي آزادي پنهنجي نفس خاطر ختر ڪرائي — اڪبر جي عنايتن جي ورڪا جو بنهہ شمار ڪونہ هو. سندس قوت اڳي ڪان اڳري ٿي ويئي.

نوان حاڪم نئون دؤر (981هـ-991هـ / 1572ع- 1583ع)

اعتماد خان وري بہ قوت ۾ رهيو، ليڪن گورنر مغل حڪومت طرفان ايندا رهيا. بالادستي بهرحال نون ماڻهن جي هئي. ڪجهہ عرصو تہ گجراتين حالتن جو مطالعو ڪيو. آخرڪار گجراتي سردار شير خان فولادي ۽ معزول سلطان مظفر خان

---

[1] هي حالات "اڪبر نامہ"، "ماثر رحيمي" ۽ "طبقات" (2: 244- 259) تان ورتا ويا آهن. "مرات سڪندري" ۽ "مرات احمديہ" کي بہ ڏسجي. "طبقات" ۾ آهي تہ "چون اعتماد خان ديد ڪہ ڪاري از پيش نمي رود، عرضداشت بحضرت خليفہ الٰهي فرستاده ترغيب تسخير گجرات نمود (2: 259)."

مقابلي لاءِ ميدان ۾ نڪري آيا. حقيقي وارثن ۽ قبضيدارن جي وچ ۾ معرڪا شروع ٿيا، جن جو سلسلو پورا ڏهه سال (981- 991 هـ) هلندو رهيو.

آخري دور ۾ شهاب الدين احمد خان مغلن جو صوبيدار هو. جڏهن اڪبر مجبور ٿي، اعتماد خان کي بطور صوبيدار جي مقرر ڪري مختار ڪل ڪيو، جيئن لوهه، لوهه کي ڪاٽي سگهي—گجراتي مقابلي ڪندڙن لاءِ گجراتي غدار ئي موزون ٿي سگهيو ٿي، جنهن کي سڀني ڪمزورين ۽ ڪوتاهين کان واقفيت هئي[1].

اعتماد خان جي مقرري: انهيءَ اسڪيم تي عمل ڪندي بادشاهِ انهيءَ نئين انتظام تحت اعتماد خان سان پنهنجا هيٺيان مُک ۽ معتمد امير بہ گڏي ڇڏيا—غدار بهرحال غدار آهي، ڪر تہ ڪانئس وٺي سگهجي ٿو. ليڪن لاهي پاهي سڃو پروسو ان تي رکي ڇڏڻ ملڪداريءَ جي سياست ۽ مصلحت جي خلاف هو. بادشاهِ انهيءَ اصول کان غافل ڪونہ هو.

(1) ميو ابو تراب	امين الملڪ
(2) خواجہ ابوالقاسم	ديوان
(3) خواجہ نظام الدين احمد	بخشي

اهي ٽيئي اميرِ خاص عهدن تي مقرر ڪيا ويا، انهن کان سواءِ، ملڪ کي هيٺين جاگيردارن ۾ تقسيم ڪري، انهن کي بہ اماڻيو ويو:

محمد حسين شيخ
ميو ابو المظفر
ميو حبيب الله ابو اسحاق
ميو صالح
هاشم داعي
بنياد بيگ
سيد جلال بخاري
بيگ محمد توقبائي
ميو شرف الدين

---

(1) "طبقات" جو مصنف 991 هـ (29 سال الٰهي) جي واقعن ۾ لکي ٿو: درين ولا بخاطر اشرف رسيد ڪ چون اعتماد خان سالها حڪومت گجرات کرده بود، طريق آباداني از ديگران بهتر ميدانسته باشد و چون گجرات باو عنايت شود، سبب اميد واري حڪام بلادي ڪ در تصرف نيست، ميشود. بنابران حڪومت گجرات را باعتماد خان مرحمت فرمودند (2: 368).

"طبقات" جي صاحب اهي نالا ڏنا آهن. "اڪبر نامہ" ۾ وڌيڪ هنن اميرن جو اضافو آهي:

سيد جلال بکري

سيد ابو اسحاق – ۽

مير معصوم بکري.

"اڪبرنامہ" جي مصنف انهن کي "مجاهدان اخلاص گر" جي لفظن سان مخاطب ڪندي، لکيو آهي تہ منجهانئن هر هڪ کي خلعت ۽ انعام اڪرام سان سرفراز ڪري اماڻيو ويو [1]. انهيءَ اهتمام مان اهو اندازو ٿئي ٿو تہ گجرات جي عوام جي مخالفت ۽ مغل حڪومت کان نفرت جي ڪيفيت ڇا هئي؟ ڏهہ سال ڪشمڪش هلي، ليڪن ناپر اچي نہ سگهي، نہ اڪبر جهڙو جبرو بادشاهہ انتظام درست ڪرائي سگهيو، نہ گجراتين جي تاليف قلب ڪئي ويئي.

ڪشمڪش ۽ آزاديءَ لاءِ جدو جهد: ايڏي وڏي اهتمام ۽ انتظام بعد بہ گجراتي قضا تي قانع ٿي ويهي رهيا. برابر وڙهندا رهيا. "اڪبرنامہ" ۾ انهن سيني معرڪن جو بيان ۽ تفصيل موجود آهي، جيڪي انهيءَ سرزمين ۾ ٿيندا رهيا. معلوم ٿئي ٿو تہ گجراتي سر تان آسرو ڪٽي نهايت ئي بي جگريءَ سان وڙهي رهيا هئا.

اسان جي ممدوح مير معصوم بکريءَ کي انهن سيني معرڪن ۾ مغل لشڪر ۾ نمايان سپاهيءَ ۽ جرنيل جي حيثيت حاصل هئي. ڪڏهن "جرانغار" ۾ تلوار هڻي رهيو هو، ڪڏهن "برانغار" ۾ شمشيرزني ڪئي ڪيائين [2].

خواجہ نظام الدين بخشي جنهن صورت ۾ پاڻ شخصي طرح مهل ۽ موقعي تي موجود هو، تنهن اکين ڏٺو حال تفصيل ۽ وضاحت سان لکيو آهي.

سروهي: گجرات ويندي، شاهي حڪم هو تہ پهريون سروهيءَ کي سرنال ديو کان ڇڏائي، سندس پاءُ جڳمل جي حوالي ڪيو وجي. جيتوڻيڪ گجرات جي حدن ۾ داخل ٿيندي، اعتماد خان پاڻ انهيءَ طرف ويو ۽ خواجہ نظام الدين احمد

---

[1] اڪبر نامہ (3: 403)—"و هر کدام بہ گرامي خلعت و گزيده بارگي سربلندي يافت، و گوناگون اندر زها آويزهٔ گوش هوش آمد".

[2] اڪبرنامہ 3: 403، 411، 419، 424، 430، 437، 524، 530، 531.

۽ مير معصوم بکريءَ کي احمد آباد جي چارج (ڪوٽواريءَ) ۾ ڇڏيائين. ليڪن ستت ئي ٻيئي رپيا ۽ ٻيو سامان کڻي وڃي اعتماد خان وٽ پهتا. خواجہ پاڻ لکي ٿو: ...فقيرو مير محمد معصوم بکري... بہ او ملحق شديم"[1].

عبارت جي انهيءَ انداز مان يا جتي جتي خواجہ نظام الدين مير معصوم جو نالو آندو آهي، انهيءَ مان صاف پيو لڳي تہ ٻنهي جو هڪٻئي سان انس ۽ ٻنهي جي هڪٻئي سان دوستي هئي[2] "اڪبرنامہ" ۾ پڻ مير جو نالو گهڻو ڪري خواجہ نظام الدين جي ساٿ سان ورتو ويو آهي.

سروهي بهرحال سرنال ديو کان ڇڏائي، سندس ڀاءُ کي، جيڪو "از دولت خواهان بود"، ڏني وئي.

عبدالرحيم خان خانان جو تقرر (991 هہ/1583ع): بادشاهہ جو اندازو غلط نڪتو. لوهہ، لوهہ کي ڪٽي ڪونہ سگهيو. اعتماد خان جو گجراتي بَرُ (طاقت) ڪڇيو ويٺا هئا. اعتماد خان ناڪام ٿي پيو. شير خان فولاديءَ ۽ سلطان مظفر خان جا حملا چؤ طرف کان شروع ٿي ويا، ۽ ڪي تہ اهڙا موقعا بہ آيا جو اڪبر جي تسلط مان ملڪ آزاد ٿيندي ٿيندي رهجي ويو.

دربار ۾ جڏهن اهڙيون رپورٽون پهتيون، ان وقت مجبور ٿي بادشاهہ ميرزا خان عبدالرحيم کي نئين انتظام ۽ تازه دم سپاهہ سان گجرات موڪلي ڏنو، جيڪو انهيءَ سال (991 هہ/1583ع) ذي الحج جي آخري تاريخن ۾ گجرات پهتو.

جنگ ۽ آخري شڪست (992 هہ/1584ع): جنگ ۽ مقابلي لاءِ احمد آباد کان ٽن ڪوهن جي فاصلي تہ سرڪيچ جو ميدان منتخب ٿيو. عبدالرحيم انهن اچي لشڪر لاٿو، ۽ مظفر خان پڻ پنهنجي قسمت آزمائڻ لاءِ جيڪي ڪجهہ وٽس سپاهہ هو، تنهن کي ميڙي چونڊي، ٻہ ڪوهہ اڪبري لشڪر کان پرتي ٿي، منزل انداز ٿيو[3].

---

(1) طبقات 2: 370.

(2) طبقات 2: 271، 372، 376، 382، 385، 387، 388، 389 ڪڏهن پاڻ سان ڪڏهن ٻين اميرن سان بہ شامل ڏيکاريو ويو آهي.

(3) "مرات سڪندريءَ" (464) ۾ انهيءَ جنگ جو تفصيل هن ريت آهي: سلطان (مظفر) متوجهہ احمد آباد شده تاريخ ششم شهر محرم الحرام سنه اثني و تسعين و تسعمائه در شهر احمد آباد آمد. و روز دوشنبه تاريخ نهم شهر مذکور از شهر بر آمده در ناحيه در ناحيه موضع *(هلندڙ)*

جمعي ڏينهن 13 محرم 992 هـ (16- جنوري 1584ع) جو، ٻيئي لشکر سينا سپر ڪري، هڪٻئي جي آمهون سامهون ٿيا. جنگ جي لشڪري دستن جي ترتيب بيان ڪندي طبقات جو صاحب لکي ٿو:

"سڀهه سالار عبدالرحيم خان... هن تاريخ جي مؤلف (يعني خواجه نظام الدين) کي مير ابوالمظفر ۽ مير معصوم بکري، ۽ مير حبيب الله ۽ بيگ محمد توقبائيءَ کي متعين ڪيو تہ اسان گڏجي سرڪيچ شهر کي پنهنجي سڃي هٿ طرف ڪري غنيم تي پٺيان اچي پئون..."

گويا مير معصوم ۽ خواجه نظام الدين ميدان ۾ هڪٻئي سان گڏ رهيا. مقابلو ڪندي تلوارون ۽ تبرون مياڻن مان نڪتيون، تيرن چٽي طرفن کان وسڻ شروع ڪيو. زمين واري، ڏوڙ ڏکاءَ وجي آسمان کنيو، انسانن جون سسيون ڏڙن کان ائين ڏار ٿيڻ لڳيون جيئن پکل هنداڻا ولين کان ڇڇي ڊير ٿيندا وجن. ڪنهن کي ڪنهن جي خبر ڪانہ هئي. ڪير مئو؟ ڪير بچيو؟ ڪير ڪٽي ڪريو؟ ڪنهن کي سڌ سماءَ ڪونہ رهيو، ۽ نہ ڪنهن کي سوچ ۽ هوش هو، جو اهو حساب ڪري. سيڪنهن کي فقط اها اڻ تڻ هئي تہ غنيم کي ڪيئن زير ڪجي ۽ دشمن کي ڪهڙيءَ ريت نيست نابود ڪجي.

مقابلي جي دوران "طبقات" جو مصنف رٽيل پروگرام مطابق پنهنجن ساٿين سميت پٺيان اچي، مظفر تي ڪاڪي، اوچتو زوردار حملو ڪيو. ساڻئي وقت راءِ درگا پٽ عبدالرحيم جي حڪم مطابق خواجه جو پاسو جهلي اچي مخالف تي وار ڪيو[1]. انهيءَ اوچتي ۽ غير متوقع حملي مظفر جا پير ڪيڙي رکيا، ۽ جان بچائي، ميدان مان ڀڄي نڪتو. لشڪر جو وڏو حصو قتل ٿيو ۽ باقي گرفتار ٿيو[2].

محمد نگر—ک بريک کروهي شهر احمد آباد واقع استرفته مخير گشت. روز سه شنبه آنجا مقام نمود. روز چهار شنبه نواب ميرزا خان آمد. سر کيچ را دست چپ داده نزديک به آب سانبر اجلال نمود، و سلطان نيز از محمد نگر کوچ کرده از آب گذشة قريب به روضه منوره شاه بهيکن ابن حضرت شاه عالم فرود آمد. روز پنجشنبه طرفين مقام نمودند.—آخر بر لکي ٿو: ...روز جمع تاريخ سيزدهم شهر محرم سنه مذکور (992 هـ) هر دو لشکر صف کشيده جنگ کردند. حق تعالیٰ باب فتح برناصيه دولت نواب ميرزا خان کشاد، سلطان هزيمت يافته به کنبايت رفت (464).

(1) ...هنوز مظفر گجراتي با ميرزا خان مقابله داشت که مؤلف تاريخ بايارانِ خود اتفاق کرده از عقب رسيده، غنيم را برداشت. و راء درگا نيز از جرا نغار بفر مودهٔ ميرزا از عقب مايان رسيده... (طبقات).

(2) "مرات احمدي" (153) ۾ آهي تہ تقريباً ٻہ هزار سپاهي مظفر جا ميدان ۾ مئا، ۽ 5 سؤ ڪن گرفتار ٿيا، جيڪي پڻ قتل ڪيا ويا.

جيتوٽيڪ بظاهر مظفر جي اها آخري شڪست هئي، جنهن گجراتين کي آئينده لاءِ مغلن جو محڪوم بنائي، سندن جدا گاڻي حيثيت ۽ ملڪي آزادي سلب (ختم) ڪري ڇڏي. ليڪن مظفر پنهنجي سر دل نه هاري، ۽ پوءِ به جيسين سريءَ ۾ ساهه هئس وڙهندو رهيو، موقعو لڀس تي، ته مغلن تي راتاها هٿي کين نقصان پهچايائين تي [1]. ليڪن بهرحال وريو ڪجهه ڪونه. ملڪي غدارن شخصي لالچن ۾ اچي مغلن جا پير مضبوط ڪيا. گجرات کي گهر مان باهه لڳي. اعتماد خان جي وطن فروشيءَ ۽ غداريءَ ملڪ ۽ ماڻهن کي اهو ڏينهن ڏيکاريو. گجرات جي تهذيب، ڪلچر، تمدن، هنر ۽ عمارت سازيءَ جي فن خواهه اُٽڪي ويهڻيءَ تي مغلن جو رنگ چڙهندو ويو. ۽ هلي هلي آخر سموراانگ ۽ رنگ ميسارجي، مغلن جي ڪاتي ۾ لڪجي ويا.

اهوئي ساڻيو صورتحال مني صدي اڳ سنڌ سان ٿيو هو. سمن سلطانن جا نا اهل پونير هڪيئي ۾ وڙهي پيا، ماڇياڻيءَ جي تور مان پيدا ٿيل بداصل فيروز پنهنجي اباڻي ملڪ تي قندار جي مغلن کي چاڙهي آيو. قاضي جهڙن موقع پرست مُلن ڏارين جي جاسوسي ۽ پشت پناهي ڪئي. وطن دوست قدم قدم تي وڙهيا، ليڪن گهر مان لڳل باهه کي ڇا ڪري سگهندا هئا. مقامي فئٽ ڪالمسٽ ۽ مخبرن مغل حملہ آورن جي هٿ ڏس تي ڪئي، کين مقابلي جي هر نقشي کان هو واقف ڪندا ٿي رهيا، پوءِ غاصبن کي مفت جي مال کي هٿ ڪرڻ ۾ ڪهڙي رندڪ هئي! سنڌ جو به اهوئي حال ٿيو، جيڪو گجرات جي غدارن پنهنجي وطن جو ڪيو.

سنڌ گجرات جي سرحد تي هئي. سمن سلطانن ۽ گجراتي سلطانن جون مٽيون مائٽيون هيون [2]. جيڪڏهن سنڌ آزاد هجي ها ۽ منيءَ صديءَ کان ڏارين جي پيڙا ۾ نه هجي ها، ته هوند گجرات کي اڪيلو تي مرڻ ڪانه ڏئي ها. جنهن وقت گجرات مصيبت ۾ مبتلا ٿي، انهيءَ وقت سنڌ ميرزا باقيءَ (973-993 هـ) جهڙي خونخوار درندي جي ظلم ۽ قهر جو نشانو بڻجي، پنهنجي موت ۽ زندگيءَ جي ڪشمڪش ۾ پنهنجا ڏينهن هراس ۽ پنهنجون راتيون خوف ۾ بسر ڪري رهي هئي. ڪو جيئري چُرن ۾ پوريل هو، ڪنهن جي جيئري ڪل

---

(1) ڏسو "طبقات" 2: 377 کان پوءِ جا صفحا.

(2) ڏسو "مڪلي نامہ" ۾ ڏنل شجرا ۽ "تحفة الڪرام" جو فارسي ايڊيشن ص 110.

لائي ٿي ويئي، ڪنهن کي وات ويندي بي گناهه شهيد ڪيو ٿي ويو، نه انگ سلامت نه ننگ محفوظ، شرمن جي ستڻين ۾ هليون وجهرائي تماشو ڏٺو ٿي ويو. رات جي سمهيل کي صبح جو جيئري اُٿڻ جي اميد ڪانه هئي ۽ صبح جو جيئري جا ڳڻڻ کي شام تائين زندهه رهڻ جو پروسو ڪونه هو— اهڙي دردناڪ ۽ پيانڪ صورتحال ۾ گجراتين سان همدرديءَ جو سوال ڪٽان پيدا ٿيو ٿي.

فتح گجرات جي خوشخبري: اڪبر کي پنهنجي سلطنت ۾ هڪ نئين ملڪ جي شموليت جي، سا به "بزور شمشير"، خوشخبري الهه آباد ۾ پهتي، جنهن وقت هو فتحپور ڏانهن سفر ڪري رهيو هو[1]. فتح جي تاريخ شيخ محمد غزنويءَ هن ريت چئي:

فتح گجرات بعد چندين ظلمات
گرديد بتو نصيب چون آب حيات
تاريخ چو جستم ز دلِ خرده فروش
دل گفت: بجوز— فتح گجرات [2]

خان خانان جو خطاب: جنهن وقت گجرات جي فتح ٿي، ان وقت ميرزا خان عبدالرحيم جي عمر 28 ورهيه [3] هئي. سندس نوجواني متقاضي نه هئي ته کيس انهيءَ وهيءَ ۾ مغل سلطنت جو وڏي ۾ وڏو خطاب [4] ملي، ليڪن گجرات جي فتح ملڪي ۽ سياسي لحاظ کان پنهنجي جاءِ تي ايڏو اهم ڪارنامو هو ۽ آئيندي جي فتوحات، ملڪ گيريءَ ۽ توسيع پسنديءَ واري پاليسيءَ لاءِ پيش خيمو هو، جو بادشاهه جي خوشيءَ جي ڪا حد نه رهي، تنهنڪري هن عبدالرحيم لاءِ پٽس وارو خطاب "خانخان" پسند ڪيو، ۽ باقي سردارن لاءِ انعام، خلعتون، ۽ شاهي خوشنوديءَ جا پروانا جاري ٿيا [5]. ظاهر آهي ته ميرِ معصوم بکري پٽ انعامن جي انهيءَ ورکا کان محروم نه رهيو هوندو. جنهن صورت ۾ امين جا نالا ڪٽي انعام جي فهرست ڪانه ڏني وئي آهي، تنهنڪري مير معصوم جو نالو جدا ڪونه آيو آهي.

---

(1) طبقات 2: 376.
(2) رحيمي 2: 238.
(3) تولد 14- صفر 964، 17- ڊسمبر 1556 بروز خميس.
(4) مغل بادشاهت ۾ ٽي وڏي ۾ وڏا خطاب هئا، خان خانان، خان اعظم ۽ امير الامرا.
(5) طبقات 2: 376.

گجرات جو قيام (991هـ/1583ع- 998هـ/1588ع): سلطان مظفر گجراتيءَ کي آفرين آهي. جيسين ساهه سِريءَ ۾ هئس، تيسين ملڪ جي آزاديءَ لاءِ کوشش ڪندو ۽ وڙهندو رهيو. جڏهن قطعي نا اميد ٿيو، تڏهن محڪوميءَ جي بي غيرتيءَ واريءَ زندگيءَ گذارڻ کان هن پنهنجي پڇاڻي افضل سمجهي. جنهن وقت سنڌ مغلن جي هندي سلطنت جو جزو بڻائي ويئي، تڏهن هن آخري طرح مايوس ٿي، خود ڪشي ڪري، پنهنجو انت آندو (1002هـ/1593ع).

مير معصوم 991هـ/1583ع ۾ گجرات ويو هو. فتح کان پوءِ عبدالرحيم خانخانان واپس ويو. ليڪن پاڻ خواجه نظام الدين احمد سان گڏ ايندڙ اٺ سال اتان جي ڪاروبار ۾ شريڪ ٿي، رهي پيو. ممڪن آهي ته خواجه نظام الدين سندس اتي رهائڻ جي پڻ ڪوشش ڪئي هجي.

طبقات اڪبري: خواجه نظام الدين احمد نه فقط سپاهي، سياستدان ۽ اڪبر جي معتمد ۽ مڪيه اميرن مان هڪ هو، ليڪن انهيءَ کان وڌ ته هو پنهنجي سر وڏو علم دوست، ادب پرور ۽ اهلِ قلم هو. مغل دور جي پهرين عمومي تاريخ—"طبقات اڪبري"—هن جي ذهن ۽ فڪر جو نتيجو آهي ۽ تاريخ جي لحاظ سان اڪبري دؤر تي نه ڇڙو اهم دستاويز آهي، بلڪ مغلن کان اڳ پڻ پوري هندستان جي تاريخ تي حاوي آهي.

خواجه نظام الدين گجرات جي دوران قيام ۾ لکندو رهيو. ۽ انهيءَ سلسلي ۾ مير معصوم بکري خاص طرح سندس معاون ۽ مددگار هو. پنهي بزرگن جي دوستي ۽ مودت جو هڪ ڪارڻ اهو باهمي تاريخي ذوق ۽ اها ذهني هم آهنگي پڻ هئي. انهيءَ يڪرنگيءَ طبقات اڪبري [1] جهڙو اهم ڪتاب علمي دنيا کي ڏنو. خواجه نظام الدين مير جي مصاحبت جو مذڪور ڪندي لکيو آهي ته:

سلها بفقير همدم و مصاحب بود [2].

انهيءَ مصاحبت ۽ همدميءَ طرفين کي فائدو پهچايو، بلڪ حقيقت هيءَ آهي ته اهو قرآن السعدين علمي دنيا لاءِ پڻ اڪسير ثابت ٿيو.

---

(1) "نظامي" (1001 هـ) جي لفظ مان تاريخ تڪميل نڪري ٿي.
(2) طبقات 2: 500.

جنهن وقت "طبقات" لکجي رهيو هو، ان وقت پانئجي تو ته مير کي "تاريخ معصومي" لکڻ جو خيال پيدا ٿيو هوندو. چاکاڻ ته سنڌ جي سلسلي ۾ خود صاحب "طبقات اکبريءَ" کي ماخذ جي اڻاڻ محسوس ٿي هوندي ۽ مير کي به انهيءَ کميءَ جو احساس ٿيو هوندو. گويا گجرات ۾ رهڻ سان، مير کي نه چڙو ملکي سياست، جنگي مشقن ۽ مغل اميرن جي طور طريقن جو تجربو ٿيو ۽ سندس معلومات وڌي، بلڪ هڪ ڪتاب لکڻ جو خاڪو پڻ سندس ذهن ۾ آيو.

شاعرن سان صحبتون: نظام الدين احمد علم دوست ۽ ادبب پرور امير هو. سندس دامن دولت سان جتي رهيو ڪيترا لکيل پڙهيل ماڻهو، ادبب ۽ شاعر وابسته رهيا. ظاهر آهي ته جن ادبين يا شاعرن جو واسطو ساڻس هو، انهن جو ربط و ضبط مير معصوم سان پڻ لامحاله ٿيو هوندو. مخصوصاً گجرات واري اڻن ورهين جي گڏ رهڻ وقت ڪيئي شاعر نظام الدين وٽ آيا، رهيا ۽ ويا. انهن سڀني سان مير جا مراسم ٿيڻ هڪ قدرتي امر هو جهڙوڪ:

1. مير اماني
2. بقائي ملا (مشغولي تخلص)
3. حيائي
4. صرفي ساڻجي
5. مير شريف و قوعي
6. ملا حالتي
7. ملا اميني يا امين (خوافي)
8. ملا لطفي منجم
9. ملا عبدي رازي
10. ملا حيفي ساڻجي[1]
11. عهدي شيرازي

انهيءَ علمي ۽ ادبي ماحول ميڙ جي آئنده زندگيءَ تي وڏو اثر ڪيو— صلاحيت ۽ استعداد موجود هو، فقط مهميز جي ضرورت هئي.

گجرات ۾ مير صاحب جڏهن تير ۽ تلوار کان تنگ ٿيو ٿي، ته شعر و

---

[1] ڏسجي "طبقات" ج 3، "بدايوني" ج 3، "تذڪره جهانگيري مطربي". نظام الدين هروي مقاله حسام الدين مجله جام جم ڪراچي اڪٽوبر 1967ع، فرهنگ سخنوران خيام پور.

سخن چوڻ ۾ دل ريجهائيندو هو. ملا عبدالقادر بدايوني، صاحب "منتخب التواريخ"، جهڙي سخت گير، مذهبي مزاج رکندڙ، ۽ پنهنجي دؤر جي سڃي ماحول کان بيزار انسان سان به سندس مراسم درست ۽ دوستاڻا هئا، جيڪا ڳالهه مير جي سلامت طبعي ۽ اعتدال پسنديءَ جو وڏي ۾ وڏو دليل آهي. مير جنهن وقت احمد آباد ۾ مقيم هو، ان وقت اتان قصيدو منقبت ۾ ناهي، ملا بدايونيءَ ڏانهن موڪلياٿين، جيڪو انهيءَ وقت اٽڪ ۾ رهيو پيو هو. منقبت جو مطلع هي آهي:

داغي ڪ بود بر دلم از عشق در ازل
از دولتِ فراق تو با درد شد بدل. [1]

---

[1] سڃو منقبت شاعريءَ واري باب ۾ ايندو (بدايوني 3: 366) (27- 3- 1978ع، ڪراچي).

باب بارهون

گجرات کان لاهور روانگي

اعتماد خان جي جاءِ تي 996 هـ /1586ع ۾ اعظم خان گجرات جو صوبيدار ٿي آيو. ڏيڍ سال کن بعد 998 هـ / 1588ع ۾ خواجه نظام الدين پڻ اُتان تبديل ٿيو. اڪبر لاهور ۾ منزل انداز هو. تنهنکري کيس اُتي پهچڻ جو حڪم مليو.

پنجٽيهون سال جلوس 14- جمادي الاول 998 هـ اربع تي شروع ٿيو. خواجه نظام الدين نوروز جي ٽئين ڏينهن (16- جمادي الاول 998 هـ) تي لاهور پهتو. طبقات ۾ لکي ٿو ته چهه سؤ کوهه پنڌ هو. جنهن کي هُن بارهن ڏينهن ۾ طئي ڪيو.[1]

مير معصوم جي آمد 998 هـ /1588ع: مير معصوم پڻ ساڳئي وقت ساڳئي قافلي سان لاهور پهچي، شاهي حضور ۾ سلامي ٿيو. جيتوڻيڪ ساڳئي قافلي جي وضاحت ٿيل نه آهي، پر عبارت جي انداز (هر درين ايام) مان ائين پيو معلوم ٿئي [2].

والده وٽان سوکڙيون: پاڻ نظام الدين سان ملحق هو. ظاهر آهي ته جڏهن نئون انتظام ٿيو ۽ نوان ماڻهو آيا ته اُنهن عملو پڻ پنهنجي پسند ۽ چونڊ تي آندو هوندو.

مير جي واپس اچڻ جو اطلاع سندس والده کي بکر ۾ پهچي ويو هو. جنهن ببيءَ پنهنجي وڇڙيل فرزند لاءِ بکر کان ڪجهه سوکڙيون ۽ سوغاتون اڳواٽ ڏياري موڪليون هيون. مير صاحب جيئن لاهور پهچندو ويو تيئن ظاهر آهي ته پهريون گهر جي ۽ وطن جو احوال معلوم ڪيو هونداٿين ۽ ماءُ جون موڪليل سوکڙيون به اکين تي رکيون هونداٿين. انهن منجهان کي هُنَ انهيءَ لائق سمجهيون ته جيکڏهن شاهه جي حضور ۾ پيش ڪندو ته بيجا نه ٿيندو بلڪ سندس سرخروئي ۽ شاهي خوشنوديءَ جو سبب ٿيندين. جڏهن وقت آيو.

---

[1] روز سوم نوروز مؤلف تاريخ با جمعي شترسوار بطريق ايلغار ششصد كروه راه را در دوازده روزطي كرده شرف زمين بوسي دريافت. مورد مراحم خسروانه شد (2: 410).

[2] هر درين ايام فقير مؤلف تاريخ (معصومي) از گجرات آمده بلازمت بندگان حضرت مشرف شد (معصومي 251).

تہ هن پيش ڪندي، حقيقت عرض ڪري. بادشاه بڪمال بنده نوازي، نهايت شفقت ۽ عنايت سان سوغاتون قبول فرمائيندي، ڪانئس پڇيو تہ: والده ڪان جدا ٿئي ڪيترا ورهيہ ٿيا آٿئي؟

مير عرض ڪيو:

جهان پناهہ! ويهہ ورهيہ جدا ٿئي گذري ويا آهن [1]. اڪبر نهايت نرم مزاج ۽ غير معمولي عظمت ۽ دل جو انسان هو. شخصي زندگيءَ ۾ جهڙس شريف النفس ۽ مهربان ڪوبہ مغل بادشاهہ ڪونہ ٿيو. هن نہ فقط سو ڪڙيون قبول ڪري، سندس آبرو وڌائي ۽ دل رکي، بلڪ ڪيس ڳوٺ وڃي والده کي ڏسي اچڻ جي بہ فوراً اجازت مرحمت ڪيائين. مير تقريباً ويهن ورهين کان پوءِ وطن ڏانهن واڳ ورائي رهيو هو.

---

[1] از اتفاقات حسنہ والدۂ فدوي تحفہ فرستاده بودند. بنظر اشرف انور گذرانيده. حضرت از کمال توجهہ و اشفاق التفات فرمودند ڪہ: چند سال است ڪہ از والده جدا شده ايد. فقير عرض ڪردم ڪہ قريب بہ بيست سال باشد! (معصومي ص 251). (31- 3- 1978ع).

باب تيرهون

سنڌ تي گهوڑا

خان خانان اڳ ئي شاهي دربار ۾ لاهور اندر حاضر هو. مير معصوم جي پهچڻ بعد بادشاهه کي سنڌ ياد آئي. بکر سلطان محمود جي مرڻ بعد مغل هسوارن جي هيٺيان پهرين اچي چڪو هو. باقي بچيل هئي لوور سنڌ جيڪا ميرزا باقيءَ جي خود کشيءَ (993 هـ) کان پوءِ سندس پوٽي ميرزا جاني بيگ جي قبضي ۾ هئي.

جاگير 998 هـ/1588ع: اڪبر لوور سنڌ تي قبضي ڪرڻ لاءِ خان خانان ميرزا عبدالرحيم کي منتخب ڪيو. ۽ ڪيس هر طرح تيارين ڪرڻ جو حڪم مليو. بکر جو علاقو سندس جاگير ۾ ڏنو ويو.

هيڏانهن مير معصوم جڏهن تياري ڪئي، ان وقت سندس جاگير جو مسئلو به پيدا ٿيو. محمد صادق خان جي راءِ هئي ته: جنهن صورت ۾ مير جو وطن بکر آهي، تنهنکري مناسب ائين ٿيندو جيڪڏهن کيس به انهيءَ علاقي ۾ جاگير عنايت ڪئي وڃي! راءِ بهتر هئي، ليڪن علاقو سمورو خان خانان جي نالي مخصوص ٿي چڪو هو. تنهنکري بادشاهه کي هڪ دفعو ڏيئي وري حڪم بدلائڻ چگو نٿي لڳو. بهرحال انهيءَ مشڪل کي خان خانان پاڻ ئي حل ڪندي، بکر جي بجاءِ ڪا بي جاگير پنهنجي لاءِ ونڻ ٿي راضپو ڏيکاريو. اهڙيءَ طرح معاملو آسان ٿي ويو. مير کي بکر سرڪار مان ٿي پر ڳٺا جاگير ڪري ڏنا ويا- درٻيلو، ڪاڪڑي ۽ چانڊوڪو (چانڊوڪو = موجوده لاڑ ڪاٺو ضلعو)، ۽ انهن جي بجاءِ خان خانان کي بکر جي جاگير ۾ ٻيا ٽڪرا شامل ٿي مليا. اهو فرمان شوال 998 هـ جو صادر ٿيو.

خانخانان جي روانگي 14 صفر 999 هـ/1590ع: لوور سنڌ جو پاسو اڪبر کي عرصي کان ذهن ۾ هو، ليڪن بنگال، بهار، گجرات ۽ ڪشمير وغيره جون مهمون جنهن صورت ۾ اهم ۽ اڳ ئي درپيش هيون، تنهنکري مصلحتاً مناسب موقعي لاءِ ترسيل هو، جيڪو هاڻ کيس ميسر هو. خان خانان ايترين سوين کان پوءِ نالو به پيدا ڪري چڪو هو ۽ اتفاق سان فارغ به هو. کانئس وڌ ڪير انهيءَ ڪر کي سر ڪري سگهيو ٿي؟

انهيءَ کان اڳ بادشاهه محمد صادق خان[1] کي سنڌ تي فوج ڏيئي، فتح ڪرڻ لاءِ موڪليو هو. ليڪن رسوا ڪندڙ شڪست سندس مقدر هئي. سندس توب خانو تباهه ٿيو، سوين لشڪري مئا، باقي جان بچائي ڀڄي نڪتا ۽ آخر ۾ پاڻ به ميدان کي پٺي ڏيئي ڀڳو. ماثر رحيميءَ جي مصنف تفصيل سان انهيءَ شڪست جو نقشو چٽيو آهي [2]. بادشاهه کي انهيءَ شڪست ۽ خواريءَ جو انتقام دل ۾ رکي رکي ڪنڌي وانگر چُڀي رهيو هو. ازان سواءِ ڪيتري عرصي کان پاڻ لاهور ۾ منزل انداز هو، جتي اوهي پري جا سڀئي امير اچي سلامي ٿيا هئا، فقط جاني بيگ هو جنهن "خوش آمديد" ۽ وفاداريءَ جي يقين دهانيءَ جي عريضي موڪلڻ تي اڪتفا ڪري، بادشاه جي غصي ۾ مرڳو اضافو ڪري ڇڏيو هو. تنهنڪري پهرينءَ فرصت ۾ هاڻ بادشاه سنڌ جو مسئلو طئي ڪرڻ ضروري سمجهيو ۽ انهيءَ طرف متوجهه ٿيو هو.

ميرزا جانيءَ جي بهادري ۽ ملڪ جي دفاعي قوت ۽ تربيت کان مغلن جي مرڪزي سرڪار ايترو متاثر هئي ۽ هندي اميرن جي دلين تي ايڏو ڏهڪاءُ ويٺل هو، جو تازين فتوحات ۾ جنهن به جرنيل نالو ڪڍيو هو يا بهادري ڏيکاري هئي، انهن سڀني کي سنڌ تي نامزد ڪيو ويو. جيئن ماثر رحيميءَ جي لکت

---

[1] نورجهان جو ڀيڻويو ۽ خواجه محمد طاهر وصليءَ جو پٽ، وفات 1043 هه، ڏسو نسب نامو پدري نورجهان، مظهر شاهجهاني.

[2] "پادشاه را هواي تسخير ولايت سند در خاطر بود به انتقام آنکه محمد صادق خان را با فوجي عظيم به تسخير اُن ولايت (سنڌ) فرستاده بودند، و ميرزا جاني ترخاني والي آنجا راه صواب گم کرده بمحاربه و مقابله در آمده. ازان جاکه زبوني محمد صادق خان بود و از رهگذر اين که خلاف و نفاق باطنيت او مخمر بود و اين قسم ذات هرگز موفق و منصور نمي گردد، تاب مقاومت با ميرزا جاني نياورده شکست يافت. وملک گيري را بگريز و شکست قرارداد واکثري از ملازمان و منصب داران بادشاهي را درين سفر بکشتن داد. وخزانه وتوبخانه-که با اوبود-تمامي را بد شمن سپرده نيم جاني به تگ پا از ميانهٔ سنديان بصد ننگ و عار بدر آورد. و هيچ يک از امرا را شايسته اين مهم و شايان اين امر خطير نمي دانستند که چناچه بايد و شايد، تلافي و تدارک اين بي ادبي از ميرزا جاني بکند، چرا که ميرزا جاني از دلاوران روزگار بود. و در سرحد نشان ممالک محروسه مثل وي پيدا نمي شد و بکثرت خدم و حشم نيز مشهورو معروف بود، و به تدبير و کارداني نيز بي نظير و همال بود. بارها معارک برهم زده و دستبرد ها نموده بود، و اهل سند و طبقهٔ ارغون نيز بغايت دلاور و شجاع و نامدارند. و از شکست دادن محمد صادق خان نيز—که به سابق رفت— باد نخوت و غرور بکاخ دماغ خود راه داده بودند.

خليفه الٰهي صاحب صوبگي و حکومت گجرات را به خان اعظم عنايت نموده اين سپه سالار (خان خانان) را بگر فتن ولايت دلپسند سند و بدست در آوردن ميرزا جاني فرمان دادند" (رحيمي 2: 245- 246).

مان ظاهر ٿي رهيو آهي[1].

الغرض "ولايت دلپسند سند" کي هندستاني حڪومت جو ضميمو بنائڻ لاءِ بقول صاحب طبقات خان خانان جي ڪٺڪ کي ربيع الثاني 999 هـ جو روانو ڪيو ويو:

"...درماه ربيع الثاني سنه تسع و تسعين تسعمائة.....
خانخانان را با جمعي ديگر از امراي نامدار مثل.....
رخصت کردند" [2].

رواني ٽيڻ جي تاريخ ۾ لکندڙن ۾ اختلاف آهي. مير معصوم هڪ جاءِ تي لکي ٿو:

"در تاريخ 21- شوال سنه مذکور (998 هـ) ميان خريف به بکر آمده بمهمات و معاملات پرداخت" [3].

ماثر رحيميءَ جو مصنف خان خانان جو سرڪاري سوانح نگار آهي، اهو خانخانان جي خاصه خيل پهچڻ جو اهو مهينو ۽ سال لکي ٿو:

"به تسخير تته و تاديب ميرزا جاني مقرر نمودند و به تاريخ شوال سنه مذکور (998 هـ) ميان خريف خاصه خيل سپه سالاري بضبط بکر آمده بکر را بضبط خود در آورده..." [4].

ٻئي هنڌ لکي ٿو:

"اين سپه سالار ميان خريف خاصه خيل خود را بضبط بکر فرستاد" [5].

متين لکيتن مان ظاهر ٿئي ٿو ته شوال 998 هـ جو خان خانان پنهنجا گاڏي اڳواڻ اماڻيا هئا. جيڪي 22- تاريخ خريف جي پيدائش سهيڙڻ ۽

---

(1) "چون محمد صادق خان بدربار رفته زيادتي و غلبه ميرزا نسبت به محمد صادق خان بر ضمير انور پر تو افگن شد. ناموس سلطنت و اسالت چنان اقتضا نمود که تنبيه و تاديب ميرزا جاني و بلوچان سند نمايد. بنابر اين مطلب سپه سالار را از ولايت گجرات که بتازگي فتح نموده بود—طلبداشته بکرو ملتان و آن نواحي بجاگير ايشان مقرر شد که سند رفته و ميرزا جاني را بدست در آورد و سند را فتح نمايد (رحيمي 2: 345).

(2) بدايوني 2: 374 طبقات 2: 412 جيڪڏهن ربيع الثاني 999 ۾ نڪتو ته صفر 999 ۾ ڪيئن پهتو، تنهنڪري صاحب طبقات مهينو غلط ڏنو آهي. جهڙيءَ ريت اڳتي ايندو.

(3) معصومي، ص 25.

(4) رحيمي 2: 342.

(5) رحيمي 2: 345.

سميٽن لاءِ اچي پهتا ۽ پاڻ ڪجهه وقت جي سانباهي بعد 999 هه جو لاهور مان نڪتو، جنهن جي روانگيءَ جي تاريخ فيضيءَ — قصد تته - مان ڪڍي. 999 هه

بکر ۾ آمد 14- صفر 999 هه: مٿي طبقات ۽ بدايوني جي حوالي سان خان خانان جي لاهور مان **روانگيءَ جو مهينو ربيع الثاني 999 هه ڄاڻائي آيا** آهيون. جنهن ۾ مورخن کان سهو ٿيل ڏسجي ٿي. شوال 998 هه ۾ خانخانان جا ماڻهو بکر آيا ۽ پاڻ ماثر رحيميءَ جي قول مطابق 14- صفر 999 هه [1] يعني ٽي مهينا وچ ۾ وجهي بکر پهتو.

مير معصوم پاڻ به ساڳئي وقت بکر پهتو جيئن پاڻ لکي ٿو: "...الغرض که بتاريخ 14- صفر 999 هه به بکر رسيد..." ساڳئي هنڌ لکي ٿو ته: "و نواب خان خانان نيز به بکر تشريف آوردند. چون هوا گرم بود و طغيان آب، چند روز در بکر توقف فرمودند" [2]. خريف جي موسم هئي آبڪلائيءَ جو زمانو ۽ بکر جي گرمي، ٻوڏون ان کان علاوه، تنهنڪري خانخانان في الحال چند ڏينهن تائين بکر ۾ ترسي پيو ۽ ٻين اميرن کي سنڌ ۾ ضروري محاذن کي جهلڻ لاءِ موڪلي ڇڏيائين.

لاهور مان روانگيءَ جو اهتمام: اڪبر بادشاهه جنهن نموني ۽ طريقي سان خان خانان کي لاهور مان رخصت ڪيو، انهيءَ جي روئداد مان انهيءَ مهم جي اهميت جو بخوبي اندازو ڪري سگهجي ٿو. سفر راويءَ جي ذريعي ٻيڙن ۾ ٿيو، بادشاهه پاڻ درياهه جي پتڻ تي خان خانان کي خدا حافظي ڪرڻ آيو. ماثر رحيميءَ جو مصنف لکي ٿو:

"بتاريخ نهصد و نود ونُه به اعزاز و شوڪت هرچه تمام تر از دار السلطنت لاهور از خليفه الٰهي مرخصي شده بيرون خراميد" [3].

انهيءَ "بيرون خراميد" وقت خان خانان جي اعزاز ۽ اڪرام جو انهيءَ حد تائين غير معمولي اهتمام ڪيو ويو، جو بادشاهه پاڻ پنهنجي سر پنهنجن سڀني اميرن سميت رواني ڪرڻ لاءِ آيو.

---

(1) ..."و خان خانان بتاريخ چهار دهم صفر نهصد و نود ونه به بکر آمده ابواب معدلت برروي رعاياي أنجا کشادند" (رحيمي 2: 342).

(2) معصومي 251.

(3) رحيمي 2: 357.

"حضرت ظل الاهي وجميع اركان دولت و اعيان سلطنت بہ بدرقۂ اين سپہ سالار بيرون آمدند. و چند كشتي و غراب ترتيب يافت كہ بہ آب راوي از لاهور بہ سند مير ود روانہ شدند". [1]

جڏهن ظل الـهي پاڻ راويءَ تائين اچي تہ كهڙو امير پنتي پوندو، سمورو درباري اٽالو (جميع ار كان دولت و اعيان سلطنت) اچي حاضر ٿيو. گويا اهڙي اهتمام ۾ احتشام سان سنڌ كي زير كرڻ لاءِ پنجاب جي سرزمين مان سانباها ٿيا ۾ سنڌ جو فاتح پنهنجي نئينءَ مهر تي سهي سنبري هليو. سندس سات ۾ كيترا دانشور ۾ شاعر پڻ هئا، فيضيءَ جي تاريخ مٿي درج كئي ويئي آهي، يولقي بيگ انيسيءَ فتح تي طويل قصيدو چيو آهي، جنهن ۾ انهيءَ سفر جي روئداد پڻ لكي اٽائين. روانگيءَ جي تاريخ جو بيت آهي:

بفتح تتہ و تاريخ اين قصيده، قضا،
نوشت: تسعمائہ بعد تسع و تسعين [2].

مير معصوم جي روانگي 14- صفر 999 هـ: رحيميءَ جي مصنف لكيو آهي تہ بين اميرن سان گڏ مير معصوم كي بہ روانو كيو ويو [3]. جنهن صورت ۾ كيس والده كي ڏسڻ لاءِ هونءَ بہ موكل ملي هئي، پر هي هك اتفاق ٿيو هو جو بادشاهہ كي ميرزا جانيءَ جي لاغرضائيءَ تي غصو هو ۾ انهيءَ ئي موقعي تي خانخانان جي لشكر كشي بہ عمل ۾ آئي.

مير معصوم جنهن انداز سان بكر ۾ پنهنجي پهچڻ جو مذكور لكيو آهي، انهيءَ مان اهو ظاهر نہ ٿو ٿئي تہ هو خانخانان سان گڏجي هليو هو، اگرچ حقيقت اها آهي تہ ساڻس گڏ بكر روانو ٿيو. ليكن مير صاحب سپهہ سالار جي مقابلي ۾ پنهنجي اچڻ جو مذكور اهتمام سان كيو آتس. خانخانان جي آمد هك ضمني يا اضافي واقعي طور غير اهم لفظن ۾ لكي ويو آهي. واقعات جي ترتيب ۾ اصل عبارت هن ريت آهي تہ: جاگير جي مقرر ٿيڻ بعد حضرت (بادشاهہ) جن مرحمت جي انتها ۾ بنده نوازايءَ جو كمال كندي پيڙيءَ تائين

---

(1) رحيمي 2: 357.
(2) سمورو قصيدو رحيميءَ 3: 521 ۾ ۽ تحفة الكرام 3: 1: 362 ۾ ڏسجي.
(3) "جمعي از امرائي نامي مثل...مير معصوم خان بكري و ديگر امرا بكومك و مدد مقرر گشتند و در ملازمت اين خديو كامگار روانہ شدند (2: 357)."

تشريف فرما تيا، ۽ پوستين خاص سان سرفراز فرمائيندي، چاکر کي رخصت کيائون ۽ پنهنجي زبان مبارک سان ارشاد کيائون ته: ويهو! سفر نهايت خوشگوار ٿيندو!

بنشين و سفر کن که بغايت خوبست! [1]

انهيءَ کان پوءِ مير صاحب پنهنجي پهچ جي اهائي تاريخ لکي آهي، جيکا خان خانان جي پهچڻ جي آهي، يعني 14- صفر 999 هـ. خان خانان لاءِ لکي ٿو: و نواب خان خانان نيز به بکر تشريف آوردند. لاهور کان هلڻ وقت شاهي موکلاڻيءَ وغيره جي سلسلي ۾ هک لفظ کونه لکيو اٿائين. حالانڪ مائر رحيميءَ مان معلوم ائين پيو ٿئي ته بادشاهه روانو ڪرڻ آيوئي خان خانان کي هو. مير صاحب به جنهن صورت ۾ ساڻئي وقت ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿي رهيو هو، تنهنکري سندس خدمتگذاريءَ کي ڏسندي ۽ ويهن ورهين کان پوءِ ڳوڙ ڏانهن آسهڙ سبب سندس دلبري ڪرڻ به مناسب خيال کيائين. ظاهر آهي ته ٻيا به کيترائي امير انهيءَ قافلي ۾ هئا، ليکن رحيميءَ واري، خانخانان جي سوانح نگار جي حيثيت ۾، پنهنجي ممدوح جو ذکر کيو ۽ مير معصوم پنهنجي لکيل تاريخ ۾ پنهنجي پذيرائيءَ کي اهميت ڏني. انهيءَ مان سمجهي سگهجي ٿو ته اڃ سن ۾ کيترن اميرن سان به بادشاهه سلام ڪلام کيو هوندو.

بهر صورت انهيءَ ۾ ڪو شڪ کونه آهي ته اڪبر جهڙي عظيم بادشاهه جي مير معصوم تي هلڻ وقت اها عنايت معمولي ڳالهه نه هئي بلڪ قطعي غير عادي ۽ غير معمولي ۽ واقعي وڏي افتخار جو سبب هئي.

انهيءَ طرح موکلاڻيون ڪري، ٻيڙا ڪاهي، غوراب ساڻ ڪري، روايءَ جي وهڪري ۾ "ولايت دلپسند سند" کي تسخير ڪرڻ لاءِ خانخانان جي همرڪاب ٿي، مير معصوم به روانو ٿيو.

يولقي بيگ پنهنجي طويل قصيدي جي ابتدائي بيتن ۾ انهيءَ سفر جي ڪيفيت بيان ڪندي لکيو آهي:

تاسمند رايش از لاهور عزم سند کرد

همچو موسيٰ بر کفش از لطف شد چوب شبان

---

[1] بعد از تشخيص جاگير حضرت از کمال مرحمت و بنده پروري برسر کشتي تشريف ارزاني داشتند و به پوستين خاصه سر افراز ساخته، بنده را رخصت فرمودند...واز زبان الهام بيان فرمودند که: بنشين! و سفر کن که بغايت خوب است!...(251).

چون سحاب، اندر لب، دریاي راوي خیمه زد
آن نهنگ هفت دریا دیوبند، هفت خوان
همچو دریا شد روان بهر، وداعش، هر که بود
از خدیو هفت کشور تا امیر و پاسبان
با مقیمان، دیار، از بس هوائي خدمتش
گفتي، این ساحل بهمراهیش خواهد شد روان
شد مرتب کشتئ بهر نشستن کز شرف
نیز آن کشتي نزیبد جز درفش کاویان

ڏهه ٻارهن ڏينهن انهيءَ سفر کي لڳا. قافلو رستي ۾ ڪٿي ڪٿي رکيو. جيتوڻيڪ ملتان ۽ آسپاس جو علاقو خانخانان جي جاگير ۾ هو، ليڪن هو ڪيڏانهن به متوجهه نه ٿيو، ۽ ڏوکيندو سڏو بکر اچي پهتو.[1]

میر معصوم بکري پنهنجي قول مطابق ويهن ورهين جي طويل عرصي بعد وطن وريو هو، جنهن جو مطلب اهو ٿيو ته بکر مان هو 979 هه ڌاري هندوستان ڏانهن اسهيو هيو، جيئن گذريل صفحن ۾ (ص. 118) ۾ ڄاڻايو ويو آهي، جيئن ته سندس والد (991هـ) ۾ فوت ٿي ويو، سندس پاڻ ابوالقاسم پڻ ساڳئي سال ۾ (991 هـ) هي جهان ڇڏي ڇڪو هو. سلطان محمود-جيڪڏهن سندس پنهنجي قول تي حساب ڪجي تو ته-سندس غير حاضريءَ ۾ (982 هـ) ۾ فوت ٿيو هو، ۽ ميرزا باقي ترخان پنهنجي خونخواريءَ ۽ درندگيءَ جي وحشت زدگيءَ ۾ دماغي توازن وڃائي خود ڪشي ڪري ڇڪو هو، ۽ اُن جو پوٽو ميرزا جاني لوور سنڌ جو والي هو، جنهن سان جنگ ۽ سنڌ کي هندستان سان پيوست ڪرڻ واري اسڪيم مير جي وطن ۾ اچڻ جي مقصدن مان مکيه مقصد هو. ميرزا جانيءَ کي قريباً تخت نشين ٿئي سترنهن ورهيه ٿي چڪا هئا.

اهو ذهن نشين هجڻ گهرجي ته ميرزا باقي اگرچ پنهنجن مغلن وٽ "سنڌي ٻچو" سڏيو ويندو هو، ڇاڪاڻ ته "سنڌي پيٽ" مان هو، ليڪن سنڌ جي ماڻهن پنهنجي انهيءَ "پيٽ" منجهان خدا خدا ڪري جند ڇڏائي، سڪ جو ساهه پٽيو

---

(1) "...چون از دار السلطنت لاهور بر آمدند، با آنکه ملتان و آن حدود ديگر بجاگير ايشان مقرر بود، بهيچ چيز و هيچکس مقيد نشده رفتن را ساعي بودند (رحيمي 2: 359)."

هو. ميرزا جاني جيتوٽيڪ اخلاقي ڪمزورين ۾ شرمناڪ حد تائين مبتلا هو [1]، تاهر طبعاً نرم ۽ مهربان مزاج حڪمران هو. ازانسواءِ سنڌي قبيلن سان مِٽن مائٽن ۾ ڳنڍجي، سنڌ کي اباڻي وطن وانگر ٻڌائي ڇڪو هو. ۽ سنڌ جي باشندن کي ڌاريون نہ بلڪ پنهنجو هڏ رت سمجهي، ساڻن پنهنجائيءَ وارو سلوڪ ڪندو ٿي رهيو. جڏهن اسير (خانديش) ۾ فوت ٿيو، تہ وصيت مطابق سُندس لاشو مڪليءَ تي آڻي دفن ڪيو ويو. ارغونن وانگر نہ ڪيائين تہ سنڌ وارن جي رت چوسيندي ۽ خون وهائيندي جڏهن موت آين، تہ ايتري بہ هن زمين سان دلچسپي ڪانہ ڏيکاريائون، جو هتي کٽي پاڻ پورائين.

(2- 4- 1978ع.)

---

[1] ڏسو تحفة الكرام فارسي (حسام الدين) ص 310. تاريخ طاهريءَ جي حوالي سان هيءَ عبارت آيل آهي: ميرزا از اطوار شايسة و افعال پسنديدهٔ خود باز گشت وچنين چيزهائي ناهموار و نالايق، شيوه و شعار خويش ساخت ڪ، علانيه بااغلام پيشہ بي انديشہ گرديده، پسران خويصورت را بهر بد سيرت نگاه نمودن گرفت. چنانچہ بعض از خانہ هائي سترگ و سلسلهائي بزرگ بل سيد زاده مهين نسب-ڪ نام ايشان اظهار و اشكار داشتن از ادب دور است، اما مردم آن ملک ميدانند-آنرا دست برنجن و لباس از بهر انوست خاطر داده، درون بجائي عورات نگاه داشت. ازين فعل زشت-ڪ لايق حكام وقت نيست-هرڪ استماع داشت بي اختيار استغفار و استعفا گفت، انگشت آوخ بد ندان دريغ كرده..."

"ميرزا ڇڳا اطوار ۽ شايسة افعال ڇڏي انهيءَ حد تائين غلط ۽ شرمناڪ ڪم ڪرڻ شروع ڪيا جو ڪلہ ڪلا ڇوڪري بازيءَ تي لهي پيو. سڌن ڇوڪرن کي غلط ڪاريءَ لاءِ پاڻ وٽ رکندو هو. ۽ ڪيترن وڏن خانداني بلڪ سيد زادن جي ڳهرن مان—جن جي نالن ظاهر ڪرڻ کان شرم ٿو اچي، سپڪنهن کي انهن افعالن جي سڌ آهي-انهن ڇورن کي ڪنگڻ ٻانهن ۾ ۽ لٽا زنانا پارائي، پنهنجي ريجهہ لاءِ زنان خانن ۾ رهائيندو هو. ماڻهن اهي افعال بد ڏسي توبهون ٿي پريون ۽ استغفار ٿي پڙهيو."

معلوم هجڻ گهرجي تہ تاريخ طاهريءَ جي مصنف جيڪي لکيو آهي، سو سنڌس والد جي زباني ۽ پنهنجي اکين ڏٺل احوال تي مدار رکي ٿو. حقيقت ۾ ماڻهر رالنهر کان آيل قبيلن سنڌ اندر انهيءَ ڪمينگيءَ جو رواج وڌو. انهيءَ طرف اهي عادتون عيب ۾ شمار نہ هيون. چناڇہ تاريخ ۽ تذڪرا انهيءَ قسر جي واقعن سان ڀريل آهن. جاني بيگ جي سلسلي ۾ سنڌ ۾ پهاڪا پڻ ڏهيل آهن، مثلاً: "بولي ڏئي بہ... جاني بيگ ڪي" ارغونن ۽ ترخانن يا انهن سان آيل ماڻهن جون جتي جتي ڪالونيون ڏهيون، اتهن جا شهر اخلاقي طرح خراب ۽ تباهہ ٿي ويا.

باب چوڏهون

نڏڪا گهوڙا غيباڻا هسوار

سنڌ ۾ جڏهن خان خانان جو ڪڪ پهتو، ۽ مير معصوم بڪر جي زمين تي قدم رکيو، ان وقت خانخانان ته پنهنجي مهر کي سر ڪرڻ جي سوچ ۾ لڳي ويو، ليڪن مير معصوم ظاهر آهي ته سڀ کان پهرين پنهنجي والده جي قدم بوسي ڪئي، والد ۽ پاڻ جي قبرن تي فاتحه پڙهيائين، برادريءَ جي رسم ۽ رواجن کي منهن ڏنو هوندائين. بهرحال اهو سڀڪجهه تڙ تڪڙ ۾ پورو ڪري، هو خان خانان جي لشڪر ڪشيءَ ۾ شامل ٿيو—چاڪاڻ ته شاهي فرمان سيني کان پهرين اکين تي پوءِ ٻيا ڪم، مير معصوم ٻين چند اميرن سان گڏ سيوهڻ ڏي راهي ٿيو [1].

جڏهن جنگ شروع ٿي تڏهن سنڌ جي ڪنڌڪڙ ۾ مقابلا ۽ معرڪا پکڙجي ويا. مرزا عبدالرحيم خانخانان پنهنجي وقت جو مجيل سپهه سالار هو، بلڪ اڪبر جي "ترڪش" جو آخري "خدنگ" چئجي ته بيجا نه ٿيندو. جنگي فن ۽ لشڪر ڪشيءَ جي گُرَ ۽ ملڪ گيريءَ جي داءَ پيچ مان سيني ڳالهئين سر هو. ايان تازو ڪيترا مُلڪَ فتح ڪري چڪو هو ۽ ڪيئي معرڪا سر ڪري، اڪبر جي سلطنت جي پکيڙ وڌائي چڪو هو. تنهنڪري هند خواهه سنڌ ۾ سندس دليريءَ ۽ فني قابليت جو وڏو ڏاڪو ۽ ڏاڍو ڏهڪاءُ هو.

سنڌ جي سلسلي ۾ ته اڪبر خاص احتياط ۽ اهتمام ڪيو هو، ۽ ساٺس گڏ ٻيا به ڪيترا چونڊ امير، فوجي ماهر، ۽ بهادر ويڙهاڪ—جيڪي ڪيئي معرڪا ماريو ٿي وتيا—گڏي ڇڏيا هئا. ۽ انهن منجهان هر هڪ کي پنهنجا پنهنجا دستا، علاوه سرڪاري لشڪر جي، پڻ همرڪاب هئا.

تاريخ ۾ ڪن اميرن جا نالا اچي ويا آهن، جن جي پڙهڻ سان مهم جي نزاڪت ۽ اڪبر جي ذهن ۾ سنڌ جي مسئلي جي اهميت جو اندازو ڪري سگهجي ٿو:

(1) شاهي بيگ خان ڪابلي

(2) سيد بهاء الدين بخاري

---

[1] معصومي 251.

(3) فريدون برلاس
(4) شير خان
(5) جانش بهادر
(6) بختياربيگ
(7) قرا بيگ ترکمان
(8) محمد خان نيازي
(9) خواجه محمد مقيم خان بخشي
(10) رستم سلطان
(11) گورڈن راول
(12) پيير دلپت
(13) بهادر قوردار
(14) علي مردان خان بهادر
(15) بلب ڈر رانوڑ
(16) حسن علي عرب
(17) خواجه حُسام الدين
(18) سيد درويش
(19) قاسم خان کوک
(20) خاکي گل بان
(21) نور محمد
(22) خواجه خضري
(23) عبدالغني
(24) الغ بيگ
(25) سال النگي
(26) خاکي بيگ
(27) سيد ميرعلي
(28) ميرزا بيگ سالارقلي
(29) ميرزا محمد
(30) سيد بنده علي

(31) ابراهيم بيگ
(32) مرشد قلي چولڪ
(33) شمشير بيگ
(34) محمد زمان باقي چهار دانگي
(35) عبداللطيف
(36) بهادر ملڪ
(37) عزت علي ڪابلي
(38) الهه بردي تولڪچي
(39) الياس توبچي
(40) محمد قلي تنگري بردي
(41) فرخ بيگ
(42) قلي محمد
(43) مريد خان سرمدي
(44) ڏارو ولد راجا تودّرمل
(45) بسنت راءِ ولد راءِ سنگ
(46) ميان دولت خان لودي
(47) بهادر خان
(48) ملامحمود
(49) جان بيگ
(50) مقصود بيگ.[1]

انهن کان علاوه ٻيا به ڪيئي جنگي جوڌا پنهنجي پنهنجي سات ۾ سپاهه سميت سنڌ تي انهيءَ چڙهيل گهل ۾ شريڪ هئا. جن لاءِ طبقات جو مصنف لکي ٿو ته ناليوار سپني جو لکڻ ڏيگهه جو سبب ٿيندو—"و مردم ديگر ڪه تفصيل ايشان باطناب ميکشد—" اڪبرنامه جي صاحب-بسيار مردان ڪار آگاه—" لکيو آهي. جيڪي موڪليا ويا هئا سي سڀ مغل مورخن جي قول مطابق "امرائي نامي" ۽ "مردان کار آگاه" هئا. منجهانئن هرهڪ ڇڻ پنهنجي

[1] اڪبر نامه 3: 885. طبقات 2: 412. رحيمي 2: 358. ذخيره 1: 36. معصومي 251- 254. انهن اميرن جو احوال مغليه دور جي تذڪرن مان معلوم ڪري سگهي ٿو.

پنهنجي حيثيت ۾ فيل مست ۽ رستم زمان ٿي معلوم ٿيو. سپاهه جدا هو. ۽ ٻئي حرب ۽ ضرب جي سامان ۽ اسباب جي انتها کانه هئي. مثال طور:

(1) هڪ سؤ هاٿي (صد زنجير فيل—) [1].

(2) توب خانو (بقول رحيمي: فيلان جنگي توپچيان خاور انداز معه توب خانه).

(3) ٻه هزار گهوڙا [2].

لڙائي شروع ٿي، ته فوراً ٻي ڪمڪ ٻه پهچي ويئي، جنهن جو تفصيل هن ريت ڏنو ويو آهي:

(1) هڪ لک پنجاهه هزار روپيا نقد هڪ دفعو [3].

(2) هڪ لک روپيا ٻئي دفعي [4].

(3) هڪ لک مڻ اناج.

(4) چند وڏيون توبون ڪي ئي گولا بي انداز ۽ عظيم لشڪر.

(5) راءِ سنگ چار هزاري منصب وارو امير پنهنجي ڪٽڪ سميت جيسلمير جي رستي کان اچي رسيو.[5] انهيءَ تفصيل ڪي تفصيل سان ڏيکاريڻ جو مقصد هي آهي ته هندستان جي عظيم مغل امپاير کي، اڪبر جهڙي جبري بادشاهه جي زماني ۾ جڏهن ته اقبال جو آفتاب چوٽيءَ تي هو، سنڌ کي زير ڪرڻ لاءِ چا نه ڪرڻو پيو. آزاديءَ سان رهڻ ۽ غلاميءَ هيٺ گهارڻ جا ڏهني ۽ جسماني ڪهڙا نتيجا قومن ۽ ملڪن لاءِ نڪرن ٿا، انهن جو اندازو به انهيءَ مان سولائيءَ سان ڪري سگهجي ٿو. آزاد فضا ۾ رهندڙن کي زير ڪرڻ واقعي ڪو آسان ڪم نه آهي.

جنگ شروع ٿي، جتي وارو لڳو يا نقشو نهيو، بنهي ڌرين پير کوڙي بي جگريءَ سان هڪٻئي کي مڙسان مڙسيءَ منهن ڏنو. طبقات جو مصنف لکي ٿو ته: سنڌين هر طرف کان اناج ۽ ڪاڌي جي سامان پهچڻ جا گهٽ ۽ گهير بند ڪري ڇڏيا، جنهنڪري جلدئي خان خانان جي لشڪر کي ڏڪار سان سابقو

---

(1) بدايوني 2: 344.

(2) طبقات 2: 417. معصوميءَ ۾ گهوڙن جو تعداد 12 سؤ آهي (256)..

(3) بدايوني 2: 379.

(4) رحيمي 2: 362.

(5) طبقات 2: 14- 415.

پيو. انهيءَ حد تائين جو "ناني بجاني ارزان" ٿي ويو. يعني جان ڏني جي ماني ملي تہ گويا سهانگي سمجهي ٿي وئي[1].

میر معصوم هر جاءِ تي ميدان ۾ موجود ۽ پنهنجي ولي نعمت لاءِ نهايت بهادريءَ سان وڙهي رهيو هو. ليڪن وطن دوست سپاهہ جو مقابلو آخر ڪو آسان ڪم ڪونہ هو. سنڌين جيتوٽيڪ سمجهو ٿي تہ سنڌ مٿان ڪنهن سنڌيءَ جي حڪومت ڪانہ آهي، جاني بہ ست ڏاريون مغل هو ليڪن انهيءَ مغل جي هٿان سنڌ ڇڏائي ملڪ کي ڇڻ "ڏهن دينارن مان ڪڍي سؤ دينارن ۾ ڦاسائڻو هو"[2].

ايترو ساز و سامان ۽ مغلن جي "دلاوران ڪارشناس و ڪار آگاہ" جي ڪثرت نفري، ميرزا جانيءَ جي سنڌي فوج کي هراسان ڪري نہ سگهي. هڪ وقت تہ سنڌ جي جوانن هندي مغلن جا اوسان ايترو خطا ڪري ڇڏيا، جو خانخانان جهڙي نامياري سپهہ سالار بي ڪا واهہ نہ ڏسي، سنڌ جي پيرن فقيرن جي دامن وجي جهلي.

سنڌ تي جڏهن بہ ڪن ڏارين چڙهائي ڪئي آهي، تڏهن اُن کي پنهنجن کان ئي نقصان پئي پهتو آهي، گهر کي گهر جي چُلهہ واري باهہ ئي ساڙڻ ۾ اڳرائي ڪئي آهي. فيروز تغلق نٽي جي قلعي تي قابض ٿي نہ سگهيو، تہ چراغ دهلويءَ ۽ جلال بخاري اُچيءَ کي چاڙهہ ڏيئي، سندن تقدس جي واسطي سان، چامن کي صلح جا واعدا ڏيئي، قلعي کان باهر آڻي، ڏوکي ۾ قيد ڪري، دهليءَ وٺي ويو. انهن ٻنهي بزرگن کي ڪجهہ نذر نياز مليو، هو انهيءَ ۾ خوش رهيا ۽ انهيءَ کي ديني خدمت سمجهي پنهنجي ضمير کي مطمئن ڪيائون[3]. ساڳيءَ طرح شاهہ بيگ ارغون سنڌ جي ٻئي مُلن موراٹن ۽ پيرن فقيرن کي لالچ ڏيئي، ملڪ سان غداريءَ تي آماده ڪري، ملڪي تحريڪ جي رهبرن جي پڇاڻي آڻي، پنهنجي قبضي کي سنڌ تي مضبوط ڪيو. اهو ساڳيو ٻئي طريقو خان خانان بہ اختيار ڪيو. ديني جاسوسن ۽ روحاني گاڏن کي هٿ ڪرڻ جي

---

[1] طبقات 2: 416 — رحيمي 2: 363 -سندهيان از اطراف راه آمد و شد غله را بر لشكر خانخانان بستند و غله بحدي نايابگشت كه ناني بجاني ارزان بود.

گشته زان تنگي جهاني تنگدل — گرسنه نالان و سيران سنگدل
هر كرا، ديدار نان، بودي هوس — قرص خور، در آسمان ديدي وبس

[2] شيخ سعدي، جو قول، ڏسو گلستان ۾.

[3] ڏسو مڪلي نامہ، ص 131 کان ص 136.

کوشش کيائين. انهيءَ سلسلي ۾ مير معصوم بکريءَ سندس هٿ ڏس ڪئي ۽ ڪيس درپيلي جي مخدوم قاضي عثمان وٽ - جنهن کي "مجتهد وقت، اعلم العلماءِ ۽ اکمل الاوليا" جي دلفريب لقبن سان ياد ڪيو ويو آهي- وڃي ويو. مخدوم صاحب جيڪي ڪجهه ڪيو، ان جو مذڪور پوين صفحن (112- 113) ۾ اچي چڪو آهي.

واقعو صحيح هجي يا مشڪوڪ، ليڪن انهيءَ ۾ شڪ ڪونہ آهي تہ دين جي آڙ وٺندڙ شڪارين هميشہ پنهنجي ئي زمين سان بيوفائي ڪندي، نہ ڪڏهن ترس ڪاڏو آهي نہ ڪين ڪا غيرت آئي آهي. هو هميشہ "فتوحات" جا قائل پئي رهيا آهن، جنهن جي بهرحال هر غاصب وٽ ڪمي ڪانہ هوندي آهي.

انهيءَ قسم جي واقعن کي بيان ڪرڻ مان مقصد هي ڏيکارڻ آهي تہ خانخانان لاءِ سنڌ فتح ڪرڻ آسان ڪم ڪونہ هو. معرڪا ڏاڍا سخت درپيش هئا. هڪ جنگ جو—جنهن ۾ راجا تودّر مل جو پٽ قتل ٿيو— ذخيري جي مصنف هنن لفظن ۾ ذڪر ڪيو آهي:

"جنگ تمام سخت لڳي. راجا تودّر مل جو پٽ ڏارو تمام مردانگيءَ سان وڙهيو، ليڪن مارجي ويو. ميان محمد خان نيازيءَ پنهنجي سر ۽ متن مائٽن سميت مرڻ جيئڻ جي ڪانہ ڪئي ۽ وڙهڻ سان انتها ڪري ڇڏيائين. سيني جان تان هٿ ڏوئي ميدان ڪيو ۽ پاڻ مارايائون. دولت خان لوڏي، جيڪو سپهہ سالار، بي مثل شجاع ۽ پنهنجي وقت جو رستم هو، ايترو وڙهيو، ايترو وڙهيو، جو انهيءَ کان متي تصور ۾ اچي ڪونہ ٿو سگهي...دلپت ڇٽن سَون راجپوت سوارن سميت پاسو جهليو ٻيڻو رهيو. اهڙيءَ طرح مير معصوم بکريءَ ۽ شاهہ بيگ خان وارن پڻ مڙسان مڙسيءَ ويڙهہ ڪئي[1].

انهيءَ لڙائيءَ ۾ جيڪا سڏي سنئين جاني بيگ سان هئي، تنهن جو وار بہ ونگو ڪونہ ٿيو، هو آرام سان ميدان مان سلامت نڪتو. بيءَ جاء تي هليو ويو.

---

[1] جنگ صعب افتاد و دهارو ولد راجہ تودّرمل ترددهاي مردانہ بظهور رسانيده بہ قتل رسيد و ميان محمد خان نيازي بذات خود ترد دات نمايان کرده، جمعي از خويش و تبار خود را بکشتن داده و دولت خان لودي (که سپهبد و شجاع بي نظير و رستم وقت خود بود) چندان سعي و تلاش و تردد کرده که مزيد بران تصور نباشد....دلپت باچهار صد سوار راجپوت بہ کناره جنگ گاه استاده ماند، و مير معصوم بکري و شاه بيگ خان ترددات مردانہ کرد." (ذخيره، 1: 37)

اهڙيءَ طرح سنڌ جي مختلف حصن ۾ معرڪا هلندي، سال لنگهي ويو. آخرڪار پنهنجن جي نفاق، ملڪي غدارن جي سازش، وطن فروش ۽ وطني جاسوسن جي ريشه دوانين ميرزا جانيءَ کي ڪمزور ڪيو. هڪ ته مسلسل جنگ سبب ملڪي معيشت تباهه ٿي ويئي ۽ ڏڪار اچي منهن ڏيو [1]، ۽ ان کان وڌيڪ ميرزا کي شخصي نقصان هي پهتو. جو سندس والد ميرزا پائيندو بيگ فوت ٿي ويو ۽ پٽس ميرزا فتح بيگ پڻ هيءُ جهان ڇڏيو. ٻيئي قضيا هڪٻئي پٺيان لاڳيتا ٿيا، جن ميرزا جي ڪمر ٽوڙي رکي.

ميرزا انهيءَ دلشڪستگيءَ جي ڪيفيت ۾ مبتلا هو، جو خان خانان حالتن جو اندازو جاسوسن جي معرفت ڪري، ڏانهن صلح جو پيغام موڪليو. خانخانان پاڻ به طويل جنگ کان تنگ اچي چڪو هو. بهرحال ٻنهي ڌرين جي آمادگيءَ سان انڙ پور ۾ معاهدو ٿيو. شرط شروط طئي ٿيا، 26 محرم 1000ھ / 17 آگسٽ 1591ع [2] جو خان خانان محاصرو کنيو.

انهيءَ صلح کي "فتح" سان منسوب ڪري، ٽٽي ۾ چراغان ڪرايو ويو، جشن منعقد ٿيا ۽ حاضر باش شاعرن قصيدا پڙهي انعام اڪرام حاصل ڪيا [3].

قرارداد مطابق ميرزا جاني 24- جمادي الثاني 1001ھ /1592ع جو شاهي دربار ۾ وڃي حاضر ٿيو [4]— سندس روانگيءَ جي تاريخ آهي:

کرده کلکم نام تاريخش رقم: بستان فتح،
باغ اقبال تو بادا داغ گلزار جنان [5]

---

(1) ڏڪار ۽ صورتحال جي نزاڪت لاءِ ڏسو تحفة الڪرام فارسي، ص 280 کان ص 281.
(2) رحيمي، 2: 376.
(3) ڏسو تحفة الڪرام فارسي، ص 259- 275.
(4) رحيمي، 2: 376.
(5) رحيمي، 3 534- 551. هي 171 بيتن جو قصيدو آهي، جنهن کي تحفة الڪرام (حسام الدين) ۾ پڻ (263-268) شايع ڪيو ويو آهي. قصيدو دلچسپ ۽ واقعاتي آهي. مثلاً: صلح، باهمي ملاقات، ٽٽي ۾ خانخانان جي آمد ۽ چراغان وغيره جو داستان تاريخي آهي. اهو قصيدو يولتلي بيگ اُنيسي شاملوءَ جو آهي. سندس ٻيو به هڪ قصيدو 78 بيتن جو آهي (تحفة الڪرام 259- 262) هن مطلع سان:

به بين به حشمت شاهي وجشن فروردين
کنون ببالد مهر و کنون نبادل کين

آخري شعر تاريخ تي آهي:

بفتح تته و تاريخ اين قصيده، قضا
نوشت: ستمائه بعد تسعه و تسعين
999ھ (هلندڙ)

ميرمعصوم بکريءَ انهيءَ سلسليءَ ۾ "بستان فتح" جي گلگشت ۾ نهايت اهم ڪردار ادا ڪيو. بهر صورت ميرزا غالب چواٽيءَ:

ز گلفروش ننالم، کز اهل بازار است،
تپاک گرميءِ رفتار باغبانم سوخت.

انيسي ترڪيب بند به چيو آهي (تحفة الڪرام 268- 270) هي مطلع آهي:

نسيم گل بچمن، تانبرد مستان را
هوائي باغ قفس بود، مرغ بستان را

اهڙيءَ طرح شڪيبيءَ ساڻي نامو چئي 12 هزار رپيه ۽ سروپا ورتي. مطلع آهي:

بيا! تا ز ميخانه، بستان کنيم
بويرانه، کشت گلستان کنيم

(تحفة الڪرام 271- 275)

(ڪراچي 5-4-1978ع)

باب پندرهون

بکر جو قيام- سيويءَ جي فتح

سنڌ جي جنگ مان فارغ ٿي، خان خانان ۽ ميرزا جاني بيگ کي دربار ڏانهن اُماڻي، مير معصوم پاڻ بکر هليو آيو. ٺٽي جو انتظام خانخانان، دولت خان لوڌيءَ جي حوالي ڪري ويو هو. مير صاحب جي حقيقي موڪل انهيءَ کان پوءِ شروع ٿي، جنهن ۾ هن سکر ۾ رهي پنهنجا شخصي ڪم سرانجام ڏنا ۽ جاگير جي انتظام خاطر خواه نموني سان ڪيو.

مير معصوم پر فضا جاين تي رفاهي عمارتن ۽ نظاري وارن هنڌن تي جاين ٺاهڻ جو بيحد شوقين هو. اهو سڀني مغل اميرن جو طريقو ۽ وتيرو هو. مسجدون، سرائيون، کوهه، باغ، نهرون، عيدگاهه ۽ ٻيا اهڙا ڪم ڪرڻ ۽ يادگار ڇڏڻ، جن مان سندن نالو ٿئي ۽ آبرو وڌي-مغل اميرن ۽ جاگيردارن جو اهو وڏي ۾ وڏو مشغلو، فيشن ۽ تفريح هئي، انهيءَ سلسلي ۾ هو هڪٻئي کان گوءِ کڻڻ جي ڪوشش پيا ڪندا هئا. مير معصوم کي انهيءَ کان علاوه هيءُ به شوق هو ته جتان جتان سندس گذر ٿئي. اتي ڪن يادگار جاين تي تاريخي ڪتبا هڻندو وڃي. انهيءَ سلسلي ۾ ٻيو ڪونه مغل سردار سندس هم پلهءِ ۽ همسر ڪونه هو.

بکر ۾ قيام ۽ يادگار (1001هه- 1003 هه /1591ع-1593ع): بکر ۾ مير بمشڪل اڍائي-پوڻان ٽي سال رهيو. معلوم ٿئي ٿو ته پاڻ ايترو متحرڪ، پرڪار ۽ شاهه خرچ امير هو، جو هن ايتري ٿوري عرصي اندر ڪيترن يادگار جاين جي بناءَ رکي ۽ بنياد وڌو—جهڙوڪ:

(1) **ڇٽي**: والد جي قبر تي چوکنڊي ۽ ڇٽي ٺهرايائين جنهن جي تاريخ "عمارت سر کوه" (1002 هه) مان نڪري ٿي.

(2) **عيدگاهه**: روهڙيءَ ۾ نهايت پر فضا ٽڪريءَ ۽ نظاري تي عيدگاهه ٺهيو. غالباً اهو بکر ۽ روهڙيءَ ٻنهي شهرن جي لاءِ مشترڪه هو. اهو پڻ ساڳئي مٿئين سال 1002 هه ۾ تيار ٿيو. اڄ به موجود آهي ۽ درياهه ڀر تان ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

(3) **منارو**: پنهنجي خانداني گورستان ۾ انهيءَ ساڳئي سان 1002هه

ڀر مناري جو بنياد وڌائين. سندس سامهون دهليءَ واري قطب منار جو مثال موجود هو.

(4) **گورستان:** ساڳئي احاطي ۾ خاندان جي گورستان جو نهايت خوبصورت نقشو رکيائين. سندس غير حاضريءَ ۾ سندس والد، پاٽس ۽ ٻيا کي خانداني افراد دفن ٿيا هئا. گورستان ۾ پنهنجي والد، ياءُ ۽ پنهنجي قبر لاءِ مٿي ذکر کيل چٽي رٿيائين. انهيءَ لاءِ گجرات ۽ سَمن سلطانن جي گورستاني چٽين ۽ چوڪندين جو نقشو ۽ نمونو سندس سامهون هو.

(5) **قبرون:** والد ۽ ياءُ جي قبرن جا پٿر نهايت خوبصورت اُکر تي تيار کرايائين.

انهيءَ کان سواءِ به سندس ذهن ۾ فکر ممکن آهي، کن يادگارن جو بنياد وڌو هجي يا پروگرام ناهيو هجي، جيکي صدين جي لپيٽ ۾ اچي منجي ويون يا مرڳو ئي عملي شکل اڃا اختيار نه کئي هئائون.

سيوي (1003هـ/1595ع): مير صاحب بکر جو اهو مختصر قيام نهايت مصروف گذاريو. اڃا کيس پورا ٽي سال به ڪونه ٿيا، ته 1003هـ/1595ع ۾ کيس پهريون سيويءَ ۽ اُتان قندار وڃڻ جو حڪم مليو. سيويءَ ڏانهن ساٽس گڏجي هيٺيان امير پنهجن فوجي دستن سميت هليا:

(1) مير ابوالقاسم نمکين سندس هر وطن ۽ بکر جو جاگيردار ۽ حاڪم.

(2) بختيار بيگ سيوهڙ جو اقطاع دار [1].

(3) سيد بهاءالدين بخاري اُچَ جو تيول دار.

اڪبر نامه جي مصنف اهو واقعو 39 سال الٰهي (1003 هـ) جي روئداد ۾ بيان ڪيو آهي. فوج ڪشيءَ جو سبب ڄاڻائيندي لکي ٿو: سيويءَ جو قلعو پهريون بکر سرڪار جي تحت هوندو هو ۽ ڪجهه وقت کان انهيءَ تي پني قبيلي جا افغان خودسري ڪري قابض تي ويا هئا. انهن جي گوشماليءَ لاءِ اهو

---

[1] بختار بيگ لاءِ ڏسو مظهر شاهجهاني ص 101 وغيره.

فوجي قدم کنيو ويو. 23 تاريخ ماه دي جو اهي فوجون روانيون ٿيون. گنجابه جا زميندار ۽ اوسي پاسي جا پريا مڙس جهڙوڪ: دريان خان ۽ دائود خان وغيره مقابلي جو تاب نه جهلي، اچي پيش پيا. تنهنڪري سواءِ ڪنهن اٽڪاءَ جي فوج 3 تاريخ اسفند ماه جو قلعي جي سامهون پهچي ويئي.

قلعو نهايت مضبوط ۽ هر طرح مستحڪم هو. پنج هزار ماڻهو پهرينءَ ست ۾ قلعي منجهان مقابلي لاءِ نڪري آيا. سرڪاري فوج تربيت يافته ۽ منظم هئي، قلعي وارو انبوهه غير مرتب ۽ جنگي ضابطي کان عاري هو. تنهنڪري پهرينءَ جهڙپ ۾ ئي بيتاب ٿي قلعي اندر پسپا ٿي ويا ۽ صلح لاءِ چگا مڙس وچ ۾ آڻي امان گهريائون، ۽ چاپيون شاهي فوج جي حوالي ڪري پاڻ اچي پيش پيا.

انهيءَ قلعي هٿ اچڻ سبب سيويءَ ۽ ڪيچ مڪران کان ونڊي قندار تائين جي وچ جو سمورو علاقو اڪبري فرمان هيٺ اچي ويو [1].

ميرابوالقاسم نمڪين: مظهر شاهجهانيءَ جي لکت مان ائين پيو ظاهر ٿئي ته انهيءَ مهم جو مهندار مير نمڪين، جيڪو انهيءَ دؤر ۾ بکر جو جاگيردار هو، ٿيو، ۽ پيا امير سندس امداد ۾ هليا هئا. ميرڪ يوسف لکي ٿو ته: سيويءَ جي فتح بعد بابي بادشاهه ڏانهن عريضو اماڻيو ته جيڪڏهن حڪم هجي ته ڪيچ مڪران پڻ هٿ ڪجي! ليڪن بادشاهه انڪار ڪيو ته جنهن صورت ۾ اهو ملڪ شاهه عباس والئ ايران جي سرحد تي آهي، تنهنڪري انهيءَ تي قبضو ڪرڻ سياسي مصلحت ۽ بنهي حڪومتن جي باهمي تعلقات لاءِ مناسب نه ٿيندو. سيويءَ جي باشندن تي اجارو ۽ دل به مير نمڪين بست ڪئي، جيڪا بقول ميرڪ يوسف سندس ڪتاب لکڻ تائين (1044 هـ)

---

[1] اڪبر نامه (3: 666)...سيوي...استوار قلعه ايست نزد قندهار، درباستان زمان مرزبان بکر داشت و از دير باز افغانان پني برو چيره دست. سيد بهاء الدين بخاري تيول دار اوچه و بختار بيگ اقطاع دار سيوستان و مير ابوالقاسم نمڪين جاگيردار بکر و مير معصوم و ديگر سپاه صوبه ملتان را فرمان شد ڪه به آنجا شده اندرز گوئي را دستمايه ڪشايش بر سازند، اگر نه نيوشنند بسزا برمالند.

بست و سيوم دي بدين بسيج بر آمدند، زميندارن گنجابه و ديگر سران آن سو (چون دريا خان و داؤد) سر بفرمان در آويزش در آمدند، و بڪمتر آويزه شڪست يافته حصاري شدند. پس ازگرد گرفتن و آماده ساختن دست افزار گشايش زينهاري شده ڪليد سپردند، و از ابن فيروزي تاقندهار و ڪيچ و مڪران بقلمرو در آمد...." وڌيڪ ڏسو تذڪرهٔ امير خاني، ص 22، ۽ مظهر شاهجهاني.

ساڳئيءَ شرح مطابق هلي اچي تي [1].

مظهر شاهجهانيءَ جي لکت مان ظاهر پيو تئي ته بکر جو اهو علائقو، جيڪو 999 هه ۾ خانخانان جي جاگير ۾ ڏنو ويو هو، سو سنڌ فتح ٿيڻ بعد غالباً، جيئن خانخان 1001 هه واپس ويو تيئن ڦيرائي، مير ابوالقاسم نمڪين جي جاگير ۾ آندو ويو. اهوئي سبب آهي، جو طبقات اڪبريءَ ۾، جيڪو 1001هه ۾ ختم ٿيو آهي، مير نمڪين کي بکر جو حاڪم بيان ڪيو ويو آهي،[2] ۽ مظهر شاهجهانيءَ مان ان جي پڻ تصديق ۽ وضاحت ٿئي ٿي. ڏِل ۽ اجاري جي وصولي پڻ مير نمڪين جا ماڻهو بکر مان وڃي ڪري ايندا هئا.

مير معصوم پانئجي تو سيويءَ جي مهم پوري ٿيڻ بعد اتان ئي قندار جي فوجي خدمت تي هليو ويو، ۽ باقي سردار جدا جدا پاسن ڏانهن راهي تي ويا.[3]

---

[1] ڏسو تذڪرهٔ امير خاني (23-24) مظهر شاهجهانيءِ ۾ آهي:

"و فتح قلع سيوي را از دست افاغنه پني در زمان حضرت عرش آشياني بعنايت الهي و باقبال بي زوال پادشاهي، پير غلام كرده بود، زماني كه ملک بکهر از تغيير خان خانان عبدالرحيم در جاگير او نموده بودند. و دران ايام پير غلام استعداد ملک بکهر را دانسته از حضرت عرش آشياني استدعا كرده بود كه: اگر حكم شود ملک كيچ و مكران را در قبضه تسخير اولياء قاهره در آرم! حضرت پادشاه ابا نمودند و فرمودند كه: چون كيچ و مكران بر سرحد ولايت شاه عباس است و درميان ما و ايشان اخلاص ميگذرد بيو جهه دست بان ملک ها كردن خوب نيست!

و تا حال همان اجاره كه پير غلام بر مردم افاغنه سيوي از نقد و جنس بر بسته، منظور شده مي آيد. سر فصل مردم تعيينات ملک بکهر، باحشام رعيت رفته مقطعي را ازان مردم ميگيرند." (ص 28-29)

[2] در زمرهٔ امرا است و حكومت بكر دارد—طبقات 2: 455. بکر سرڪار اٽن پرڳڻن تي مشتمل هئي جهڙيءَ طرح مظهر شاهجهاني مان معلوم ٿئي ٿو (ص 5 ۽ ص 108).

[3] ڏسو مظهر شاهجهاني (102).

باب سورهون

قندار ۾ فوجي خدمت ۽ قيام

سرحدي صوبي هجڻ سبب يا هونئن ب توسيع پسنديءَ جي عادت ۽ پاليسيءَ ڪري، قندار ڪيتري وقت کان هندي مغلن لاءِ متي جو سور هو. هڪ زماني ۾ جڏهن همايون جي هٿن ۾ هو ۽ همايون کي هندستان تي دوباره قبضي لاءِ ايراني امداد جي محتاجي هئي، انهيءَ وقت ۾ سندس قول قرار هو ته جائيتي ٽيڻ ۽ حالتن يڪسان ٽيڻ بعد هو قندار ايران جي حوالي ڪندو. همايون اوچتو انتقال ڪيو ۽ ايران جون حالتون ب جلد بدلبيون رهيون، شاهه طهماسپ جنهن همايون جي مدد ڪئي هي، سو (984 هـ) فوت تي ويو. شاهه اسمٰعيل ثاني آيو. انهيءَ کان پوءِ، انهيءَ جو پاءُ خدا بندو بادشاهي تي ويٺو. جنهن کان پوءِ شاهه عباس اول (995 هـ/1587ع) تخت نشين ٿيو.

قندار تي قبضو: قندار واعدي مطابق جڏهن ايران کي نه مليو، ان وقت شاهه طهماسپ پنهنجي وقت ۾ ئي مغلن جي گورنر شاهه محمد ڪلاڻيءَ کان (965هـ/1558ع) کسي، ان تي پنهنجي پائٽي شاهه حسين ميرزا ولد بهرام ميرزا کي مقرر ڪري چڏيو هو. جيڪا ڳالهه اڪبر کي وڻي ته ڪانه. ليڪن انهيءَ وقت ڪري ڪجهه ڪونه تي سگهيو. پاڻ تازو تخت تي ويٺو هو، ملڪي استحڪام لاءِ ڪيس وقت گهربو هو، دهليءَ تان لشڪر ڪشي ڪرڻ آسان ڪونه هو، ايران سان جنگ جوڙڻ لاءِ هندوستان جون حالتون سازگار نه هيون. اڪبر بظاهر سور خوش اسلوبيءَ سان پيش ته ويو، ليڪن اندر ۾ ڪيس لوچ رهي، ۽ اهوئي سبب هو، جو بنهي حڪومتن جي تعلقات ۾ وڏي عرصي تائين تڏائي رهي. ايستائين، جو (969هـ/1562ع) ۾ جڏهن شاهه طهماسپ همايون جي قضيه تي عذر خواهيءَ لاءِ شاهي خط سان پنهنجو سفير سيد بيگ بن معصوم بيگ صفوي [1] موڪليو ته اڪبر ان جي جڳائيندڙ پذيرائي ڪانه ڪئي ۽ نه مناسب جواب موڪليو. ڪجهه عرصي بعد سلطان محمود بکريءَ

---

[1] معصوم بيگ اردبيل ۾ همايون جو ميزبان رهي چڪو هو، انهيءَ ڳالهه کي نظر ۾ رکندي، طهماسپ سندس پٽ کي سفير ڪري موڪليو، تعزيت سان گڏ تخت نشينيءَ جي مبارڪ بادي، جو خط ب آندائين.

جي لاءِ خطاب جي سفارش ڪئي ايران کان اڪبر وٽ سفير آيو (971 هـ/64-1563ع) ليڪن اڪبر، اگرچ قانوناً درست، ليڪن روابط جي صورتحال مطابق خشڪ جواب ڏئي ڇڏيو [1]. حالانڪ ساڳيو انڪار ملائم طريقن سان بہ ٿي سگھيو ٿي. نہ ڇڙو اهو بلڪ سفير کي ٻيڻي پير واپس ڪيو ويو (972 هـ/1564ع) [2].

سفيرن جي اها سرسري آمدرفت شاھ طهماسپ کان وٺي شاھ عباس ثانيءَ جي ابتدائي دور تائين قائم رهي. اڪبر جو مَن صاف نہ هو، تنهنڪري تعلقات ۾ ڪابہ گرمجوشي پيدا ٿي ڪانہ سگھي. جنهن کي ايراني حڪومت محسوس نہ ڪيو ٿي، ليڪن مصلحتاً ان جي اظهار جي يا ان ٽي احتجاج جي ضرورت ڪانہ هئي.

اوزبڪ: انهيءَ دور ۾ توران ۽ ايران جي سرحدي علاقن ۾ عبدالله خان اوزبڪ جي نئين طاقت رونما ٿي، جنهن وسط ايشيا جي ملڪي ۽ سياسي صورتحال ۾ وڏو ڦيرو آڻي ڇڏيو. عبدالله خان بخارا (964 هـ/1553ع)، سمرقند (986 هـ/1578ع)، بلخ (980هـ/1572ع) ۽ بدخشان (992 هـ/1584ع) کي پنهنجي قبضي ۾ آڻي، آخر ۾ (996 هـ/1588ع) خراسان ٽي بہ قبضو ڪري، پاڻ کي توران جو "خان" سڏائي، پنهنجي جدا مستقل سلطنت قائم ڪري، هڪ طرف ايران لاءِ خلفشار پيدا ڪري وڏو، ٻئي طرف اڪبر لاءِ سياسي شطرنج جو ميدان مهيا ڪيو. هاڻي عبدالله خان وٽان بہ هندستان جي دربار ۾ سفير اچڻ وڃڻ لڳا. توران جي انهيءَ سُني خان وٽان ايران جي شيعي حڪومت خلاف جهاد جو ٽڻ جي ترغيب بہ آئي. اها دعوت ۽ ترغيب بار بار ايندي رهي، ليڪن اڪبر هميشہ سياسي نوعيت جي جوابن موڪلڻ تي اڪتفا ڪئي [3]. هڪ دفعي مصلحتاً اڪبر ميرزا فولاد خان جهڙو ڪٽر متعصب سُني سفير—جنهن شيعي هجڻ سبب ملا احمد نٽويءَ کي ڇُرو هڻي ماري وڏو هو—عبدالله خان ڏانهن ڏياري موڪليو، جيئن عبدالله خان صفا نا اميد بہ نہ ٿي

---

(1) پڙهو منهنجو مقالو انهيءَ موضوع تي.

(2) اڪبر نامه: 2: 237، ۽ ڊاڪٽر رياض الاسلام.

(3) اڪبر نامہ 2: 368- 3: 12-211 انگريزي ترجمو بيورج جو نوٽ 3: 297، ۽ ڊاڪٽر رياض الاسلام ص 52.

وڃي ۽ هن سني سفير جو وٽس وڃڻ خان جي خوشنوديءَ جو سبب ٿئي.

کابل: مرزا حڪيم 993 هـ/1585ع جو کابل ۾ فوت ٿيو. جنهنڪري اڪبر کي کابل ۾ پنهنجي مضبوط ۽ سڌي سنئين مرڪز قائم ڪرڻ جو موقعو مليو. قندار وڃڻ بعد مرڪزي ايشيا ۾ انهيءَ صورت سان پهريون دفعو اڪبر پنهنجا پير کوڙيا ۽ هُن هڪ طرف توران ٻئي طرف ايران جي سرحدن وٽ وڃي پنهنجي قوت جو اڏو قائم ڪيو. در حقيقت ڪيس نہ ايران جو ڪو حصو ڪپندو هو ۽ نہ توران جي ڪنهن ٽڪري کي ونڻ گهرياٿين ٿي. ڪيس قندار واپس ونڃي، هڪ تہ پنهنجي آڻ قائم ڪرڻي هئي ۽ ٻيو پنهنجين سرحدن کي صاف ڪرڻو هو. جيئن نہ توراني قوت ساڻس ڪوٺس ڪري سگهي ۽ نہ ايراني سلطنت کي اڳتي وڌڻ جي سَڌ ٿئي.

شاهہ عباس اول 999هـ/1591ع ۾ يادگار سلطان روملو اڪبر ڏانهن سفير ڪري موڪليو [1] . اهو زمانو هو جڏهن تہ اڪبر پنهنجي ملڪ کي وسيع ۽ مستحڪم ڪري چڪو هو، گجرات فتح ٿي ويئي هئي، ڪشمير سندس زيرِ نگين هو، ۽ سنڌ جي فتح لاءِ لشڪر اُماڻي پاڻ لاهور ۾ حالتن جو انتظار ڪري رهيو هو. انهيءَ سفارت جو مقصد هو تہ اڪبر کان مدد ونڃي اوزبڪن جو قبضو خراسان تان ڇڏائجي. [2]

قندار جا معاملات: قندار جيڪو ايران ۽ هندستان جي درميان شڪر رنجيءَ يا تلخيءَ جو ڪارڻ هو، سو اڪبر نامہ مان (3: 117) معلوم ٿئي ٿو تہ 982هـ/1574ع تائين ايران جي قبضي ۾ هو. اُتان جي صفوي حاڪر سلطان حسين ميرزا جي شخصي خط و ڪتابت مان اڪبر کي اميد هئي تہ سلطان حسين هڪ ڏينهن پاڻ ئي مجبور ٿي، قندار کي اڪبر جي حوالي ڪري ڇڏيندو. اڪبر جي اها ڪٿ پوري ڪانہ ٿي، جو سلطان حسين ۽ شاهہ طهماسپ ٻيئي هڪ ئي سال 984هـ/1576ع ۾ فوت ٿي ويا ۽ قندار شاهہ حسين جي ٻن پٽن جي ورثي ۾ اچي ويو. اڪبر جي بهر صورت اها پاليسي رهي تہ قندار فوج ڪشيءَ کان سواءِ ميرزائن کان ملي وڃي تہ بهتر، جنهن لاءِ هُن پنهنجي ڪابل واري گورنر کي هدايتون ڏيئي ڇڏيون هيون.

---

[1] اڪبرنامہ 3: 656- 705 ۽ رياض الاسلام، ص 56.
[2] اڪبر نامہ 3: 588-705، ۽ رياض الاسلام، ص 56.

اکبر ۾ دفعا فوج کشيءَ جي کوشش ۾ ڪئي، جيئن تہ 997ھ/1584ع ۾ خان خانان جي ذريعي قندار ڏانهن لشکر موڪليائين. ليڪن اهو لشکر قندار پهچڻ کان پهريون واپس اچي ويو [1] ۽ خان خانان کي سندڙ طرف وڃڻو پيو. وري 1000ھ/1591ع ۾ ميرزا دانيال کي قندار اماڻيو ويو. ليڪن اهو ۾ بي نيل و مرام واپس وري آيو.

قندارِ ميرزا پائر: اهو وقت هو، جڏهن قندار جا ٻيئي پائر: ميرزا رستم ۽ ميرزا مظفر پاڻ ۾ وڙهي پيا ۽ اندرئون اندر هڪٻئي جون ڪڍون کوٽڻ شروع ڪيائون. عبدالله خان اوزبڪ خراسان تي مضبوط ٿي چڪو هو. شاھ عباس قندار ميرزائن جي عملاً ڪابہ مدد ڪري ڪونہ ٿي سگھيو. هو ايران جي اندروني مسئلن ۾ ايترو رڌل هو، جو ٻئي ڪنهن لاءِ سندس قوت ناڪافي ۽ وجود بيڪار هو. قندار ميرزائن کي اڪبر ۽ عبدالله خان اوزبڪ جي اشتراڪ عمل مان هر لحظي خطرو هو. تنهنڪري هو پنهنجي حالتن سبب، لاچار ۽ ويچارا ٿي پيا هئا. پنهنجي ذاتي عداوت ۽ اختلاف ويتر کين ڪمزور ۽ ضعيف ڪري ڇڏيو هو [2].

هندستاني دربار ۾ پهچڻ: ٻنهي پائرن مان پهرين رستم ميرزا هندستاني دربار ڏانهن منهن ڪيو. ڇاڪاڻ تہ سندس حصو (زمين داور) سڏو سنئون عبدالله خان جي زد ۽ حملن جي نشاني ۾ هو. تهنڪري غزنيءَ جي مغل ڪماندار شريف خان کي ذريعو بنائي، هو محرم 1002ھ/سپٽمبر 1593ع جو سندڙ کان ٽيندو اڪبر وٽ وڃي پهتو [3]. اڪبر سندس ڏاڍي پذيرائي ڪئي ۽ فوري پنج هزار منصب ۽ هڪ صوبي جي حڪومت کيس ڏيئي، باقي پنتي رهيل قندارِ ميرزا لاءِ لالچ جو مثال قائم ڪيائين. ايڏي استقبال، داد و دهش، سرپرستيءَ ۽ سرفرازيءَ جا واقعا ٻڌي ۽ قندار جي حڪومت جو ڏوجهرو ڏسي، ٻئي پاڻ مظفر ميرزا پڻ پهرين پنهنجي والده ۽ پٽ کي هندستان موڪلي (جمادي الثاني، رجب 8002ھ/اپريل 1594ع، اڪبر ڏانهن قندار لاءِ حاڪم

---

[1] رياض الاسلام، ص 58.
[2] رياض الاسلام ص 59، اڪبر نامہ 3: 650 - 646.
[3] ڏسو تحفة الكرام 3: 307-255، اڪبر نامہ 3: 644. ميرزا غازي ترخان جي فوت (1021ھ) ٽيڻ بعد هي نٽي جو پهريون مغل گورنر ٿيو. بيحد ظالم، بيرحم ۽ بدعقل هو. جنهنڪري فوراً بدلي ٿيو.

موڪلي ڏيڻ جو پيغام اماڻيو. چانڇ مغل دربار طرفان قنڌار جو پهريون گورنر شاهه بيگ ٿيو. جيڪو رجب - شعبان 1003هـ /مارچ 1595ع ۾ پنهنجي سپاهه سميت قنڌار جي قلعي ۾ اچي داخل ٿيو [1] . پاڻ ميرزا مظفر جمادي الثاني 1003هـ /فيبروري 1595ع جو مغل دربار ۾ پهتو، جتي کيس به پنج هزاري منصب، سنيل جي حڪومت سميت، مليو [2].

ميرمعصوم 1003هـ/1595ع: اهو دور ۽ اها صورتحال هئي، جنهن ۾ ميرمعصوم اوچتو مڪل پوري ڪري سيويءَ ويو ۽ اُتان قنڌار هليو ويو. شاهه بيگ جي گورنريءَ [3] ۾ فوجي سربراهي (ڪُمَڪي) سندس سپرد ٿي هئي. قنڌار جو درد سر جيڪو هندستان جي مغل حڪومت لاءِ هڪ مسئلو ٿي چڪو هو، سو اهڙيءَ طرح پنهنجو پاڻ ختم ٿيو. ۽ ميرمعصوم جي قنڌار وڃڻ ۽ رهڻ جو ڪارڻ به اها صورتحال ٿي.

ميرجوقيام قنڌار ۾ 1007 هـ / 1598ع تائين رهيو. جنهن جو پتو سندس لڳايل "چهل زينه" واري ڪتبي ۽ تاريخ معصوميءَ مان پوي ٿو. تاريخ معصوميءَ مان سُڌ پوي ٿي ته قنڌار ۾ ڪڏهن ڪڏهن وبائي مرض پيدا ٿي پوندا هئا، جن ۾ ڪافي جاني نقصان ٿيندو هو. پنهنجي زماني جو بيان ڪندي ميرصاحب لکي ٿو ته: اهڙي بيماري پيئي، جو ماڻهن جي پيٽ، وات، نڪ ۽ ڪَنن مان رت وهڻ شروع ٿيو. ۽ انهيءَ ۾ تقريباً سندس به سؤ ماڻهو موت جو شڪار ٿي ويا. اهو 1007 هـ جو واقعو آهي.

> "بعضي سالها وبا و بيماري بسيار ميشود و اكثر مردم بعلت خون شكم و خون بيني و گوش و خون از دهن رفتن از عالم ميروند.
>
> چون در زمان خلافت پناهي كاتب به كومك آنجا رفته بود و از مردم تعينات انجا بود، در سنه و الف قريب دويست سوار و پياده از لشكر اين جانب به همين علت از عالم رفتند" [4].

---

[1] اڪبر نامه 3: 69-668. بدايوني 2: 402.

[2] اڪبرنامه 3: 671.

[3] ذخيرة الخوانين 1: 235-236. ٿتي جي فتح ۾ به شامل هو. "خان دوران" خطاب هيس. ماثر الامرا 2: 641.

[4] معصومي 32-133.

منصب 1004هـ: مير صاحب گذريل سمورو عرصو ڪڏهن نظام الدين بخشيءَ سان ۽ ڪڏهن ڪنهن ٻئي امير سان ضميمي طور شامل رهيو. غالباً اهوئي سبب ٿيو هو، جو ڪيس ڪوبہ خاص منصب يا سندس عهدي جو تعين ڪونہ ٿيو هو. پهرين جاگير ڪيس 999هـ ۾ بکر ۾ ملي، جنهن جو ذڪر متي اچي چڪو آهي. مآثر الامرا مان معلوم ٿئي ٿو تہ 1004هـ ۾—شايد قندار وڃڻ جي دوران—اڀائي سون جي منصب تائين پهتو هو.

"تا سال چهلم بمنصب دو صدي و پنجاهي اوج پيمائي عزت بود". [1]

طبقات اڪبري 1001 هـ ۾ ۽ منتخب التواريخ 1003هـ ۾ ختم ٿيا آهن، ٻنهي ۾ منصب وارن جي جيڪا فهرست آيل آهي مير صاحب جو انهيءَ ۾ نالو نہ آهي، بلڪ سندس شمار شاعرن جي زمري ۾ ڪيو ويو آهي. گويا اڀائي سؤ واري منصب لاءِ ائين سمجهڻ گهرجي تہ 1004هـ ۾ سيويءَ جي لشڪر ڪشيءَ وقت يا قندار ۾ تعينات ٿيڻ تي ڪيس مليو. جيڪو ڪيتري زماني بعد اڳتي هلي "هزاري" تائين پهتو، جيئن ذخيري ۾ آه ي:

"آخر بہ مرور ايام بمنصب هزاري ذات سوار رسيد و در خدمت عرش آشياني قرب و حالت بهر رسانيد" [2].

"مرور ايام" مان ظاهر آهن تہ ڪن سالن پڄاڻا انهيءَ منصب تائين پهتو هو. گمان غالب آهي تہ اهو آخري منصب ڪيس تڏهن مليو هوندو جڏهن هو ايراني دربار ۾ بطور ايلچيءَ جي شاهي خط کڻي ويو.

قندار جو قيام 1004-1007هـ/1595ع - 1598ع: جهڙيءَ ريت متي بيان ڪيو ويو. مير صاحب 1003هـ/1595ع جي آخر ۾ قندار ويو. 1007هـ/1597ع تائين ڪم وبيش سادا چار سال قندار ۾ رهيو. اهو عرصو سندس "چهل زينہ"[3] واري ڪتبي مان بہ ظاهر ٿئي ٿو. ۽ جنهن ۾ لکي ٿو تہ: انهيءَ ڪتبي اُڪارڻ لاءِ هن بکر کان ڪاريگر گهرايا، جن کي انهيءَ ڪم ۾ چار سال لڳا. ازان سواءِ هن قندار جي تاريخي جاين تي مختلف سالن ۾

---

(1) ماثر 3: 327.

(2) ذخيره 2: 200.

(3) معصومي 132 بابر وارو ڪتبو جيڪو ڪامران، عسڪريءَ ۽ هندال جي نظرداريءَ ۾ نَون سالن تائين ايڪاسي سنگتراشن ناهيو (حبيبي تاريخ افغانستان 195).

جيڪي ڪتبا هنيا آهن، انهن مان بہ قندار ۾ سندس رهڻ جي سالن جو پتو پوي ٿو. جهڙوڪ: هيٺيان ڪتبا دريافت ٿيا آهن ۽ اڄ بہ موجود آهن:

(1) چهل زيني وارو ڪتبو.

(2) قندار جي باهران اسڪلچہ ۾ "سپيروان" نالي پهاڙيءَ تي مير صاحب هڪ ڪتبو اُڪرايو آهي، جنهن تي 19- شوال 1005هـ جي تاريخ موجود آهي. [1]

انهيءَ جاءِ تي (ڏهہ ڪوهہ مغرب طرف قندار کان) سيد محمد شير قلندر جي مزار آهي، جنهن سان ملحق مير معصوم مسجد ۽ هڪ هجرو ٺهرايو، جو اڄ تائين موجود آهي. ڪتبہ تي هي شعر آهن:

درين آرامگاه بي ره و رو — اگر مردي! منه دل يکسر مو
ازين منزل، ڪ ياران در رحيل اند — ترا آن جمله در رفتن وکيل اند
ترا گر آسمان منزل نشين است — هر آخر جاي تو، زير زمين است

بيا نامي بکار، خود بگرئيم
زماني بر مزار، خود بگرئيم [2]

(3) مير صاحب جي هڪ خانداني بزرگ بابا ولي (بابا حسن ابدال) بن سيد؟ بن سيد عين الدين ولد شمس الدين جي مزار ارغنداب جي ڪناري تي لنگر ڪوٽ ۾ آهي، جنهن جي مرمت مير صاحب جي حڪم تي 1000هـ ۾ شروع ٿي ۽ 1001 هـ جو عيدالاضحيٰ تي ختم ڪئي ويئي، جنهن تي انهن سالن جو ڪتبو موجود آهي [3]. اهو ڪم مير صاحب جي حڪم تي انهيءَ وقت ٿو ڏسجي، جڏهن پاڻ بکر ۾ هو.

(4) هڪ دستاويز مان معلوم ٿئي ٿو تہ 9- محرم 1006هـ جو مير صاحب قندار ۾ خواجہ محمد هاشر کان انگورن جو هڪ باغ خريد ڪيو [4].

سکر ۽ بکر جا آثار: مير معصوم سکر ۽ بکر ۾ جن عمارتن جو بنياد وڌو ويو، سي غالباً سندس غير حاضريءَ واري عرصي ۾ بہ ٺهندیون رهيون. پاڻ قندار رهيو، پنيان ڪم چالو رهيو، مثلاً:

---

(1) حبيبي تاريخ افغانستان دور تيموريان ص 197.
(2) حبيبي، تاريخ افغانستان ص 302.
(3) حبيبي، تاريخ افغانستان دور تيموريان، ص 196.
(4) هيءُ دستاويز برادر بزرگوار پير علي محمد شاهہ راشديءَ خانداني ذخيري ۾ ڏٺو. ۽ "حيات معصوم" ۾ اُن جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

(1) **آرامگاھ - فيض محل:** مناري سان گڏ 1004ھ.

(2) **آرامگاھ:** ساڌ ٻيلي جي سامھون درياھ جي ڀر تي 1006 ھ.

(3) **منزلگاھ:** ساڄئي احاطي ۾ 1007 ھ.

(4) **سيتاسر:** درياھ جي وچ ۾ 1007 ھ جو ٿهيو [1].

قندار کان واپسي 1008ھ: قندار ۾ شاھ بيگ جي دؤر ۾ پوٽا چار سال يا مٿي رهي، مير انهيءَ فوجي خدمت تان واپس دارالسلطنت ڏانهن وريو. ظاھر آهي تہ قندار کان بکر آيو. اتان جيسلمير جي رستي شاهي دربار ڏانهن ويو. سندس اچڻ وڃڻ جو دڳ سير هميشہ کان اهوئي هو.

---

[1] انهن جاين جو تفصيل جدا باب ۾ ايندو.

باب سترهون

آسير (خانديش) جي مهم

قندار کان موٽي—جيئن گذريل باب ۾ لکيو ويو آهي—بکر اچي دربار ڏانهن وڃڻ کان اڳ ميرصاحب پنهنجا ضروري کم کاريون کيا هوندا ۽ آئندي جو بندوبست ۽ بلو کري 1008ھ ۾ روانو ٿيو.

جيسلمير جي هڪ مسجد تي سندس پٽ ميربزرگ جو هڪ کتبو آهي، جنهن مان موٽ جي سال جي سڌ پوي ٿي. کتبي جي عبارت آهي:

"در شهور سنهٔ هزار و هشت هجريه که بندگان خلافت پناهي ظل الاهي جلال الدين محمد اکبر بادشاه غازي خلدالله ملکه ابداً، نواب سيادت پناه، فصاحت و بلاغت دستگاه امير محمد معصوم النامي تخلصاً والبکري مسکناً ولد مير سيد صفائي الترمذي اباً وبن سيد شير قلندر بن بابا حسن ابدال جداً [1] از خدمت قندهار طلب فرموده بودند، در حين نزول بدين مقام بناي اين بقعهٔ خير نهادند—حرره العبد مير بزرگ ولد امير محمد معصوم."

مي مراد عليءَ جنهن کتبي جو اشارو پنهنجي مضمون (1) ۾ کيو آهي، سو پڻ انهيءَ مسجد تي لڳل آهي، جنهن مان ظاهر ٿو ٿئي ته مير معصوم جيسلمير ۾ ڏهه ڏينهن پنهنجي دوست مهاراجا راول وٽ مهمان ٿي رهيو هو.[2]

آسير ڏانهن روانگي 1008ھ/1599ع: مير 1008ھ ۾ شاهي دربار ۾ حکم موجب حاضر ٿي ويو. بادشاهه انهيءَ وقت آسير جي فتح لاءِ لشکر کشيءَ جي تيارين ۾ مصروف هو ۽ برهانپور طرف اسهڻ جا زور شور سان

---

[1] رسالهٔ تنوير، کراچي، 1937ع.

[2] غالباً مضمون نويس کان غلطي ٿي آهي، اهو کتبو جيسلمير ۾، بقول دوست عزيزم مالک رام، عبارت جو نالو "فقيرن جو تکيو" آهي، انهيءَ جو ڏاکڻيءَ ديوار تي آهي، ۽ هيٺينءَ عبارت مان اتي سندس رهڻ جو پتو پوي ٿو:

(1) چون درميان نواب ابوي امير محمد معصوم

(2) و حکومت دستگاه راول بينو (؟ بنيو) نسبت

(3) و يگانگي بود بنا بران باستدعا راول جيو درين منزل

(4) ده روز اتفاق مقام افتاد سنه هزار وده العبد مير بزرگ اهو واپسيءَ جو کتبو آهي. کتبن جي باب ۾ انهيءَ سال جا ٻيا کتبا به ڏسجن.

سانباها تي رهيا هئا. مير صاحب کي پڻ ٻين اميرن وانگر شاهي رکاب ۾ اوڏانهن هلڻ جو حڪم مليو. سنڌ تي تسلط ڪرڻ بعد سيويءَ ۽ قندار جي مهمن کي ڪاميابيءَ سان منهن ڏيئي اچڻ کان پوءِ، مير صاحب جي زندگيءَ جو هي پڻ اهم موقعو پيدا ٿي رهيو هو. فاروقي سلطنت جي-جنهن جي حاڪمن جي گجراتي حڪمرانن جي مائٽيءَ ذريعي سنڌ جي سمن سلطانن سان پڻ رشتيداري هئي- آزادي سلب ٿي رهي هئي.

ميرزا جاني بيگ جيڪو يرغمال جي صورت ۾ دربار ۾ زندگي گذاري رهيو هو، ۽ شاهي خوشنودي حاصل ڪرڻ خاطر "دين الاهيءَ" ۾ داخل ٿي، بادشاهه جو "خاص چيلو" بڻيو هو، سو پڻ انهيءَ سفر ۾ ساڻ هلي رهيو هو.

برهانپور-آسير 1008-1009هـ/1599-1600ع: فاروقي سلطانن جو تختگاهه آسير هو، جنهن جي قلعي جي ساخت ۽ مضبوطي مثالي ۽ شهرهٔ آفاق هئي. قلعي جي صورتحال ڏسندي، "ذخيرة الخواني ن" جي روايت موجب، ميرزا جانيءَ چئي ڏنو ته وٽس جيڪڏهن اهڙو قلعو هجي ها ته اڪبر جا ڏهوٽا لشڪر به سندس ملڪ کي چُهي نه سگهن ها! چيو وڃي ٿو ته ميرزا جانيءَ جو اهو چوڻ سندس موت جو ڪارڻ بڻيو. [1]

اهو هڪ فطري امر آهي ته حڪومت جي قوت ۽ شاهيءَ جو اختيار خود بخود توسيع پسنديءَ جي خواهش ۽ هوس کي اتاري ٿو. انهيءَ لاءِ ڪنهن به سچي يا حقيقي جواز ياسبب جي ضرورت ڪانه ٿي ٿئي. اهو هڪ ئي سبب ڪافي آهي ته هڪ ڏر طاقتور ۽ ٻي ڏر مقابلتاً ضعيف هجي. آسير جي قلعي کي فتح ڪرڻ لاءِ لشڪر ڪشيءَ جو سبب به ڏرين جي درميان طاقت جي اهڙي

---

[1] ...اگر اين قسر قلعه من ميداشتر اگر حضرت خليفه الـٰهي خود بدولت مي آمدند. فتح ميسر نمي شد. اين ماجرا بعرض مقدس رسيد. از نـلر حضرت افتاد. دوران چند روز در گذشت" ذخيره 1: 18- آسير جو قلعو ناقابل تسخير سمجهيو ويندو هو. هندستان جي سڀني قلعن ۾ مضبوط هو. (2300) فوٽ سطح سمنڊ کان مٿانهون ۽ (900) فوٽ سطح زمين کان بلند هو. برهانپور کان 12 ميلن جي فاصلي تي آهي. قلعي جي حفاظت لاءِ چوڏاري ٻيا ننڍا قلعا موجود آهن. جهڙوڪ: "ڪامڱڙه"، "مالي ڳڙه" ۽ "جونا مالي". انهن قلعن جي حفاظت لاءِ وري چوڏاري قدرتي پهاڙيون آهن جهڙوڪ: "ڪروهي" ۽ "ساپان". گويا اصل قلعي تائين پهچڻ لاءِ حملا آور کي اهي سڀ قدرتي هنڌ خوان طئي ڪرڻا پيا ٿي. قلعي جي چوڏاري گهاٽو ٻيلو هو ۽ خود قلعي جي بنيادي ديوار جي حفاظت لاءِ ٿي حفاظتي ديوارون موجود هيون. پاٽيءَ لاءِ وهندڙ کوهه ۽ گاهه داڻو بي انداز موجود، ۽ اناج ايترو گڏ هو، جو سترهن هزار سپاهين جي گذاري لاءِ ڪيئي سال ڪافي ٿي سگهيو ٿي. ٽي هزار توبون، بارود، گولا ۽ ٻيو اسلح علاوه هو. (اڪبرنامه 3: 778، بيورج —Dr. Rizvi 475).

غير متوازن صورتحال هئي. مغل سلطنت پنهنجي اقبال منديءَ ۾ عروج جي انتهائي نقطہ تي هئي ۽ انهيءَ جي مقابلي ۾ بر صغير جون ٻيون ننڍيون ننڍيون مسلم سلطنتون قدامت ۽ ٻين اندروني ڪمزورين سبب ضعيف هيون، ۽ ضعيفي ئي سڀ کان وڏي لعنت آهي، جنهن جي نتيجي ۾ خاندااني نزاع ايرن تا ۽ اميرن جي باهمي ڪشمڪش ۽ اندروني سازشون حڪومت جي سموريءَ ساخت ۾ شگاف پيدا ڪري ڇڏين ٿيون.

خانديش تي حملي جو سبب: دکن جي مسلمان حڪومتن جو تقريباً اهو حال هو ۽ اهائي ڪيفيت خانديش جي فاروقي گهراڻي جي هئي، جنهن ۾ اهو عجيب دستور هو تہ تخت تي ويهندڙ حاڪم پنهنجي سيني عزيزن، پائرن ۽ پٽن کي پنهنجي جيئري تائين بنديخاني ۾ وجهي ڇڏيندو هو. جيئن ڪوبہ باهر رهي، سازش ڪري نہ سگهي. نتيجي ۾ پونئير نااهل، حڪومتي تجربي کان اڻ واقف ۽ ذهني خواهہ جسماني طرح سڀني قوتن کان محروم ٿي ويندا هئا. راجي علي خان فاروقيءَ جو جاءِ نشين نالي خاطر "بهادر خان" هو. ٿيهہ ورهيہ پيءُ جي حياتيءَ ۾ زنداني رهڻ کان پوءِ جڏهن تخت تي ويٺو. ان وقت شعور، عقل، سوچ ۽ عملي قوت کان بلڪل عاري، هڪ نااهل روح ڇڻ انساني جسم ۾ هو.

اڪبر جي اک دکن جي مسلم حڪومتن تي هئي. خانديش رستي ۾ پيو ٿي. گجرات مان اڪبر ڏانهن پيشقدميءَ جي ترغيب پهتي هئي. سنڌ جو جاني بيگ لاهور ۾ شخصي طرح سلام تي ڪونہ آيو هو. خانديش لاءِ اهو سبب ڪافي ٿيو تہ اتهن جو والي بي طاقت هو. رياست رستي ۾ پيئي ٿي ۽ وڌيڪ هي تہ شهزادي دانيال جي مهنداريءَ هيٺ جيڪا مهم دکن وڃي رهي هئي، خانديش جي سست سلطان ان جي سلاميءَ جا آداب بجا نہ آڻي جيڪو "گناهہ" ڪيو، اهو آسير تي فوري حملي جو سبب بڻجي پيو. ابوالفضل پڻ انهيءَ دکن جي مهم تي هو.

انهيءَ زماني ۾ ڪي واقعا اهڙا ناگهاني ٿيا، جو اڪبر کي پاڻ انهيءَ مهم ۾ اچڻو پيو. پهريون، مراد جو ننڍو پٽ (نومبر 1598ع) فوت ٿيو. مراد پاڻ صدمي ۽ ڪثرت شراب نوشيءَ سبب مهم هلندي (2 مئي 1599ع) مري ويو. اڪبر - سليم کي موڪلڻ گهريو ٿي، ليڪن انهيءَ جي مزاج ۾ پيءُ جي

خلاف بغاوت هئي. هن انڪار ڪيو. جنهن تي مجبور تي، اڪبر - شهزادي دانيال کي اماٽيو. خيال هو ته شهزادي دانيال جي برهانپور پهچڻ تي بهادر خان فاروقي، آداب شاهيءَ جا لوازما بجا آڻيندي، سلام ڪلام لاءِ اچي پاڻ حضور ۾ حاضر ٿيندو. ليڪن فاروقي حڪمران حالتن جو اندازو ڪري نه سگهيو. هن شهزادي جي آمد کي اهميت ڪانه ڏني-تنهنڪري لازمي تي پيو ته جيسين دکن جي مهم سر ٿئي، ان کان پهريون بهادر خان کي انهيءَ گستاخيءَ جي سزا ملڻ ضروري هئي.

اڪبر جي آمد: غير معمولي حالتن اڪبر کي سخت انتظار جي ڪيفيت ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو. جنهنڪري هن، موقعي تيٰ پنهنجو هجڻ ضروري سمجهيو. چنانچه هو پنهنجي سر 30 مارچ 1600ع جو برهانپور ۾ پهچي ويو. اڪبر چوندِ امير پاڻ سان آندا، مثلاً: آصف خان، شيخ فريد ۽ خان اعظر وغيره.

اهڙيءَ طرح مير معصوم بہ سندس رڪاب ۾ رهي و. ابوالفضل اڳ ميدان ۾ موجود هو. اڪبر پهچڻ سان انهن امينرن کي آسير تي حملي جو حڪم ڏنو (11- اپريل 1600ع)، ۽ پاڻ بہ انن ڏينهن بعد آسير جي قلعي وٽ اچي منزل انداز ٿيو. ابوالفضل جو منصب انهيءَ موقعي تي چار هزاري ڪيو ويو. چاڪاڻ ته سندس ڪوششون ۽ جان نثاري مثالي هيون [1].

آسير ۾ اهو ئي نسخو ڪتب آندو ويو، جيڪو هر "فتح" جي موقعي تي استعمال ٿيندو تي رهيو-يعني مقامي امينرن کي لالچون، رشوتون ۽ آئنده لاءِ دم دلاسا ڏيئي، پنهنجي مالڪ سان نمڪ حراميءَ ڪرڻ تي آمادو ڪرڻ. هتي بهادر خان جي وزير افضل خان کي بين امينرن سان گڏ باغي ڪيو ويو هو.

اڪبر جي لشڪر پهرئين حملي ۾ "ساپان قلعو" (12 جون 1600ع) هٿ ڪيو [2]، جنهن کان پوءِ (13 آگسٽ 1600ع) لالنگ جو قلعو هٿ آيو، جنهن ۾ اناج جو ذخيرو محفوظ هو [3]. هن قلعي جي قبضي خانديش جي حڪومت جا اوسان خطا ڪري ڇڏيا.

اڪبر کي قلعي هٿ ڪرڻ جي تڪڙ هن ڪري بہ هئي جو تختگاهه جي

---

[1] اڪبر نامه 3: 771.
[2] اڪبرنامه 3: 772.
[3] اڪبرنامه 3: 773، Dr. Rizvi 476 .

صورتحال، گھٹي تائين کيس پري رهڻ جي اجازت نٿي ڏني. شهزادو سيلر بغاوت ۾ هو، تنهنکري دير واريءَ حالت ۾ ڪيئي خطرا هئا. ازانسواءِ مغل ۽ راجپوت گھٹي عرصي تائين محاصري ڪرڻ جا عادي نه هئا، تنهنکري دير واريءَ حالت ۾ ڪيئي خطرا هئا. ازانسواءِ مغل ۽ راجپوت گھٹي عرصي تائين محاصري ڪرڻ جا عادي نه هئا، تنهنکري اڪبر گھريو ٿي ته آسير جو مسئلو فوري طئي ٿي وڃي. اڪبر پنهنجي اميـر ۽ ابوالفضل جي پاٽيجي صفدر خان کي هڪ هزاري منصب تي فائز ڪري، کيس فاروقي اميرن کي رشوتون ڏيئي ورغلائڻ تي مامور ڪيو. جهن ستت اهڙي صورتحال پيدا ڪئي، جو بهادر خان مجبور ٿي، پنهنجي ٻنهي پٽن سميت (10 ڊسمبر 1600ھ) اچي پيش ڪيو، هن شرط تي ته سندس عزت، جان ۽ آزادي برقرار رهندي. ليڪن سندس حيرت جي حد نه رهي، جڏهن هُن "شاهي قول" جي ابتڙ عمل ڏٺو. بادشاهه پهچڻ شرط کيس شيخ فريد بخاريءَ جي ڪيمپ ۾ نظر بند ڪري ڇڏيو.

بهادر خان جي ٻن غير تمند امرين، ملڪ يا قوت ۽ انهيءَ جي پٽ ملڪ مقرب خان، غلاميءَ ۾ زندهه رهڻ کان موت کي ترجيح ڏيئي، خودڪشي ڪري ڇڏي. 17 جنوري 1601ع تي ابوالفضل قلعي ۾ پنهنجو پٽ عبدالرحمٰن موڪليو، جنهن جي حوالي قلعي جون چاڀيون ڪيون ويون.

اهڙيءَ طرح آسير جي قلعي جي فتح ۽ فاروقي خاندان جي اختتام جو باب تڪميل تي پهتو. شاهي حڪم ٿيو ته اها فتح ابوالفضل جي نالي شمار ڪئي وجـي [1] — جيڪا درحقيقت جنگـي فتـح کـان وڌيـڪ حيلـه جوئـي، رشوت ستاني، ۽ امرين کي لالچون ڏيئي، باغي ڪرڻ تي مبني هئي. بهرحال مير معصوم انهيءَ "جنگ" ۾ موجود هو. جيڪا خدمت سندس سپرد ٿي هوندي، سا هُن يقيناً نهايت خوش اسلوبيءَ ۽ سليقي سان سرانجام ڏني هوندي.

برهانپور جي سفر جا يادگار: اڪبر 16 سيپٽمبر 1599ع تي آگرو ڇڏيو هو. 30 - مارچ 1600ع تي برهانپور ۾ پهتو [2]. آگري کان برهانپور تائين اٺ سؤ ميلن جو فاصلو هو. جنهن کي بادشاهه ست منزلن ۾ طئي ڪيو. مير معصوم پنهنجي عادت مطابق واٽ تي ڪتبا هٽندو ويو آهي، جنهنکري

---

(1) اڪبرنامه 3: 780-781، Dr. Rizvi 480 .

(2) Dr: Rizvi 471-474.

رستي ۾ تاريخن جو پتو پوي تو. ڪتبن مان ڪن جي فهرست هن ريت آهي:

(1) فتح پور بلند دروازو	1008 هـ	
(2) أجين	داخلي دروازو	"
(3) ڏار	لاٽ مسجد	"
(4) سعدل پور	رود خانہ	"
(5) شادي آباد	نيل ڪنڊ	1008 هـ
(6) ناگور	خانقاه	"

هيٺيان ڪتبا برهانپور ۾ آسير ۽ مير معصوم فتح بعد اُڪرايا:

(7) قلعہ آسير	داخلي دروازو	1009 هـ
(8) "	جامع مسجد	"
(9) برهانپور	جامع مسجد	"
(10) "	عادل شاه جو مقبرو	"

آسير جو قلعو، جيئن بيان ڪيو ويو، 4- رجب 1009 هـ سومر ڏينهن (22- جنوري 1601ع) [1] فتح ٿيو. مير معصوم هي تاريخون ڪڍيون:

ناميا داد الاهي، دادش اين فتح عظيم
سال تاريخ الاهي خواه از داد الله

چونامي طلب کرد تاريخ فتح
خرد گفت: بگر فتہ کوه اسير

واپسيءَ جا يادگار ڪتبا: سفر جي واپسيءَ ۾ مير هيٺيان ڪتبا هنيا آهن:

(11) شادي آباد	نيل ڪنڊ	1009هـ
(12) أجين	عمارت سلطان ناصرالدين	
(13) ناگور	خانقاهہ	1009 هـ
(14) بيانہ	خواجہ باولي	"
(15) مڏڪر	باغ سليمہ	"

---

[1] Dr: Rizvi 481 بحوالہ فيضي سرهندي 22- رجب 1009 هـ ۾ بيان ڪئي وڃي ٿي.

(16) نرائن تر پولي دروازو "
(17) آگره قلعه "
(18) فتح پور بلند دروازو "

سنڌ لاءِ يادگار: خانديش جي انهيءَ مهم ۾ سفر جا سنڌ لاءِ ٻيا يادگار ٻه آهن، جهڙوڪ:

(1) 4 يا 22 - رجب 1009 هـ جو آسيرُ فتح ٿيو. جاني بيگ قلعي جي استحڪام ۾ بهادر خان جي بزدليءَ ۽ ڪاهليءَ کي ڏسندي، جنهن راءِ جو- بقول صاحب ذخيرة الخوانين- اظهار ڪيو، انهيءَ منجهس ايڏو پڇتاءُ ۽ خوف پيدا ڪيو، جو 27 - رجب 1009 هـ جو انهيءَ منزل تي پاڻ انتقال ڪري ويو.

(2) ميـر معصـوم پنهنجـي "تـاريخ سـنڌ" جـو اختتـام برهـانپور ۾ ميرزا جاني بيگ جي وفات واري واقعي تي ڪيو آهي [1].

آسير جي مهم جون اهم تاريخون: آسير جي مهم، بهادر خان جي حماقت، اميرن جي بزدليءَ، لالچ ۽ خاندان جي زبونيءَ سبب نهايت آسانيءَ ۽ سولائيءَ سان، سواءِ ڪنهن خاص جنگ ۽ محنت جي، اهڙيءَ ريت پوري ٿي [2]. انهيءَ مهم جون مکيه تاريخون هن ريت آهن:

آخر 1598ع پنجاب ۾ مسلسل 14 ورهيه رهڻ بعد
اڪبر آگري روانو ٿيو، جيئن دکن واريءَ مهم جي ويجهو هجي.
16 سيپٽمبر 1599ع اڪبر آگري مان برهانپور روانو ٿيو. (1008 هـ)
مارچ 1600ع دانيال دکن واريءَ مهم لاءِ برهانپور پهتو.
بهادر خان سلام تي نه آيو.
9 - مارچ 1600ع شيخ فريد بخاري بهادر خان ڏانهن ويو.
31 - مارچ 1600ع برهانپور هٿ آئي.

---

[1] جاني بيگ جو لاش برهان پور مان خواجه محمد تور بيگي ڪٻائي نٽي آيو ۽ مڪليءَ تي خاص مقبري ۾ دفن ڪيو ويو. مقبرو اڄ تائين سلامت آهي (ڏسو تحفة الڪرام ۽ ميرزا غازي ترخان... حسام الدين) (7-4-1978).

[2] آسير جي سلسلي ۾ اصل ماخذن کان علاوه نون ڪتابن مان ٻن ڪتابن کي پڙهڻ گهرجي:

1- Religious and intellectual History of the Muslims in Akbar's Reign, S.A.A. Rizvi, New Delhi, 1975.

2- The Deccan Policy of the Mughuls, Dr. Yar Muhammad Khan, Lahore, 1971.

10 - اپريل 1600ع اڪبر برهانپور پهتو [1].

12 - جون 1600ع ساپان جو قلعو فتح ٿيو.

13 - آگسٽ 1600ع لالنگ جو قلعو فتح ٿيو.

26 - آگسٽ 1600ع احمد ننگر شهزادي دانيال فتح ڪيو.

29 - نومبر 1600ع ماليڪڙهه هٿ آيو.

10 - ڊسمبر 1600ع بهادر خان پٺن سميت اڪبر وٽ پيش پيو.

15 - جنوري 1601ع قلعي مان فاروقي امير ۽ ٻيا ماڻهو نڪتا. ابوالفضل دروازي وٽ "ڇبوتره طفيل خان" تي وڃي ويٺو.

17 - جنوري 1601ع قلعي جون چاپيون فاروقي قلعه دار، ابوالفضل جي پٽ عبدالرحمٰن جي حوالي ڪري قلعي تان دستبرداري ڪئي. آسير (خانديش) اڪبر جي سلطنت ۾ پيو ست ٿيو. بهادر خان گواليار جي قلعي ۾ قيد ٿيو.

22 - جنوري 1601ع (سومر 17 رجب 1009هـ) سرڪاري فوجون آسير جي قلعي ۾ داخل ٿيون. [2]

21 - اپريل 1601ع دکن جي مهم خان خانان جي سرڪردگيءَ ۾ ڏيئي، اڪبر پاڻ آگري روانو ٿي ويو.

23 - آگسٽ 1602ع اڪبر آگري پهتو.

مير معصوم آسير جي "فتح" ۽ بهادر خان جي پيش پوڻ جون جيڪي تاريخون برهانپور ۽ آسير جي ڪتبن تي هنيون آهن، اهي ڪتبن واري حصي ۾ ڏسڻ گهرجن.

---

[1] پنهنجي ڪتاب ص 474 ۾، ڊاڪٽر رضويءَ اڪبر جي پهچڻ جي تاريخ 30- مارچ 1600ع لکي آهي ۽ 1- اپريل جو لکي ٿو ته هن آسير تي پيش قدميءَ جو حڪم ڏنو.

[2] ص 481, Dr: Rizvi

باب ارڙهون

ايران جي سفارت ۽ سفر جي روئداد

جيئن گذريل باب ۾ بيان ٿي چڪو آهي، اڪبر جي دربار ۾ ايران جا ايلچي ايندا ٿي رهيا، ليڪن قندار واري مسئلي سبب اڪبر جي دل ۾ خلش هئي، تنهنڪري وٽانئس ڪنهن به جوابي سرگرميءَ جو مظاهرو ڪونہ ٿيو. بلڪ سرد مهريءَ واري روش اهڙيءَ طرح نمايان هئي، جنهن کي ايراني دربار بہ محسوس تہ ڪيو ٿي، ليڪن پنهنجي اندروني خلفشار ۽ خاص طرح تـوران واري شيباني خان جي خراسان اندر اقتدار سبب، في الحال مصلحتاً خاموشيءَ سان انهيءَ روش کي محسوس ڪرائڻ کان سواءِ سهندي ٿي رهي.

سفيرن جي آمدرفت: 1003 هـ/1594ع ۾ يادگار علي سلطان روملوءَ[1] کي پنجن سالن بعد ايران واپس موڪليو ويو. اهو سمورو عرصو اڪبر خواهہ مخواهہ کيس ترسائي رکيو. ۽ واپس ڪندي، ميرزا ضياء الدين ڪاشيءَ ۽ ابو نصر خوافيءَ کي پنهنجي طرفان گڏي موڪليو[2]، جنهن جي پذيرائي قزوين ۾ شاهہ عباس وڏيءَ ڏوم ڏام سان ڪئي. ڇاڪاڻ تہ هندستان طرفان اها پهرين باقاعدي سفارت هئي[3]. ضياءُ الدين جي روانگي اڪبر جي حڪم تي سنڌ جي رستي لاهري بندر کان ٿي، ۽ هو هرمز جي رستي کان ايران پهتو.[4]

اڪبر جا موڪليل ٻيئي سفير ايراني هئا. هڪ ڪاشان جو، ٻيو خواف جو ويڙهہ هو. شاهہ حيرت بلڪ زياده تر طنز مان پڇيو تہ: هندستان سفارت ۾ ڇاجي ڪري ايراني موڪلي ٿو؟ هر دفعي ايندڙ سفير ايراني آهن! هندستان ۾ انسانن جو ڪال آهي ڇا؟

---

[1] عالم آراي، ص 291، فلسفي 1: ص 218.

[2] اڪبر نامہ ۾ آهي تہ سن 999هـ ۾ ايراني سفير لاهور پهتو ۽ 1003 هـ (آڪٽوبر 1594ع) ۾ واپس ٿيو (3: 588). عالم آراي عباسيءَ جو مصنف واپس پهچڻ جو سال 1005هـ/96-1597ع لکي ٿو (ص 361) ۽ (رياض اسلام، (61-62) سالن جي سلسلي ۾ اتفاق راءِ نہ آهي، جنهن جا ڪيترا مثال بقول ڊاڪٽر رياض الاسلام موجود آهن. سالن جي صحيح اندراج کي اهميت ڪانہ ڏني ويئي آهي.

[3] اڪبر طرفان موڪليل خط جو متن فلسفيءَ (1: 222) درج ڪيو آهي ۽ شاهہ عباس جو جواب پڻ ساڳئي ڪتاب (1: 228) ۾ آهي.

[4] اڪبر نامہ 3: 656، رياض السلام 62.

ميرزا ضياء الدين وراڻي ڏني ته: جيڪڏهن اتي انسان هجن ها ته اسان کي ماني ڪٿان نصيب ٿئي ها؟ بادشاهه کي وقتي طرح جواب پسند آيو ۽ ضياء الدين کي پنهنجي خاص اصطبل مان گهوڙو انعام ۾ ڏنائين. ليڪن هندستاني حڪومت جي منهن تي جيڪا لپاٽ لڳي، سا تاريخ ۾ دائمي طرح يادگار رهجي ويئي[1].

مغلن جي ايران ۽ توران نوازيءَ ۽ هندستان جي رهاڪن ڪان لاپرواهيءَ ۽ هتان جي باشندن کي تچ سمجهي، هر مسئلي ۾ نظر انداز ڪرڻ واريءَ پاليسيءَ نيٺ مغلن کي نهوڙي ناس ڪيو. زمين جي باشندن جي ساڻن ڪابه همدردي ڪانه رهي. هتان جا رهاڪو کين بيگانو ۽ اوپرو سمجهندا رهيا ۽ هنن جي ڪابه دلچسپي ساڻن ڪانه رهي، نتيجي طور اگرچه مغلن ٽي سؤ ورهيه حڪومت ڪئي، ليڪن اهو سمورو عرصو اوڙي پاڙي سان وڙهندي، گهرو قتل و غار تگري ۽ اندروني سازشن ۽ شڪست ريخت ۾، بسر ڪيائون. جڏهن سندن تسلط ختم ٿيو. تڏهن نه ڇڙو تواني ۽ ايراني اميرن جو جن مغل حڪومت اندر ملڪ جي معيشت مان جاوا ڪيا هئا- نسل گر ٿي ويو. بلڪ خود بادشاهت جي پٺ مان به نشانيءَ طور پونير ڪونه بچيو[2].

ضياء الدين ڪاشي جڏهن 1007ھ / 1598ع ۾ واپس ٿيو. ته ساڻس ايران جو ايلچي منو ڇهربيگ — جيڪو ايشڪ آقاسي باشي هو—گڏيو اچي لاهور پهتو[3].

اڪبر جي پاليسيءَ ۾ فرق ڪونه آيو هو. ايران جو اهو سفير به تقريباً 6 سال اڪبري دربار اندر گومگو جي حالت ۾ ڦاتو رهيو. جيڪو عرصو نه ڇڙو ايلچيءَ تي گران گذريو. بلڪ خود شاهه ايران لاءِ به قابل برداشت نه هو. آسير جي فتح تائين منوچهربيگ اڪبر جي سفر حضر باش رهيو آيو.

---

(1) فلسفي بحوالہ تاريخ جلال يزدي 1: 221.

(2) ملڪي ماڻهن کي نظرانداز ڪرڻ ۾ انهن کي تحقير سان ڏسندڙن جو اڇو اهو حشر ٿئي ٿو. ايران ۽ توراني ڇار جو اندازو مغل تاريخن مان ڪري سگهجي ٿو. مظهر شاهجهانيءَ ۾ نورجهان جي نسب نامه مان ئي اندازو ٿي سگهي ٿو ته ڪيئن ايران جي هڪ عامي ۽ عسرت زده گهراڻي هتي پهچي، متن-مائٽن جي ذريعي سڃيءَ مغل حڪومت کي پنهنجي ڇار ۾ ڦاسائي ڇڏيو هو.

(3) ايشڪ آقاسي باشي عهدو هو. منو ڇهر شاهه طهماسپ جو معتمد مقرب ۽ نهايت زيرڪ ماڻهو هو (رياض السلام 63، اڪبر نامه 3: 345، فلسفي 1: 235- شاهه عباس جو خط اڪبر ڏانهن).

ميرمعصوم جي سفارت: آسير جي مسئلي کان فارغ ٿي، اڪبر جيئن واپس ٿيو. تيئن ايراني سفير ميرزا منوچهربيگ کي واپسيءَ جي تياريءَ لاءِ اجازت ڏنائين ۽ پنهنجي طرفان مير معصوم کي ساڻس سفير ٿي وڃڻ جو حڪم ڪيو ويو.

هندستان طرفان اها پي باقاعدي ۽ پهرين سفارت هئي، جنهن کي رسمي طرح نه، بلڪ اڪبر خوش اسلوبيءَ، دلجمعيءَ ۽ حضور قلب سان ايران روانو ٿي ڪيو. مير معصوم ملازمت واريءَ زندگيءَ جي هن اهم ترين مرحلي ۾ قدم رکڻ لاءِ تياري شروع ڪري ڏني.

خراسان جو فتح نامو: هرات تي ازبڪن جو قبضو گويا سڄي خراسان تي سندن اقتدار هو. اهو مسئلو ايران لاءِ بيحد ڏکيو ۽ ڪڪ جو ڪان هو. شاهه جي آرزو ۽ ڪوشش هئي ته شيباني خان اوزبڪ کي پنهنجي حدن مان خارج ڪري، ميدان صاف ڪري. اڪبر جي سلسلي ۾ شاهه جي نرم پاليسي ۽ ازبڪن جي انهيءَ دخل سبب هئي. شاهه کي ڪٽڪو هو ته اڪبر ازبڪ سان سازباز ڪري، سندس لاءِ ڪا تڪليف پيدا نه ڪري وجهي، تنهنڪري اڪبر جي لاپرواهين جو سور خاموشيءَ سان سهندو ٿي رهيو.

محرم 1007ھ/آگسٽ 1598ع ۾ هرات بالاخر شاهه جي قبضي ۾ اچي ويو، ۽ هڪ لحاظ سان هاٿي شاهه پاڻ کي وڌيڪ طاقتور محسوس ڪرڻ لڳو. خراسان جي حدن سان قندار جون حدون لڳيون ٿي. ايران، قندار جي واپسيءَ لاءِ هميشه مغلن تي دعويدار هو. ليڪن زياده زور ازبڪن سبب پري نٿي سگهيو. هاٿي ميدان صاف هو. هرات جي هٿ اچڻ سبب ايران جا حوصلا وڌي ويا، ۽ اڃا ميرزا منو چهر بيگ روانو ٿيوئي ڪونه هو. ته هرات جو "فتح نامو" ڪٽي ايران کان نئون سفير علي بيگ اچي اڪبري دربار ۾ پهتو. "فتح نامه" ۾ هرات جي هٿ اچڻ جي ته خوشخبري ڏنل هئي، ليڪن نهايت خوبصورت انداز ۾ قندار جي واپس ڪرڻ جو اشارو به اُن ۾ موجود هو.

اڪبر کي ايران ۽ ازبڪن جي انهن تازين بدليل حالتن ۾ هن نئين سفارت جي اچڻ منوچهربيگ واريءَ سفارت کي فوراً واپس وارڻ لاءِ آماده ڪيو هو.

ميرمعصوم جي روانگي: مير کي وڃڻ جو حڪم 1009ھ ۾ مليو، ۽ پاڻ، جيئن مير بزرگ جي جيسلمير واري ڪتبي مان ظاهر ٿو ٿئي، انهيءَ

خدمت تي 1010 هـ ۾ هندستان مان روانو ٿيو[1].

"اڪبر نامه" سندس روانگيءَ رجب 1011/ڊسمبر 1602ع ۾ لکي آهي[2]. شايد اها تاريخ بکر مان رواني ٽيڻ جي هجي.

سفر جو سازو سامان: معلوم ٿئي ٿو ته مير صاحب ايران جي سفر تي نهايت شان شوڪت، وڏي احتشام ۽ ڏاڍي مان سومان سان هليو. هڪ ته پاڻ به شاهه خرچ، عالي ظرف ۽ ڪشاديءَ دل وارو امير هو، ٻيو وري اڪبر جهڙي بادشاهه طرفان ايران جي شاهه ۽ ايران جي ملڪ ۾ ويو ٿي، جتي هندستان جي دولت ۽ داد و دهش متعلق ڪيئي داستان مشهور هئا، تنهنڪري ظاهر آهي ته ڪيس مقابل ڏر ۽ انهيءَ ملڪ متان فوقيت حاصل ڪرڻي ۽ هر لحاظ سان اثر انداز ٿيوٽو هو.

منوچهربيگ ايشڪ آقاس باشي پنج سؤ سوار قزلباش چاڪ- چوٻند پاڻ سان آندا هئا. سوڪڙين ۽ سوغاتن کان علاوه هڪ سؤ اصيل تازي ۽ گرجي گهوڙا ساڻ هئس، جن مان هڪ هڪ جي قيمت انهيءَ زماني جي لحاظ سان پنج هزار تمان ٿئي ٿي. اُنهن کان علاوه ٽي سؤ تاکيا نفيس زربفت جا، ايران جي مشهور مصورن جون نادر تصويرون ۽ معروف نقاشن جا تيار ڪيل نقش و نگار، ۽ گران بها قالين، جن مان هڪ هڪ ٽن سؤ تومانن کان گهٽ ڪونه لهندو هو، سي به ساڻ آندا هئائين.[3]

ظاهر آهي ته مير معصوم انهيءَ جي مقابلي ۾ جڏهن ٻيٽي اهتمام سان هلي، تڏهن اڪبر جو شان ۽ هندستان جي مالڪيت جو سومان رهجي اچي. تنهنڪري مير بي انتها دولت پاڻ سان کنئين، ۽ ڳاڻاٽي کان وڌيڪ قسمين قسمين سوڪڙيون-سوغاتون ۽ هڪ هزار سوار ۽ پيادا ساڻ کنيا. قندار جي هڪ ڪتبي مان معلوم ٿئي ٿو ته مير بزرگ پٽس به انهيءَ سفر ۾ گڏ هئس.

---

[1] اهو ڪتبو جيسلمير تي لڳل آهي—"بندگان حضرت اعلیٰ بايلچي گيرئ عراق، نواب سيادت پناه ابوي امير محمد معصوم بکري را رخصت نمودند-ازين جا عازم بکر شدند، 1010 هـ، حرره مير بزرگ"—جنهن مسجد تي ڪتبو آهي، اها پڻ مير صاحب ٺهرائي هئي—بناي دلپذير، 1009 هـ، مان تاريخ نڪري ٿي، اها مسجد مير صاحب جي آمدورفت واري رستي تي هئي.

[2] اڪبر نامه 3: 825.

[3] ايشڪ آقاسي ڪرمان ۽ مڪران ۽ سنڌ جي رستي کان هندستان پهتو هو (فلسفي 1: 227، عالم آراي 543).

ايران جي دور ديس ۾ هندستاني ثروت، مغلن جي بي انداز دولت، حڪومت جي ساک ۽ ناماچار جي سپني پهلوئن جو انهيءَ سفر ۾ نه فقط تحفظ ڪرڻو هو، بلڪ مشهور ٽيل روايتن کي پاڻ وڌائون وڌ ڪري ڏيکارڻو هو. تنهنڪري هن دريا دل امير، ڏيک-ويک، شان شوڪت ۽ مال اسباب جي سهيڙ ۽ سميٽ ۾ ڪابه ڪسر ڪانه ڇڏي. هڪ هزار شهسوارن ۽ جوانن جو اهو قافلو هتان رخصت ٿي، رجب المرجب جي متبرڪ مهيني ۾ انهيءَ ديس طرف راهي ٿيو، جنهن کي هتي "ولايت" سڏيو ٿي ويو.

شاهي خط جي روشنيءَ ۾ مير جي شخصيت: مير مرحوم اڪبر طرفان جيڪو خط شاهه ايران ڏانهن ڪٽي ويو—جنهن جو متن هيٺ اچي رهيو آهي—انهيءَ ۾ مير صاحب کي جن لفظن سان مخاطب ڪيو ويو آهي، انهيءَ مان دربار ۾ سندس عزت، حيثيت ۽ خاندااني وجاهت تي روشني پوي ٿي ۽ مٿس شاهي اعتماد جو پڻ پتو پوي ٿو. عبارت جو انداز هي آهي:

"سيادت و نقابت آثار افادت و اضافت دثار، محرم بزم جلالت اساس مخصوص الطاف و اعطاف عنايت اقتباس، امين الملک مير محمد معصوم بکر که از اجلهٔ سادات اين بلاد است و بمزيد مراتب اخلاص و رواتب اختصاص مخصوص و ممتاز."

خط ۾ اڪبر پنهنجي فتوحات جي مشڪلاتن ۽ دير سان سفارت کي موٽائڻ جا سبب ڄاڻائيندي لکيو آهي ته: "کي اهڙا معاملا به آهن، جيڪي خط ۾ لکي نٿا سگهجن، اهي مير معصوم زباني بيان ڪندو. خط جي متن مان مير صاحب جي شخصيت متعلق هيٺيون تاتر قائم ٿئي ٿو:

1- ايران وڃڻ وقت مير معصوم "امين الملک" جي منصب تي سرفراز ٿي چڪو هو، جنهن جو اشارو سواءِ انهيءَ خط جي ٻئي ڪنهن به ذريعي اڪبري عهد ۾ نٿو ملي. بظاهر روايت موجب لکيو ويو آهي ته جهانگير جي تخت نشينيءَ وقت "امين الملک" ٿي، بکر ويو.

2- سندس خاندااني وقار ۽ عظمت مسلمه هئي. سندس جي جيد ۽ چيدي سادات گهراڻي کيس جو معزز فرد ليکيو ويو آهي.

3- سندس ذاتي شخصيت قابل احترام ۽ شاهي اعتماد جي حامل هئي. اهوئي سبب هو، جو کي نازڪ مسئلا جيڪي خط ۾ لکڻ موزون نه هئا، سي

کيس زباني طرح سمجهايا ويا هئا.

خط جو متن: خط جو فارسي متن هيٺ ڏجي ٿو.[1] جيئن موضوع جي مناسبت سبب هن کتاب جو جز بٽجي وڃي. خط ۾ جيکي کجهه مٿي بيان کيو ويو، ان کان سواءِ ٻي کابه اهم ڳالهه کانه آهي، باقي سڄو عبارت آرائيءَ، لفاظيءَ ۽ رسمي ڳالهين سان پريل آهي، ۽ محض خط جي رسم ۽ روايت کي پوري ڪرڻ لاءِ لکيو ويو آهي:

سواد کتابت خاقان اکبر اعظم (اکبر پادشاه)

بنواب اشرف اعلي اکرم (شاه عباس ماضي)

آغاز تحريک خامهٔ نغمه طراز، و افتتاح تحرير نامهٔ نکته پرداز، بنام بي آغازي سزاست، که وجود تمام غير وجود او را انجامي و آغازي نيست، و در سرانجام مهام انفسي و آفاقي او را وزيري و مشيري و انبازي نه، عدم بيونوا را که در نهانخانهٔ نيستي و انزوا خزيده بود، بزور قهرمان استيلا برگ وجود و سامان شهود داد، و معالم عالم بي سر و بن را بگفتن دوحرف "کن" پيش از پيوستن کاف بنون، اينهم اعتبارات و شوؤن از جواهر مجرده و مادهٔ عقول و نفوس و اجرام و اجسام نورانيه و ظلمانيهٔ کواکب وافلاک، و اقسام الوان و اعراض بوقلمون از محدب فلک الافلاک تا مرکز خاک ارزاني داشت، و از زمرهٔ جميع مکونات، نوع انسان را که نسخهٔ جامعهٔ ملک و ملکوت، ومجموعهٔ متنوعهٔ مصنوعه از جبروت و لاهوتست، منظور نظر عنايت اثر فرمود، گاهش متوج بتاج اعزاز و نور

---

[1] هيءَ خط مون ڏانهن دوست عزيز جناب احمد گلچين معانيءَ مشهد مان موڪليو آهي ۽ "منشات ميرزا سيد ابوالحسين منشي الممالک" مان نقل ڪيو ويو آهي. ڪتاب 1055هه ۾ مرتب ٿيو ۽ ڪتابخانه آستانهٔ قدس ۾ نمبر 4493 تي (ص 772-795) موجود آهي. اهو خط ٻين هيٺين مجموعن ۾ پڻ موجود آهي:

1- ابولقاسم حيدر بيگ ايواغلي، "جامع المراسلات" برٽش ميوزم O.R. 3842 (214B-16a)

2- "بياض" بانڪي پور، نمبر 1995

3- "مجموعه" تهران يونيورسٽي مرڪزي ڪتبخانه، نمبر 2464 (242a-45a)

4- محمد صالح، "مجموعه مڪاتيب مختلفه" ڪتبخانه مجلس تهران، نمبر 3349، مندرج فهرست 1152-70:3

5- مهدي بياني مرحوم، "مجموعه مراسلات" ص 88-85

6- عبادالله فياض، "فياض القوانين"، I.O. 3901

"خلقنا الانسان في احسن تقويم" مينمايد، و گاهيش مشرف بشرف اختصاص و "لقد كرمنا بني آدم" ميفرمايد، و بعد از آن از جمله تمام افراد آن نوع مفتاح صلاح و نجاح نشأه معاش و معاد ايشان را بنا بر وفور اتصاف باوصاف رباني، و اتسام بصنوف اعطاف و الطاف رحماني، در قبضهٔ اقتدار و پنجهٔ اختيار انبيا و رسل، كه راهنمايان طرق و هدايت فرمايان سبل اند، نهاد. تا بنور "امرونهي" مقتبس از شعاع وحي ايشان، گم گمشتگان بيداي ضلالت و طغيان، و هايمان مغاوز جهالت و خذلان، در مهاد علم و عرفان بغنوند، و اختتام اين نسق و نظام، درنگين خاتم ختمي انتظام عليه افضل الصلواة و اكمل السلام تعبيه فرمود، و تتميم اين مرام را باولاد فخام و احفاد عظام آن سرور انام الي يوم القيام متعين نمود. اللهم صلي علي نبيه و علي اخيه و بنيه ما دارالفلك المستدير و مادام ضياء الشمس و القمرالمنير. و پس ازين مراتب مواهب، نظام عالم و انتظام مهام بني آدم را در عهدهٔ سطوت سلطنت و صولت دولت پادشاهان جهان پناه، و شاهنشاهان عالم دستگاه نهاد، كه گاه بسر پنجهٔ قهر و كين از اعداي دولت و دين ستانند، و گاه با يادي لطف و مهر مرهم مرحمت و عنايت بر جراحت دلهاي مظلومان رسانند.

امابعد، از ستايش و نياش داراي گيتي آرا آفرينهاي بسزا، و تحيتهاي با برگ و نوا، و عالم عالم تواضع دلكشا، و جهان جهان پرسشهاي دلارا، تحفهٔ مجلس بهشت نما، و هديهٔ محفل جنت نشو و نماي نواب قدسي القاب كامران و كامگار، اعني عليه حضرت گردون بسطت فلك اقتدار ملك انصار آن از ميان شهرياران روزگار برگزيده، دادار كردار شهريار ممالك بيمثلي و يكتايي، شهسوار مضمار دانايي و توانايي.

با ادب دلپسند، باسخن جانفروز
باخرد بيكران، با هنر بيشمار
با همه عالم جواد، و زهمه گيتي فزون
در همه ميدان تمام، بر همه دانش سوار

کشورکشاي ممالک ستان مشتري سيماي مريخ سنان، دارا افسر اسکندر ظفر کاوس حشمت سليمان حشر، پسنديدۀ خواطر مشکل پسندان، يادگار پادشاهان جهان، خلف اخلاف سيدالمرسلين، نقاوۀ خاندان طيبين و طاهرين، گلدستۀ حدايق و بساتين ائمه معصومين نوباوۀ رياض سلاطين و خواقين روي زمين، صاحب نسبي که چون مسرع وهم در شاهراه بيان آن باقدام همر، از نام نامي او تا باسم سامي آدم تدرج نمايد، پاي انديشه اش جز بساط شاهان دنيا و دين، يا اولياي صفوت گزين، يا ائمه معصومين يا انبياء مرسلين نساید، رشک افروز ماثر پادشاهان، قاعده آموز فطرت سلاطين زمان، ظلمت سوز تاريکي ظلم و عدوان، بدعت گداز رسوم جور و رقوم طغيان، اعني شاه آگاه والا جاه، و شهنشاه جهان پناه ممالک دستگاه، فريدون اساس جمشيد التباس خورشيد اقتباس، ابوالفوارس قواما للسلطنه و العظمة و الاحشمة و الابهة و الجلال و الجمال و الکمال والکبرياء و الدنيا والدين شاه عباس که دامان عمر و زمان ابد توامانش بدامان روز قيامت باز بسته باد، و بنور حضور وسرور، همواره فرخنده و خجسته بوده، دعايم ارکان دين و ملت، بزور بازوي پاس و سطوت آنحضرت برپا باد، و هر قوايم ملک و دولت بقوت نيروي بأس و بطش آن اعليحضرت برجا، آمين! يا رب العالمين!

و بعد از سپاس و ستايش و نياز و نياش، اولاً تصوير ضمير الهام پذير آنحضرت که، جام جهان نماي اسرار ملک و ملکوت و لوح محفوظ آثار جبروت و لاهوتست، آنکه هرچند بحسب ظاهر ديدۀ حق بين مطالعه طلعت عالم افروز شاهي، و مشاهدۀ سيماي نور اندوز پادشاهي ننموده است، و ادراک کحل الجواهر وصال در توقف اتصال دارد، اما وفور استماع اوصاف تمام اتصاف پادشاهانه، و کثرت اصغاي کمالات و ملکات شاهنشاهانه و شرف انعقاد معاقد قواعد وداد، و اقانين قوانين صادقت و اتحاد؛ که اباً عن جدٍ ميان اين دو سلسلۀ عليۀ ابد امتداد، سمت استحکام و استبداد يافته، نه چندان مورث صداقت و وداد و ثمر محبت و اتحاد شده که، در طي طوامير

بیان تحریر پذیر و تصویر سمیر تواند شد. رجاء واثق و آمل صادقت که تا فلک را دورست و کواکب را سیر، این طور محبت فزا واین رسم صداقت انتما، منظور انظار کبریا آثار بوده، تا قیام روز قیام ریاض صداقت اهتمام را به آبیاري ارسال رسل ورسایل، و مددگاري ایصال سبل و وسایل شاداب دارند، و اشجار آثار بیشمار صداقت شمار را بابن وتیره برومند دانند، واز آینهٔ خاطر جهان بین بصیاقل صداقت نامهادي رنگین، زنگ وحشت جدایي را زدایند، و مواد دوستي را ازدیاد فرمایند، و از چشمهٔ نوش وداد، آب حیات محبت و التفات در کام جان عطشان ریزند، تا فضاي ضمیر منیر صداقت سمیر را از هواي اروای میاه مراسلات رشک گلستان ارم و روضهٔ جنان گردانند.

ثانیاً آنکه کتاب واجب الاعظام و خطاب لازم الاکرام، که در صحبت امارت وایالت مقام رفعت و قربت مرام، طرازندهٔ محفل جلالت، و برازندهٔ محمل رسالت، منوچهر بیگ ایشک آقاسي باشي که بمزید فراست و دقیقه شناسي، و وفور کیاست و نیکو اساسي، و استجماع شرایط رسالت و استیفاي رواتب سفارت، بر امثال و اقران و اکفا و احوان، سمت مزیت رجحان دارد، در اطیب اوقات و ازمنه، و ایمن ساعات و آونهٔ، کالوحي نازل من السما، چهره نماي حقایق زميني و آسماني و آگاهي قراي دروني و بروني گردید، و تحریک سلسلهٔ وداد صمیمي، تهییج مواد اتحاد قدیمي را که، فیمابین این سلسلهٔ ابد دامان، و آن دولت علیهٔ قیامت توامان، بعهود و ایمان مؤکده و مواثیق و پیمان مشیده، صورت احکام و اتقان پذیرفته بود، بتجدید درمیان این دو دوستدار روابط جسماني و روحاني، و آن نگهدار روایت صوري و معاني، بصد تاکید اول تشید و تایید یافته است، باعث تر سببي و موجب تر مطلبي گردید. و از تحریر مراتب فتوحات غیبي، و تقریر مواهب فیوضات لاریبي، که بابیاري شمشیر آتشبار صاعقه کردار آن خسرو جهاندار، در تسخیر انحا و ارجاي بلاد خراسان صینت عن الحد ثان، که ملک موروث و مکتسب آن پادشاه

عالیجاه ممالک ستانست، و قوع یافته، و بنفس نفیس انفس و ذات مقدس اقدس، مباشر رزم اعداي دین و دولت شده بودند، و ببر کات اشتغال آن ذات قدسي صفات، آن بلاد عدیم المثال از تصرف دشمنان آن دولت ابد اتصال، بتسخیر دوستان آن سلطنت ابد توامان انتقال یافت. در صحبت شایان مرتبهٔ سفارت میرزا علي بیگ قورچي خاصهٔ شریف، عز انبعاث یا فته بود، برچه سان بمنصه انها و اعلام جلوه نماید، که چگو نه مواد ابتهاج و ترویح در تهییج آمده، در چه درجه موجب تفتیح و تفریح ضمیر سمیر گردید. و اکنون امیدواري باستعانت و یاري حضرت باري آنست که، هرچه بیش ازین بضرب تسیغ بیدریغ آباي کرام نهاد، و اجداد معدلت بنیاد آن پادشاه با دین و داد، در حوزهٔ تصرف اولیاي دولت ابد امتداد درآمده، بهمان عنوان، بل بچندین مرتبه زیاده ازان، بمساعيءٔ جمیلهٔ آنحضرت، با نصرت و دواعي نهضت مقرون، و برکضت آن شهسوار مضمار عزت، باز در تصرف اولیاي دولت ابد صولت در اید، تا مضمون صدق مشحون:

دشمن آتش پرست بادپیما را، بگو:
خاک برسر کن که آب رفته، باز آید بجو.

بخویتر وجهي بر منصهٔ ظهور جلوه گر آید، و لحق کارو هنجار درمیانست، و تکلف و تصلف برکنار، که اگر هماي رایت مُشتري آیت، و عقاب سایهٔ چتر ماه مایهٔ آن طوق نه گردن اعداي دین و دولت، ظلمت سوز تاریکیهاي ظلم و عدوان ارباب طغیان، که ازدو طرف متوجه ممالک آزربائیجان و بلاد خراسان شده بودند، یکي قیصر روم که شرح عدت و آلت و استعداد لشکر و استبداد حشم و حشر او، از وصف و بیان مستغنیست، و دوم خاقان ترکستان که کثرت عسا کرو انصار و بسطت ماثر و اقطار او، از غایت اُستهار مفتقر بابراز و اظهار نیست.

یکي بتوپ، چو ابرو سرشک اوسندان
یکي بتیر، چو باد و سموم اوپیکان.

نشدي، اکنون مدتي بود که بوم ایران از دستبرد ظلم و طغیان

آنچنان دشمنان، کنام جغد ويراني، و آشيان بوم خرابي شده بود، و علاوهٔ آن فرو نشاندن غبار هرج و مرجيست که هر از لشکريان ايران و بغي و طغيان غازيان ظفر فرجام، و صوفيان صدق انجام فتنهٔ فايزه قزلباش و ترکمان بر رخسار ممالک عراق و خراسان نشسته بود، که باعتقاد آگاهان مراتب ملکداري، کار اين دشمنان دروني ساختن، و بيرون کردن اين مادهٔ فاسده از بدن بيمار ايران-که بحران ظلم و طغيان آن اهل بغي و عدوان-قريب برفتن بلکليه و مشرف بزوال حال مآل بلمره شده بود، بسي مشکلتر و صعب تر مينود، از همه والاتر و بالاتر، مرتبهٔ سياست ذاتي و عدالت صفاتيست که ذات فرشته صفات آن شهسوار عرصهٔ عدل و داد بآن متصف و مجبولست، چه بتکرار بمسامع عز و و علا رسيده هر که پيش ازين در بلاد ايران از شعلهٔ ستم ظالمي داغ المي در جگر داشته يا دارد، في الحال بمسامع جاه و جلال رسيده و ميرسد، در لحظه يي و ساعتي بمرهم دادپرسي و غور رسي جراحت ظلم او اندمال مي پذيرد.

بر دوام تو، دليليست قوي عدل تو، زانک
برنگردند زهر تا بابد عدل و دوام

....

عدل کن زانکه در ولايت دل
در پيغمبري زند عادل

....

عدل تو، قنديل شب افروز تست
مونس فردای تو، امروز تست

واز براي ايصال اين اخبار، مدتي بود که در خاطر ملکوت ناظر ميگذشت که صادق الاخلاص و لاعقيده منوچهربيگ و ميرزا علي بيگ فرستاده شوند، ليکن چون بعضي زمينداران خانديس و دکن چندي بود که سراز ربقهٔ فرمان برداري و طاعت گزاري پيچيده، دربادیهٔ غوايت و سرگرداني سالک و هالک بودند، اردوي گيهان پوي بعزم گوشمال آنها در نهضت و سير درآمد، و چون والي خانديس

سالها بود که اباً عن جدٍ طوق بندگي این درگاه را در گردن اطاعت و غاشیهٔ عبودیت این بارگاه را بر دوش طاعت داشت، لیکن باغواي جمعي مفسدان جادهٔ قویم طاعت داري، و شارع مستقیم خدمتگذاري را گذاشته، سالک بیغولهٔ گمراهي گردید، وبحصانت حصن فلک اساس و متانت قلعهٔ گردون مساس مغرور شده، تحصن در آن قلعهٔ فلک بنا را منجي دانست، از دستبرد منجنیق و پامردي تهور شاربان رحیق توفیق، و متجرعان کاسات تحقیق، که بزخم بیلک دیده دوز، و ضرب ناوک سینه سوز، کواکب ثواقب را در روز از برج شب افروز بپایان آورند، و عروج بر معارج افلاک و صعود بر مناهج شعري و سماک را کمینه کارو کهینه بازار خود شمارند. تصور ننمود، تا أنکه بنا بر حفظ ناموس سلطنت عظمي، و مراعات قانون خلافت کبري، در قلع و قمع اعدا، و اخذ و فتح آن قلعهٔ فلک بناء، که مقیمان آن از ورود قضا و حوادث سما، در قلهٔ امن و قلعهٔ امان ارتقا داشتند، عزم ملوکانه دربسته شد، و با آنکه بضرب تیغ و تیر غازیان جهانگیر، آن قلعهٔ بي نظیر مفتوح گردید. لیکن چون عجز و ناکسي و ناداني و نارسي آن نادان مراتب قدر ناشناسي، معلوم ضمیر احاطت پذیر بود، مراحم بیدریغ خسروانه، تدارک حال عاجزانهٔ اونمود، و جان بخشي کرده، اخوان و اولاد و اقربا و احفاد او را ملحوظ نظر عنایت اثر فرمود. وچون خود مایل نشست قلاع بود، در قلعهٔ فلک مدار گوالیار- که در مابین قلاع هند بل قلاع هر دیار، بصفت استحکام و اعتبار، امتیاز و اشتهار دارد-جاي داده شد. و باز رایت عز و جلال بمرکز اقبال، که دار الخلافه آگره است، نزول نمود. درینوقت ارسال منوچهربیگ در خاطر ملکوت ناظر پرتو انداخت، و بجهت رسانیدن اخبار محبت و وداد و یگانگي و اتحاد، سیادت و نقابت آثار، افادت و افاضت دثار، محرم بزم جلالت اساس مخصوص الطاف و اعطاف عنایت اقتباس امین الملک میر محمد معصوم بکري که از اجلهٔ سادات این بلادست، وبمزید مراتب اخلاص و رواتب اختصاص مخصوص و ممتاز، بشرف ادراک ملازمت وعز بساط بوسي محفل

فردوس مرتبت فرستاده شد، كه مكنونات خاطر دوستي ناظر را بزبان بلاغت بيان معروض دارد، و بعضي مقدمات موروثهٔ مراتب وداد بزبان او تفويض نموده شد كه بعرض اشرف رساند، مرجو آنست كه اين صوب باصواب را از خود دانسته در، گاه و بيگاه، بارسال مراسلات و مكاتبات، وتقرير و تحرير، حالات دلپذير و مقالات بي نظير، خاطر ملكوت ناظر را خوشوقت و خوشحال و مسرور شادكام ميساخته باشند، و برجوع مهمات و مطلوبات كه ازين صوب صورت پذير ميشده باشد، مسرور ميفرموده باشند.

همواره انتظام مهلم فرق انام، مفوض براي عالم آرا، و شمشير جهانكشاي آن پادشاه جمجاه ستاره سپاه بوده، كلال و ملال در هيچ باب و هيچ حال پيرامون حواشي خاطرملكوت ناظر نگر داد.

همیشه حشمتت در چاره سازي به قادر سوزي عاجز نوازي
سپهرت رام در فرمانروايي خدايت يار در كشور كشايي

اين دعا را قدسيان از عرش آمين گفته اند!

روانگيءَ جا رند ۾ رستا: مير صاحب ۾ منوجهربيگ احتمال آهي ته گڏيا ويا. دارالسلطنت كان جيسلمير جي رستي بكر پهتا. اتان نكري كهڙي رستي كان اهو قافلو ويو، كٽي كٽي پهتو، كهڙن شهرن مان لنگهيو يا ترسيو؟ انهيءَ سلسلي ۾ پاڻ وٽ كابه مسلسل روايت يا روئداد كانه آهي. كجهه كتبا ملن تا، كن ڪتابن ۾ ضمناً ذكر اچي ويو آهي، جنهن جي آڌار تي مير معصوم جي رفت و آمد جي راهه جون ڪڙيون كنهن حد تائين متعين كري سگهجن ٿيون ۽ كن روايتن مان ايران ۾ سندس مشغولين جو به اندازو كري سگهون تا.

مير صاحب، بكر مان كر كار لاهي، ذاتي سازو سامان درست كري سنڌ ۽ بلوچستان مان ٽپي قندار ويو. دلارام فراهه[1] جي رستي تي پٽس مير بزرگ جي لڳايل كتبي مان معلوم ٿئي تو ته 1012 هـ ۾ اهو قافلو اتان اڳتي ويو. فراه كان هرات ويو هوندو، جتان تايباد ۾ شيخ زين الدين جي مقبري جي

[1] حبيبي، تاريخ افغانستان، ص 301.

زيارت ڪري، موجوده ايران جي حدن ۾ داخل ٿيو. هن وقت به اهو رستو آهي ۽ مغلن جي دؤر خواه ان کان اڳ ۾ به اهوئي آمدو رفت جو رند هو.

تربت جام: همايون، شير شاهه کان شڪست کائي، سنڌ مان مايوس ٿي، جوڙ مان مڏي پٽي، جڏهن ايران ويو، انهيءَ وقت به اهوئي رستو ڏيئي، تربت جام تي پهتو. ۽ اتي پنهنجي غربت ۽ آوارگيءَ جو يادگار ڪتبو ڇڏيائين. جيڪو اڄ تائين حضرت احمد جام زنده پير جي درگاهه ۾ موجود آهي.[1] مير پڻ اتي پهتو ۽ پاڻ به تربت واري ڪٺهڙي جي اولهائين ڪناري تي هي ڪتبو هنيائين، جيڪو سندس ڪتبن خواهه شاعريءَ ۾ شاهڪار جي حيثيت رکي ٿو:

مرشد نـــامي شيخ گرامي　　احمد جـــامي عمر بره
سال وفاتش گر تو بجوئي　　احمد جـامي قدس سره

حرره محمد معصوم بکري نامي 1012 هـ [2]

اندازو آهي، بلڪ قرين قياس به اهو آهي، ته بحيثيت اديب ۽ شاعر جي ۽ نسبي سلسلي جي سبب، اڳتي هلي، وات تي لنگر ڳوٺ ۾ شاهه قاسم انوار جي مزار جي زيارت به ڪئي هوندائين. انهيءَ کان پوءِ پنهنجي تاريخي ذوق جي تسڪين لاءِ ضرور سبزوار ۽ نيشاپور پهچي، عطار ۽ خيام جا مقبرا ڏسي، مشهد مقدس پهتو هوندو. امام رضا جي زيارت بعد امام غزالي ۽ فردوسي طوسيءَ جي مقبرن تي به ضرور پهتو هوندو. هر راهرو لاءِ اهي مقامات جاذب ۽ ڪشش جو سبب آهن. امام رضا جي سلسلي ۾ سندس هيئيون قصيدو انهيءَ موقعي جو آهي، جنهن لاءِ تقي ڪاشي لکي ٿو:

"قصيده ايست ڪه درين سفر خير اثر بشرف زيارت، حضرت امام الجن والانس، سلطان الاوليا و برهان الاصفيا، شفيع المذنبين يوم الجزا علي بن موسيٰ الرضا (عليه افضل التحية و الثنا) رسيده، در سلک نظم مرتب نموده اند [3].

---

(1) ڪتبي جي تصوير ڏسو، رياض الاسلام، ص 46.

(2) هيءُ ڪتبو محمد حسين آزاد پنهنجي سفرنامه ۾ (ص 169) شايع ڪيو ۽ تذڪره ميخانه ۾ گلچين معاني عرفات تان نقل ڪري ڏنو (ص 116). راقم الحروف مزار جي زيارت ۽ ڪتبي جي ڏسڻ لاءِ به دفعا ويو آهي ۽ تصويرون ڪڍيون آهن. شيخ احمد جام وڏي پايي جو بزرگ ۽ صوفي آهي. ڪيئي ڪتاب سندس سلسلي جا آهن. حافظ شيرازيءَ هيئيون شعر سندس شان ۾ چيو آهي:

حافظ مريد جام جم است، اي صبا! برو
وزبنده، بندگي برسان شيخ جـــام را.

(3) مجلهٔ پارس، ص 9.

قصیدو

خواهم سري بگنبدِ مینا برآورم
زین دامگہ سري بتماشا برآورم

از آه، دمبدم بفلک، نردبان نهم
خود را ازین نشیب ببالا برآورم

آراستند از پيءِ مـا، باغ خلد را
خواهم سري بدیدن آنجا برآورم

خواهم بسانِ روح، مجرد شوم زخود
تـا خویش را بمسگن علیـا برآورم

پرواز کرده دل بسوي قافِ قرب دوست
هردم ز شـوق، شهپرِ عنقا بـــرآورم

زین نقش پاي ناقه، کہ هرروز گم شود
پي گیربي کنـم، پي این پـا برآورم

خواهم چوگردباد کنم دهر، گر دمي
پرکار وش سر از خط دنیا بر آورم

دنیاست کم زیک سرموي، کجاست چشم
کـاین موي را ز دیـدهٔ بینـا بـرآورم

هر شب درین رواق بلند، از شگاف صبح
خورشیـد وار ســر بتماشـا بـــرآورم

زاَهن دليءِ دوست، اگر ناله میکنم
آتـش چـو برق از دلِ خارا برآورم

تا دامنش کشم بسوي خویش، دمبدم
دست هـوس، ز جـیب تمنـا بـرآورم

از شوق ماهروي تو، برهرسرِ نگاه
چشمي دگـر، زبهر تماشا برآورم

در آرزوي روي تو، هر شام تا سحر
دست از پيءِ دعـا بتقاضـا برآورم

درد ترا، بقیمت صدجان، خریده ام
مشکل دگر که، دل بمداوا برآورم

بندم زبان گفت وشنو، زاهل روزگار
حرفي ز وصف خسرو والا ببرآورم

در مدحت علي رضا، شاه اولیا
هردم زبان چو بلبل گویا برآورم

از بهر طرف مرقد آن شاه جن و انس
خواهم ز دیده از مژه ها پا برآورم

اول قُدم، بکرسي خورشید، پا نهم
تا سر ازان حریر معلا برآورم

بوسم چو آستان درش را بکام دل
کامِ دل هزار تمنا برآورم

خواهم پي مشاهده چون خوشهٔ عنب
سر تا بپاي، دیده ز اعضا برآورم

بینم گه سجود درش عرش زیرپا
شد فرض ازان که سجده مثنیٰ برآورم

از بس که بیکنار بود ابر بخششت
من دامنِ امید چو دریا برآورم

کلک مراست معجزهٔ عیسوي ازان
از نوک خارش، اینهمه خرما برآورم

گردد قلم عطارد و خورشید محبره
از آستین چو دست باملا برآورم

هر گ که مشکبار شود دوده ام زکلک
دود از دماغ عنبرسا را برآورم

در روزگار، مایهٔ کان دگر شود
هر نکته، کان ز کلک گهر زا برآورم

هنگام فیض بخشي و وقت اجابتست
نامي بیا که، دست، دعا را برآورم

یارب! بحق قبلۂ هشتر شهید طوس
کاندم که جان ز قالب سودا برآورم

جسم مرا به مشهد آن مقتدا، سپار
تا آنکه، سر ز جنت اعلیٰ برآورم

کاشان: میر صاحب اوائل 1012 هـ ۾ کاشان پهتو، جتي کجهه ڏينهن سندس قيام رهيو. "خلاصة الاشعار" جي مؤلف تقي کاشي (946-1037 هـ) سان اُتي سندس ملاقاتيون ۽ صحبتون ٿيون. انهيءَ تذکره نگار ميرصاحب جي صورت ۽ سيرت جو نقش ونگار نهايت محبت ۽ احترام سان پيش کيو آهي. سندس علم و فضل، شرافت ۽ انسانيت، شعر وسخن، دوستي ۽ دوست نوازيءَ جي تعريف هن ريت ٿيل آهي:

"هُن (کاشيءَ) انساني صورت ۾ گويا ملائک ڏٺو. هک دنيا ذاتي صفتن سبب سندس مسخر هئي، گويا ملائک ڏٺو، ڳالهه بولهه ۾ وهندڙ پاڻيءَ وانگر روح کي راحت ٿي پهتي. سندس طبيعت جي لطافت روح جي جوهر جيئن فرحت بخش ۽ غم وجائيندڙ هئي. حلم، شفقت، مرحمت، وقار، تمکنت، جلال ۽ کمال سيئي منجهس يکجا هئا" [1].

اها لفاظي يا سکٽي واکاڻ نه آهي، بلڪ مجموعي طرح ميرصاحب جي سڃيءَ زندگيءَ تي يا سندس ڪتبن جي عبارتن ۽ آثارن تي نظر ڪجي ٿي ته هک هک لفظ صحيح ۽ سچو معلوم ٿئي ٿو.

جود و سخا ۾ نام آوري: ميرصاحب جتان جتان لنگهيو ٿي، اُتي اميرن ۽ سرڪاري منصبدارن سندس استقبال کيو ٿي، ۽ شايان شان آدرياءَ ۽ دعوتن جو اهتمام ٿي کيو. انهن مان هر هک کيس تحفا تحائف ڏيڻ جي ڪوشش بہ ڪئي. پر هن شاهاڻي مزاج رکندڙ امير ۽ سير چشم سيد زادي نهايت نرميءَ ۽ سيلقي سان انڪار کيو ٿي. تقي کاشي لکي ٿو ته: اُلٽو پاڻ هر هک کي سوڪڙيون ۽ سوغاتون ڏيندو ٿي ويو. جيڪو ساٿس مليو ٿي، جيڪو وٽس لنگهي ٿي ويو، يا جنهن سان ڏيڻ ويڻ ٿيس ٿي، تنهن کي انهيءَ جي

---

[1] ...ملکي ديدم بصورت شخصي مصور، و عالمي درتحت همت ذاتي مسخر، محاورتي چون آب روان روح افزائي و لطف طبعي چون جوهر روح غمزدائي...لطف و حلم و شفقت و مرحمت با وقار و تمکين و جلال و کمال بريک بساط جا داده..." پارس، ص 7.

لائق تي، ڪانہ ڪا سوکڙي ۽ تحفو ڏيئي ٿي ڇڏيائين. اهڙي نموني سان سڀني کي احسانمند بنائيندو ۽ پنهنجو گرويدو ڪندو ٿي ويو[1]. هر نهج، هر وجهہ ۽ هر طبقي جي ملاقاتيءَ کي هن زيربار منت ڪيو. عالم، اديب، شاعر حتاڪ مجلسي (ظرفا) ماڻهن تائين ڪنهن کي بہ خالي هٿين پاڻ وٽان وڃڻ نہ ڏنائين.

اهو طريقو ۽ وتيرو ڇڙو ڪاشان ۾ اختيار نہ ڪيائين، بلڪ سڄي سفر کي اهڙي شان ۽ سومان سان طئي ڪندو، مير صاحب پنهنجي سفر کي داستان ۽ ضرب المثل بنائيندو، شهرن مٿان شهر لتاڙيندو ٿي ويو. هڪ تہ اڪبر جو ايلچي هو، تنهنڪري پنهنجي بادشاهہ جو شان نظر ۾ هئس، ازان سواءِ سيد جي پنهنجي افتاد طبع بہ شاهاڻي هئي، تنهنڪري جيڪي ڪيائين ٿي سو وڙ بہ هو ۽ کيس سونهين بہ پيو.

تبريز: تقي ڪاشيءَ جو قول آهي تہ مير ڪاشان مان تبريز ويو، جتي آب و هوا سبب ترسي، رستي جو ٿڪ لاٿائين[2] پنهنجن ماڻهن کي بہ ساهي پَٽڻ جو موقعو ڏنائين. اتي ترسڻ جو هڪ اهو بہ سبب هو، جو شاهہ عباس ايروان ۾ عثمانين سان جنگ ۾ مصروف هو. اڳتي جي پروگرام لاءِ بادشاهہ جي اجازت ۽ حڪم جي ضرورت هئي.

خيال آهي تہ مير صاحب مشهد کان پوءِ وري (موجوده تهران) آيو، جتان قم ۽ قزوين، ڪاشان، زنجان، سلطانيہ، بروجرد، همدان سنندج، مراغہ جي رستي کان تبريز پهتو.

آذربائيجان: صفوي بادشاهن جو خاندان اصل ۾ آزربائيجان جو هو. ارد بيل سندن وڏن جو زاد بوم ۽ آخر ۾ مدفن بہ آهي. تبريز گاديءَ جو مرڪز

---

[1] ...در مدت عبور بر بلاد بادشاه جهانگير...هرجا کہ اقامت ميکرد، از هيچ حاکمي و سرداري برسم ساوري و علوفہ و تکلف و پيشکش چيزي بلکہ پشيزي و تحفۂ بل حبۂ قبول نکرد...و هيچ کس از کبار امراي خراسان و عراق و کرمان و آذربائيجان و اران و معارف اهل دولت و حکومت و مشاهير فضلا و شعرا و ظرفا و ارباب استحقاق نماند کہ ازوي بقدر همت و مقدرت احساني نرسيد. و مشمول امتنان او بقدر يسورو و استعداد، نگرديد. وبي مبالغہ کسي بروي سلامي نکرد کہ بانعامي محظوظ نگشت و اکرامي ننمود کہ بہ سوغات و لباس تشريفي ملبس نشد..." (پارس، ص 7).

[2] تقي کاشي لکي ٿو: ...آنجناب از بلدۂ کاشان باتنسوقات و اموال پادشاه بحر و بر و فيول جبال پيکرو خيول و اسپان باد رفتار و اقشمہ و اجناس بيشمار، متوجهہ تبريز شد. و قبل از وصول جناب مير باردوي همايون پادشاه ملک ستان اعدا مال، آن بلاد را فتح کرده و مسخر ساختہ متوجہ ايروان گشتہ بود. لاجرم حضرت سفارت پناه روزي چند در تبريز بوالسطۂ برودت هوا و آسايش ملازمان توقف نمود (پارس، ص 8).

پڻ ڪجھ وقت رهيو. ويھن سالن کان عثماني ترڪن جو تبريز، نخجوان ۽ ايروان جي حصي تي قبضو هو. شاھ عباس پنھنجي انھيءَ آبائي ملڪ کي واپس وٺڻ لاءِ انھيءَ زماني ۾ لشکر ڪشي ڪئي ھئي.

شاھ عباس 7 ربيع الثاني 1012 ھ جو اصفھان مان نڪتو. تبريز تائين پھچڻ ۾ڪيس ٻارھن ڏينھن لڳا-اصفھان-دولت آباد-ڪاشان-قزوين-ميانج-تبريز [1] اھو رستو ھن ورتو. امڪان آھي تہ مير معصوم ٻہ ساڳيو رند راھ ورتو ھجي. بھرحال وضاحت ڪانہ آھي. پانئجي ٿو تہ ربيع الثاني 1012 ھ کان پوءِ جمادي الاول يا جمادي الثاني ۾ مير صاحب ڪاشان پھتو. جڏھن تہ بادشاھ آذربائيجان ويل ھو.

تبريز جا رھاڪو ترڪن منجھان-عالم آرائي عباسيءَ جي قول مطابق-تنگ ۽ بيزار ھئا، جنھنڪري تبريز جو شھر پھچڻ سان ھڻ اچي ويو ۽ شاھ عباس نخجوان ۽ ايروان [2] طرف وڌيو. جنھن وقت مير تبريز ۾ پھتو. انھيءَ وقت ايروان جو محاصرو چالو ھو. ترڪن پوريءَ طرح قلعہ بندي ڪئي ھئي. شريف پاشا اتھن جو عثماني حڪومت طرفان حاڪم ھو. تبريز جو حاڪم علي پاشا قتل ٿي چڪو ھو. درحقيقت مقامي ماڻھن کي ترڪن جي بيگانہ پڻي واي سلوڪ تنگ ڪيو ھو. تبريز جو سڄو شھر تقريباً تباھ ۽ ويران ٿي ويو ھو. شھر ۾ خال خال ڪا جاءِ سلامت ۽ آباد ھئي، ورنہ سڄو شھر گويا زلزلي ۾ آيل شھر جو ڏيڪ ڏيئي رھيو ھو. وقوعي شاعر تبريز جي انھيءَ تباھي تي چيو آھي:

و قـــوعي کـــربلا تسکين در دم ميدھم، ورنہ
دلم از حسرت تبريز ويران تر ز تبريز است. [3]

اھڙي صورتحال ۾ مير صاحب جھڙي مجلس آرا امير لاءِ تبريز جي ويراني ۾ کھڙي تسکين ھوندي سواءِ ھن جي تہ آب و ھوا وٽندڙ ھئي، رستي جو ٽڪ دور ڪرڻ لاءِ آرام ھوندو ۽ وڌيڪ ھي تہ جيسين شاھي حڪم نہ ٿئي، تيسين اتي ترسڻ کان سواءِ ٻيو چارو ٻہ نہ ھو .

---

[1] عالم آرائي 638.

[2] ايروان ھن وقت روسي آذربائيجان ۾ ار منستان جي گاديءَ جو ھنڌ ۽ نهايت خوبصورت شھر آھي، ماسکو کان ساڌا ٽي ڪلاڪ ھوائي جھاز وٺي ٿو. تاشڪند کان چئن ڪلاڪن جو رستو آھي.

[3] عالم آرائي ص 639.

ايروان ۾ ڪوٽ: ايروان کي تي قلعا هئا. محاصرو ۽ مقابلو هلي رهيو هو. فيصلہ ڪن صورت نظر نٿي آئي، تنهنڪري طولاني مدت کي ڏسندي، مير معصوم کي ايروان جي منزل تي گهرايو ويو. چنانچہ مير قلعي جي دامن وٽ شاهي لشڪر گاهہ ۾ اسباب سان منوچهربيگ سميت اچي پهتو.

بادشاهي ارڙهين جلوسي سال، جنهن جي ابتدا آچر ڏينهن 19 شوال 1012هـ جو تي، مير معصوم انهيءَ کان پهرين ايروان پهتو. جنهن جو ذڪر عالم آرائي عباسيءَ جي مؤلف هن ريت ڪيو آهي:

"محاصري جي هلندي مير معصوم خان بکري، جيڪو جلال الدين اڪبر بادشاهہ هند جي معتبر اميرن مان ۽ بکر جي ولايت جو حاڪم هو، پنهنجي بادشاهہ طرفان منوچهربيگ ايشڪ آغاسي سان گڏ، جيڪو ست سال اڳ سفير تي هند ويو هو ۽ اهو سمورو عرصو اتهن هو، ايلچيءَ جي صورت ۾ تحفا تحائف ڪٽي اچي پهتو."[1]

مصنف لکي ٿو تہ جنهن صورت ۾ بادشاهہ محاصري جي اهتمام ۾ مصروف ۽ منهمڪ هو، تنهنڪري شاهي سوغاتن ۽ سوڪڙين ڏانهن متوجهہ تي ڪونہ سگهيو. مير معصوم سموري اسباب کي سليقي سان شاهي "دولت خانہ" جي اڳيان ناهي رکيو، جيئن فرصت ملڻ تي بادشاهہ جڏهن چاهي تہ سولائيءَ سان ڏسي سگهي.[2]

شاه عباس شگون طور هڪ تلوار ۽ سوني زره کي ملاحظي هيٺ آندو، جنهن کي فتح ۽ نصرت جو نشان سمجهيو ويو. باقي شين جي، جئن مهينن

---

(1) ...از سوانح ايام محاصره آمدن مير معصوم خان بکري است کہ از امراي معتبر سلسلۂ پادشاه عالي جاه جلال الدين محمد اکبر پادشاه و حاکم ولايت بکر بود، کہ از جانب آن پادشاه فريدون بارگاه همراه منوچهربيگ آغاسي غلام خاصہ شريفہ کہ هفت سال قبل ازين برسم رسالت بجانب هند رفتہ بود، بجهة تجديد قواعد دوستي بايلچيگري آمده وتحف و هداياي لايق آورد (ص 647).

(2) ...بدر دولت خانۂ همايون آورده بر زير يکديگر چيدند، کہ هرگاه رخصت يابند از نظر اقدس بگزرانند...از جملۂ هدايا يک قبضہ شمشير غلاف و آهن جامہ سراسر طلا مرصع بہ الماس ريزه و جواهر ثميني بود، و دوربينان عالم معني فرستادن شمشير مذکور را، در حيني کہ حضرت اعلي کمر همت بکين اعدا بستہ متوجهہ تسخير ممالک موروثي شيروان و آذربائيجان و گرجستان بودند، از جانب صاحب دولت زيجاه از خانوادۂ صاحب قراني و دود مان گورگاني، کہ هميشہ تيغ قهرش بر فراق اعادي افاغنہ و هنود مظفر و منصور آمده بفال و شگون گرفتند بفتح و ظفر شهريار کامگار اميدوار شدند (ص 647)

تائين شدت جي سرديءَ ۾، جڏهن ته رت رڳن ۾ جمي ٿي ويو، مير معصوم ۽ سندس هڪ هزار ماڻهو حفاظت ڪندا رهيا.

دود مان گورگاني: تاريخ عالم آرائي عباسيءَ جي مؤلف لکيو آهي ته: اکبر جي طرفان تلوار جو اچڻ "دور بينانِ عالم معني" جي نگاهه ۾ فتح ۽ ظفر جو پيغام ۽ نشان سمجهو ويو، ڇاڪاڻ ته دود مان گورگانيءَ جي انهيءَ بادشاهه جي قهري تلوار هميشه افغانن ۽ هندو دشمنن جا متّا ڪاٽيندي رهندي آهي.

ڪابل، قندار ۽ يوسف زئي افغانن جي متّا ڦاڙ ته سمجهه ۾ اچي ٿي، ليڪن هندوستان ۾ هندن جي سرڪوبيءَ واري خوش فهمي حقيقت ڪان دور آهي. هندوستان جي مسلم رياستن جي سرڪوبي ته دود مان گورگانيءَ ڪان ٿيندي ٿي رهي، جيئن ته تازو مسلمانن جون هيٺيون آزاد حڪومتون اکبري "تيغ قهرش" جو ڪاڇ بنجي چڪيون هيون:

(1) گجرات.

(2) سنڌ.

(3) خانديش.

(4) ڪشمير.

(5) دکن جون سيئي رياستون.

ايران جي مؤرخ کي يا ته خواه مخواه خوشفهمي هئي يا "آرايشِ سخن" جي لاءِ هُن هندن جو نالو آندو آهي. بهرحال تاريخ نويسيءَ جو جيڪو انداز ۽ رجحان هو، تنهنجي خانه پُري اسڪندر بيگ ترڪمان ڪري ڇڏي آهي.

شاهه جي دل جو تڪدر: "زندگاني شاهه عباس اول" جي مؤلف نصرالله فلسفيءَ جي سامهون عالم آرائي عباسيءَ کان علاوه به ماخذ آهن، هن صاحب لکيو آهي ته: هندستان جي بادشاهه ايراني سفير کي ست ورهيه پاڻ وٽ رهائي ڇڏيو هو، جيڪا ڳالهه شاهه کي ڏاڍي ڏُکي لڳي ۽ سندس دل تي تڪدر هو، اهوئي سبب ٿيو جو هندي ايلچيءَ ڏانهن شاهه متوجهه نه ٿيو، ۽ نه ساڻس کي خاص مهرباني‌ءَ وارو سلوڪ ڪيو ويو. تحفن مان به فقط هڪ تلوار هن کنئين باقي تحائف بين ۾ تقسيم ڪيا ويا [1].

---

[1] ...شاه عباس سبب آنکه امپراطور هند سفيرش را هفت سال معطل داشة بود، بايلچي وي مهرباني و توجهه بسيار نه کرد و از ميان هدايائ گران بهائي اکبر، تنها يک قبضهٔ شمشير مرصع برداشت و باقي هدايا را نپذيرفت (4: 80-81)

سفارت جي ڪاميابي: جيئن متي بيان ڪيو ويو، مير معصوم چار مهينا ايروان جي شاهي ڪيمپ ۾ وينو رهيو. شديد سرديءَ ۾ شاهي سوغات جي حفاظت ڪندو رهيو، ۽ نتيجي جو منتظر رهيو.

ايروان جي قلعي تي جمعي ڏينهن 27 ذي الحج 1012 هـ جو محاصرو تنگ ڪيو ويو [1]. جنهنڪري قلعي وارا مجبور تي پيا. آخر عاشوري جي رات يعني 9 محرم 1013 هـ جو قلعي جي حاڪر شريف پاشا صلح لاءِ ملتجي ٿيو ۽ آمان گهري جان ۽ مال جي تحفظ جو قول ۽ قرار ونِي اچي پيش پيو. تبريز ۽ نخچوان کان پوءِ اهڙيءَ طرح ايران اچي ويو.

گمان آهي تہ معصوم جمادي الاول جي آخر يا جمادي الثانيءَ جي ابتدا ۾ ڪاشان ڪان هليو. رجب ڏاري تبريز جڏهن تہ شاهِ عباس تبريز فتح ڪري نخچوان ۽ ايروان روانو تي چڪو هو. مير معصوم شعبان 1012 هـ ۾ فرض ڪجي تہ تبريز مان روانو تي ايروان پهتو. جتي قلعي جي فتح (9 محرم 1013 هجري) تائين انهيءَ انتظار ۾ رهيو تہ ڪڏهن تي بادشاهہ ڪي فرصت ملي ۽ ڪڏهن تو تحائف ملاحظو ڪري قبوليت جو شرف بخشي.

عالم آرائي عباسيءَ جي مؤلف جو قول آهي تہ انهيءَ دوران ۾ مير صاحب، منو چهر بيگ سان گڏجي "شرف مجالست مجلس بهشت آئين" حاصل ڪندو رهيو. فلسفيءَ جو قول آهي تہ: مير معصوم شاعر ۽ خوش ڪلام ۽ خوش صحبت امير هو هن پنهنجي صفتن سبب پنهنجي طريقي سان بادشاهہ جي دل ڪي ريجهائي ۽ تحفن قبول ڪرڻ تي راضي ڪيو [2]. گويا اڪبر جي شاهي سفارت جي اهميت نہ، بلڪ مير جي پنهنجي شيرين ڪلامي ۽ خوش صحبتي ڪتب آئي. انهيءَ منجهيل مسئلي کي هن اهڙي طريقي حل ڪري ورتو.

بهرحال اهو واضح آهي تہ شاهہ عباس جي دل مختلف سببن ڪري صاف نہ هئي. قندار جو مسئلو، اڪبري دربار اندر ايراني بادشاهہ جي سلسلي ۾ سرد مهري، ايلچين کي بي توجهيءَ سبب سواءِ ڪنهن معقول سبب جي سالن جا سال رهائي چڏڻ، ازين قسم اهي ۽ ڪي ئي بيا معاملا هئا، جن ايراني شاهہ جي دل ڪي

---

(1) عالم آرائي 654

(2) مير معصوم بكهري كه مردي شاعر بود و نامي تخلص ميكرد با شيرين سخني و شاعري، دلِ آن پادشاه را بدست آورد و بقبول هدايا راضش كرد (4: 81)

ڏکوئي رکيو هو. جنهن جو علاج مير معصوم جهڙي فاضل ماڻهوءَ، چئن مهينن جي ملاقاتن ۾ مجلس آرائي ذريعي ڪري، شاهي دل تان تڪدر جو غبار لاٿو.

سوغاتن جي پيشڪش: 9 تاريخ محرم 1013هـ /جون 1604ع جو ايروان وارن صلح جي درخواست ڪئي. جنهن کان پوءِ پيش پوڻ ۾ قلعي جي حوالگيءَ جون رسمون پوريون ٿيون. غالباً ستت بلڪ محرم جي ئي ڪنهن تاريخ تي جنهن وقت، فتح ايروان کان پوءِ شريف پاشا ۽ عثماني امير ۽ رومي لشڪري ۽ ڪرد سرڪردا موجود هئا[1]. انهيءَ وقت مير معصوم کي اڪبري سوغاتن ۽ سوڪڙين جي پيش ڪرڻ جو حڪم مليو—بادشاهه پاڻ ته فقط تلوار پهرئين ئي ڪنئي هئي، هاڻي سيني سوغاتن کي نظر مان ڪڍي قبول ڪري ساڳئي ئي وقت دربار ۾ موجود اميرن، منصبدارن، اشرافن ۽ سپاهين ۾ حيثيت آهر تقسيم ڪري ڇڏيو.

هندستاني دربار ۾ اطلاع: مير معصوم کي سفارتي فرائض پوري ڪرڻ ۾ جيڪي دقتون پيش آيون ۽ پنهنجي ذاتي قابليت ۽ صلاحيت، تدبر ۽ دانشمنديءَ جي بناءَ تي ايران جي شاهي دربار جي تلخي دور ڪري آبرو مندانه طريقي سان پنهنجي سفارت سان گڏ هندستان جي بادشاهه جي پَٽ رهائي، انهيءَ جي حقيقت متي بيان ٿي چڪي. سفارت جي ڪاميابيءَ جو دارو مدار، جلال الدين اڪبر جي جاه و جلال ۽ هندستان جي وسيع ۽ عريض سلطنت جي ساک ۽ ڪاربت تي ڪونه هو. جيڪڏهن مير معصوم جهڙو فاضل ماڻهو نه هجي ها، ته شايد هن سفارت کي مايوس ٿي موٽڻو پوي ها. ايران جي شاهه کي هاڻي چندان اڪبر جي امداد جي ضرورت ڪانه هئي، نه ساڻس يڪ طرفي راهه و رسم رکڻ جو احتياج هو. شيبانن وارو اثر خراسان تان تقريباً ختم ٿي چڪو هو، تنهنڪري مصلحت بينيءَ سبب ايراني شاهه لاءِ هندستاني دربار جي بي رخيءَ جو سُور سهي وڃڻ لازمي ڪونه هو.

بهرحال انهيءَ سفارت جي سلسلي ۾ هتي اڪبري دربار جي سرڪاري

---

[1] ...تا آنکه بعد از فتح قلعه که شريف پاشا و اکثر عظما و معارف سپاه روميه و اکراد در بارگاه معلي حاضر بودند، تحف و هداياي پادشاهي را با پيشکش ايلچي از نظر اقدس گذرانيدند و حضرت اعلي جميع آنها را بامرائ عظام و حکام ولايت و اشراف و اعيان هر طبقه و هر طايفه-که در اردوئي همايون مجتمع شده بودند—علي قدرمراتبهم تسمت فرمودند (ص 647 عالم آرائي).

مورخ اڪبر نامه ۾ سفارت جي ڪاميابيءَ جي جيڪا تصوير ڏيکاري آهي، اها ان جي بلڪل اُبتڙ آهي، جيڪي ڪجهه ايران ۾ٿي گذريو هو. سال 49 جلوس جي واقعات ۾ هيءَ عبارت درج آهي:

"عرض پيش ٿيو ته مير معصوم بکري، جنهن کي هن سال جي 27 آذرماه جو ايران جي سفارت تي هن درگاهه سڳوريءَ مان موڪليو ويو هو، سو شاهه عباس فرمانر واي ايران جي سامهون ايروان جي قلعي جي محاصري وقت پيش ٿيو. شاه سندس پيشوائي ۽ آذر ياءَ ڪرڻ ۾ وک تمام وڌائي ڪئي. حضرت شهنشاهه جي خط کي ٻنهي هٿن ۾ ادب سان ونڊي متي تي رکيائين ۽ پڇيائين ته حضرت شاه بابا ڪيئن هئا؟ سندن طبعيت ۽ حالت ڪيئن هو؟

سوغاتون جيڪي هن درگاهه تان موڪليون ويون هيون، تن کي وسيع ايوان ۾ ناهي سينگاري ترتيب سان رکيو ويو. جن کي شاه نه ڇڙو پاڻ ڏنو. بلڪ ٻن ٽن ڏينهن تائين گرجستان جي ايلچين ۽ ترڪستان جي سردارن ۽ ٻين ڇڳن مڙسن کي موڪليو ويو ٿي ته اهي به وڃي اهي نادر شيون ڏسن، جيڪي ڏسي حيرت ۾ پئجي ٿي ويا" [1].

اها رپورٽ يقيناً مير معصوم "سرڪاري انداز ۽ زبان ۾" پنهنجي حڪومت ڏانهن موڪلي هوندي، جنهن کي سرڪاري تاريخ ۾ مخصوص لهجي ۽ لفظن ۾ درج ڪيو ويو. حالانڪ بکر جي هن سيدزادي ايروان جي شديد سرديءَ ۾ ڇڻ مهينن تائين جنهن مصيبت سان انهن "نوادرات" تي پهرو ڏنو ۽ جنهن مشڪلات سان انهن کي سنياليو يا جن ترڪيبن، حيلن ۽ حوالن سان شاهه عباس جي دل تان غبار لاٿو، ان جو قصو متي سامهون اچي ڇڪو آهي. نه شاهه ادب وچان ٻنهي هٿن ۾ "خط مبارڪ" ونڊي متي تي رکيو ۽ نه اهو

---

[1] معروض اقدس گردید که میر معصوم بکهري که (بیست و هفتر آذرماه این سال به سفارت ایران از بنگاه خلافت دستوري یافته بود) شاه عباس فرمانرواي آن ملک را، هنگامیکه بمحاصره قلعهٔ ایروان توجه داشت، ملازمت نمود. شاه در بزرگداشت او، فراوان مبالغه فرمود نامهٔ حضرت شاهنشاهي را بدو دست ادب گرفته برسرنهاده و پر سید: حضرت شاه بابا! م چونند؟ و چه حال دارند؟ و اشیاي که از درگاه والا ارمغان شده بود، در بارگاه وسیع بر ترتیب و آئین شایسته چیده تمامي را بنظر خود ملاحظه نمودند، و تا دو سه روز ایلچیان گرجستان و سرداران ترکستان و سائر مردم بیگانه را بتماشاي آن نادره اشیامي فرستاد و بمشاهده آن اجناس والا، که حیرت افزاي همگنان مي شد، سرافرازي مي اندوخت (اکبرنامه، 3: 825).

پچيائين تہ شاھ بابو ڪيئن ھو؟ ۽ سندن مزاج مبارڪ ڪيئن ھو؟ نہ نمايش ڪي ۽ نہ ايراني، توراني ۽ ترڪستاني اميرن ۽ ايلچين کي ڪٿ چئن ڏينھن تائين سوڪڙين جي ديدار لاءِ موڪليو ڪي ويو—بادشاھ تہ خبر نہ آھي تہ سيئي ھڪ ھڪ ڪري اڪ مان ڪڍيون بہ الائي نہ، اُھي تہ جيئن پيش ٿيون، تيئن ئي حاضر باشن ۾ ورھائي ڇڏڻ جو حڪم ڪيو ويو. تلوار جيڪا شاھ ڪنئي، سا بہ محض سنئوڻ لاءِ، نہ انھيءَ ڪري تہ ڪا غير معمولي جنس جي ھئي.

بھرحال سفارت جي سلسلي ۾ ٻنھي سرڪارين جون رپورٽون خوش قسمتيءَ سان پنھنجي سامھون موجود آھن، جنھنڪري اندازو ڪرڻ آسان آھي.

ببين تفاوت ره از کجا ست تا بکجا!

واپسي 1013ھ / 1604ع: مير معصوم سرديءَ جو زمانو شاھي لشڪر گاھ ۾ بسر ڪيو. ايروان جي اوسي پاسي کي فتح ڪرڻ بعد ڪوڪنج تنگيز جي علاقي ۾ شاھ عباس اچي منزل انداز ٿيو. جتان جي آب و ھوا، سبزو، وٽراھ، چشما ۽ شادابي بقول صاحب عالم آرائي عباسي "رشڪ گلزار جنان" ھئي. بھار اچي چڪو ھو، تنھنڪري بادشاھ سير ۽ شڪار ۾ جنگ جي زماني جي تلخي ۽ خستگي دور ڪري رھيو ھو. انھيءَ اطمينان ۽ خرميءَ جي وقت ۽ سمي ۾ مير معصوم کي ھندوستان واپس ٿيڻ جي اجازت ملي. شاھ عباس جو جوابي خط موجود آھي، جيڪو ھيڻ اچي رھيو آھي. اھو معلوم نہ ٿي سگھيو تہ موٽ ۾ ايران جي شاھ سوڪڙين ۽ سوغاتن موڪلڻ ۾ پاڻ کي ڪيئن ۽ ڪيتريقدر ملھايو. عالم آرائي عباسيءَ جي مصنف فقط ھن لکڻ تي اکتفا ڪئي آھي تہ:

"محمد معصوم خان بکري ايلچي پادشاه عالي جاه فرمانفرماي ممالک هند را که بخدمت اشرف آمده، رخصت ارزاني داشته روانه ديار هند فرمودند".[1]

واپسيءَ جو رستو: مير معصوم جي واپسيءَ جي سلسلي ۾ سندس ٿي ڪتبا مليا آھن، جن مان موٽ جي رستي جو تعين ڪري سگھجي ٿو.

تبريز مان مير صاحب مرحوم پانئجي ٿو وري ڪاشان آيو اُتان اصفھان پھتو. مورخ خورت جي ڪاروان سراءِ ٻنھي شھرن جي مابين جيڪو رستو

---

[1] عالم آرائي، ص 663.

آهي، انهيءَ تي آهي. انهيءَ ڪاروان سراءِ تي مير جو ڪتبو هو. جيڪو هاڻي گر آهي.[1] مير صاحب انهيءَ رستي سان اصفهان آيو ۽ اُتي شايد ڪي چند ڏينهن رهيو. روضۂ هارون ولايت جي مقابل سلطان سنجر سلجوقيءَ جي دور جي "مسجد علي" موجود آهي. مسجد جي مشرقي محراب واري ديوار تي مير صاحب جو ڪتبو موجود آهي، جنهن تي نثر جي هيٺين عبارت آهي:

"در حيني ڪه از هند به رسالت نزد شاه عالم پناه فلک بارگاه شاه عباس آمده بود از ايروان در سنه 1013 هـ مرخص شده بود باينجا رسيد..." [2].

انهيءَ دور ۾ اصفهان جو اهو حصو آباد هو—امام زادي هارون ولايت جو روضو، ان جي پاسي ۾ ڪاروان سراءِ ۽ سامهون مسجد علي جنهن جي ڪنڊ ۾ نهايت خوبصورت منارو سلجوقي دور جو يادگار ۽ ايران جي بهترين منارن مان هڪ آهي—قرينو آهي ته مير صاحب شهر جي انهيءَ حصي ۾ قيام ڪيو هوندو. ڪاروان سراءِ سبب ماڻهن جي رهڻ جي آساني ۽ سڪ، امام زادي جي زيارت ۽ انهيءَ سان گڏ جامع مسجد ڪشادي صحن ۽ چتائين حصي سان، مناري جو نظارو—جنهن مير ڪي يقيناً بکر ۾ پنهنجي مناري واري اسڪيم تصور ۾ آئي هوندي.

اصفهان ۾ ادبي صحبتون: جهڙيءَ طرح تقي ڪاشيءَ جي لکت مان ظاهر ٿئي ٿو، مير صاحب جتي پهتو تي، اُتي جي سرڪاري اميرن، شهر جي معززن ۽ عالمن سندس تمام شانائتي نموني استقبال ۽ آدرياءُ ڪيو تي، اهڙيءَ ريت پاڻ به پنهنجي خوش صحبتيءَ، شرافت ۽ فضيلت سبب جنهن سان مليو تي، تنهن کي پنهنجو گرويدو ڪندو تي ويو. پاڻ ڪنهن جو احسان ڪونه تي ڪنيائين، اُلٽو ملاقاتين کي زيربار منت ڪندو تي رهيو. سندس فراست

---

[1] ڏسو گنجينۂ آثار اصفهان (1350) ڊاڪٽر هنرفر، ص 379 انهيءَ ڪتبي جي ڏسڻ ۽ ان کي ڳولڻ لاءِ آءٌ به دفعا ڪاشان ويس ۽ هڪ دفعو اصفهان ڪان مورڃۂ خورت پهتس. سراءِ موجود آهي، ليڪن نئين سر مرمت ڪري ان کي فوجي اڈو ناهيو ويو آهي. هڪ ته اندر ڏسڻ جي اجازت نه ڏني ويئي، ٻيو مرمت سبب سراءِ کي بدلائي ڇڏيو ويو آهي. پڇا مان معلوم ٿيو ته ڪتبو ڪٿي به ڪونه آهي. مورڃۂ خورت جو زير زمين قلعو نهايت حيرت انگيز آهي.

[2] سمورو ڪتبو ڪتبن واري باب ۾ ڏسجي. ۽ ڏسو منهنجو مضمون "اصفهان نصف جهان ۽ سندم سنڌ سونهاري" مطبوعه "هلال پاڪستان."

كارداني ۽ مزاج جي شگفتگيءَ ايران جي شاهه کي به ريجهائي رام ڪري ڇڏيو. جيئن ماثر الامرا ۾ آهي ته:

"بفرط فراست و كارداني مورد الطاف شاه عباس صفوي گشت" [1].

تقي ڪاشي لکي ٿو ته:

"در مجالس انس و محافل اختصاص جليس و انيس گرديد."

ڪاشي، خوش ٿيندي، لکي ٿو:

"الحمد الله علي نعماته كه اين سيد جليل القدر، محرميت و قربت اين بارگاه عرش اشتباه را دريافته بمراد خاطر و آرزوي باطن و ظاهر رسيد و پرتو خورشيد عاطفت پادشاهانه درين بلاد نيز بموجب دلخواه دوستان و محبان بر ساحت كمال اين سفارت پناه ايالت درستگاه رسيد."

تقي ڪاشي بحيثيت دوست ۽ بهي خواهه جي سندس سفارت جي ڪاميابيءَ تي نهايت خوشيءَ جو اظهار ڪري ٿو، جنهن مان ظاهر آهي ته خود مير معصوم به پنهنجي غير معمولي ڪاميابيءَ تي، جيڪا حالتن پٽاندر بلڪل غير متوقع هئي، نهايت مطمئن ۽ خوش هو. ۽ يقيناً تقي ڪاشيءَ يا بين پنهنجن قريبي تعلقدارن سان ان جو اظهار ڪيو هوندائين. تقي ڪاشيءَ جي مٿينءَ عبارت مان صاف ائين پيو لڳي.

مير صاحب بنيادي طرح جنهن صورت ۾ اديب ۽ شاعر هو، تنهنڪري قدرتاً هو جتي ويو تي ڪوشش ڪي ڪيائين ته اُتي جي شاعرن ۽ اديبن سان ملي، رس رهاڻ ڪري. اصفهان جو گورنر انهيءَ وقت ميرزا محمد خان نيشاپوري هو، جنهن سندس اعزاز ۾ وقت جي اهم ترين شاعرن کي دعوت ڪري گڏ ڪيو. حڪيم شفاعي انهيءَ دور جو سيني کان برڪ شاعر ۽ شاهي درباري هو، محمد رضا فڪري معروف شاعر ۽ شهر جي مکيه ماڻهن مان هو، اهڙيءَ طرح تقي اوحدي نه فقط شاعر بلڪ اهم ترين تذڪره نگار به ٿي گذريو آهي—اهي ۽ ٻيا گڏ ٿيا، ۽ شعر و سخن جي محفل گرم ڪيائون، پاڻ ۾ ٻڌايائون ۽ مير صاحب جو ڪلام به ٻڌائون [2].

---

(1) ماثر، 3: 327.

(2) شمع انجمن، ص 679، روز روشن، ص 466 رياض الشعرا خطي. گل رعنا خطي، ص 1043. مجمع النفائس موزهٔ ملي پاڪستان، 365 ب. نشتر عشق خطي، ص 629.

عتابي تكلو انهيءَ سفر ۾ مير صاحب جو آشنا ٿيو ۽ مير کيس پاڻ سان هندوستان وٺيو آيو. عتابي تکلو ٻيو دفعو هندوستان ايندي قندار ۾ ميرزا غازي ترخان سان ملاقي ٿيو ۽ سندس مدح ۾ قصيدا چئي، ميرزا جي دربار سان ڪجهه وقت وابسته رهيو.

اي خاتمِ جلال ترا آسمان نگين
در زير آن نگين ورقي از زر آفتاب

قصيدي جي انهيءَ بيت تي ميرزا غازيءَ کيس ڏاڍا انعام اڪرام ڏنا [1].

ڪرمان ۽ بلوچستان: مير پانئجي ٿو اصفهان کان پوءِ يزد کان ٿيندو ڪرمان پهتو. ڪرمان جو نالو تقي ڪاشيءَ کنيو آهي. ات پهچي، مير لازماً ماهان شاهه نعمت الله وليءَ جي زيارت تي ويو هوندو.

ڪرمان کان پوءِ يا ڪرمان ايندي بلوچستان ۾ پهتو. رستي جي بن ڳوٺن ۾ سندس ڪتبا مليا آهن، جيڪي واپسيءَ جا آهن.

هڪ ڪتبو خاش ۽ سراوان [2] جي وچ واري ڳوٺ گوشت ۾ آهي. اهو ڳوٺ پهاڙ جي پهلوءَ ۾ نهايت سرسبز نخلستان آهي. وهندڙ ڪاريز جي مُٺهن وٽ مير صاحب هي ڪتبو هنيو آهي:

شهه دين و دنيا علي ولي — وصي وفي جانشين نبي
قدمهاش برباز ويي شدسوار — کزو بازوي شرع شد استوار

قايل نواب امير محمد معصوم الحسيني النامي تخلصاً والبکري مسکناً پٺر جي ڪناري تي عبارت آهي:

"در وقتي که از هند برسالت ايران آمده بود، اينجا رسيد، 1013 هزار و سيزده"

اهو ياد رکڻ گهرجي ته اهو پهريون ڪتبو آهي، جنهن ۾ مير معصوم جي زباني حضرت خليفه "چهارم" رضه جي افضليت بيان ٿيل آهي.

گوشت ڳوٺ جا باشندا انهيءَ پٺر کي متبرک سمجهي انهيءَ جي زيارت ڪندا آهن، دعائون گهرندا آهن ۽ باسون باسيندا آهن ۽ جانورن جي قرباني ڪندا آهن.

مير جو ٻيو ڪتبو "ڪوهڪ" ڳوٺ جي قلعي ۾ هڪ مقبري تي لڳل آهي.

---

(1) ميخانه گلچين معاني، ص 439- ص 441--ميرزا غازي اور اس کي بزم ادب، حسام الدين.
(2) سراوان پاڪستان جي حد کان 110 ڪلو ميٽر پري آهي.

انهيءَ مقبري کي "کوهک" جا باشندا برکت ۽ کرامت ۽ صاحب ولايت جو مدفن سمجهي، ان جي زيارت لاءِ ايندا آهن. کيتري وقت کان اهو کتبو مقبري مان غائب آهي [1]. کتبي جي عبارت کي مجلہ "يادگار" ۾ "بلوچستان" جي جغرافيہ واري مضمون ۾ نقل کيو ويو آهي. عبارت هن ريت آهي:

ساقي از اين باده کہ داري بجام
فيضن رسا شو بسوي خاص و عام

قايد نواب مير محمد معصوم الحسيني البکري. در و قتيکہ از هندوستان برسالت ايران آمده بود اينجا رسيد سنہ 1013 هـ [2].

مير صاحب بلوچستان جي ذريعي زاهدان کان ٿيندو. انهيءَ دور جي سنڌي بلوچستان ۾ داخل ٿيو. جيکو سرکار بکر جي زير اثر هو ۽ جتان جو پاڻ مکين ۽ جاگيردار هو.

هندستان جي تاريخ جو اطلاع: هندستان جي تاريخ ۾ مير صاحب جي آمد جو انداراج سرکاري طرح اکبرنامہ ۾ هن ريت آهي:

"مير معصوم بکري (کہ بہ سفارت ايران نزد شاهہ عباس رفتہ بود) آمده بدولت ملازمت رسيد و نامۂ والئ ايران و مکتوبي (کہ عمۂ شاه بحضرت مريم مکاني نگاشتہ بود) از نظر اقدس گذرانيد" [3].

مريم مکاني بلقيس بيگم جي ماءُ ۽ پيڻ ايران ۾ رهنديون هيون. جن سان سندس خط و کتابت ٿيندي رهندي هئي. مير صاحب شاهہ ايران جي پٽي زينت بيگم (همشيره شاهہ طهماسپ) جو خط مريم مکانيءَ ڏانهن آندو هو [4].

مير صاحب جي پهچ جو اطلاع هندستان اندر سندس کن کتبن مان بہ ملي ٿو جهڙوڪ: شيخ حميدالدين ناگوريءَ جي مقبري تي مير بزرگ جي هيٺئين کتبي جي عبارت مان ظاهر آهي:

"در جين مراجعت از ايران در ملازمت نواب امير محمد معصوم

---

[1] هنر و مردم، شماره 169-170، سنگ نوشتهاي مير معصوم، ڊاڪٽر علي اکبر جعفري، مضمون جو لکندڙ انهن ڳولن ۾ پاڻ ويو ۽ مضمون لکيائين. مير معصوم جي کتبن جي ڳولا ۾ راقم الحروف سان پڻ تربت جام ۽ کاشان ۾ ساڻ هو. کو هک واري پٽر جي عبارت مجلہ يادگار سال پنجم، شماره 8-9، ص 98-99 ۾ شايع ٿيل آهي، جيکا ڊاڪٽر جعفريءَ پڻ نقل کئي آهي.

[2] مجلۂ يادگار، شماره 8-9، ص 98-99.

[3] اکبرنامہ، 3: 836

[4] هي خط موجود نہ آهي.

نامي باينجا رسيد و ابن چند بيت از خمسۂ ايشان، كه درين ولا باتمام رسانيده بودند، تحرير نمود در سنه 1013 هـ" [1]

خط جو متن: مير صاحب شاهه عباس وٽان اكبر جي خط جو جواب هن ريت آندو، جيكو پڙ لفاظيۂ ۽ عبارت آرائيۂ تي مشتمل آهي:

"كتابت از جانب نواب اشرف اقدس ارفع همايون شاهي شاهه عباس مرحوم مغفور به جلال الدين اكبر پادشاه هند مصحوب مير محمد معصوم بكري از ايروان فرستاده شد:

بهترين فضلي كه طوطيۂ ناطقه در بوستان بدايع آفرينش و شكرستان مجامع دانش و بينش زبان به بيان آن آراید، اظهار حمد و سپاس درگاه احديت و ذكر قعت و منقبت حضرت رسالت عليه و آله افضل الصلوة والتحيته است، اما طي آن بيد ابر قصور الفاظ و عبارات و نقصان مجازات و استعارات اوليست، چه در معرض اداي چنين مد عايي در آمدن خود را مورد توبيخ و عرضۂ تشنيع ساختن است، لاجرم بحكم "العجز عن درک الادراک ادراک" عنان بكران انديشه از قطع اين وادي حيرت افزا بجانب دعا كه، بهترين هديۂ دوستان بي رياست، انصراف داده بمراسم تهنيت نصرتي كه از اثر اخلاص محبان و منسوبان آن آستانۂ ثريا مكان را رخ نموده، شرح فتوحاتي كه بيمن همت اكسير خاصيت مخلص صافي طويت را روي داده، و بنا بر مقدمۂ كه در ملاطفۂ سامي مندرج بود، اظهار آن موجب ابتهاج خاطر خورشيد انجلاءِ بندگان سپهر اعتلا خواهد بود ميپردازد، الحمدالله تعالیٰ و تقدس! كه نهال آمال اولياء دولت بي زوال به ثمرۂ فتح و فيروزي بارور گشته، مذاق جان چاشني گير حلاوت آن شده، سجدات شكر از صميم دل بتقديم رسيد. اميد كه همواره اسباب سلطنت و كمراني و موجبات نصرت و كشورستاني در تزايد و تضاعف باد. و از ميامن الطاف الاهي و حسن ارتباط و التفات صوري و معنوي وارثي و مكتسبي حضرت عالم پناهي ازينجانب نيز

---

[1] بيت ۽ پورو كتبو كتبن جي باب ۾ ڏسڻ گهرجي.

شاهد هر مقصودي كه در آيينهٔ ضمير محبت تاثير پرتو جمال مي اندازد، با حسن وجوه آغوش مراد جلوگاه آن مي شود.

مصداق اين مقال، فتح ولايت آذربايجان و قلاع آنست، تفصيل اين اجمال آنكه پر ضمير خورشيد نظير ظاهر خواهد بود كه، سلاطين روم بانواب عليسين آشياني شاه بابا ام انارالله برهانه اركان مصالح و معاهده را بايمان استحكام داده بودند كه نسلاً بعد نسل فيمابين مخالفت نبوده باشد و سلطان بايزيد را با اولاد كه از واله خود سلطان سليمان روي كردان ئشته بدين دود مان ملتجي شده بود بجهت ملاحظ نقض عهد و پيمان بفرسنادهاي ايشان سپردند.

باوجود اين مقدمات، بعد از سنوح قضيه بندگان رضوان مكان، بمجرد في الجمله اختلال احوال طوايف جليلهٔ قزلباش ايشان فرصت يافته متوجه تسخير آذر بايجان و شيروان گشتند و بعضي محال را كه در آن ايام بنواب جنت بارگاه باز گذاشته بودند، باديگر محال متصرف شدند، و چون از بارگاه صمديت رجوع امر خطير سلطنت بدين صادق العقيده شد، بواسطهٔ رفاه حال خلايق و عبادالله قواعد عهد و پيمان بدستور مؤكد و مشيد گشت، و قلعهٔ نهاوند كه درميان ممالک محروسه واقعست، در تصرف جماعت روميه بود، بنا بر تشييد مباني صلح و صلاح متعرض آن نشد، و هر چند بديشان اعلام تخريب آن مينمود، اثري بجز اهمال و اغفال مشعر بر عدم صداقت و انتهاز فرصت-كه شيمهٔ ذميمهٔ آن طايفه است- نميشد. ناموس سلطنت متحمل اين بار نشده، ايالت پناه شوكت دستگاه حسن خان حاكم همدآن رابحكم:

كاري كه بعقل بر نيايد
ديوانگي در آن بيايد

بتسخير و تخريب آن مامور فرموده در اندک فرصتي مسخر شد، و بعد ازان عنان فيروزي عيان از اصفهان بعزم تسخير ممالک فتح المسالک آذربايجان و مابقي الكاءِ مورثي معطوف داشته چهل روزه راه را در عرض نه روز ايلغار كرده دارالسلطنهٔ تبريز مضرب سرادقات اقبال

شد، و پاشاي انجاکه با لشکر گران برسر اکراد آن حوالي رفته بود، واقف گشته بارادهٔ آنکه خود را بقلعهٔ دارالسلطنهٔ مزبور تواند انداخت، بمقابل عساکر فیروزي مند درآمد. اسیر و دستگیر شد، و قریب بده هزار سوار از مخالفان طعمهٔ شمشیر غازیان شیر شکار گشت.

مومیابي هم دانند کرا خرج شود
هر کجاپشه به پهلو زدن آید با پیل

غازیان نصیري مش بمحاصرهٔ قلعهٔ مزبور مأمور شده در بیست روز آنچنان که قلعه را، مشحون بدو هزار توپ، و پنجهزار تفنگ، و صد هزار من باروط، و ده ساله آذوقه از هر جنسي، و دیگر آلات قلعه داري بود، بتحت تصرف درآوردند، و ازآنجا عازم قلعهٔ نخجوان و ایروان و سایر قلاع آذربایجان که همگي مملو از مردان کاري و اسباب قلعه داري بود، گشته. حکام و مستحفظان قلاع تاب صدمت و صولت نیاورده، جمیع قلاع را انداخته در قلعهٔ ایروان-که محکمترین حصون آن دیار در حصانت و متانت مشهور روزگار و مشتمل بر چهار قلعه و حصارست - اجتماع نمودند. دیو غیرور حصن دماغ پر شر و شور ایشان را مسخر ساخت، و بمحکمي حصار شان فریفته بوادي عصیان انداخت. وچون موضع مذکور در قدیم، سرحد ممالک محروسه بود، بعد از فتح آن تسخیر گنجه و شیروان باسهل وجوه میسرشد. رایات جلال بنصرت و اقبال در آنموضع نزول اجلال فرموده بمحاصره و تسخیر اشتغال نمود، و مدت هفتماه علي الا تصال استمال آلات جنگ و صدمات توپ و تفنگ در کار بود.

درین اثنا سیادت و امارت پناه، معتمدالخاقاني میر محمد معصوم خان ورود عزت نموده صفوت نامهٔ گرامي-که مخبر از فتوحات گونا گون بود-رسانید، ابواب شادماني بر وجنات احوال مخلص کشوده. تیماً این معني را فتح الباب فتوحات دیگر دانست، آخرالامر:

چو دینر قوي بود و رایر درست
مدد بختر از غیر یزدان نجست

مستعیناً من الله، یورش نموده قلاع بیرون را جبراً قهراً مسخر

گردانید، و جمع کثیر از مخالفان بقتل رسیده، مابقي بقلعه اندرون پناه بردند، و در عرض ده روز باره و برج آن قلعهٔ نیز بضرب توپ ویران شد، اهل قلعه را چاره بجز طلب الامان نماند. از عالم مروت جبلي زلات ایشان بعفو مقرون گشته، بجان و مال امان یافتند، و اکثر ایشان در سلک ملازمان خاصه منتظم شدند.

وبا آنکه قریب سي هزار کس و ودوازده هزار اسب و هفتهزار شتر درین قلعه محصور بود، بعد از فتح هنوز آذوقه و مایحتاج چند سال داشتند، و سیادت پناه مشار الیه که قامت قابلیتش ازآرایش تعریف و توصیف مستغني است، بدیدهٔ حقیقت بین مشاهده نموده، درحین تقبیل بساط گردون مساط بمسامع علیه خواهد رسانید. وچون از یمن توجه و ارتباط حضرت عالم پناهي محب نیکخواه را اینچنین فتح، که هیچیک از سلاطین ایران را در هیچ قرن وزمان میسر نشده، که از جماعت رومیه قلعهٔ بجنگ و جدال توانند گرفت—روي داده، سیادت پناه مومي الیه را بجهت تبلیغ این اخبار مرخص ساخته روانهٔ آستان عرش نشان نمود.

مترصدست که پیوسته گلشن التفات و اتحاد را بزلال الفت وداد شاداب داشته، برجوع خدمات و اشارات محرک سلسلهٔ یگانگي باشند.

حق سبحانه و تعالیٰ ظلال ربوبیت را از وصمت زوال و تطرق عین الکمال مصون و محفوظ داراد. انه رؤف بالعباد.

تمت بالخیر!

هن خط میر موصوف لاءِ شاهه عباس جیکي تعریفي لفظ کتب آندا آهن، اهي قابل غور آهن ۽ انهن مان اندازو کري سگهجي تو ته میر معصوم پنهنجي دانشمندیءَ سان بادشاهه جي دل ۾ کيڏو نه وقار پیدا کیو هو ۽ اهوئي وقار سفارت جي به کامیابیءَ جو ضامن ٿیو.

باب اٹويهون

ايران کان واپسي -اڪبر جي وفات ۽ جهانگير جي تخت نشيني

دودمان گورگانيءَ جي روايت ۽ رواج مطابق اڪبر جي بادشاهت جا پويان سال پٽ مشڪلاتن ۽ مسئلن ۾ ڪٽيا. تخت- تاج جي هوس ۽ لالچ ۾ شهزادن جون هڪٻئي خلاف سازشون، درباري اميرن جي پارٽي بازي، باهمي اختلاف ۽ عداوتون، بغاوتون، ايراني ۽ توراني ڏڙي بازي، شاهي نسل سان پيوست ٽيل راجپوتن جي سياست- اهي اُهي بنيادي مسئلا هئا، جڪي، هندستان اندر، همايون کان شروع ٿيا هئا ۽ پوئين هٿ نوڪئي معذور بادشاهه بهادر شاهه ظفر تائين هر بادشاهه جي شروعاتي ۽ آخري دؤر حيات ۾ ڏهرائيا تي رهيا.

همايون سان پائرن جو اختلاف، بغاوت ۽ ڪانئس ڇڄي ڏار ٽيڻ، اميرن جي بيوفائي ۽ باهمي ضد ۽ عناد، جهانگير جي خلاف سندس پنهنجي پٽ خسرو جي بغاوت، پوين ڏينهن ۾ ڪابل ويندي، جهانگير جي پنهنجي اميرن هٿان گرفتاري، نورجهان ۽ پاٽس ابوالحسن جو تخت نشينيءَ تي اختلاف، شهر يار ۽ شاهجهان لاءِ جدا جدا ڪوششون، شاهجهان جي پيءُ سان بغاوت، پٽس جي وفات جي خبر پهچائيندڙ قاصد کي "خوش خبر خان" جو خطاب ڏيئي، سهري ابوالحسن ڏانهن تخت جي سيني وارٽن کي مارائي ڇڏڻ جو پيغام موڪلڻ ۽ ان تي عمل، آخري دؤر حيات ۾ شاهجهان جي پنهنجن پٽن ۾ خوني تصادم، ڏيئرن ۾ دشمني ۽ اميرن جو نفاق - اهي سيئي مسئلا عالم آشڪار آهن. عالمگير جو پيءُ کي جيئري ڪاٺ ۾ وجهي، تخت تي قبضو ڪري ويهڻ، طويل عمريءَ کان تنگ اچي تخت و تاج جي منتظر شهزادن جو سندس موت لاءِ بارگاه ايزديءَ ۾ دست بدعا رهڻ—اهي ۽ ازين قسم اهڙا ڪيئي واقعا آهن، جن جو تواتر ۽ تسلسل "دودمان گورگانيءَ" جي سموريءَ ايامڪاريءَ ۾ برابر قائم رهندو آيو. چنانچه اڪبر اعظم جهڙو عظيم ۽ قوي بادشاه پٽ پنهنجي آخري دؤر حيات ۾ اهڙين مشڪلاتن ۽ مصيبتن کان بچي نه سگهيو.

سندس تڪليفن جي ابتدا دستوري طرح پنهنجي گهر مان ئي ٿي. شهزادي سليم کي خطرو پيدا ٿيو ته پيءُ جو تخت سندس بجاءِ سندس پٽ

خسرو کي — جيڪو خان اعظم جو نياڻو ۽ راجا مانسنگ جو پاٽيجو هو — ملندو. هُن 1008 هـ کان ئي بغاوت جو علم بلند ڪيو. ۽ پاڻ کي بادشاهه سڏائڻ شروع ڪيائين. اهو درد سر اڪبر لاءِ مرڻ گهڙيءَ تائين قائم رهيو. اڪبر جو ٻيو پٽ سلطان مراد ڪثرت شراب نوشيءَ، عياشيءَ ۽ اخلاقي ڪمزوريءَ سبب جواني ۾ (15-شوال 1007 هـ /12- مئي 1599ع) دکن طرف جنگ هلندي مري ويو. جنهن جو سور بظاهر ته اڪبر ظاهر ٿيڻ نه ڏنو. ليڪن بهرصورت پيءُ جي حيثيت ۾، اهو ناسور اندر ئي اندر ڪيس نجهرائيندو رهيو. ٻيو جوان شهزادو سلطان دانيال، جنهن جي نالي پٺيان فاروقي سلطنت خاندیش جو نالو مٽائي "داندیش" رکيو هئائين، سو پڻ ڦوهه جواني ۾ (20- ذي الحج 1012هـ /20- اپريل 1604ع) فوت ٿي ويو. گويا ٻه پٽ مري ويا، ٽيون پٽ- جيڪو تخت جو وارث هو ۽ پيرن فقيرن کان پني روتو هئائين-سو نه فقط سندس مدمقابل بلڪ جان جو دشمن. گهر جو اهو حال هو. دربار جي اندر جيڪي سندس ساٿي سنگتي، هم نفس ۽ راز محرم هئا، جن کي "نورتن" سڏيو ٿي ويو، ۽ جيڪي ئي در حقيقت اڪبر جي سلطنت جا روح، جان، مان ۽ شان هئا، تن ۾ هڪ هڪ ٿي، هي جهان ڇڏڻ شروع ڪيو. راجا بيربل (994هـ) پهرين جدا ٿيو. توڏرمل چار سال کن انهيءَ کان پوءِ (998هـ) فوت ٿيو. فيضي (9 صفر 1004هـ /14- آڪٽوبر 1599ع) جو راهي ملڪ بقا ٿيو. اهي سڀ اڪبر جي خاص الخاص مصاحبين واريءَ مجلس ۽ محفل جا رڪن رڪين هئا، بلڪ بيجا نه ٿيندو جيڪڏهن چئجي ته اڪبر جي عظمت جو ڪارڻ ئي اهڙين شخصيتن جي موجودگي ۽ ساڻ سنگت هو. آخري ڏڪ اڪبر کي ابوالفضل جي جدائيءَ جو (4 - ربيع الاول 1011هـ /12-آگسٽ 1602ع) لڳو. جيڪو شهزادي سليم (جهانگير) جي چرچ ۽ سازش تي نرسنگ راءَ بنديلہ جي هٿان قتل ٿي ويو. جنهن خبر پوڻ تي بادشاهه پنهنجي پڳ لاهي زمين تي اُڇلي ۽ زاروقطار ويهي رُنو — اڪبر هاڻي بلڪل تنها هو. ايڏي وڏي ملڪ ۽ ايڏي وسيع بادشاهت ۾ هڪ به اهڙي منزل ۽ مقام جو ماڻهو ڪونہ رهيو، جنهن کي هو پنهنجي معيار مطابق حال محرم چئي سگهي يا جليس ۽ هم نفس سمجهي سگهي.

انهيءَ پيءِ در پيءِ صدمن جو - جن اڪبر کي جهوري ۽ بيحال ڪري رکيو هو — سلسلو مير معصوم جي موجودگيءَ ۾ ئي شروع ٿي چڪو هو. شهزادي سليم جي بغاوت ته انهيءَ وقت اوج تي هئي، جڏهن مير معصوم

بادشاهه سان گڏ آسير جي محاصري ۾ شريڪ هو. دانيال ۽ ابوالفضل جو حادثو سندس غير حاضري ۾ ٿيو هو. بهرحال جڏهن مير معصوم موٽي دارالسلطنت ۾ پهتو، ان وقت اڪبر تقريباً بيوس ۽ لاچار ٿي چڪو هو. جلال الدين محمد اڪبر جو اگرچه بظاهر جاه جلال تہ قائم هو، ليڪن انهيءَ جلال ۾ اها جان ڪانه هئي ۽ نہ اهو جمال موجود هو، جيڪو انهيءَ شخص جو خاصو هو. شهزادو سليم گرفتار ٿيو، پنهنجن جي وچ ۾ اچڻ سبب پيءُ پٽ ۾ صلح ٿيو. ۽ آخر ۾ بادشاهه عافيت ۽ مصلحت انهيءَ ۾ ڏٺي تہ پنهنجي جيئري سندس وليعهديءَ جو سرڪاري طرح اعلان ڪري، سندس خدشن کي دور ڪري. چنانچہ هُن ائين ڪيو تہ سَهي، پر هاڻي بادشاهه جي خود پنهنجي بادشاهت خواه صحت جو ڏينهن بہ لڙي چڪو هو، نيرڙيءَ ٽپهريءَ تي پاڇا اچي چڪا هئا ۽ غروب اکين ٿي ڏٺو.

مير جي آمد جو مذڪور: ٿي سگهي تہ، ٻيا اسباب بہ هجن، ليڪن هڪ سبب اهو بہ آهي جو دربار ۽ دارالسلطنت جي انهيءَ صورتحال سبب— جنهن جو سرسري نقشو مٿي بيان ڪيو ويو—مير واري سفارت جي واپسيءَ جو ذڪر معمولي طرح بن سٽن ۾ ڪيو ويو آهي. سال 1013هـ جي آخري مهينن ۾ مير ايران کان موٽي آگري پهتو هو، دربار ۾ انهيءَ زماني ۾ سنڌ جو والي ميرزا غازي ترخان — جنهن لاءِ باغي ٿي وڃڻ جون رپورٽون پهتل هيون— ابوالقاسم نمڪين ۽ سعيد خان چغتائيءَ سان گڏجي اچي پهتو هو [1]. مير معصوم اگرچه واپسيءَ تي سنڌ مان ٿيندو آيو هوندو، ليڪن تفصيل سان وطن جو احوال، ميرزا غازيءَ يا مير ابوالقاسم نمڪين کان جيڪو انهيءَ زماني ۾ سيوهڻ جو جاگيردار هو-ڪيس مليو هوندو.

مير صاحب جي آمد جو ذڪر اڪبر نامہ جي تڪملہ نويس سال 49 جلوس (1013 هـ) ۾ ڪيو آهي، جيڪو 27 شوال 1013 هـ تي ختم ٿئي ٿو. جنهن مان ظاهر آهي تہ شوال جي مذڪوره تاريخ کان اڳ، جڏهن تہ ايا 49 سال جلوسي ختم نہ ٿيو هو، مير آگري ۾ پهچي چڪو هو. اڪبر جي سلطنت جو پنجاهون سال 28 شوال 1013 هـ (11-مارچ، 1605ع) کان شروع ٿيو، جنهن ۾ اڪبر اوچتو پيچش ۽ اسهالن جي ڪري بيمار ٿي پيو، جيڪا بيماري آخر سندس موت جو سبب بڻي.

آگري جو قيام: اڪبر جي زندگيءَ جا آخري 6-7 مهينا مير معصوم

---

[1] هن مسئلي ۾ منهنجو ڪتاب- "ميرزا غازي ترخان اور اس کي بزم آداب"ڏسڻ گهرجي.

آگري ۾ ڪيئن گذاريا، بادشاهه ساڻس ڪهڙو سلوڪ ڪيو، هو آگري ۾ رهيو يا ٻاهر به ڪاڏنهن نڪتو، انهيءَ سلسلي ۾ ڪوبه اطلاع ڪونه آهي. بهرحال اڪبر انهيءَ پنجاهين سال جي وچ ڌاري اوچتو هڪ صدمي [1] سبب اسهالن ۾ مبتلا ٿي تاريخ (14 جمادي الاول 1014هه/17 آڪٽوبر 1605ع) [2] جو 64 ورهن ۽ 11 مهينن جي ڄمار ۾ رات جي وقت فوت ٿيو. جهانگير جي ذهني ڪشمڪش ۽ مزاجي بي اعتماديءَ جي ڪيفيت ختم ٿي. رسم موجب هفتو پيءُ جو سرڪاري پيماني تي سوڳ ڪري 20 جمادي الثاني 1014هه/24 آڪٽوبر 1605ع جو "نور الدين محمد جهانگير بادشاهه غازي" جي نالي سان هندستان جي مغل سلطنت جي چوٿين بادشاهه جي حيثيت ۾ تخت ٿي ويٺو.

مير معصوم جي ڪڍيل تاريخ: مير معصوم تخت نشينيءَ جي وقت موجود هو ۽ حسب دستور هن نئين بادشاهه جي تخت نشينيءَ جي تاريخ ڪڍي، جيڪا آگري قلعي جي دهلي دروازي تي ڪتبي جي صورت ۾ موجود آهي:

(1) شاهِ جهان چون گرفت جاي بتختِ شرف
تخت ز رفعت نهاد، بر زسر چرخ پا

(2) دست دعا بر کشاد، پير فلک از نشاط
گفت که: بادا مدام حکم تو فرمان روا

(3) خواست که نامي کند سال جلوسش رقم
بود در آندم لبش پر زثنا (و دعا)

(4) ميل دو چشم حسوديک الفش کرد و گفت
باد جهان بادشاه شاه جهانگير ما
قايله و راقمه محمد معصوم البکري [3]

اهڙيءَ ريت مير معصوم همايون جي ڏينهن ۾ هن دنيا اندر آيو، اڪبر جو زمانو سرڪاري ملازمت ۾ گذاري، ٽئين چغتائي بادشاهه جهانگير جي دؤر ۾ داخل ٿيو.

---

(1) ڏسو بلاخمن، ص 520-521. تزک، لولکشور، 16-17
(2) ڏسو بلاخمن، ص 222. سمٿ، ص 337
(3) ڊاڪٽر عبدالله چغتائيءَ جي نقل تان ورتل، ۽ آرڪيالاجيڪل سروي آف انڊيا، 72-1871ع، ص ص 115-112.

باب ويهون

بکر واپسي

جهانگير پيءُ سان بغاوت جي جيکا روايت قائم ڪئي. سان تخت نشين ٿيندي شرط ڪيس بہ آڏو آئي. پٽس خسرو پنهنجي ڏاڏي جي زندگيءَ ۾ پنهنجي سَهري خان اعظم ڪوڪہ ۽ پنهنجي مامي راجا مانسنگ جي مرضيءَ ۽ منشا مطابق اڪبر ڪان پوءِ تخت نشين ٿيڻ جا خواب ڏسي رهيو هو. تنهن پيءُ کي تخت نشين ٿيندو ڏسي، ڪلر ڪلا بغاوت شروع ڪري ڏني.

جهانگير 20 جمادي الثاني 1014هـ (24-آڪٽوبر 1605ع) جو تخت نشين ٿيو. ايا تخت نشينيءَ جا روايتي مراسم ختم ٿيا ئي ڪين هئا، تہ 8- ذي الحج 1014 هـ (6-اپريل 1606ع) جو خسرو آگري مان فرار ٿي، پنجاب طرف روانو ٿيو. اهڙيءَ طرح جهانگير جي گهر ۾ گهوٽالو پئجي ويو ۽ سندس خاص مصاحبن جو سمورو توجهہ انهيءَ طرف ٿي ويو. تنهنڪري تاريخ جو قلم پڻ انهيءَ سلسلي ۾ روان دوان ٿيو. اهوئي ڪارڻ آهي، جو جهانگير تخت تي ويهڻ بعد جيڪڏهن مير معصوم جي سلسلي ۾ ڪو حڪر ڪيو تہ انهيءَ جي نوعيت جو ذڪر ڪونہ تو ملي، اگرچہ "تزڪ" ۾ سندس جي بن اميرن متعلق هن جيکي حڪر ڪيا، انهن جو ذڪر ملي ٿو.

مير ابوالقاسم نمڪين، جيکو اڪبر جي وفات کان اڳ حڪر پٽاندر ميرزا غازي ترخان کي نٽي مان وٺي اچي دربار ۾ پهتو هو، يا ميرزا غازي جيکو تخت نشينيءَ وقت موجود هو، انهن جي لاءِ جهانگير جيکي ڪجهہ حڪر ڪيا، انهن جو مذڪور آيو آهي، ليڪن مير معصوم جيکو يقيناً سندس تخت نشينيءَ وقت دارالسلطنت ۾ موجود هو، انهيءَ جي متعلق جهانگير ڪجهہ ڪونہ لکيو آهي، حالانڪ سندس والد جي قديم ۽ اهم اميرن مان هو ۽ تازو ايران جي سفارت تان ڪاميابيءَ سان واپس ٿيو هو.

اڪبر نامہ جي تڪملہ نويس مير نمڪين ۽ ميرزا غازيءَ جي شاهي حضور ۾ بازيابيءَ ۽ انعام ملڻ جو مذڪور آندو آهي [1]، ليڪن مير معصوم

---

[1] (سال 50 اکبري 1013هـ) چهار دهر مهرماه الٰهي سعيد خان با پور خود و ابوالقاسم نمکين ملازمت نمود و ميرزا غازي پور ميرزا جاني ترخان از تتہ آمده جبين بسجود آستان اقبال نوراني ساخت و گزيده پيشکش بہ نذرانہ گزرانيد. هيژدهر بہ ميرزا غازي و ابوالبقا اوزبک گوهر مرصع و بہ عابدي خواجہ جمدهر مرحمت شد. (اکبرنامہ، 3: 839)

جي سلسلي ۾ فقط ايران کان پهچڻ جو اطلاع درج ڪري خاموش ٿي ويو.

امين الملڪي: مير معصوم کي "امين الملڪ" جي خطاب سان سڀ کان پهرين اڪبر پنهنجي خط ۾ ياد ڪيو آهي. ڄهانگير جي دؤر ۾ پهريون اطلاع جيسلمير جي ٻن ڪتبن مان ملي ٿو، جن ۾ کيس انهيءَ خطاب يا عهدي سان ياد ڪيو ويو آهي. جيسلمير جي گورنمينٽ هاءِ اسڪول جي عمارت تي هيٺيون ڪتبو آهي:

(1) اين تازه بنا چو مير معصوم نهاد
چرخِ فلکش ديد و برو تحسين گفت
هنگام بنا چو خلق کردند دعا
از هر طرفي خيل ملک آمين! گفت

(2) چون بود ز سنگ، سال بنيادش عقل
بنياد نمود خانهٔ سنگين—گفت

(3) نواب سيادت پناه ابوي ام امير محمد معصوم البکري النامي المخاطب بہ امين الملک بجهت يادگار اين عمارت بنا فرموده 1014 هـ.

ساڳيءَ ئي عمارت تي ٻيو هي ڪتبو آهي:

(1) نواب سيادت و
(2) نقابت پناه ابوي ام
(3) امير محمد معصوم بکري
(4) المتخلص بالنامي و
(5) المخاطب بہ امين الملک
(6) اين سر منزل بجهة
(7) آسايش خلايق بنا نمود
(8) حرره العبد
(9) مير بزرگ
(10) 1014 هـ

انهن ذريعن بعد پهريون ڪتابي اطلاع "ذخيرة الخوانين" جي مصنف ڏنو آهي، جيڪو بکر جو رهاڪو هو ۽ انهيءَ گهراڻي سان اُٿي ويٺي پڻ هيس. ليڪن سندس اطلاع بنيادي طرح غلط آهي. لکي ٿو:

"سال 1015 (؟) ۾ هند کان وطن رسيو...عمر جي آخري زماني ۾ پنهنجي وطن ۾ امين الملک تي پهتو"[1].

"مائر الامرا" جو ماخذ اهو ڪتاب آهي، تنهنڪري انهيءَ جي مصنف پڻ ساڳيو مطلب ڏهرايو آهي:

"در سن 1015(؟) از درگاه جنت مکاني بعنوان امين الملکي به بکهر رفته بود" [2].

انهن لکيتن ۾ سال غلط ۽ "امين الملک" ٽيڻ جو زمانو به غلط بيان ٿيل آهي.

بکر واپسي، رمضان 1014هـ: مير آگري کان موڪلاڻي ڪري، 1014هـ ۾ وطن وريو آهي، ۽ ورندي هو وات تي به ڪتبا هٽي، واپسيءَ جي مسئلي کي صاف ڪيون آيو آهي. هڪ ڪتبو جيپور ۾ "نراڻ تلاءَ" جي وڏي ترپو ليه دروازي تي لڳل آهي، جنهن جي عبارت آهي:

چند بخسپي تو، درين خوابگاه

خيز که بسيار دراز است راه

قايله و راقمه محمد معصوم البکري النامي 1014 هـ

ٻئي ڪتبي مان واپسيءَ جو مهينو پڻ خوش قسمتيءَ سان معلوم ٿئي ٿو. جيڪو آگري ۽ فتح پور جي وچ ۾ مدهاڪر ڳوٺ جي هڪ مسجد تي آهي، جيڪا سليم سلطان جي باغ ۽ مدفن گاه ۾ آهي. انهيءَ مسجد تي به متصل ڪتبا لڳل پانئجن تا. پهريون ايران وڃڻ واري سال جو آهي:

"بند گان حضرت ظل الـهي بعد از فتح دکن بنده را از آگره به جانب عراق و خراسان سنه 1010 هـ مرخص فرمودند. حرره محمد معصوم بکري بن سيد صفائي المتخلص به نامي".

هي ٻيو ڪتبو آهي، جيڪو مٿئين سان گڏ لڳل آهي:

"مـن معـدن الافکـار

بـُختيءَ عمر ست چنان راهوار — کش نتوان بازکشيدن مهار

نـامي ازين ره دلت آگـاه به — ساز به اندازه ازيـن راه به

---

(1) درسال 1015 از هند بوطن رسيده...در آخر عمر که امين الملک ديار وطن خود شده آمد...(1: 204)

(2) 3: 327 "جنت مکاني" جهانگير کي مرڻ بعد سڏيو ٿي ويو ۽ "عرش آشياني" آکبر لاءِ مخصوص هو.

قايله و کاتبه محمد معصوم النامي والبکري
تحرير في شهر رمضان 1014 هه"[1]

انهيءَ ڪتبي مان ظاهر ٿئي ٿو ته مير معصوم جهانگير جي تخت نشينيءَ (جمادي الثاني 1014 هه) کان ٻه مهينا پوءِ پنهنجي وطن وريو. تخت نشينيءَ جي موقعي تي موجود هو، ليڪن ڪنهن به انعام اڪرام، منصب يا تقرر جو جهانگير يا ٻئي مورخ ذڪر ڪونه ڪيو آهي.

مير صاحب ڪم وبيش 70-71 سالن جي ويجهو اچي چڪو هو. اڪبر بادشاهه، جنهن جي دور ۾ هن اميري ماڻي ۽ جواني گذاري، سو لاڏاڻو ڪر چڪو، هاڻي نئون بادشاهه ۽ نئون زمانو هو، پاڻ مير صاحب به ٻاهر رهي ملازمت ڪرڻ جهڙو ڪونه هو، تنهنڪري جهانگير جي تخت نشينيءَ بعد ٻه مهينا کن دار السلطنت ۾ رهيو ان کان پوءِ رمضان م روانو ٿي واٽ تي يادگاري ڪتبا هڻندو سوانح نگارن لاءِ آساني ڪندو بکر هليو آيو، جيئن حياتيءَ جا باقي ڏينهن آرام ۽ آسايش سان پنهنجي وطن ۽ پنهنجي مائٽن ۽ دوستن جي وچ ۾ بسر ڪري حياتيءَ جا باقي ڏينهن پورا ڪري.

---

[1] "آثار اکبري" يعني تاريخ فتح پور سيکري، از: محمد سعيد مارهروي، ص. 41-42. آگره، 1324هه/1915ع. سليمه سلطان بيگم، پهريون بيرم خان جي نڪاح ۾ هئي، پوءِ اڪبر شادي ڪئي، اهو انهيءَ بيگم جو باغ هو. پاڻ به انهيءَ ۾ دفن ٿي. باغ ۽ مدفن ٻئي ڊهي نابود ٿي ويا آهن. اها جاءِ "باغ شاهي" جي نالي سان سڏجي ٿي. آگري کان مدهاڪر 12 ميلن تي آهي. مسجد جنهن تي ڪتبو آهي، انهيءَ جي سائيز 42x 23 انچ آهي، صحن سمي اراضي 59x 42 فوٽ آهي. انهيءَ جي ٿنڀي تي اهو ڪتبو آهي. جهانگير جي دور ۾ بيگم جو انتقال ٿيو ۽ سندس حڪم موجب اُتي دفن ٿي، جنهن جو ذڪر هن "تزڪ" ۾ ڪيو آهي. (تزڪ، نولڪشور، ص. 114.)

باب ايڪيهون

وفات

مير معصوم جي وفات جي سلسلي پهرين مبهر ڪتابي اطلاع "ذخيرة الخوانين" جي مصنف هنن لفظن ۾ ڏنو آهي:

"در سال 1015 هـ از هند بوطن رسيده داعئ حق رالبيک اجابت کرد..." [1]

انهيءَ جو نقل ماثر الامرا جي مصنف تقريباً ساڳين لفظن ۾ هن طرح ڪيو:

"در سنه يک هزار پانزده از بارگاه جنت مکاني بعنوان امين الملکي بـ بهکر رفته وديعت حيات سپرد" [2].

پين تذڪره [3] نويسن ماثرالامرا جي تقليد ۾ وفات جو سال 1015هـ لکي ڇڏيو. جهڙوڪ: نتائج الافڪار، گل رعنا، انيس العاشقين، نشتر عشق ۽ شمع انجمن وغيره. اهي تذڪرا هڪئي تان نقل ڪندا رهيا آهن، فقط "روز روشن" جي مصنف غالباً "آفتاب عالمتاب" جي تقليد ۾ [4] سندس وفات جو سال 1019 هـ ڏنو آهي. لکي تو:

"...ودر سنه تسبع عشر و الف (1019هـ) رخصت حاصل کرده بوطن رفت و همان سال در آنجا بجوار رحمت ايزدي پيوست" [5]

انهيءَ عبارت کان پوءِ تاريخ جو هيءُ مصرع ڏنو اٿائين:

---

[1] ذخيره 1: ص. 204.

[2] ماثر 3: ص. 327.

[3] انهن تذڪرن جون عبارتون هن ريت آهن:

گل رعنا: درسنه خمس عشر و الف از بارگاه جهانگير رخصت گرفته بعنوان امين الملکي بوطن خود بکر رفت و در همان سال آنجا وديعت حيات سپرد" (خطي)

انيس العاشقين: وفات مير در سنه 1015هـ يک هزار و پانزده اتفاق افتاده..."(خطي)

نشتر عشق: آخر سني در سنهٔ يک هزار پانزده از درگاه جهانگيري رخصت حاصل کرده در وطن خود بـ بهکر آمدو بهمان سال در گذشت..." (خطي)

نتائج الافڪار: ... در سنه 1015هـ خمس و عشر و الف از پيشگاه جهانگيري بتقرب امين الملکي دستوري يافته بوطن خود شتافت و در همان سال بسفر آخرت پر داخت..." (مطبوعـ)

شمع انجمن: ...درسنه 1015 هـ دربهکربمرد..." (مطبوعـ، ص. 466.)

[4] مضمون، شمس الله قادري: رسالـ تاريخ جنوري 1929ع

[5] ص. 679.

بوده نامي صاحب ملک سخن (1019 هـ).

انهيءَ تاريخي مصرع جي غير صحيح اندارج جي سببان ڊاڪٽر دائود پوٽي مرحوم قبر تي، اُڪريل مصرع کي غلط سمجهي [1]، مير جي وفات جو سال 1019هـ قبول ڪيو. "بود" ۽ "بوده" جو قصو چيڙي، اهو مفروضو قائم ڪيو ويو آهي. مولانا شفيع لاهوريءَ سڀ کان پهريون "روز روشن" جي مصرع کي صحيح سمجهي پنهنجي مقالي ۾ درج ڪيو [2]، جنهن کي پنهنجي تائيد ۾ ڊاڪٽر صاحب پڻ آندو آهي. هن بزرگ محققن کان اها سهو تعجب انگيز آهي. قبر تهي پاڻ ڏني، جنهن تي تاريخ جو مصرع بلڪل روشن، صاف ۽ واضع موجود آهي، فني لحاظ سان پڻ مصرع ۾ ڪو سقم موجود نه آهي.

وفات جي تاريخ ۽ سال: جيئن گذريل باب ۾ ڏيکاريو ويو، مير صاحب اگري کان رمضان 1014هـ ۾ موٽيو ۽ ساڳئي مهيني ۾ ڳوٺ پهچي ويو. اهو سفر نه فقط دارالسلطنت جو سندس آخري سفر هو بلڪ مير صاحب جي زندگيءَ جو پڻ پويون سفر ثابت ٿيو. ۽ ڳوٺ پهچڻ شرط معلوم ٿئي ٿو ته ڪنهن اوچتيءَ بيماريءَ ۾ مبتلا ٿي پيو، جنهنڪري ٻن مهينن کان پوءِ رخت حيات ٻڌي، اڳئين جهان ڏانهن راهي ٿيو.

مير صاحب جي قبر جي پيراندي‌ءَ کان لوڙهه تي هيٺان تاريخي شعر بلڪل صاف ۽ خوش خط اڄ به ائين لڳن تا جڏ ڪالهه ڪنهن اُڪيريا آهن:

ميـــر معصـــوم، آن مرِ بـــرج شـــرف
آفتـاب شـرع و ديـن، فخـرِ زمـن
زوز جمعـــه، ســـادس ذي الحـــج گشـــت
عـــازم جنـــت بـــامرِ ذوالمنـــن
ســـال فوتـــش از خـــرد جســـتر، بگفـــت:
بـود نـامي، صـاحب ملـک سـخن

انهيءَ قطعه مطابق مير صاحب رمضان ۾ ڳوٺ پهتو، ۽ مهينا مس رهيو، جمع ڏينهن 6-ذي الحج 1014 هـ (4- اپريل 1606ع) جو سندس انتقال ٿيو. اها

---

[1] ڏسو مقدمو معصومي، (يز) ڊاڪٽر صاحب جو خيال آهي ته دال ساڪن هجڻ گهرجي، تنهنڪري قبر تي اُڪريل مصرعه غلط آهي؟

[2] اورينٽل ڪاليج ميگزن، آگسٽ 1937ع.

تاريخ سندس فرزند مير بزرگ جي تصنيف ڪيل آهي- جيئن منهنجي مرحوم دوست احسن ڪربلائيءَ حيدرآباد جي ٽالپرن واري شاهي ڪتبخاني جو ذڪر ڪندي لکيو آهي ته "(مون) پاڻ مير معصوم جو ديوان سندس شخصي نسخو ڏٺو جنهن تي مير صاحب جي هٿ اکرين هيءَ عبارت هئي:

"ايـن كتـاب حـق ملكـ ميـر معصـوم ترمـذي قنـدّاري غـره شوال 1012 هجري — راقم معصوم بكري".

انهيءَ نسخي تي مير بزرگ جي هٿ اکرين هيٺين عبارت هئي:

"(1) تاريخ وفات حسرت آيات

(2) مرحوم مغفور جناب مغفرت مآب حضرت قبلہ و كعبہ من مير معصوم ترمذي بكري عليـه رحمـة و الغفران تـاريخ ششـر ذي الحج 1014 هجري يوم جمع وقت هفت ساعت صبح ازين جهان فاني بعـالم جاوداني رحلت فرمودن د"

انهيءَ عبارت بعد متي درج ڪيل قطعو ڏنو ويو آهي، ۽ آخر ۾ آهي:

"راقم المصنف مير بـزرگ بتـاريخ پـانزدهم ذوي الحـج 1014 هـ" اها عبارت مرحوم ڪربلائيءَ پنهنجي مضمون ۾ نقل ڪئي آهي [1]، جنهن ڪي لفظ بلفظ هتي ڏنو ٿو وڃي. ممڪن آهي عبارت جي املا ۾ ڪي معمولي غلطيون يا ڦير گهير ٿي ويئي هجي. بهر صورت انهيءَ عبارت بعد انهيءَ ۾ شڪ جي گنجايش باقي نٿي رهي ته:

(الف) مزار تي درج تيل ڪتبو، سال ۽ مهينو ۽ ڏينهن اهوئي آهي جيڪو ديوان تي ڏنو ويو.

(ب) ڪربلائيءَ صاحب جي لکت مطابق تاريخ مير بزرگ جي تصنيف تيل آهي، جنهن ڪي هن وفات ڪان ڏهـ ڏينهن پوءِ تصنيف ڪري ديوان تي، جيڪو مير معصوم جو پنهنجو ۽ خانداني نسخو هو، لکي ڇڏيو.

(ج) وفات جمعي ڏينهن ستين ٻجي صبح جو ٿي.

عمر: مير صاحب جي خانداني روايت تي اعتماد ڪندي، جيڪڏهن سندس تولد 944 هـ ۾ فرض ڪجي تو، ته وفات وقت سندس عمر ستر ورهيہ ٿئي ٿي، پر

---

[1] نيئن زندگيءَ، فيبروري 1954ع ص. 33.

جيڪڏهن تقي ڪاشيءَ جي بيان کي ڏسندي 1012هـ ۾ مير صاحب کي 60 ورهين جو شمار ڪجي، تہ ان صورت ۾ هن 62-63 ورهين جي ڄمار ۾ هيءُ جهان ڇڏيو.

بهر صورت هندستان مان موتي اچڻ شرط يقينن ڪنهن اوچتيءَ بيماريءَ ۾ سندس پڃاڻي تي، جيڪا ڳالهہ پنهنجي جاءِ تي واقعي تعجب خيز آهي ۽ انهيءَ ڪري ئي مولوي شفيع ۽ ڊاڪٽر دائود پوٽي 1015 هـ واري سال تي باور نہ ڪندي، پاڻجي تہ 1019 هـ واري سال کي ترجيح ڏني.

مير مرحوم جو آبائي قبرستان اڳ ئي سکر ۾ نهايت پر فضا مقام ۽ نظاري واريءَ جاءِ تي موجود هو، جتي هو پنهنجي والد جي پاسي ۾ دفن ٿيو.

مير صاحب جي وفات تي سندن جي ذهني ۽ ثقافتي تاريخ جو هڪ پربور باب ختم ٿيو. اهو سڌ ستر ورهين جو (944-1014 هـ) طويل عرصو هر لحاظ سان سندن - هند خواهہ ايران ۽ ماوراالنهر جي سياسي تاريخ لاءِ اهم ۽ وڏيءَ اٽل پٽل جو هو. هندوستان جي تاريخ ۾ سوري (947-962 هـ) ۽ مغلن جي ڪشمڪش رهي، همايون ايران ڏانهن فرار ٿي ويو. ڪجهہ سالن بعد (962هـ) موتي آيو. اڪبر سندن ۾ ڄائو (949 هـ). تخت نشين ٿيو (963هـ). فوت ٿيو ۽ جهانگير سندس جانشين ٿيو. افغانستان اندر مختلف حصن مٿان جدا جدا قبضا ٿيندا رهيا ۽ قابض بدلبا رهيا. ايران ۾ بہ وڏا بادشاهہ تخت نشين ٿيا. طهماسپ اول (930-984 هـ) جنهن همايون کي پناهہ ڏني ۽ شاهہ عباس اول (996-1038 هـ) جنهن ايران ۾ ڏارين جا قبضا ڇڏائي يڪجهتي آڻي ملڪ متحد ڪيو. هند جي مغل حڪومت ۽ سندس درميان تعلقات ڪشيدا هئا، جن کي مير معصوم وڃي درست ڪيو. ماورا النهر ۾ 940 کان 1007هـ تائين شيباني خاندان جا (9) خان تخت تي وينا، جن مان عبدالله خان ثاني (991-1006هـ) اهم بادشاهہ ٿيو، جنهن خراسان، افغانستان ۽ مغل سرحدن جي سياست تي وڏو ڪردار ادا ڪيو ۽ اڪبر خواه شاهہ عباس جي درميان تعلقات تي اثرانداز رهيو. هندوستان ۾ اڪبر پنهنجي سلطنت جون حدون وڌايون، جن جي توسيع ۾ مير معصوم شريڪ رهيو. مثلاً بنگال، گجرات، خانديش وغيره طرف مير معصوم سيني جنگين ۾ شريڪ هيو. الغرض مير صاحب انهيءَ ستر سالہ تاريخ جو هڪ مکيہ ڪردار هو، جنهن کي تاريخ ڪنهن بہ صورت ۾ نظر انداز ڪري نٿي سگهي.[1]

---

[1] (ڪراچي، 15-7-1978ع)

باب باويهون

خانگي زندگي، سيرت ۽ ڪردار

مير معصوم جي هلت چلت، زندگيءَ جي روش ۽ سندس مشغولين مان يا جنهن طور طريقي سان هُن پنهنجو وقت گذاريو، انهيءَ منجهان ظاهر آهي ته پاڻ نهايت اوچي اخلاق ۽ اعليٰ ڪردار جو انسان هو. همدردي، خوش خلقي، خوش وضعي، خدا ترسي، زهد، عبادت گذاري، پرهيز گاري، علم دوستي ۽ چگن ماڻهن سان صحبت ۽ سنگت، سندس ڪردار جون خاص وصفون ۽ علامتون هيون. سڀني سوانح نگارن سندس انهن اوصافن جي واکاڻ ۽ ساراهه ڪئي آهي. تقي ڪاشيءَ ڪيس "انساني صورت ۾ ملائڪ" سڏيو آهي.

معاصر ۽ مقامي مورخن جي راءِ: نظام الدين احمد، جيڪو سندس ابتدائي زندگيءَ جو ساڻي ۽ سرپرست هو، تنهن سندس "پرهيزگار ۽ متقيءَ" هجڻ جي تعريف ڪئي آهي ۽ چوي ٿو ته سالن تائين ساڻس سندس سات سنگت رهيو [1]. جهانگير بادشاهه پنهنجي نالي ۾ مطربي سمرقنديءَ کي تذکرو "تبرڪ طور" پنهنجي تذڪري ۾ شامل ڪرڻ لاءِ ڏنو، تنهن ۾به هُن ساڳيءَ نظام الدين واريءَ عبارت جو اعادو ڪيو آهي [2]. ملان عبدالقادر بدايوني، پنهنجي دور جو متعصب ۽ نڪر مُلا، سخت گير ۽ تنگ دل مؤرخ آهي. اڪبر جي سموري دور تي ناراض ۽ گهٽو ڪري سڀني اميرن ۽ قابل ذڪر ماڻهن کان ناراض ۽ نالان آهي. مير معصوم جي سلامت طبعي ۽ پسنديده روش جو اهو وڏي ۾ وڏو ڪمال آهي، جو اهڙي تنڪ مزاج ۽ تنگ حوصلي شخص سان سندس مراسم دوستانه، نهايت خوشگوار ۽ استوار هئا. ملان صاحب سندس اخلاق، دوريش صفتيءَ، انساني فضيلت، ديانتداريءَ، سخاوت، شجاعت، تقويٰ ۽ پرهيزگاريءَ مان مطمئن، اُنهن اوصافن جو معترف ۽ انهن متعلق رطب اللسان آهي. [3] اهڙي مؤرخ جو سرٽيفڪيٽ مير معصوم

---

[1] طبقات: ...جوانيست بصلاح و تقويٰ آراسته...(2: 500.)

[2] تذڪرة الشعرا، ص 15.

[3] ...با اخلاق درويشانه متخلف و بفضائل و ڪمالات انساني متصف و به ديانت و امانت و شجاعت و سخاوت مشهور...بصلاح و تقويٰ و ورد و نماز و تلاوت مقيد است..." (بدايوني 3: 364.)

جي انساني ڪمال جي انتها جو يقيناً دليل سمجهڻ گهرجي.

تقي ڪاشيءَ جو قول: انهن مقامي مصنفن کان سواءِ، جن مير معصوم ڪي ڏٺو، ساڻس محفل ۽ مجلس ڪئي، انهن ۾ چوٽون تذڪره نويس هڪ غير هندي يعني تقي ڪاشي آهي، جنهن ڪاشان ۾ ساڻس ملڻ بعد، سندس شخصيت کان متاثر ٿي، قلم کنيو. جيڪي هُن لکيو آهي، انهيءَ مان جيڪڏهن لفظن جي سينگار ۽ عبارت جي ٺاٽ کي ڇڏي، حاصل مطلب کي ونجي، ته مير صاحب جي شخصيت هن طرح سامهون اچي ٿي—

- ❖ مير معصوم بکر جي عظيم ۽ اشراف ساداتن مان هو.
- ❖ سڄي هندستان جي اڪابر فاضلن منجهان سندس شمار ٿيو ٿي.
- ❖ ايران ۽ توران اندر سندس جهڙو اخلاق ۾ اُجو، طبيعت ۾ شاندار، مان ۽ سومان ۾ اعليٰ امير ملڻ ممڪن ڪونه هو.
- ❖ سندس خوش اخلاقيءَ، فضيلت، شفقت ۽ رحمدليءَ جي هاڪ عام خاص ۾ مشهور ۽ معروف هئي.
- ❖ صفائيءَ، پاڪيزگيءَ، تقويٰ، پرهيزگاريءَ، طاعت ۽ عبادت گذاريءَ جي ڪثرت ۾ جهڙس شايد ئي ڪو بيو هوندو.
- ❖ فرائض ۽ سنتن جي پابندي، نماز باجماعت ادا ڪرڻ جي عادت ابتدا کان آخر تائين، جڏهن ته سندس عمر ڪاشان ۾ پهچڻ وقت 60 ورهيه هئي، قائم رهي. ڏينهن رات جا نفل ۽ تهجد ڪڏهن قضا ڪونه ٿيس.
- ❖ بکر جي جامع مسجد ۾—جيڪا پاڻ نهايت شان شوڪت سان ٺهرائي اتائين—پابنديءَ سان پنج وقتي نماز باجماعت ادا ڪندو آهي، انهيءَ ڪري سندس سيئي متعلقين ۽ احباب به لازمي طرح مسجد ۾ حاضر رهندا آهن.
- ❖ بهادريءَ، شهسواريءَ، ترڻ ۽ تير هڻڻ ۾ سندس ثاني شريڪ مشڪل ملندو.
- ❖ فهم، فراست، عقل، سليقي ۽ معاملہ فهميءَ ۾ يگانۂ روزگار هو.
- ❖ شعر و سخن يا ذوق جي لحاظ سان سيني شاعرن جو اڳواڻ چئجي ته هوند بيجا نہ ٿيندو. خراسان ۽ عراق تائين سندس فن ۽ ڪمال جا متعرف موجود آهن.

❖ پنج مثنويون ڇيون اٽائين، جن مان "راي و صورت" ليليٰ مجنون جي بحر ۾ ۽ "حسن و ناز" يوسف زليخا جي وزن تي آهي. انهن ٻنهي ۾ خيال جي لطافت ۽ معنيٰ آفرينيءَ جو ڪمال ڪري ڇڏيو اٽائين. هندستان جا سخن شناس ۽ خراسان جا نڪتہ سنج هن راءِ تي متفق آهن تہ انهن ٻنهي ڪتابن جي اڪثر حصن ۾ پاڻ مولانا جاميءَ کان گوءِ ڪٽي ويو.

ايران ۾ مير معصوم جيڪو سفر ڪيو، انهيءَ جي روئداد يا انهيءَ متعلق عام پيدا ٿيل احساسات، هن لکيا آهن، جن مان پڻ مير صاحب جي زمانہ شناسي، شان شوڪت ۽ سندس غير معمولي ذهانت، معاملہ فهمي ۽ شخصيت جو اندازو ٿئي ٿو—

❖ ايران ۾ نهايت شان سان آيو. هزار سپاهي سوار ۽ پيادا سندس خدمت ۾ هئا.

❖ جنهن شهر ۾ پهتو تي، اتي جي سرڪاري اميرن ۾ ڪامورن، غير سرڪاري بزرگن ۽ اهر ماڻهن نهايت خوشدليءَ سان سندس استقبال ڪيو تي. پاڻ سفر جي صعوبت ۽ ڪلفت کي پاسي رکي، سيني سان نهايت وقار، تمڪنت، تحمل ۽ از حد خوش اخلاقيءَ سان ملندو رهيو تي.

❖ دستور مطابق هر شهر جي معزز ماڻهن سندس خدمت ۾ سوغاتون، سوڪڙيون ۽ دعوتون آنديون تي، ليڪن پاڻ ڪابہ شيءِ قبول ڪانہ تي ڪيائين—جيتوٽيڪ انهيءَ سموري ڪٽڪ تي، جيڪو ساڻس گڏ هو، سندس زبردست خرچ تي رهيو هو، جيڪو هن شخصي طرح برداشت ڪيو تي.

❖ ٻين جا تحفا قبول ڪرڻ جي بجاءِ، هو اُلٽو هر ملاقاتيءَ کي انهيءَ جي حيثيت ۽ منصب کي لحاظ ۾ رکي، هڙان ڪانہ ڪا سوغات ڏيئي ۽ هر هڪ تي مختلف قسم جا احسان ڪري، سڀ کي پنهنجو گرويدو ڪندو تي رهيو. لٽو، پهراڻي، سوڪڙي، نشاني، مطلب تہ جيڪو وٽس آيو تي، سو خالي هٿين ڪونہ تي وريو.

تقي ڪاشيءَ پنهنجي ذاتي ملاقات جو تاثر هنن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي:

"چون بدار المومنين کاشان رسيد، مسود اين اوراق را شرف

ملاقات آنحضرت دست داد، و صحبت کیمیا اثر آن مهبط فیوضات رباني افتاد. ملکي دیدم بصورت شخصي مصور و عالمي در تحت همت ذاتي مسخر."

سندس ڳالهه بولهه، گفتگو ۽ صحبت جي انداز جو جيڪو نقشو چٽيو ويو آهي، تنهن جو ترجمي جي ذريعي تاثر قائم رکڻ مشڪل آهي. صحيح روح انهن ئي لفظن ۾ موجود آهي، جيڪي مصنف لکيا آهن. چوي ٿو:

"محاورتي چون آب روان روح افزاي، و لطف طبعي چون جوهر روح غمزداي. فصاحت شاعري و صنعت نکته وري باهر جمع کرده، و لطف و حلم و شفقت و مرحمت، باوقار و تمکين و جلال و کمال بريک بساط جاي داده. نظمش عذب تر از ماءِ معين، و نثرش لطيف تر از گل نسرين، طلاقت وجهه و حلاوت لسان از آباي کرام عظام و اولياي ذوي الاحترام ميراث يا فته. و حسن محاورت و اظهار مصادقت و طيب مشاعرت و لطف معاشرت، بواسطهٔ قرب سلاطين و آداب خدمت ايشان بواجبي دانسته..."

آخر ۾ لکي ٿو ته: القاصر السنه الاقلام عن تعداد اوصافه-موجب قلم ۽ زبان ٻيئي قاصر آهن ته هن بزرگ شخصيت جون وصفون پوريءَ ريت بيان ڪري سگهجن، تنهنڪري مجبور ٿي، پنهنجي قلم کي ٻين مسئلن ۽ معاملن ڏانهن موڙيو وجي ٿو، جيڪي ايران جي سفر دوران پيش آيا.

ميرڪ يوسف جو تاثر: مٿي انهن چئن مصنفن جون عبارتون ۽ تاثرات ڏنا ويا، جن مير کي ڏنو. انهيءَ کان پوءِ آهن قريب العهد سوانح نگار، جن ۾ پهريون مير ابوالقاسم نمکين جو پٽ ۽ "مظهر شاهجهانيءَ" جو مصنف ميرڪ يوسف، جنهن پنهنجو ڪتاب مير جي وفات کان ٽيهارو سال پوءِ (1044هـ ۾) لکيو. جڏهن ته اهي ماڻهو اڃان جيئرا هئا، جن مير کي ڏنو. ۽ مصنف جو پنهنجو پاڻ ابوالبقا امير خان يا خاندان جا ٻيا فرد، جن جو هر شهري هجڻ سبب، مير جي خاندان سان رستو هو، موجود هئا. ازان سواءِ مير جي شخصيت ۽ سلوڪ جي چوڦيڙو ٻه اڃا عام هلي رهي هئي. هن پنهنجي ڪتاب ۾ پنهنجي موضوع تي بحث ڪندي، مير لاءِ جيڪي چار اکر لکيا آهن، سي سندس شخصيت جي پوري عڪاسي ڪن ٿا. زمينات جي سڌاري ۽ ڪڙمين خواهه

رعيت سان سلوڪ جي فائدن کي بيان ڪندي، ۽ ميرجي جاگير جو ذڪر ڪندي، ميرڪ لکي ٿو ٿ:

"و او اين هر دو پر گنه (ڪاڪڙي ۽ درٻيلو) را در آباداني ومعموري بمرتبه رسانيده بود. و بيان خوش سلوکي وي بمردم رعيت و دينداري او، گنجايش اين رساله ندارد، بناء بر آن اقتصار در اظهار عمل او کرد". [1]

شيخ فريد بکريءَ جو قول: ٻيو سوانح نگار آهي ميرمعصوم جو هر وطن ۽ سندس خاندان سان رابطو رکندڙ شيخ فريد بکري، جنهن پنهنجي تذکري "ذخيرة الخوانين" ۾ ميرجو احوال، خاندااني رابطي ۽ اکين ڏنين روايتن ۽ معتبر ماڻهن جي ٻڌايل ڳالهين تي مدار رکي، ميرجي وفات کان تقريباً ستيتاليهه سال پوءِ (1061 هـ ۾) لکيو آهي. هن ميرجا جيڪي اوصاف بيان کيا آهن، انهن جو ماحصل هن ريت آهي:

- هر شهرين جي شاديءَ غميءَ ۾ پاڻ پنهنجي سر ۽ سندس گهر جا ياتي پيرين پنڌ وجي ٻ شريڪ ٿيندا هئا.
- پنڌ هلي وڃڻ، يا غريب غربي سان ڏک سک ۾ شريڪ ٿيڻ، عيب يا عار نه سمجهندو هو.
- وطن کان جيترو وقت ٻاهر رهيو، اتان آئي وئي هٿ سيني واقف ڪارن، عزيزن، ۽ غريب مسڪينن ڏانهن سوکڙيون ۽ خط پٽ موڪليندو هو، حال سارو هر ڪنهن جي خبرچار رکندو هو.
- هندوستان مان انهن مسڪينن ڏانهن ٻ نالي وار ڪجهه نه ڪجهه موڪليندو هو، جيڪي ساڻس شڪار ۾ گڏ رهندا هئا.
- شهر ۾ سيني ننڍن وڏن، غريبن ۽ بيواهن، عزيزن ۽ حقدارن کي ساليانو، فصلاٽو، ماهيانو، روزينو-جيڪو هن مقرر ڪيو هو- پهچائيندو هو.
- نماز، روزي ۽ تهجد کي ڪڏهن قضا نه ڪيائين. نهايت پرهيزگاريءَ ۽ وقت جي پابنديءَ سان پنهنجي حياتي بسر ڪيائين.
- سخاوت ۾ لاثاني هو (سخاوت بٻ افراط مينمود) [2].

---

(1) مظهر، ص. 11-12.

(2) ...اوصاف حميده و اخلاق ستوده آن برگزيدهٔ درگاه الاهي تاکجا نويسد. *(هلندڙ)*

پويان تذکره نگار: صاحب ذخيرة الخوانين جو تتبع ڪندڙ آهي "ماثر الامرا" جو مصنف شاهنواز خان، جنهن مير جو احوال شيخ فريد بکريءَ تان ورتي، لفظن جي هير ڦير سان، پنهنجي ڪتاب ۾ آندو آهي. مفهوم ساڳيو، عبارت ۾ لفظن جي ٽوري گهٽي هن طرح ڦير گهير:

"زهد و تقوي بکمال داشت و همت و سخاوت را بجائي رسانيد که بمرد اجلاف بکهر سوغات از هندستان ميفرستاد. به اکابر و اصاغر سالياڻه" مشاهره و ماهيانه فصلاڻه و جمعگي مقرر کرده بود" [1].

مغلن جي دور ۾، سندس پيدا ڪيل سماجي رواج مطابق، ذاتي عزيز يا امير ته قابل ذکر هئا، پر غريب غربي، ڪَمِيءَ يا راڄ پاڳ سان اُٺن ويهڻ جو سلوڪ ڪرڻ يا شاديءَ غميءَ ۾ پير کٽڻ تعجب انگيز ڳالهه هئي. مير، مغل سوسائٽيءَ غريب طبقي سان انس ۽ رغبت جو مظاهرو ڪيو ته سيني لاءِ حيرت جو سبب ٿي پيو. ۽ تاريخ انهيءَ واقعي کي عجوبو سمجهي، ضبط ڪيو.

پوين تذکره نگارن جا ماخذ اهي مٿي ذڪر ڪيل ڪتاب آهن. تنهنکري لفظي ڦير گهير سان سيني ساڳئي مطلب کي دهرايو آهي.

مير جون کي اوڻايون: انهن مٿي بيان ڪيل سيني خوبين ۽ مزاج جي انهيءَ شاهاڻه طور طريقي سان گڏو گڏ- آخر ته انسان هو- کي ڪمزوريون به ضرور هجڻ گهرجن. جيڪي منجهس موجود هيون، جن جو ذڪر سندس هم شهري تذڪري نگار شيخ فريد بکريءَ ڪيو آهي. مثلاً: لکيو اٿائين ته، "جڏهن مير موٽي ڳوٺ آيو، ان وقت هن پاڙيسرين جي جاين تي قبضو ڪري پنهنجي جاين کي وڌايو ۽ انهن کي ڏکوئي رکيو [2] ".

مجملا در چنين دولت عظمیٔ مردم محل ایشان...در خانهٔ هم شهریان در شادي و غمي میر فتد. الحال هر قدم خود را دریغ نمي داشتند. میر خود هم میرفت و عیب و عار نمي کرد.

و چون بهند تشریف مي برد از آنجا مواهبات (- مکاتبات) و سوغات فراخور حالت هر کدامي مي فرستاد. حتي مردم اجلاف، که در شکار همراه میر در آن وقت میر فتند، اسامي آنها در کاغذ مثل جدا نوشته، در متن احوال را مي نوشت، و سوغات بسیار میفرستاد.

وچون به شهر خود تشریف مي آوردند سالیانه و فصلانه و ماهیانه و جمعگي و روزمره با اکابر و اصاغر شهر مقرر کرده بود و جویاي نام نیک بود.

و در پرستش حق بي همتا، نماز تهجد از ایشان قضا نه شده، و سخاوت به افراط مي نمود (1: 202-203.)

(1) ماثر، 3: 328.

(2) در آخر عمر که امین الملک دیار خود شده آمده خانهاي همسایه را گرفته بدین سبب رنجانیده. (1: 204.)

ميو، "امين الملڪ" تي، جڏهن وطن موٽيو، تہ فقط ٻہ مهينا ڪن مس جيئرو رهيو. وسهڻ ۾ نڪو اچي تہ انهن ٻن مهينن ۾ ڪيس ايتري فرصت ڪٽان ملي ويئي جو متاچرا ڪر ڪاريون سهيڙي، هڪ جائيتو تي وينو، ۽ پاڙيسرين جي جاين تي قبضو ڪري، پنهنجي جاءِ ڪي وڌائي، آزار جو سبب بڻيو. ميو ويهن بيگن ۾ پنهنجي حويليءَ وٽ باغ برابر ٺهرايو هو. ليڪن اهو واقعو 999هـ ڪان 1003 هـ جو هجڻ گهرجي. ميو جي تہ سموري زندگي سفر ۾ ۽ وطن ڪان ٻاهر گذري، مجموعي طرح وچ واري آمدورفت ۾ ڪي ٻہ ٽي سال بڪر ۾ مس ڪيس رهڻ نصيب ٿيا هوندا.

ٽي سگهي ٿو تہ ميو ضرورت پٽاندر پاڙي واري ڪان جاءِ ورتي، دستور موجب پاڙيسري پنهنجا اباڻا وٽاڻ چڏڻ لاءِ تيار نہ هو ۽ ميو جي شخصيت ۾ مرتبي ڪان مرعوب ٿي هو لاچار ٿيو هجي. ليڪن اهو هرگز قبول نڪو ڪري سگهجي تہ ميو بنان حقيقي قيمت ڏيڻ جي، اها جاءِ ونڻي، حقدار ڪي ناراض ڪيو هوندو.

ذخيري جي مصنف اهو ٻہ لکيو آهي تہ اهو حسن سلوڪ جيڪو ميو ڪي پنهنجي ڳوٺ وران سان هو، سو آخري عمر قائم رکي نہ سگهيو، انهيءَ ساز سلوڪ ۾ فتور اچي ويو ۽ سندس مزاج بدلجي ويو.[1] ذخيرة الخوانين ۾ ميو جون ٻيون ٻہ ٻہ ٽي ڪمزوريون بيان ٿيل آهن—مثلاً:

(1) چغل دوست ۽ ڪنن جو ڪچو هو. چغلخورن ڪي پسند ڪندو هو ۽ انهن جي چوڻ تي هلندو هو.

(2) دشمنيءَ ۾ سخت هو، گويا جنهن سان عداوت ٿيس تہ ان ۾ شدت جي انتها ڪري چڏيندو هو[2].

ممڪن آهي ڪن خاص سببن ڪري ڪي اهڙا واقعا ٿيا هجن يا شيخ فريد بکريءَ اهي ڳالهيون انهن ماڻهن جي واتان ٻڌي لکيون هجن، جيڪي ڪنهن خاص واقعي يا سبب ڪري متاثر ٿيل هجن. بهرحال ميو آخر انسان هو، فرشتو ڪونہ هو، جو همه صفت موصوف هجي ۽ همه وقت هڪ ڪرو هجي.

---

(1) "...آن حسن سلوک ڪ باخلق خصوصاً، باهمشهريان خود داشت، فتوري دران راه يافت، پاره در مزاج شريف ايشان انحراف روي داد..." (1: 205.)

(2) با اين همه صفات حسنه صفت ضميمه داشت. اولا چغل دوست بود، دوم شديد العداوت (1: 205).

انسان هڪ برج تي ڪوٺ تو رهي سگهي، نيٺ ته ڪي اوٽائيون به انسان ۾ ٽيندیون آهن.

دوستيءَ ۽ دشمنيءَ ۾ انتها پسندي سنڌي معاشري جي خاص صفت آهي، تنهنڪري مير جيڪڏهن "شديد العداوت" هو، ته ساڻئي وقت دوستيءَ ۽ فروتنيءَ ۾ به بي مثل هو. چغل خورن جو وجود امارت جو لازمو ٽئي ٿو. اميراٽي معاشري ۾ چغلي چُواتي، سازش ۽ هڪبئي متان "هڙ ڪڙ" ڪا غير معمولي ڳالهه ڪانه آهي. تاريخ انهن واقعن سان پري پيئي آهي. مير به انهيءَ حلقي جو هڪ فرد هو. تنهنڪري سؤ فيصدي سندس سون هجڻ نيٺ به ته غير طبعي هو. بهر صورت اهي بيئي ڪوتاهيون به منجهس نه هجن ها، ته بهتر. ليڪن اهي اهڙيون نه آهن، جن جو داغ سندس اخلاق تي نمايان ٿي بيهي.

شڪار جو خفت: مير جيتوڻيڪ طبعي طرح فقير منش ۽ درويش صفت انسان هو، ليڪن ملازمت ۽ طبقاتي لحاظ کي نظر ۾ رکندي، سندس بود و باش اميراٽي ۽ ڏيڪ ويڪ شاهاٽو هو. يادگار قائم ڪرڻ، عمارتون جوڙائڻ، ۽ خير خيرات، سخاوت ۽ اڙئي موڙهي جي مدد ڪرڻ سندس فطري وتيرو هو. ۽ انهيءَ شخصي شوق ۽ رجحان ۾ شڪار جو خفت به شامل هو. شڪار سندس ڪمزوري هئي، ابتدائي زندگيءَ ۾ به ميلن جا ميل شڪار پٺيان هليو ۽ سرڪاري ملازمت دوران به شڪار جو شوق ڪونه ڇڏيائين.

هُن پنهنجي جاگير اندر خاص شڪار گاهه ٺهرايا هئا، جتي ڪَرمين ۽ ڪمدارن کي نگهباني ۽ رکوالي جي خاص هدايت ۽ تاڪيد هو. ذخيرة الخوانين جي مصنف لکيو آهي ته اگرچ زراعت جي وڏائڻ جو ڪيس گهٽي ۾ گهٽو اونو هو ۽ پنهنجي جاگير ۾ پيل زمين جو هُن ٽڪر به نه ڇڏيو، تاهم سندس حڪم هو ته ڪي جهنگ جا ٽڪر شڪار لاءِ بچايا وڃن [1]. شڪار ۾ جيڪي چيڙا هلندا هئس، انهن سان هميشه دلبري رکيائين. هندوستان مان به نالي وار هڪ جو احوال پڇندو رهيو ۽ ڏاهُن سوکڙيون پاکڙيون به موڪليندو رهيو [2].

---

(1) "...و آبادان کار بنوعي بوده که برعايا منت ميکرد که، تمام جنگل جاگير ما را پاک نه سازند براي زراعتي. بجهة شکار چيزي بگذارند..." (1: 205)"...بغايت شکار دوست بود، و پياده چند گروه بشکار ميرفت..." (1: 201).

(2) "...حتيٰ مردم اجلاف که در شکار همراه مير در آن وقت مير فتند، اسامي آنها در کاغذ مثل چند نوشته در متن احوال را مينوشت و سوغات بسيار ميفرستاد..."(1: 203.)

ماثر الامرا جو ماخذ ذخيرة الخوانين آهي. ليڪن لفظن جي بدل هن طرح ڪئي ويئي آهي: "...چون بشڪار نهايت مولع بود اڪثر اوتاتش بتصيد ميگذشت..." [1]. مظهر شاهجهانيءَ جو مصنف ميرڪ يوسف، ڪاڪڙي ۽ دربيلي جي جاگيرن جو ذڪر ڪندي، مير جي شڪاري خفت جو ذڪر ڪيو آهي. لکي ٿو: "مير معصوم گز ۽ ڪمان سان شڪار ڪندو هو. انهن ٻنهي پرڳڻن ۾ سندس شڪار گاهه هئا، ليڪن آباديءَ سبب انهن مان شڪار ختم ٿي ويو. تنهنڪري شڪار لاءِ ڪيس پنهنجي حد کان ٻاهر وڃڻو پوندو هو" [2].

پوڪي راهي ۽ زرعي اصلاحات: مير صاحب جي زندگي از اول تا آخر منظم ۽ بامقصد رهي. سندس هر ڪم تعميري ۽ سليقي سان ٿيندو هو. عمل ۾ سندس ويساهه هو، حياتيءَ جي هر گهڙي هن بامقصد گذاري. جنهن ڪم ۾ هٿ وڌائين يا توجهه ڏنائين، انهيءَ کي نهايت نئين انداز ۾ توڙ پهچائي، وڃي مٿي چڙهندو هو. شرافت، ايمانداري، ديانت ۽ حقدارن جو حق سڃاڻڻ سندس زندگيءَ جا مکيه اصول هئا. اميراڻو ڏڻ ڏانگر برابر رکيائين، پر اميراڻي لايعني شوقن ۾ ڪڏهن ڪونه پيو. آخر تائين، حياتي هلندي چلندي ۽ ڪم ڪندي بسر ڪيائين. رفاهي ڪم هن ڪيا. مسجدون، مسافرخانا، کوهه ۽ پليون سندس هڙان نهيون. عالمن، اديبن ۽ چگڻ ماڻهن جي سرپرستي ٿي، سکر ۽ بکر جي لواحقين جو خيال ۽ تدارڪ ڪندو رهيو. خير خيراتون ڪرڻ سندس شعار هو. لکڻ پڙهڻ سان شوق، شعر و سخن جو ذوق، حڪمت جو ڄاڻو، ڪتبا معه تاريخ ۽ تاريخي عبارت ۽ عبرت ڏيندڙ شعرن سان اکيري، ضروري جاين ۽ دڳن سيرن تي هٽائڻ، تاريخ سان ذوق، سنڌ جي تاريخ تي سدا حيات ڪتاب لکي ڇڏي وڃڻ-غرض ايڏو جامع صفات ۽ صاحب ڪمالات مغل امير ٻيو ڪونه پيدا ٿيو.

سندس عملي ۽ انتظامي صلاحيت ۽ انصاف پسنديءَ جو وڏو مثال سندس پوڪيءَ راهيءَ واري شغل مان ۽ ڪڙمين سان جيڪو طور طريقو اختيار

---

(1) ماثر، 3: 321 مولع - حريص، يعني شڪار جو ڪيس حرص هو.

(2) "...جنگل در ميان اين پرگنها نمي رسيد و همان زمينها مزروع و آبادان شده بود، چنانکه جاي شڪار نداشت. و مير معصوم را ذوق شڪار گز و تير بسيار بود، بواسطهٔ شڪار از پر گنهاي خود بيرون ميرفت تا شڪار مي يافت..." (13.)

کیائین، انهيءَ مان ملي ٿو. مغلن جي دور ۾ ڪنهن کي مستقل جاگير ڪانه ملندي هئي. جتي عهديدار مقرر ٿيندا، اتي کين خرچ پکي ۽ پنهنجي تنخواه حاصل ڪرڻ لاءِ جاگير ملندي هئي. جڏهن بدلي ٿيندا، تہ اها جاگير ختم ٿي، وري نئينءَ جاءِ تي کين زمين ملندي هئي. نتيجي ۾ انهيءَ عارضي قبضي ڪري ڪوبہ جاگيردار نہ زمين سان دلچسپي وٺندو هو ۽ نہ ڪڙمي سان ڪا مروت يا انساني هلت چلت ڪندو هو. جيترو وقت رهندو، پَٽ سَٽ ڪيو ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان پنهنجي خرچ جو پورائو ڪندو رهندو هو. نتيجو اهو ٿي نڪتو، جو زمينون ويران، رعيت دلشڪسته ۽ ڪڙمي ڪاري پريشان حال، اڇ هِتي سياڻي هُتي، لڏ پلاڻ ۾ وقت گذارو ڪندا رهندا هئا. سنڌ ۾ خاص طرح بيداد نگري هئي. مظهر شاهجهانيءَ ۾ جاگيردارن جي هلت چلت، رقمن جي وصوليءَ ۾ زمين جي حالت متعلق جيڪي ڪجهہ مثال آيا آهن، انهن کي "مشتي از خروار" سمجهڻ گهرجي. سنڌ اندر مغل دؤر ڪيڏو نہ اونداهو ۽ ڪيترو نہ غير انساني هو، انهيءَ جو اندازو ميرڪ يوسف جي هن فقري مان ڪري سگهجي ٿو:

"کار اين ملک بجائي رسيده کہ ملک ناپرسان وملک بيدادان و ملک بيکسان شده".[1]

ميرمعصوم کي گجرات واري دور ۾ ڪابہ جاگير ڪانہ هئي، نظام الدين احمد بخشيءَ سان متعلق هو، ممڪن آهي سرڪاري طرح کيس ڪجهہ تنخواه ۾ ملندو هجي، ليڪن اهو انهيءَ حد تائين ناقابل بيان هو، جو ڪنهن بہ انهيءَ جو حوالو ڪونہ ڏنو آهي. ميرکي سڀ کان پهرئين بکر جي سرڪار ۾ بن پرڳڻن اندر جاگير انهيءَ وقت ملي، جڏهن هو 999 هـ ۾ لاهور ڪان خانخانان سان گڏ سنڌ ڏانهن رخصت تي آيو. ڪاڪڙي ۽ دربيلو ٻيئي پرڳڻا کيس ڏنا ويا، ليڪن دستوري طرح سموري زمين ويران، غيرآباد ۽ بٺ لڳي پئي هئي. اڳين جاگيردارن جي شرمناڪ ظالماڻي سلوڪ سبب ماڻهو پنهنجا گهر گهاٽ ڇڏي، ٻين پاسن ڏانهن هليا ويا هئا، ڇاڪاڻ تہ جاگيردار پنهنجي حساب ڪتاب ۾ سندن ڏوريڳا ۽ رليون گودڙيون بہ نيلام ڪري ڇڏيندا هئا. مقرر شرح کان وڌيڪ وصولي ڪڙمي پري نہ سگهندا هئا، جنهنڪري گهر ٻار نيلام هيٺ

---

[1] ص 173.

آڻائي، راتو واهه پڇي جند ڇڏائيندا هئا. هي ٻيئي علاقا ۾ انهيءَ ڪري ويران ٿي ويا. مظهر شاهجهانيءَ جو مصنف، مثال ڏيندي، لکي ٿو ته "بکر جو علاقو سلطان محمود جي مرڻ بعد جڏهن اڪبر جي قبضي ۾ آيو ۽ مير عدل امروهي اتان جو حاڪر ٿيو، ان وقت هن دستورالعمل کي پنيءَ پاڻهن اچلي، انهن پرڳڻن جي ڪڙمين کان پنج مڻ محصول طور وڌيڪ اڳاڙ شروع ڪئي ۽ اوڳڙ ۾ هن ايتري سختي ڪئي، جو مگڻيجا، جيڪي گهٽي ۾ گهٽا انهيءَ پرڳڻي ۾ آباد هئا، بغاوت تي مجبور ٿي ٻيا، خون خرابي تائين نوبت پهتي، ۽ نيٺ علاقو ويران، نابود ۽ رعيت کان خالي ٿي ويو. مير معصوم کي جڏهن اهي علاقا جاگير ۾ مليا، ان وقت فقط پنج سو بيگا خسري ۾ داخل هئا.

ذخيرة الخوانين خواه مظهرِ شاهجهانيءَ جي مصنفن مير جي زميندارِي ڪرڻ جي ڏانوَ ۽ ماٺهن سان هلت چلت، سڏارن ۽ زراعت کي چوٽ پهچائڻ جي خاص لفظن ۾ تعريف ڪئي آهي. مظهر شاهجهانيءَ جو مصنف لکي ٿو:

"...اين هر دو پرگنه را در آباداني و معموري بمرتبهٔ کمال رسانيده بود و بيان خوش سلو کي وي بمردم رعيت...گنجايش اين رسالہ ندارد..." [1].

مصنف لکي ٿو ته مير پنهنجي جاگير کي ايترو آباد، سرسبز ۽ شاداب ڪرايو، جو انهيءَ جو مثال ملڻ ممڪن نه آهي، ۽ انهيءَ جو ڪارڻ اهو هو، جو هن پنهنجي جاگير ۾ هلندڙ دستور کي چڏي، نوان ۽ ضروري سڏارا آندا. ڪڙمين کي حق ڏيئي خوش ڪيائين. زمين جي ڪر کان علاوه رعيت کان جيڪا ڳائي پڳي بيگر ورتي ويندي هئي، سا معاف ڪري ڇڏيائين. پنهنجي خرچ سان سموري علاقي اندر واهه ۽ ڪَسيون کوٽائي، پاڻيءَ جو انتظام ڪيائين. جيڪڏهن فصل گهٽ وڌ ٿيندو هو، ته ڪڙمين سان مروت ڪندو هو، ۽ انهيءَ حد تائين بہ ويندو هو، جو زمين جي اپت ٻنهي سرين معاف ڪري ڇڏيندو هو. ڪمدارن ۽ ڪاراون کي حڪر هو ته خراب فصل جي ماپ نه ڪن ۽ نه اهي حصا خسري ۾ داخل ڪن.

انهيءَ سلوڪ ۽ انهن رعايتن کي انساني سطح تي سڏ جي ڪڙمين پهريون دفعو ٿيندو ڏٺو. سندن معيشت سڌرڻ لڳي. پنهنجي پوکيءَ راهيءَ مان سندن پيٽ پريو ۽ انگ ڀريو. نتيجو اهو نڪتو، جو هنن جي زمينن سان

---

[1] ص 12.

دلچسپي وڌي ۽ دليؤن جانيؤن رات ڏينهن ڪري ڪم کي جوٽيائون [1]، جنهنڪري زمين جو هڪ ويسؤ بہ غير آباد نہ رهيو. انهيءَ حد تائين آبادي وڌي ويئي، جو شڪار لاءِ جهنگ جا ڪي ٽڪرا ڇڏڻ لاءِ مير کي منٿون ڪرڻيون ٿي پيون. سمورو علائقو سرسبز ۽ شاداب ٿي ويو. مصنف دربيلي جي ماڻهن کان پاڻ ڪنين ٻڌي لکيو آهي تہ، مير جي قبضي ۾ اچڻ کان پهرين انهيءَ علائقي جي ڪهڙي حالت هئي ۽ پوءِ ڇا ٿيو. يا تہ 500 جريب بہ آباد ڪونہ ٿي ٿيا يا ساڳين غير آباد علائقن ۾ 50 هزار جريب بہ آباديءَ هيٺ اچي ويا. جيڪو فصل خراب ٿيو، آبادي پوري نہ ٿي، جيڪا زمين معافيءَ ۾ ويئي، اها الڳ هئي. اهو انگ انهيءَ زمين جو آهي، جيڪا مير صاحب واري آندل نئين قانون مطابق خسري ۾ داخل ٿيل هئي.

مغلن جي دور ۾ سندن حاڪمن جي شرمناڪ حد تائين سنڌ اندر ڪيل ظلمن جو داستان بيان ڪندي، ۽ مير صاحب جي انهيءَ عمل ۽ اصلاحات کي مصنف مثال طور پيش ڪندي، شاهجهان کي سمجهائڻ گهريو آهي تہ سنڌ اندر سندس عملدار مير جي قائم ڪيل طريقي تي هلن تہ حڪومت هلي سگهندي، ورنہ ممڪن نہ آهي تہ سنڌ آباد رهي يا سانتيڪي نموني سان ملڪ هلي سگهي. حقيقت ۾ مير صاحب جي اها روش انهيءَ اونداهي دؤر اندر هڪ ڪرامت معلوم ٿي ٿئي. جابر ۽ ظالم حڪمرانن جي روش کان هٽي، انهيءَ ساڳئي دؤر م زرعي سڌارا آڻڻ، ڪڙمين جا بنيادي ۽ انساني حق تسليم ڪرڻ، کين ڇيڙ واري غلامانہ طريقي کان آزاد ڪرڻ، حساب ڪتاب، بود نابود جو لحاظ رکڻ، مير صاحب جو نهايت جرأت ڀريو قدم هو، بلڪ سموري انتظام ۽ دستورالعمل ۽ حڪمرانيءَ لاءِ هڪ کليل چئلينج هو ۽ انهيءَ کان صاف انحراف ۽ عام لاءِ انقلابي قدم هو.

انهن سببن کي نظر ۾ رکندي، مير معصوم بکريءَ کي سنڌ جو پهريون "هاري حقدار" چئجي تہ هوند بيجا نہ ٿيندو.

---

[1] ...آن عمل بدين طريق بود کہ عاملان خود را قد غن کرده بود کہ هر دو سر طناب را وقت ضبط کردن درست بدهند و در سرقطعہ، بود نابود و تخم زده را ملاحظہ نمايند و بود را داخل خسره کنند و نابود را هر گز داخل نکنند. مثلاً: يک قريہ هزار جريب زراعت داشت و بقضاي الاهي نہُ صد و نود و نہ جريب نابود شد و يک جريب بود—همان يک جريب را داخل خسره مي کردند. و آن نهصد و نود و نہ جريب نابود را مطلقاً داخل نمي کردند..." (ص. 12-13.)

باغن جو شوق: مير چونڪ نهايت ئي لطيف ذوق جو صاحب هو. تنهنڪري هر چگيءَ شيءِ سان ڪيس شغف ۽ هر حسين چيز طرف لاڙو هيس. زراعت جي سلسي ۾، باغبانيءَ جو به مير شوقين هو. ميويدار وڻ، گلن جا ٻوٽا، يا سبز وٽراه ۽ ساوڪ نهايت پسند ڪندو هو. بکر، سکر، روهڙي، ٻير لوءِ پهرين ئي باغن ۽ ميوي ۾ مشهور هئا. اروڙ واريءَ زمين، گدرن ۽ هنداڻن جي اپت ۽ جنس لاءِ ملڪان ملڪ مشهور هئي. مير ابوالقاسم نمڪين جي هنداڻن جي اپت ۽ انهن جو وزن تاريخ ۾ معروف آهي. شاهي دربار تائين سوڪڙيءَ طور اهي جنسون موڪليون ويندیون هيون. ٻير لوءِ ۽ روهڙيءَ جا باغ، چار باغ ۽ وٽراه ايترو وٽندڙ هئا. جو همايون هندوستان مان جڏهن فراري ٿيو، تہ اتي اچي لڏو لاهي ويٺو.

مير معصوم کي باغن جو خاص شوق هو. ملازمت جي مشغوليءَ ۽ سفر جي هلوتاڻيءَ ۾ جيتوڻيڪ ڪيس وقت نہ مليو جو دلجمعيءَ سان ڪي چند سال لڳو لڳ بکر ۾ رهي، پنهنجي دل گهرين خواهشن کي عملي جامو پهرائي سگهي، تاهم مجموعي طرح 4-5 سالن جي اقامت ۾ هن چند باغ بکر ۽ سکر ۾ خريد ڪيا ۽ لڳايا. مثلاً:

- پنهنجي حويليءَ جي لڳ هڪ خوبصورت مسجد ٺهرائي، انهيءَ جي پر ۾ نهايت شاندار باغ رکيائين، جنهن جي ايراضي ويهہ بيگا هئي، جنهن ۾ گلن ٻوٽن کان علاوه ميويدار وڻ به هئا. باغ ايترو خوبصورت هو، جو ماڻهن لاءِ تفريح گاه ٻڌجي ويو.
- اروڙ جي طرف پنهنجي زمين ۾ هنداڻن ۽ گدرن جي پوک ڪرائيندو هو. سندس پنهنجي استعمال لاءِ، نيڪال لاءِ ۽ ڏاليءَ لاءِ اتي جا هنداڻا مشهور هئا.
- منزل گاه واريءَ ايراضيءَ ۾ خوبصورت باغ رکيائين. مسجد ۽ نشست گاهہ سان گڏ باغ پڻ انهيءَ دؤر جو لازمو هو. درياه جي پرينءَ پڪ سان روهڙيءَ جا باغ ۽ وٽراه هئي، ۽ هن طرف مير جو باغ ۽ ساڳئي وقت ٻين جا به باغ هئا.
- قندار ۾ جڏهن "تعيناتي" [1] تي ويو، تہ اتي به انگورن جو باغ ورتائين.

---

[1] يعني، فوجي خدمت تي مقرر.

اپر سنڌ جي انهيءَ علاقي ۾ انب ۽ کارکون نهايت مشهور هيون. بلڪ اڄ تائين اتهن جا باغ هليا اچن تا. مير، ظاهر آهي ته پنهنجن باغن ۾ بهترين جنسون رکيون هونديون. ليمان، انگور، انجير، توت، قاروان، ٻيرن جا مختلف قسم، ڪوئٽا ۽ قندار يا هندوستان مان پنهنجي پسند جا ٻيا ميوا به کيئي— جيڪي انهيءَ علاقي جي موسم ۾ تي سگهندا هوندا - رکيا هوندائين. اُن زماني ۾ سنڌ جو ڏاڙهون مشهور هو. گلن ۾ گلاب جا مختلف قسم، رابيل ۽ ٽانگر، سنبل، ريحان، سورج مکي، چمپا، رات جي راڻي عام هئا. "قانع" ٺٽي جي باغن جو ذکر ڪندي "مکلي نامه" ۾ نالا ورتا آهن [1]. ظاهر آهي ته جڏهن مغل دؤر اندر سنڌ جي باغن ۾ اهي ٻوٽا ۽ گل هئا، ته بکر ۾ مير کيئن نه رکيا هوندا!

مير، نقدي، جاين ۽ باغن جي صورت ۾ ايترو اٿاٽو ڇڏيو، جو سندس پٽ مير بزرگ جڏهن سيڪجهه ميڙا چونڊيءَ جو مال کپائي ۽ خرچ ڪري ٻيٽو، تڏهن باقي بچايل باغن جي اپت ايتري ايندي هيس، جو سندس اميراٽن شاهه خرچن جي پورائي ٿيندي ٿي رهي. انهيءَ مان اندازو ڪري سگهجي ٿو ته باغ ڪيترا نه هوندا ۽ جنسون ۽ انهن جي اپت چا نه هئي.

ثروت ۽ دولتمندي: مٿي بيان ڪيل صورتحال جي سببان مير جي مالي حالت غير معمولي طرح بهتر رهي. مال دولت جي لحاظ سان اڪبري دؤر ۾ جيڪي چند چوٽيءَ جا امير هئا، مير انهن مان هڪ هو. باوجود شاهاڻ طور

---

(1) مکلي نامه ۾ مختلف نالا ورتا ويا آهن. ازان سواءِ هيٺيون مواد پٽ سنڌ جي باغن جي سلسلي ۾ ڏسڻ گهرجي:

(1) مجمع شعر اي جهانگير شاهي: از قاطعي. جهانگير جي دؤر ۾ ٺٽي جي باغن جو مذڪور آيل آهي.

(2) بحرالاسرار: از محمود بن امير ولي بخاري. هن ۾ بکر جي باغن ۽ ميون جو ذکر آهي. مصنف، شاهجهان جي دؤر ۾ آيو.

(3) The Evolution of gardens in Iran and Sind-The Charbagh, by Dr. Ansar Zahid Khan.

هن مضمون ۾ سنڌ جي باغن گلن ۽ ميون جو مذڪور آهي.

(4) The gardens of Mughal India, by Sylvia Crowe, Londan ع1972.

(5) Ain-i-Akbari, By H. Blochmann.

هن ۾ بکر ۽ ٺٽي جي ميوي دار ٻوٽن جي فهرست آهي.

(6) نامهٔ نغز: باغ علي خائف. ڪلهوڙن جي دؤر جا گل ۽ ميوا هن ۾ بيان ٿيل آهن.

طريقي، اتيءَ ويني، هٿ جي ڪشادگيءَ ، سخاوت، سفر حضر جي خرچن، پنهنجن پراون کي پالڻ ۾ انهن کي وظيفن ڏيڻ، رفاهي ڪمن ۾ يادگارن نهرائڻ، ڪتبن اُڪرائڻ ۾ انهيءَ ڪر جي ڪاريگرن کي سفر حضر ۾ ساڻ رکڻ جي خرچن، عالمن ۾ اديبن جي سرپرستي ڪرڻ ۾ انهن لاءِ قوت گذر مهيا ڪرڻ کان پوءِ به مير وٽ نقدي ڪافي هئي. ذخيرة الخوانين جو صاحب لکي تو ته هُن 30-40 لک روپيا ڇڏيا.[1] انهيءَ دؤر جا ٽيهه چاليهه لک ڪا معمولي رقم نه آهي، سو به اهڙين هٿ جي اچلن بعد، وڏي وٽ آهي.

اها ته هئي نقديءَ جي حالت. مير مختلف قسم جي جيڪا جائداد ڇڏي يا املاڪ ناهي، تنهن جو اندازو لڳائڻ مشڪل آهي. مير بزرگ جي لکن لٽائڻ بعد به مالي ڪٽي نه سگهي ۽ اڄ صدين گذرڻ کان پوءِ به سندس خاندان جا ڪثير العيال سادات معيشت جي لحاظ سان نهايت آبرو مندائي زندگي بسر ڪري رهيا آهن.

---

[1] مير در زمانہ دولت خود صاحب سي و چهل لک روپيہ گرديد (1: 202.)
(15-6-1978ع)

باب ٽيويهون

علم و فضل ۽ تصانيف

مير معصوم جي همه گير شخصيت، شوق، گونا گون مشغولين ۽ سندس علم فضل جي معيار جا سيئي مورخ، تذڪره نويس ۽ سوانح نگار معترف آهن. مير مرحوم هڪ ئي وقت ۾ مورخ، شاعر، نثرنگار، خطاط، طبيب، سياست مدار ۽ مغل دؤر جي حڪمرانيءَ واري رنگ ڍنگ جو ماهر ۽ پنهنجي دؤر جو هڪ ڪامياب ترين امير هو. انهيءَ قسر جي پهلودار شخصيت ٻئي ڪنهن امير جي ڪانه هئي، ۽ نه انهيءَ نموني جو ڪو جامع ڪمالات امير ٻيو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. سندس مختلف اوصافن جو هن باب ۾ ذڪر ٿي رهيو آهي، جنهن مان سندس رنگا رنگ شخصيت پر کي سگهجي ٿي.

تاريخي ذوق ۽ طبقات اڪبري: طبقات اڪبري مغل دؤر ۾ لکيل پهرين تاريخ آهي، جنهن ۾ سموري هندستان جي مسلم حڪومتن ۽ انهن جي دؤر جو احاطو ڪيو ويو آهي. بعد جا مورخ انهيءَ کي مستند سمجهي نهايت وقعت جي نظر سان ڏسن تا.

سيئي لکندڙ متفق آهن تہ، خواجہ نظام الدين احمد جو انهيءَ سلسلي ۾ وڏو صلاحڪار ۽ مددگار مير معصوم بکري هو. خواجہ نظام الدين احمد جو مٿس اعتبار ۽ اعتماد هو. اها تاريخ گجرات واري زماني ۾ لکي ويئي، جڏهن تہ خواجہ اتي بخشي ۽ مير معصوم سندس مصاحب هو. اهو ڪتاب ايترو مستند ۽ جامع آهي، جو انهيءَ کان پوءِ جي مصنفن نہ رڳو اکيون بند ڪري ان کي پنهنجو ماخذ بنايو آهي، بلڪ پنهنجن ڪتابن جي ترتيب بہ اهائي قائم رکي اٿن جيڪا طبقات اڪبريءَ جي آهي [1].

تاريخدانيءَ ۽ اصابت راءِ جو اندازو انهيءَ منجهان ڪري سگهجي ٿو. ماثر الامرا جو مصنف لکي ٿو تہ:

"مصنف (خواجہ) واقعات جي پرک، باريڪ بينيءَ، جزئيات ۽

---

[1] ماثر الامرا (1: 663)...مثل مير معصوم بکري وغيره اهل کمال دمساز تاليف آن بوده اند" "...اتفاقاً دران ايام تاليف طبقات اکبري درميان بود. صحبت مير کہ در تاريخداني يگانۂ روزگار بود، در گرفت..."—(3: 26-327.)

معلومات گڏ ڪرڻ ۾ پوري پوري ڪوشش ڪئي آهي. مير معصوم جهڙا اهل ڪمال انهيءَ تاليف ۾ ساڻس شريڪ هئا، تنهنڪري ڪتاب جو اعتبار ۽ معيار وڌي ويو" [1].

ماثر الامرا جو ماخذ شيخ فريد بکريءَ جو ڪتاب آهي، جنهن ۾ پڻ ساڳيءَ ڳالهه جو اعتراف موجود آهي. مصنف لکي ٿو ته:

"طبقات اڪبري لکڻ وقت مير معصوم-جنهن کي تاريخ دانيءَ ۾ وڏو درڪ هو-برابر سندس صحبت ۾ رهيو" [2].

خواجه نظام الدين پاڻ ته اعتراف ڪونه ڪيو آهي ليڪن سالن تائين مير جي "همدم ۽ مصاحب" ٿي رهڻ کي قبول ڪري ٿو [3]".

در حقيقت گجرات ۾ نظام الدين سان هن جي گڏ رهڻ جو وڏي ۾ وڏو سبب ئي اهو ڏسڻ ۾ اچي ٿو، ته ڪانئس خواجه صاحب طبقات ۾ مدد ٿي ورتي. سندس جي تاريخ جو ته مير صاحب اڪين ڏٺو شاهد به هو.

ادبي ذوق ۽ شعر گوئي: مير مرحوم جي ادبي شوق ۽ شعر و سخن سان دلچسپيءَ يا علمي شغف جي پڻ هر هڪ تذڪره نويس تعريف ڪئي آهي. ملاعبدالقادر بدايونيءَ جهڙو سخت مزاج ماڻهو سندس نه ڇڏو دوست هو، بلڪ سندس ادبي ۽ علمي خوبين جو معترف پڻ هو. مير صاحب جو احوال لکندي، چوي ٿو:

"مير در طالب علمي خيلي کوشيد و سليقهٔ درست در شعر و معما و طبعي بلند و فطرتي عالي دارد".

بلند طبعيءَ ۽ عالي فطرتيءَ جو پروانو ملا عبدالقادر کان ملڻ کا معمولي ڳالهه نه آهي. جيڪو ماڻهو فيضيءَ جهڙن شاعرن ۽ ملا احمد نٽويءَ جهڙن مورخن يا ازين قسر پنهنجن بين معاصرن مان طرحين طرحين وڏون ڪڍي ۽ متن چٽرون ڪري ٿو، سو مير جي علم، طلب علم، شعر گوئي،

---

[1] ملا عبدالقادر بدايوني پنهنجي تاريخ انهيءَ ڪتاب جي مدد سان تيار ڪئي، جنهن ۾ افغان سلطانن متعلق ڪي پورا حصا لفظ بلفظ انهيءَ تان نقل ڪيا آئائين. خاص طرح همايون جو سمورو احوال هوبهو نقل آهي. تاريخ فرشته جو مدار پڻ انهيءَ تي آهي. ماثر رحيميءَ جو هڪ جلد انهيءَ جو نقل آهي.

[2] ...خواجه نظام الدين احمد را ذوق تصنيف تاريخ طبقات اکبري بود، و مير در علم تاريخ بهره کامل داشت-صحبت ايشان برابر کرد (ذخيره 1: 202.)

[3] طبقات (2: 500).

طبعيت جي بلنديءَ ۽ فطرت اعليٰ هجڻ کي سواءِ ڪنهن ڇون وڇران جي قبول ڪري، اهو ميو جي عظيم انسان هجڻ جو وڏو ثبوت آهي.

فريد بکري ميو صاحب جي خوش خطيءَ، عمارتن جوڙائڻ جي ذوق ۽ مزاج سندس شاعراڻي جي تعريف ڪري ٿو. [1]

تقي اوحدي مشهور شاعر ۽ تذڪره نويس آهي. اصفهان ۾ ميو صاحب سان مجلسون ٿيس، تنهن پنهنجو تاثر هن ريت ڏنو آهي:

"ميرزا احمد نيشاپوريءَ (وزير شاهه عباس) جي حڪر تي ميو صاحب سان شعر جي رهاڻ ٿي. واقعي شعر ۾ ڪيس قدرت ۽ عظيم قوت حاصل هئي..." [2]

سندس انهن اوصافن جي پوءِ جي تذڪري نگارن انهن معاصر لکتن جي تتبع ۾ واکاڻ ڪئي آهي. گل رعنا جي مصنف تقي اوحديءَ جي حوالي تي اضافو ڪيو آهي ته سندس ڪلام ۾ رطب و يابس پڻ تمام گهڻو آهي[3]. خان آرزوءَ ساڳي عبارت دهرائي آهي. [4]

شعر و سخن جي سلسلي ۾ ميو صاحب جي هرهڪ ڪتاب متعلق جيترو ڪجهه معلوم ٿي سگهيو آهي، جدا جدا هن هيٺ ڏجي ٿو. سڀ کان پهريان سندس مثنوين لاءِ هيٺينءَ معلومات فراهم ٿي سگهي آهي.

(1-5) پنج گنج: شيخ نظامي گنجوي جي تتبع تي ڪيترن پوين شاعرن پنج مثنويون لکي، سندس پيروي ڪئي آهي. اهڙن شاعرن تي جدا تذڪرو پڻ مرتب ڪيو ويو آهي [5]. انهيءَ پيروي ڪندڙ شاعرن جي صف ۾ ميو معصوم به شريڪ ٿيو آهي ۽ پنج مثنويون يادگار ڇڏيون اٿس، ليڪن ارمان آهي ته اڄ تائين اهي دستياب نه ٿي سگهيون آهن. مثنوين جا نالا ۽ انهن جا ڪجهه شعر تذڪرن ۾ ۽ خود ميو جي مختلف ڪتبن ۾ ملن ٿا.

---

(1) ...شعر متين ميگفت...ذوق عمارت بسيار داشت و خود کتبه نويس و خوش خط بود...(1: 203.)

(2) ...بنا بر حکم ميرزا احمد نيشاپوري که وزير شاه عباس صفوي بود، با ميو مزبور صحبت مشاعره داشتر، الحق اورا قوت و قدرت عظيم در شاعري بود...(رسالهٔ تاريخ حيدرآباد دکن، جنوري 1929ع، بحوالهٔ عرفات العاشقين).

(3) ...تقي اوحدي گويد که باو صحبتها داشت و مشاعرات واقع گشت الحق، اورا قوت و قدرت درين فن بود، اگرچه رطب و يابس در کلامش فراوان است...(گل رعنا، پنجاب).

(4) مجمع النفائس-قومي عجائب گهر، ڪراچي 365 ب.

(5) هفت آسمان-احمد علي ڪلڪتو.

سڀ کان پهريون طبقات اڪبريءَ ۾ جيڪو 1001 هـ ۾ تاليف ٿيو ديوان ۽ هڪ مثنويءَ جي تصنيف جو حوالو آيو آهي. انهيءَ کان پوءِ بدايونيءَ ۾ جيڪا پڙ ساڳئي وقت جي تصنيف آهي هڪ ديوان ۽ هڪ مثنويءَ جو مذڪور ملي ٿو. مثنويءَ متعلق فقط هيترو اضافو ڪيو ويو آهي ته "يوسف زليخا" جي بحر ۾ چيل آهي.

ذخيرة الخوانين (1060هـ): ۾ خمسہ جي سڀني مثنوين جا نالا ڪونہ ڏنا ويا آهن، فقط هڪ مثنويءَ "معدن الافڪار" جو نالو آيو آهي، جيڪا "مخزن الاسرار" جي جواب ۾ لکي وئي. مقالات الشعرا ۾ طب نامي، تاريخ سندڙ ۽ هڪ مثنوي "نازو نياز" (سسئي پنهون جي داستان) جو حوالو آهي. تحفة الڪرام ۾ مير قانع ديوان جو اضافو ڪيو آهي. گويا (1169 هـ) تائين ڪيس ديوان جو پتو ڪونہ هو ۽ (1180 هـ) ۾ تحفة الڪرام لکڻ وقت سندس ڇاڻ ۾ ديوان آيو. ماثر آلامرا آخري تذڪرو آهي، جنهن ۾ به ساڳين ئي ڪتابن ڏانهن اشارو آه ي:

"ديوان نامي، مثنوي معدن الافڪار در جواب مخزن الاسرار، تاريخ سندو مختصري در طب ڪہ بمفردات معصومي موسم است، تاليف اوست [1]."

انهن سڀني مصنفن خمسہ جو پورو تفصيل ڪونہ ڏنو آهي، فقط ٻن مثنوين "ناز و نياز" ۽ "معدن الافڪار" جي نالن جي ڪين ڇاڻ هئي.

سڀ کان پهريون خمسہ جو مذڪور تفصيل سان تقي ڪاشيءَ ڪيو آهي، جنهن شعرن جو مجموعي تعداد به تخميناً ٻارهن هزار ٻڌايو آهي. "معدن الافڪار"— "راي و صورت"— ۽ "حسن و ناز" [2] جا نالا ڏنا اٿس ۽ وضاحت ڪري ٿو ته "رائي وصورت" ليلي مجنوءَ جي بحر ۾ آهي ۽ "حسن و ناز" جو بحر يوسف و زليخا تي آهن. انهن لاءِ لکي ٿو:

"درين دو کتاب معاني دقيقہ و خيالات لطيفہ انگيختہ اند، چنانچہ سخن شناسان ممالک هندوستان و نکتہ سنجان ديار خراسان متفق اند کہ اکثر مباحث اين دو کتاب را بهتر و بلند تر از مولانا جامي گفتہ".

---

[1] ماثر 3: 328.

[2] ماثر ناز و نياز غلط لکيو آهي.

میر معصوم، گويا بيان کيل بن مثنوين ۾، هر لحاظ سان مولانا جاميءَ کان گوءِ ڪٽي ويو آهي [1] نقي ڪاشي جيڪڏهن اها تعريف دوست نوازيءَ خاطر ۾ ميرِ معصوم ڪاشان ۾ رهڻ وقت جيڪي ساڻس وکون کنيون، انهيءَ اثر هيٺ نہ ڪئي آهي تہ پوءِ اندازو ٿئي ٿو تہ ميرِ معصوم جو مثنوي گوئيءَ ۾ ڪيترو نہ بلند مقام ۽ مرتبو هو.

والي داغستانيءَ خمسہ چوڻ جو تہ ذڪر ڪيو آهي ليڪن هڪ جملي اندر ڳالهہ کي ختر ڪري ويو آهي. چوي ٿو: "ولي اشعار بسيار گفتہ و تتبع خمسہ نيز کردہ است". پوري خمسہ جي سڀني مثنوين جو نالو سڀ ڪان پهريون اصفهان جي مسجدي عليءَ واري ڪتبي (1013 ھ) ۾ آيل آهي. انهيءَ کان پوءِ ناگور ۾ شيخ حميد الدين جي درگاہ تي هنيل ڪتبي (1013) ۾ ڇاڻايو ويو آهي، پهريون ڪتبو ميرِ صاحب جو پنهنجو هنيل آهي ۽ ٻيو سندس فرزند ميرِ بزرگ نصب ڪيو آهي. انهيءَ ۾ مثنوين جي نالي سان گڏ هيءَ عبارت پڻ آهي، جيڪا نهايت اهر آهي:

"...و اين چند بيت از خمسہ ايشان کہ درين ولا باتمام رسانيده بودند تحرير نموده شد سنہ 1013 ھ".

انهيءَ ڪتبن ۾ هيٺينءَ طرح مثنوين جا نالا آيا آهن:

(1) معدن الافڪار.

(2) حسن و ناز.

(3) اڪبر نامہ.

(4) راي و صورت.

(5) خمسہ متحيره.

مسجد علي واري ڪتبي ۾ ميرِ صاف طرح لکيو آهي تہ: "هيڏي ايندي رستي ۾ هي مثنويون پوريون ٿيون" [2].

---

[1] پوري عبارت هن ريت آهي: پنج کتاب مثنويست کہ ترتيب داده بد وازده هزار بيت، يکي در بحر هفت پيکر، و ديگري بروزن اسکندرنامہ، و سوم در جواب ليلئ و مجنون، چهارم در برابر يوسف و زليخا، پنجم در مقابل مخزن الاسرار کہ بہ "معدن الافڪار" اتسام يافتہ. اما آنچہ در بحر ليلي و مجنون است مسماست بہ "راي و صورت" وانڪہ در بحر يوسف و زليخا ست موسومست بہ "حسن وناز" ودرين در کتاب معاني دقيقہ و خيالات لطيفہ انگيخہ اند. چنانچہ سخن شناسان ممالک هندوستان ونکتہ سنجان ديار خراسان متفق اند کہ اکثر مباحث اين دو کتاب را بهتر و بلند تر از مولانا حامي گفتہ..."

[2] ... اين چند بيت از خمسہ کہ در راه باتمام رسيده بود ثبت نمود...".

متين بيانن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ خمسہ 1013 ھ تائين مڪمل نہ ٿيو ھو. ايران جي سفر ۾ ان کي پورو ڪري ڪتب ۾ نالا آندا ويا. انهيءَ کان پهرين جي تاريخي شهادتن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ طبقات (1001 ھ) ۽ بدايونيءَ (1004ھ) جي تصنيف تائين هڪ مثنوي تصنيف ٿي هئي جيڪا "يوسف و زليخا" جي بحر ۾ هئي، جنهن جو نالو "حسن و ناز" هو. انهيءَ کان پوءِ 1013 ھ تائين جي تقريباً نون سالن ۾ باقي چار مثنويون مڪمل ڪيون ويون. ايران جي طويل سفر جي فرصت کي غنيمت سمجهي مير صاحب انهيءَ کي انهيءَ ڪم ۾ صرف ڪيو. حقيقت ۾ سفر جي ڪلفت کي ختم ڪرڻ لاءِ انهيءَ کان زياده دلچسپ ٻيو ڪهڙو مشغلو ٿي سگهيو ٿي.

مثنوين جي ترتيب هن ريت ڇئي، وڃي ٿي:

(1) معدن الافڪار	بجواب	مخزن الاسرار
(2) حسن و ناز[1]	"	يوسف و زا يخا
(3) راي و صورت[2]	"	ليلىٰ و مجنون
(4) خمسہ متحيره	'	هفت پيڪر
(5) اڪبر نامہ	"	اسڪندر نامہ[3]

ارمان آهي جو اهو خمسو يا انهيءَ جي ڪابہ هڪ مثنوي ڪنهن بہ ڪتب خاني ۾ موجود نہ آهي. "حيات معصوم" ۽ پير علي محمد شاه راشديءَ لکيو آهي تہ "حسن و ناز" جو هڪ نسخو محمد علي شاه معصوميءَ وٽ پراڻي سکر ۾ سندس نظر مان گذريو. پروفيسر عبدالحي حبيبي افغانيءَ راقم کي انهيءَ مثنويءَ جا چند شعر ڏنا، جيڪي مقالات ۾ ڏنا ويا آهن. هن صاحب مثنويءَ جو هڪ ناقص نسخو مرحوم هاشم شايق آفنديءَ وٽ ڪابل ۾ ڏٺو هو. جنهن ۾ سندس قول آهي تہ چار هزار بيت هئا[4]. حبيبي صاحب جي ڏنل بيتن کي هن هيٺ درج ڪجي ٿو. جيئن موضوع جي مناسبت سنان هن ڪتاب ۾ محفوظ ٿي وڃن.

خدا وندا دلي ده شعلہ افروز

درو جاني، ز برقِ عشق در سوز

---

(1) بقول قانع سسئي پنهونءَ جو داستان قلمبند ڪيو ويو آهي (مقالات ص. 800).
(2) پري و صورت بہ نالو آيو آهي (رسالہ تاريخ حيدرآباد دكن ص. 34-35.)
(3) رسالہ تاريخ حيدرآباد دكن.
(4) مقالات الشعرا ص. 801.

بدل ده شعلهٔ آتش گدازم
بریزان از مژه اشکِ نیازم
بخاشا کي تنم در آتش انداز
که دوزخ گردد از وي شعله پرداز
درونم را چنان کن آتش افروز
که دوزخ را ازان آتش فتد سوز
چنان کن موج زن اشکم سوئي اوج
که گردون چون خسي باشد بران موج
چنان ده در درون سینه سوزم
که در وي خرمنِ هستي بسوزم
چنان زان آتشم دل زنده گردان
که از غیرت بسوزد آبِ حیوان
دل ده سر بسر شایستهٔ درد
درونم چون جراحت خستهٔ درد
دلي کاو زخم از مرحم نداند
متاع خوشدلي از غم نداند
دلي خواهم ز درد آزرده و ریش
که از درد ش بدرد آید سر نیش

بتِ فکرم که رخ بنمود از غیب
مبرا داریش از تهمت عیب
جمالش را بهار، تازگي ده
چو حسن او بلند آوازگي دهـ
ازین نامه که نامش جاودان باد
مرا زو نام، و نامم را نشان باد
لباسِ نیکنامي در برش کن
چو نامي در جهان نام آورش کن

رسيد اينک بهار، عالم افروز
ز گلها، شد چمن، روشن تر از روز
هوا شسته ز شبنم، روي گلزار
چمن را غازه کرده رنگ و رخسار
نسيمِ صبحدم از جنبشِ خاص
ز سر تا پاي گلبن کرده رقاص
ز فيضِ صبحدم کافلاک ميريخت
همه لؤلؤ بزير، خاک مير يخت
نسيم صبحدم شد فيض گستر
هوا افشاند سو لولوي تر
بر آمد بر هوا ابر طربناک
ز طنازي کشيده سر بر افلاک
.....الخ

(6) **طب يا مفردات نامي:** مير معصوم پانئجي تو کو نامي طبيب، پيشه ورحڪيم، يا انهيءَ فن ۾ کو خاص درڪ يا مقام رکندڙ کونه هو. قديم دستور مطابق طب نصاب جو هڪ مضمون هو، ۽ تقريباً هر طالب العلم پڙهندو هو، جيڪي پيشه طور ان کي اختيار نه ڪندا هئا، اهي ڪم از ڪم ايتري ڄاڻ رکندا هئا جو پنهنجي گهر ۽ حلقه اندر ستي ڦڪي ڪري سگهن. مشرق ۾ آخري دؤر تائين اهو دستور رهيو آهي ته هر اهو عالم جنهن کي همه دانيءَ جي دعوا هوندي هئي سو معاصرن ۾ سرخرو ٿيڻ خاطر هر فن ۾ ڪجهه نه ڪجهه ضرور لکي پنهنجي نالي ڪيڻ جي ڪوشش ڪندو هو. چنانچه خاص طرح طب ۾ جيڪي ڪتاب يا بياض ڏسڻ ۾ اچن تا سي گهڻو ڪري انهيءَ بيان ڪيل زمره جا آهن. پردي داري ۽ خانداني جي سلسلي ۾ به هر پڙهيل لکيل جو طب ۾ تورو گهڻو دخل ضروري هو جيئن گهرو پردي داري قائم رهي سگهي. خانداني طرح پشت به پشت به ڪي مجرب نسخا وراثت ۾ ايندا تي رهيا جيڪي گهڻو ڪري بياض جي صورت ۾ ضبط ڪيا ويندا هئا. مير معصوم خانداني ماڻهو هو، پردي دار هو، ازان سواءِ سندس گهراڻو خراسان مان آيل هو جيڪو مختلف اسلامي فنون جو مرڪز ليکيو تي ويو، تنهنڪري طب ۾

پڻ ٻين علمن سان گڏ گهراڻي جي فردن کي ضرور درک هوندو. تنهنکري ميرقديم سنت کي پورو ڪندي پنهنجي خانداني نسخن کي مفردات يا مجربات جي نالي سان قلمبند ڪري ڇڏيو ٿو پائنجي. اهو مختصر ڪتاب جنهن کي راقم الحروف پڻ ڪنهن زماني مر ڏٺو "مفردات معصومي" جي نالي سان معروف هو جهڙيءَ طرح مائر الامرا جي عبارت مان ظاهر ٿئي ٿو [1]. ڪن مصنفن غلط فهميءَ جي بناءَ تي هڪ ئي ڪتاب کي ٻہ مختلف ڪتاب سمجهي، جدا جدا نالا ڏنا آهن. جيئن تہ برٽش ميوزم جي فهرست نگار ۽ ڊاڪٽر دائود پوتي مرحوم "طب نامي" ۽ "مفردات معصومي" جا نالا جدا ورتا آهن [2].

اهو رسالو 1004 هـ ڪان پوءِ پائنجي ٿو مرتب ڪيو ويو آهي، ڇاڪاڻ تہ طبقات جي مصنف يا ملا بدايونيءَ انهيءَ جو ذڪر نہ ڪيو آهي.

ڪتاب ۾ مرضن جي تحت انهن مفرد دوائن جا نالا ڏنا ويا آهن، جيڪي انهيءَ بيماريءَ لاءِ مفيد ۽ مجرب هيون. استعمال جو طريقو پڻ بيان ڪيو ويو آهي. ڪتاب جا نسخا ذاتي خواه ڪ ـمي ڪتب خانن مر موجود آهن، جيئن تہ:

(1) **ڪتب خانہ آصفيہ:** ٻہ نسخا "رساله مفردات ميرمعصوم" جي نالي سان نمبر 392 ۽ 369.

(2) **خدا بخش لائبريري پاٽنا:** هڪ نسخو 24 ورق هر ورق ۾ 23 سٽون، ڪتابت سنہ 1110 هـ، خط تعليق.

(3) **بنگال ايشاٽڪ سوسائٽي:** هڪ نسخو نمبر 1550 (G.26) پنجويهہ باب ڪتابت 1182 هـ.

(4) **سنڌ:** مر ڪيترن ذاتي ڪتبخانن ۾ انهيءَ جا نسخا ڏسڻ ۾ اچن تا. معصومي خاندان ۽ روهڙيءَ جي قديم گهراڻن ۾ 1930ع ۾ اسان ڏٺا. ميان نور محمد پٽي (حيدرآباد) وٽ ٻہ هڪ نسخو ٻڌڻ ۾ اچي ٿو.

(7) **تاريخ سنڌ:** جيڪا عام طرح "تاريخ معصوميءَ" جي نالي سان ٻہ مشهور آهي. ميرمعصوم جي تاريخي ذوق جو پهريون گواهہ، خواجہ نظام الدين احمد ۽ سندس تصنيف "طبقات اڪبري" آهن. تاريخ معصومي سنڌ جي تاريخ تي سندس اهم شاهڪار آهي، ڇڪ نامي ڪان پوءِ هيءَ ٻي سنڌ جي تاريخ

---

(1) مختصري در طب کہ بہ "مفرادات معصومي"، موسوم است.
(2) ديباچہ تاريخ معصومص ص. (بط).

آهي. انهن ٻنهي ڪتابن جي وچ ۾ صدين جي وٿي آهي، جنهن ۾ ٻيو ڪوبه ڪتاب لکيو نه ويو ۽ تاريخي ڪڙيون گم ۽ نا پيد رهيون، جنهن کي ميو معصوم محسوس ڪيو ۽ اسان جو گمان آهي ته ڪتاب لکڻ جي ضرورت جو احساس ڪيس گجرات ۾ ٿيو، جنهن وقت "طبقات" لکيو ٿي ويو ۽ سنڌ جي تاريخ تي مواد جو فقدان ظاهر ٿيو، ميو يقيناً انهيءَ زماني کان پنهنجي تاريخ مرتب ڪرڻ شروع ڪئي.

جيڪي ماخذ خواجه نظام الدين ڪتب آندا، ميو پڻ انهن مان پنهنجي ضرورت جو مواد ورتو جيئن ته سنڌ جي سومرن جي احوال "تاريخ بهادر شاهيءَ" مان ورتو اٿس. پاڻ ٽن ڪتابن جو نالو ورتو اٿائين.

(1) تاريخ مراة الجنان ص. 5

(2) تاريخ گزيده ص. 5

(3) تاريخ چچ نامه ص. 4-6

"حبيب السير" سندس پيش نظر رهي آهي جنهن جو حوالو ڪونه ڏنو اٿائين، ليڪن ڪيترين عبارتون لفظ بلفظ نقل ٿيل آهن. ڪن واقعن جو پاڻ اڪين ڏنو شاهد هو تنهنڪري اهو حصو اهم آهي اگرچه نهايت اختصار کان ڪم ونئي لکت کي سرسري ڪري ڇڏيو اٿائين، جنهنڪري پڙهندڙ کي تسلي ڪانه ٿي ٿئي.

ڊاڪٽر دائود پوٽي مرحوم جو خيال آهي ته "تاريخ معصومي" جي ذريعي ميو صاحب جي تاريخدانيءَ جو قائل نٿو ٿي سگهجي. ڊاڪٽر مرحوم چند مثال ڏيئي ٻڌايو آهي ته ميو صاحب ڪيئن تحقيق کان ڪم نه ورتو آهي. سندس خيال آهي ته ميو عمر رسيدو ٿي ڇڪو هو، سندس قوتون مضمحل ٿي ويون هيون، حافظو ڪمزور هوس، تنهنڪري تحقيق لاءِ گهربل جاکوڙ ميو صاحب کان ٿي نه سگهي آهي [1].

اها حقيقت آهي ته مصنف گهربل ضرورتن کي پورو نه ڪيو آهي، ليڪن اهو خيال ۾ رکڻ ضروري آهي ته تحقيق جو معيار جيڪو اڄ سمجهيو وڃي تو سو گذريل دؤر ۾ نه هو. انهيءَ زماني جو انداز زياده ترنقل نويسي هو، ۽ جيڪي ڪجهه اڪين ڏنو احوال ڏنو ٿي ويو انهيءَ ۾ تاريخن جي فروگذاشت ۽ غلطي ڪئي ٿي ويئي -اهو انداز تقريباً هر هڪ تاريخي ڪتاب ۾ ملندو. جنهن جي

---

[1] مقدمو (ڪو-ڪز).

کري ئي اچوکي دؤر ۾ تحقيق کندڙن لاءِ واقعن جي پيٽا هڪ مصيبت ٿي پيئي آهي، ۽ تاريخي مسئلن جا کيترا پيچ اڃ کليا رهجي ويا آهن.

انهيءَ دستوري کمزوريءَ جي باوجود مير مرحوم جو انهيءَ تاريخ لکڻ کري سنڌ تي عظيم احسان آهي، ورنہ کي ئي صديون اونداهيون رهجي وڃن ها. ارغونن ۽ ترخانن جو حصو يا پنهنجي دؤر جي مشهور ماڻهن جو تذکرو، اهي اهڙا باب آهن جيکي جيکڏهن مير نہ لکي ها تہ اسان تائين کيئن پهچن ها؟

حقيقت ۾ سنڌ جي تاريخ جا بنياد وجهندڙ ٿي بزرگ آهن، جن جي اهميت کيترن تاريخي کمزورين ۽ کوتاهين جي باوجود بہ پنهنجيءَ جاءِ تي مسلم ۽ اٽل آهي:

(1) علي بن حامد کوفي،	چچنامي جو مصنف ۽
(2) مير معصوم بکري،	تاريخ معصومي جو صاحب
(3) مير علي شيرقانع ٺٽوي،	تحفة الکرام ۽ مقالات الشعراجو مؤلف

اهي بنيادي کتاب آهن. باقي کتاب جيکي سنڌ تي لکيا ويا، سي سڀ ذيلي آهن.

تاريخ معصومي، درحقيقت هڪ خاص نقطي نگاهہ ۽ سبب کري لکي ويئي آهي. يعني مير صاحب پنهنجي اکيلي پُٽ مير بزرگ جي ذهني تربيت جي ضرورت کي پيش نظر رکي، اهو کتاب لکيو. مقدمي ۾ لکي ٿو:

"...از مطالعهٔ احوال تربيت يافتگان مهدا مکان و گذشتگان بني نوع انسان بلوازم خير و شرو مواد نفع و ضر وقوف و حاصل نموده، بحسن سيرة هونشمندان آگاه ونيکو صفتان بارگاه اهتدا يابد، و بہ سنن سنيهٔ و اخلاق رضيهٔ آن زمرهٔ عليہ اقتدا کرده، از شيوهٔ ناپسنديده اهل نخوت و غفلت و خصائل ايشان وشيمهٔ رديهٔ ارباب بطالت و عطلت اجتناب و احتراز نمايد..." [1].

جيئن مٿي بيان کيو ويو آهي، تاريخ لکڻ جو ارادو يا ابتدا مير صاحب گجرات ۾ رهڻ واري زماني ۾ ڪئي. انهيءَ قسم جي عملي ۽ تاريخي ذوق جي فضا، جيکا کيس گجرات ۾ ملي، سا وري ڪئي نصيب کانہ ٿي. اتان موٽي

---

[1] معصومي، ص. 3.

اچڻ بعد مير صاحب کي يڪساهي سکون سان هڪ جائيتو تي رهڻ جو موقعو ڪٿي ڪونہ مليو. ابتدا گجرات ۾ تي، بکر ۾ ڪجهہ لکي ويئي، قندار جي قيام وقت ۾ قلم هلندو رهيو، ۽ آخري طرح سان 1009 هـ ۾ ڪتاب کي پورو ڪيو ويو آهي. انهيءَ سال جا ۾ دفعا ذڪر آيو آهي: هڪ جاءِ تي بکر جي قلعي جو ذڪر ڪندي مير صاحب لکي تو تہ "...تا اين زمان کہ سنۂ تسع و الف است همان قلع موجود است" [1]، ۽ بيءَ جاءِ تي ڪتاب جي پڇاڻي، ميرزا جانيءَ جي وفات جو ذڪر ڪندي، ڪئي ويئي آهي، يعني 27 رجب 1009 هـ. [2]

ڪتاب جي عبارت نهايت روان ۽ سادي آهي، ڪابہ لفظي آرايش ۽ ڪوبہ واقعاتي سينگارجيڪو ڪيترن مورخن جو خاصو هو—مير صاحب ڪونہ ڪيو آهي. فارسي نثر نگاريءَ جو حقيقت ۾ اهو ڪتاب نهايت شانائتو نمونو آهي. پوين ڪيترين تاريخن جو ماخذ اهو ڪتاب رهيو آهي. ماثر رحيميءَ جي مصنف ارغون ۽ ترخاني دور جو سڄو انحصار تاريخ معصوميءَ تي رکيو آهي. بلڪ لفظ بلفظ نقل ڪيو اٽائين.

تاريخ معصوميءَ جا نسخا دنيا جي وڏن ڪتبخانن ۾ موجود آهن. چند خاص نسخن جو ذڪر هتي ڪجي ٿو:

(1) پنجاب يونيورسٽيءَ ۾ 156 نمبر تي تاريخ جو قديم ترين نسخو موجود آهي-حبيب الله ڪئور يجي ڊيپارجن وراي 26 جمادي الاول 1017 هـ جو لکي پورو ڪيو. 1096 هـ ۾ اهو نسخو مير اسدالله شاه معصوميءَ جي ملڪيت ۾ هو. مصنف جي وفات کان ۾ ورهيہ پوءِ ۽ تاليف واري سال کان 8 ورهيہ بعد لکيو ويو آهي.

بيو نسخو 19 شعبان 1159 هـ جو ڪتابت ٽيل ۾ اُتي موجود آهي، جنهن جو نمبر 157 آهي.

(2) **ڊاڪٽر دائود پوٽو:** ہيو قديم نسخو ڊاڪٽر مرحوم ڪيمبرج مان خريد ڪيو هو، جيڪو محمد رضا بن عبدالواسع بن داروغہ ڪهر جو ڪتابت ٽيل آهي. ڪتابت جو سال 1040هـ آهي. انهيءَ نسخي کي ڊاڪٽر صاحب

---

(1) معصومي ص. 124.

(2) ڇپيل نسخي ۾ ڪاتب جي غلطيءَ سبب سال 1008 لکيل آهي. در حقيقت مقبري جي محراب مٿان اکريل ڪتبي تي سال 1009 هـ آهي، جيڪو صحيح آهي—ڏسو مڪلي نامو. ص. 847، ۽ تصوير نمبر 91.

چاپي متن جو اساس بڻايو آهي. ڪاتب سنڌ جي مشهور علمي ماڻهن مان هو.

(3) **بنگال ايشياٽڪ**، ڪلڪته ۾ هڪ نسخو آهي، جيڪو پڻ 1040 هـ جو ڪتابت شده آهي. نمبر 185 تي موجود آهي.

(4) **ملافيروز لائبريري، بمبئي** ۾ هڪ نسخو آهي، جنهن جو سال ڪتابت 25 شوال 1085هـ آهي.

(5-6) **ڪتب خانهٔ آصفيه** ۾ به نسخا آهن-نمبر 292 ۽ نمبر 674 – پهرئين جي ڪتابت 1227 هـ آهي، ٻئي جي 1197 هـ ۾ ٿي.

اهي خاص نسخا آهن. ٻيا غير اهم ڪيترائي نسخا موجود آهن، جن جو ذڪر غير ضروري سمجهي، نظر انداز ڪجي ٿو [1]. تاريخ معصوميءَ جا ترجما هيٺينءَ طرح ٿيا آهن:

انگريزي ترجمو: 1846ع ۾ G.G. MELET ڪيو. سندس سامهون ٿي نسخا هئا: پهريون پير سائين علي گوهر شاهه جو، ٻيو سيد غلام علي شاهه جو، ۽ ٽيون مير علي مراد خان ٽالپور والي رياست خيرپور جو هو

سنڌي ترجما: سنڌي زبان ۾ به ترجما ٿيا آهن. پهريون ترجمو ديوان نندرام 1861ع ۾ ڪيو. انهيءَ کان پوءِ ڊاڪٽر دائود پوٽي وار ۽ متن تان 1953ع ۾ مخدوم امير احمد مرحوم ڪيو، جنهن کي سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو ۽ استعمال هيٺ اهوئي نسخو سنڌ اندر آهي.

اردو ترجمو: پهريون اردو ترجمو بهاولپور ۾ 1906ع/1324 هـ ۾ ٿيو. مترجم آغا سلطان ميرزا هو. ترجمي جي اختتام جي تاريخ 11 جولاءِ 1906ع چهار شنبه لکيل آهي، اهو نسخو سالار جنگ جي ڪتبخاني ۾ نمبر 526 تي آهي (فهرست اردو 822)، سائيز سادا چهه، 10، ص، ص. 261، سٽون 21، مترجم جو پنهنجو نسخو آهي.

ترجمي ۾ ڇاڻايو ويو آهي ته سندس سامهون تاريخ معصوميءَ جو اهو نسخو رهيو، جنهن جي ڪتابت 1017 هـ ۾ ٿيل هئي. پانئجي ٿو سندس پيش نظر اهو نسخو هو، جيڪو پنجاب يونيورسٽيءَ ۾ موجود آهي.

---

[1] برٽش ميوزم ۾ 6 نسخا موجود آهن، جن مان هڪ مشهور انگريز شرق شناس سر وليم ميور جي ملڪيت ۾ هو. ڪاتب جو قول آهي ته اهو نسخو هن انهيءَ نسخي تان نقل ڪيو، جنهن تي مصنف جي صحيح هئي. ڪاتب جو نالو محمد جعفر بن قاضي عبدالسلام آهي.

پيو اردو ترجمو مخدوم امير احمد واري سنڌي ترجمي تان سنڌي ادبي بورڊ ڪرائي شايع ڪيو. جيڪو مستعمل آهي.

فارسي متن: فارسي متن مرحوم ڊاڪٽر دائود پوٽي 1938ع ۾ بمبئيءَ مان شايع ڪيو آهي، جيڪو هر لحاظ کان بهترين نمونو آهي.

(8-9) **دواوين:** تقي ڪاشيءَ جو قول آهي ته ميرِ معصوم غزلن جا ٻه ديوان (1013 هـ تائين) مرتب ڪيا هئا، جن ۾ پنج هزار بيت ٿيندا. سندس غزل نمڪين، پرشور، معنيٰ سان پربور ۽ تازين عبارتن جا حامل هئا [1].

(10) **ديوان رباعيات:** رباعين جو ديوان ميرِ مرحوم جدا مرتب ۽ مڪمل ڪيو هو، جنهن جي سلسلي ۾ تقي ڪاشي عبارت آرائي ڪندي لکي تو ته سندس اهو ديوان لطافت سان پربور آهي ۽ انهيءَ جي-"هر رباعي ازان تير چهار پري است ڪ از شست ڪماندار قادر انداز بيرون آمده وبهدف مقصود رسيده." انهيءَ عبارت اندر رباعيءَ جي ته تعريف ڪئي ويئي آهي، ليڪن لطيف اشارو ميرِ صاحب جي تير ڪمان سان شڪار ڪرڻ واري شوق ڏانهن ٻه آهي.

در حقيقت ميرِ صاحب رباعين جو واقعي بادشاه هو، سندس ڪتبن واريون رباعيون انهيءَ تي شاهد آهن.

(11) **ساقي نامه:** تقي ڪاشيءَ ڪيس ٻڌ ساقي نامن جو مصنف بيان ڪيو آهي. جيتوڻيڪ ساقي نامه ديوان جو جز آهن، ليڪن جنهن صورت ۾ تقي ڪاشيءَ انهن جو الڳ عنوان قائم ڪيو آهي. ميرِ صاحب جو هڪ ساقي نامو اتفاق سان پاڻ کي هڪ بياض مان مليو آهي، جيڪو شعر جي باب ۾ ڏنو ويندو.

(12) **معمه:** شعري ڳجهارتون پڻ ديوان جو حصو آهن، ليڪن تقيءَ انهن جو ذڪر ٻه جدا ۽ خاص طرح ڪيو آهي، تنهنڪري پاڻ ٻه انهن کي الڳ عنوان هيٺ بيان ڪيون ٿا.

خراسان تيموري دؤر ۾ شعر و ادب جو وڏي ۾ وڏو مرڪز رهيو آهي. ميرِ معصوم نه فقط خانداني طرح خراساني هو، ليڪن شعر ۾ ٻه خراساني انداز جي پيروي ڪئي اٿائين. چانڇ تيموري دؤر ۾ معمه ڇوڙ جو خاص طرح رواج پيدا ٿيو ۽ هراتي شاعرن انهيءَ صنف ۾ گهڻو ڪجهه ڇيو. مولانا جامي ۽ علي شير نوائي وغيره خاص نمائندا هئا، جن معمه کي تازگي بخشي ۽ رواج ڏنو.

---

[1] غزليات پرشور نمكين و ابيات بلند متين بعبارات تازه و معاني بي اندازه. (پارس، ص 4.)

اهوئي ڪارڻ هو، جو ميو معصوم هراتي اسڪول جي پيرويءَ ۾ معمو غالباً چگي انداز ۾ چيا، جن جو تقي ڪاشيءَ کي خاص طرح ذڪر ڪرڻو پيو. هن "چندين" جو لفظ ڪتب آندو آهي، جنهن مان اهوئي انومان نڪري سگهي ٿو تہ معمو جو تعداد قابل ذڪر هو. سندس معمو جي تعريف ۾ لکي ٿو تہ "ناسخ افکار مدققان آن فن و مدر کان صاحب فطن است".

افسوس آهي، جو ميو مرحوم جو اهو سمورو شعري سرمايو زماني جي گردش محفوظ رهڻ نہ ڏنو ۽ اڄ پاڻ وٽ مٽي ذڪر ڪيل مجموعن مان ڪابہ هڪ تصنيف موجود نہ آهي. تذڪرن ۾ چڙوچڙ شعر ملن ٿا. سڀ کان زياده تقي ڪاشيءَ ميو صاحب جو انتخاب ڏنو آهي، يا ڪجهہ انتخاب ملابدايونيءَ ۽ انهيءَ تان 'مخزن الغرائب جي' مؤلف ڏنو آهي. سندس ڪجهہ بيت ۽ رباعيون مختلف عمارتن جي يادگار ڪتبن تي محفوظ رهجي ويا آهن. خاص طرح قبرستان جي پٿرن تي چگي تعداد ۾ اُڪريل آهن.

انهيءَ منتشر مواد جي ميڙا چوندي ڪري، پاڻ جدا باب ۾ ميو جو هٿ آيل ڪلام هڪ هنڌائتو ڪري ڏيون ٿا—چوٽي آهي تہ اميد تي دنيا جو ڪاروبار هلي رهيو آهي! تنهنڪري امڪان کي پاڻ بہ نظرانداز نٿا ڪيون، ممڪن آهي ڪنهن وقت سندس ڪو ديوان يا وڌيڪ شعري سرمايو هٿ اچي وڃي[1].

---

[1] پير علي محمد راشديءَ هڪ ديوان سندس خاندان مان هٿ ڪري نقل ڪيو هو. جيڪو مون وٽ موجود آهي. سيد نور علي شاه مرحوم وٽ هو، جتان ونڊي، پير صاحب 1931ع ۾ سکر منجهہ نقل ڪيو. ديوان ۾ سڀ مدح ۽ منقبت آهن. اهو ميو معصوم بکريءَ جو ديوان نہ آهي، شعر جو رنگ ميو مرحوم جو نہ آهي. هي ڪنهن ٻئي شاعر جو آهي، مقطع ۾ نامي تخلص ڏسي، مائٽن ميو معصوم جو سمجهي، پاڻ وٽ ايترا سال سانديو.

حيات معصوم ۾ پير علي محمد شاه راشديءَ لکيو تہ خيرپور جي وزير شيخ صادق علي ديوان نامي چپايو ٿي، ڪجهہ ڇپيو بہ هو، ليڪن پوءِ بند ڪيو ويو. پانڇجي ٿو اهو ديوان بہ ميو معصوم جو نہ هو، ۽ جڏهن شيخ صادق علي‌ءَ کي ڪنهن چاڻ ڪيو تہ ان وقت هن روڪرائي ڇڏيو.

(28-6-1978ع، ڪراچي.)

باب ڇوويهون

يادگار ۽ آثار

مير معصوم کي يادگار قائم ڪرڻ، رفاهي عمارتن ٺهرائڻ، آرام گاهه جوڙائڻ، مسجدن تعمير ڪرڻ ۽ سفر ڪندي ڏيڪ وارن جاين ۽ جبلن تي نشانيءَ طور ڪتبن هٽڻ جو بي پناهه شوق هو. عمارتن جي سلسلي ۾ ته ڪن چند مغل اميرن جو نالو شايد وڻي سگهجي، ليڪن ڪتبن هٽڻ جو ڏاڻ ۽ شوق مير جو خاصو هو. ٻيو ڪوبه معاصر انهيءَ ڏس ۾ سندس شاني شريڪ نه ٿيو. ڪنهن واحد شخص جا ايترا ڪتبا شايد تاريخ ۾ ملي نه سگهندا جيترا هڪ مير هٽايا. در حقيقت دنيا جي بي ثباتيءَ ۽ انسان جي فاني هجڻ کان مير ايترو ته متاثر هو. هو هُن هنڌين ماڳين ڪتبا هٽي پاڻ کي يا پنهنجي نالي کي زنده رکڻ تي گهريو. ڪتبن تي جيڪي اشعار اُڪريا ويا آهن، انهن ۾ اهوئي جذبو ڪارفرما نظر اچي ٿو. دنيا جي بي ثباتي، درس عبرت، حيرت،، بخشش گناهه، جزا سزا، مغفرت لاءِ دعا طلبي—اهي آهن مضامين. جيڪي مير جي رباعين جو مرڪزي نقطو آهن مضامين. جيڪي مي جي رباعين جو مرڪزي نقطو آهن ۽ ڪتبن جي شعرن ۾ نظر اچن ٿا. انهن مضمونن منجهان مير مرحوم جي ذهن جي هلچل، مزاج جي ڪيفيت ۽ سوچ جو لاڙو معلوم ڪري سگهجي ٿو. مثلاً: هن قسم جا شعر جتي ڪتي ڪتبن تي نظر ايندا:

تـرا گـر آسمـان مـنزل نشـين اسـت
هـر آخـر جـاي تـو زيـر زميـن اسـت

شـاديءَ زمانـه جـز غمـي بيـش نبـود
وين عمـر گرانمايـه دمـي بيـش نبـود
سـوداي بتـان جـز المـي بيـش نبـود
خوننابـهٔ ديـده جـز نمـي بيـش نبـود

رفتيـم ازيـن ميانـه، يـاران! رحمـي
برحـال خـراب دلفگـاران رحمـي

چون خاک شدیم و خاک ماگشت غبار
رحمي! رحمي!! بخاکساران رحمي

ما آمده بودیم درین باغ بگشت
چون ابر بروي سبزه، چون باد بدشت
چون نرگس پرخمار ناگه، ازخواب
تاچشم کشادیم زهم، عمر گذشت

انهيءَ رنگ مان واضح آهي ته ميرصاحب تي هن فاني دنيا ۾ بي بقا زندگيءَ جي سموري خرخسي ۽ قمار جو کيڏو نه شديد احساس هو. ازان سواءِ ميرصاحب جي شعر جو، ڪتبن جي عبارتن ۽ انهن جي ڪثرت جو جيڪڏهن تجزيو ڪبو، ته ميرصاحب خود مجسم تي، تصور ۾ ايري اچي ٿو — يعني هڪ پروقار ۽ سنجيد و چهرو، نهايت متين، متفڪر ۽ هميشه سوچ ۾ اونهن خيالن ۾ مبتلا رهندڙ، بزرگ صورت انسان ۽ شانائتو پريو مڙس.

ميرصاحب جا يادگار ڪٿي ڪٿي آهن، ڪيترا آهن، ڪيترا مٽجي ويا؟ تنهن جو ڪو تفصيل يا تحقيق ٿيل انگ ڪونه آهي. بهرحال هندستان ۾ جتي جتي ويو، اتي پنهنجي قدمن جا نشان ضرور ڇڏيائين. بکر ۽ سکر ته سندس وطن هو، اتي هن جيڪي يادگار ناهيا سي نسبتاً پائدار رهيا ۽ خاندان جي موجودگيءَ سبب انهن جي نگهداشت ٿيندي رهي، جنهنڪري اڄ گهٽي ۾ گهٽا يڪجاءِ اتهن ئي موجود ملن ٿا. "ذخيرة الخوانين" جو مصنف انهيءَ ذوق جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته:

"عمارتن ناهڻ جو شوق تمام گهڻو هوس. پاڻ ڪتبه نويس ۽ خوش خط هو. ايروان، نخجوان، تبريز، اصفهان، قندار، ڪابل، ڪشمير، هندستان ۽ دکن، غرض ته جتي پهتو اتي پنهنجي شعرن سان مزين ڪتبا ڏاڪ هنيائين". [1]

عمارتن ۽ واٽره واري سوق متعلق ساڳيو مصنف لکي ٿو ته:

---

[1] ....ذوق عمارات بسيار داشت و خود كتبه نويس، خوش خط بود. از ابتداي ايروان، و نخجوان، و تبريز، و اصفهان تا قندهار و كابل و كشمير و هندستان و دكن هر جا رسيد از اشعار خود نوشته و برسنگ كنده يادگاري گذاشت" (1: 203.)

"ڪيترن شهرن ۽ هنڌن تي مسجدين، سرايون، پليون، ڪوهه ۽ رباط نهرايائين. سکر شهر ۾، جيڪو سندس وطن آهي، اتي خاص طرح تمام سهڻيون، ۽ عاليشان عمارتون جوڙيائين، جن جي چوگرد چانوهري لاءِ بڙ جا وڻ پوکي، انهن کي سينگاريائين".

عمارتن جو تفصيل بيان ڪندي ڇاڻائي ٿو:

"درياهه پنجاب تي جيڪو بکر واري قلعي جي چوڌاري وهي ٿو، "ستياسر" نالي عمارت تعمير ڪيائين جنهن جو مثال روءِ زمين تي ملڻ مشڪل آهي. "گنبذ دريائي" مان تعمير جي تاريخ (1007هـ) ڪڍيائين. پنهنجو قبرستان پهاڙ متان، جنهن جي سامهون باغ آهن ۽ درياءُ، اهڙيءَ طرح تيار ڪرايائين، جو انهيءَ جو ثاني ملڻ ممڪن نه آهي. منجهس هڪ مناور دهليءَ جي مناري جهڙو نهرايائين جيڪو ويهن ڪوهن تان ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ۽ انهيءَ ساڻ گڏ سهڻو گنبذ سرن سان جوڙايائين، اهڙيءَ طرح، جڙ ڊلائي ٽيل آهي. انهيءَ جي پرسان پٿر جي چوڪنڊي آهي، جيڪا قيامت تائين قائم رهڻ جهڙيءَ مضبوط آهي. والد ۽اءُ ۽ پنهنجي قبر انهيءَ جي هيٺان تيار ڪرايائين. مغفرت جي متعلق آيات ۽ احاديث انهيءَ چت تي اُڪر ڪرايائين، جيڪا سندس قبرمٿان آهي. آهي. 99 نالا ذات باري تعليٰ جا پڻ انهيءَ تي اکريل آهن. اڃ 60 ورهيه ٿي ويا آهن، انهيءَ عمارت ۾ هڪ ڏار يا چير نه پيو آهي." [1]

گهريلو جاين جي متعلق ساڳئي مصنف جو قول آهي:

---

[1] اکثر جا مساجد وسرا ورباط و پل و چاه آب و باولي بنا کرده، خصوصاً شهر سکر—که وطن اصلي اوست—اورا از عمارات عالي و درخت هاي بر وغيره زيورها پوشانيده و درميان درياي پنجاب، که در گرد و پيش قلعهٔ بکر جاري است، عمارتي "ستياسر" نام بنا نهاد که در روي زمين نيست. تاريخ اورا "گنبذ دريايي" يافته (سنه 1007هـ). و گورخانه خود را بالاي کوهي که مشرف بـه باغـات و درياي پنجاب ست، آنچنان ساخته که در عالم بمثل وي نشان نمي دهد. اولاً مناره مرتفع که مناره مانند در دهلي يک کهنه يعني يک حصه اومي توان گفت، سر بفلک کشيده از بيست کروه نمايان است و متصل اوگنبذ مطبوع، اگرچه از خشت پخته است، اماگويا ريخته است. و در جوار چوکندي از سنگهاي کلان که تا دور قيامت انهدام ندارد، در ست کرده مقابر پدر و خود زير آنها نموده. و آيات و احاديث که مدل بمغفرت است، بالاي قبر خود در آن گنبذ بخط کتبه کننده و برتعويذ قبر نود ونهه نام باري تعليٰ نوشه. شصت سال ازين عمارت گذشته است رخنه ودرزي راه نيافته..." (1: 204.)

پاڻ حويليءَ جي جاءِ کي هٿ نہ لاڻاين. اها جيئن هئي تيئن رهڻ ڏنائين، پين جون جايون پڻ ساڳي نوع جون هيون. فرمائيندو هو تہ: عمر تي اعتماد نہ آهي، مون کان پوءِ متان ڏڃي وڃن تنهنکري جيئن آهن تيئن پل رهن. مسجد جي اڳيان ويهہ بيگا زمين وٺي انهيءَ ۾ نهايت سهڻو باغ رکيائين. گلن جا وڻ، ٻوٽا ۽ ميويدار درخت طرحين طرحين مهيا کيائين. ماڻهن انهيءَ مان ڏاڍو سک ورتو، گهمي ڦري فرحتون کندا رهيا" [1].

باغ جنهن جو ذکر آيو، ميرصاحب رفاه عام جي لحاظ کان نهرايو، ورنہ هن ناپائدار دنيا ۾ پنهنجي سک لاءِ کابہ شاندار ۽ امارت جي شان مطابق کابہ عمارت کانہ نهرايائين. تحت الشعور ۾ اهوئي بي ثباتيءَ وارو جذبو کار فرما رهيو جنهن جو ذکر مٿي کيو ويو آهي.

"مآثر الامرا" جي مؤلف "ذخيرة الخوانين" جي مٿين عبارت کي اختصار سان آندو آهي ۽ مير جي عمارت سازيءَ واري ذوق کي ۽ يادگارن نهرائڻ واري مشغلي کي ساراهيو اٿائين.

زماني جي گردش مير جي کيترن يادگارن کي مٽائي ڇڏيو آهي، جيکي کجهہ بچي ويا آهن، تن جي بہ اها اصلي صورت نہ رهي آهي. تاهم شکر آهي تہ کي نشانيون اڃا آهن جن مان ڏسندڙ عمارت سازيءَ جي نوع ۽ مير جي ذوق جو اندازو کري سگهي ٿو. هتي هر هک انهيءَ يادگار جو-جيکو اڄ موجود آهي-جدا جدا عنوان هيٺ سالوار ذکر کجي ٿو:

(1) عيد گاهہ روهڙي 1002 هـ

سڀ کان پهرين عمارت-موجود جاين ۾-روهڙيءَ جي عيدگاهہ جي آهي جنهن جو بنياد 1002 هـ ۾ پيو. انهيءَ مان ظاهر آهي تہ مير مرحوم جيئن وطن ۾ جاءِ نشين ٿيو تيئن -يقيناً عوام جي تقاضا تي ۽ ضرورت جي بناءَ تي- پهريون مذهبي عمارت جو بنياد وڌو. روهڙيءَ شهر جي اولهہ ۽ ڏاکڻي ڪنڊ تي

---

[1] ...اما در عمارت حويلي دست تصرف را کوتاه داشته مثل عمارت سائر الناس کرده، ميفر مودند که: بر عمر اعتماد نيست. بعد از وفات من مبادا آن حويلي نزولي شود، الا سر دروازه خانہ خود، متصل مسجد پدر، باغيچہ در آراضي بيست بيگہ راست ساخته، گلها و درخت هاي ميوه دار را نشانده که تفرج عالم است." (1: 204.)

سپ کان بلند ٽکريءَ تي محراب ۽ حد بنديءَ جي ديوار کيرائي عيدگاھ ٺھرائي وئي، سکر کان درياھ جي پڪ تان ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

اولھ واري پاسي ۾ محراب ۽ مصلو ۽ ديوار جي ٻنھي ڪنڊن تي پاوا آھن جن مٿان ننڍا گنبد آھن. درمياني ھشت پھلو خوبصورت چوني جو پڪر گنبد ۽ ھينان محراب آھي، جنھن جي پيشانيءَ تي ھي ڪتبو آھي:

(1) سيادت پناه امير محمد معصوم
نامي بن سيد صفائي بنا نهاد.

(2) مير معصوم ساخت برسر کوه
عيد گاه بفيض همچو ارم

(3) پير فکرت برائي تاريخش
عيد گاه، بفيض کرد رقم

عيد گاھ آخري مرتبو راقم الحروف 1962ع ۾ ڏٺو ھو. انھيءَ وقت معلوم ٿي ٿيو تہ ھر سال مرمت ٿي رھي آھي. البت ميدان تي فرش ڪونہ ھو. وسيع ايراضي عيدگاھ ھيٺ آھي، جنھن تي 6-7 ھزار ماڻھو ھڪ وقت نماز پڙھي سگھن ٿا. پانڌجي ٿو اھو عيدگاھ مخصوص روھڙيءَ ۽ بکر وارن لاءِ ھو. نئين ۽ پراڻي سکر لاءِ ضرور کو ٻيو انتظام ھيو، آھي.

(2) چوڪنڊي قبرستان 1002 ھ

مير جي قبرستان ۾ ٿي عمارتون مکيہ آھن، چوڪنڊي جنھن ھينان بنيادي قبرون آھن، منارو ۽ آرام گاھ ھشت پھلو. مير صاحب سنڌ جي جنگ مان فارغ ٿي جڏھن موڪل جو زمانو سکر ۾ رھڻ آيو، ان وقت سپ کان پھريون ھُن روھڙيءَ وارو عيدگاھ ۽ والد ۽ پاڻ جي قبرن مٿان پٿر جي چوڪُنڊي (چٽي) ٺھرائي. پٽس ۽ پاڻس ھڪ ئي سال ۾ فوت ٿيا ۽ اتي ئي دفن ڪيا ويا ھئا. اھا جاءِ ظاھر آھي تہ بلنديءَ تي ۽ نظاري واري ھئي، تنھنڪري انھيءَ کي خاندان جي قبرستان لاءِ منتخب ڪيو ويو. ٽکريءَ جي سامھون درياھ ھو ۽ باغن جي مسلسل وٽاھ. ڪنھن زماني کان پوءِ ھينائينءَ ۾ موجوده شھر آباد ٿيو.

انھيءَ ايراضيءَ ۾ جيڪا اتھون شروع ٿي ڪليڪٽريءَ وٽ ختم ٿئي ٿي- ڪي ئي اھر قبرستان ۽ خاص ماڻھن ۽ خاندانن جا مخصوص گورستان ھئا،

جيڪي پوءِ ڦٽندا ويا ۽ انگريزي دؤر ۾ نيون عمارتون ۽ باغ ٺهندا ويا. 1930ع تائين ڪيتريون ڦٽل قبرون هِـتي هُـتي موجود هيون، جيڪي اسان ڏٺيون، نهايت خوبصورت ۽ ڪاشيءَ جي ڪم جو مٽن جڙاءُ. شاهه محمد مڪي ۽ پورانين جي قبرستان ڪان سواءِ ٻيو سيڪجهه برباد ٿي ويو. سلطان محمود بکريءَ جو مدفن به انهيءَ ڊگهيءَ ايراضيءَ مان ڪنهن هنڌ تي هو. جيئين هن بي گناهه انسانن جا گهر ڦٽائي ناس ڪري ڇڏيا تيئن قدرت سندس ۽ سندس گهراڻي جو نالو نشان به مٽائي قبرن جي سرن تائين نيست نابود ڪري ڇڏيو. سواءِ چند نيڪ ماڻهن جي اڄ ڪنهن به ٻئي حملي آور جي قبر ڪاڻ ٿي ڏسڻ ۾ اچي—سنڌ اڄ به موجود ۽ صحيح سلامت آهي، سکر به آهي ته سکر وارا به آهن، ليڪن جيڪڏهن ڪوبه فنا ٿي منجي ويو ته، هر اهو خوني ۽ رهزن، جنهن ٻين کي مٽائڻ ۽ برباد ڪري پاڻ کي مسلط ڪرڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي. اڄ نه پاڻ رهيو نه ڪو پونير ۽ نه نالو ونڊڻ موجود—تاريخ جو چڪر اجهو ائين ٿو حق ۽ ناحق جو پلوءُ ڪندو رهي!

قبرستان جو بنياد ته اڳ ئي پٽجي چڪو هو. ڪي سادات انهيءَ ڪري اندر دفن به ٿي چڪا هئا، مير معصوم اچڻ سان انهيءَ ايراضيءَ کي ديوار ڏئي انهيءَ ۾ قابل ديد عمارتن جي سڻا ڪئي. سڀ کان اول هُـن پنهنجي والد ۽ ڀاءُ وارن قبرن مٿان 1002ھ ۾ پٿر جي چٽي ٺهرائي، ۽ انهيءَ ۾ ايتري جاءِ رکيائين جو پاڻ سميت خاندان جي چند اهم شخصيتن کي به انهيءَ هينان ابدي آرام نصيب ٿيو.

اها چوڪنڊي وراندي سميت پٿر جي پاون تي بيٺل آهي، ۽ چت پڻ پٿر جي آهي، ٽي ننڍا گنبذ مٿان ناهيا ويا. پ ون تي، چت جي شهتيرن مٿان ۽ گنبذ جي اندران آيتن ۽ اشعارن جي اڪر ٽيل آهي، جنهن جي تعريف "ذخيرة الخوانين" جي زباني مٿي پڙهي آيا آهيون، "عمارت سرڪوه" (1002 ھ) مان ٺهڻ جو سال نڪري ٿو. چوڪنڊيءَ جو تلهو زمين کان 10-15 فٽ مٿي ٿيندو. ڏاڪڻ جي ذريعي مٿي چڙهي قبرن وٽ پهچجي ٿو. بنيادي چوڪنڊي سان گڏ پوءِ جي دؤر ۾ اوپر کان ٻي عمارت ناهي وئي آهي. مير معصوم واري عمارت اها آهي جيڪا پٿر جي پاون تي بيٺل آهي. انهيءَ عمارت کي 20 پاوا (ٿنيا) آهن. جن مان 8 خالي آهن، باقي ٻين تي آيتن جي اُڪر آهي. قبرستان جي نقشي ۾ شهتيرن تي نمبر ڏنا ويا آهن، نهن ئي نمبرن جي سامهون شهتيرن

مٿان اُکريل رباعيون ڏنيون وجن ٿيون. ياد رکڻ گهرجي تہ اهي اشعار اتر ۽ ڏکڻ جي وراندن تي آهن.

وراندن جي شهتيرن تي اشعار.[1]

(1) در وادي عشق بي سپر بايد شد
در گرم روي همچو شرر بايد شد

(2) گوي، سر خود بجاي پا بايد ماند
اين ره، رهِ عشق است، بسر بايد شد

---

(3) نامي! توکہ کام خواستي، کام کجاست؟
در گردش روزگار، آرام کجاست؟

(4) صياد قضا، نهاده دامي ز اجل!
مرغي کہ برون جهد، اين دام کجاست؟

---

(5) ديدم چغدي نشستہ در صبح پگاه
بر کنگرۂ مقبرۂ شروانشاه [2]

(6) فرياد کنان زروي عبرت ميگفت:
کو آن همہ حشمت؟ و کجا آن همہ جاه؟

---

(7) آ نانکہ بدهر در تنعم بودند
هر لحظہ بمال و جاه مي افزودند

(8) امروز از يشان اثري پيدا نيست
يکيک رفتند و زير خاک آسودند

---

[1] رباعين پڑهڻ وقت نقشي کي سامهون رکيو وڃي.

[2] شروان (شاوران) گاديءَ جي شهر جو نالو آهي ارمنستان ۾ اهو شهر هو جتان جي بادشاهي کي شروانشاه چيو ٿي ويو. عرب ۽ ايراني حڪمران رهيا آهن. سندن زمانو (901-1174ع) تائين رهيو آهي.

(9) از غمزهٔ مستت همه خون می آید
وز عشق توام بوی جنون می آید
(10) نامی و دلی و صد غم، انصافی هست؟
از عهدهٔ این کار، برون می آید

—

(11) پیوسته دو دیده لاله گون می باید
دل نیز چو دیده، غرق خون می باید
(12) وارستگیٔ، گرت بعالم هوش است
دیوانگیٔ بـ از جنون می باید

—

(13) عشقت، نه متاع هر خریدار بود
اورا دو جهان، بهای یکتار بود
(14) گل نیست که، در کوچهٔ و بازار بود
یا مشک، که در دکان عطار بود

—

(15) نامی بقضا رو، بتمنا میرو
ره جانبِ آرزو چلیپا میرو
(16) پشتی بامید داده پهلو بمراد
رو تافته از خود، بـ پسِ پا میرو

—

(17) از دانش کار دهر، ناداني بـ
و ز کردهٔ او، ترا پشیماني بـ
(18) چون حاصل کاراین جهان، معلوم است
میداني بـ! وگر نمیداني بـ

—

(19) اي آنکه تو بار بستهٔ بر راحلهٔ
در خواب شده غافل ازین مرحلهٔ

(20) بيدار شو و پاي طلب در ره نه
رفتند همه، تو نيز ازين قافلهٔ

(21) نامي! بجهان، نشاط كر مي بينم
آميخته شاديش بغم مي بينم

(22) بايد كه تو اول بجهان پشت دهي
آخر چو ترا رو بعدم مي بينم

---

(23) ديوانهٔ عشق را حسابي دگر است
گر محوشود بخود حجابي دگر است

(24) گر خاک شود، بخاکساريش مي بين
هر ذرهٔ خاکش آفتابي دگر است

وڃين مرڪزي حصي جي ڇت تي ٽي گنبذ آهن. مٿان گول ۽ اندران بيضوي شڪل آهن. ابوالقاسر، ميو معصوم ۽ سيد صفائي جون قبرون انهن گنبذن هيٺان آهن. وڃون گنبذ جنهن هيٺان ميو معصوم جي مزار آهي، سو وڏو آهي، ٻيا ٻه مقابلتاً ننڍا آهن. ڇتيءَ جي ڇت ۽ گنبذن مٿان ڇوني جو ڪو پلاسٽر ٿيل آهي.

(1) ميو بزرگ جي قبر

ڇورس ڇت جي هيٺان ڇوني جي قبر بنان ڪتبي جي آهي. خاندائي روايت مطابق ميو بزرگ جي آهي. ڊاڪٽ تان ڇڙهي، مرڪزي ٿلهي تي، پهريون انهيءَ قبر جي سيراندي ڪان اڇجي ٿو. تاريخ جو ڪتبو ڪونه آهي. ڇت جي سرن تي هيٺان شعر اُڪريل آهن.

(1) چون خاک همي شود ترا ملک وجود
عمر تو اگر هزار وز بيش، چه سود؟

(2) منزل دور است، مي بيد ساخت
آماده براي مرگ مي بايد بود

---

(3) بس روز کہ شب آید و مهتاب شود
پس شب گذرد گہ صبح نایاب شود

(4) چون میگذ رد زوز و شب، یاد آورد
زان روز کہ چون شبِ تو در خواب شود

پهريون شعر ڏکڻ ۾ پيو اوير ۾ ٽيون اُتر کان ۽ چوٽون اولهائون آهي.
مير بزرگ جي مزار جي هڪ ٿنڀ تي هيٺين طرح شعر جي اُکر آهي:

(1) مرگ را در زير بالين
(2) دار. چون بخسپ در
(3) پيش چشم در آر. چون
(4) بر خيزي و
(5) در خردي گناه
(6) منگر، در بزرگي
(7) وي نگر، کہ درگہ
(8) عاصي مشوي
(9) گفت: چگونہ؟
(10) باشد کسي کہ
(11) بامراد برخيزد
(12) و نداند کہ تا
(13) بهمہ شبانگاه
(14) خواهد زيست يا نہ!

هن ٿنيي جو رخ ڏکڻ طرف آهي.

(2) سيد مير صفائي جي مزار

ٽئين گنبذ هيٺان آهي. مير معصوم ۽ سيد صفائي جي قبرن درميان هڪ چوني جي ٺهيل قبر آهي، ڪتبن نہ هجڻ سبب معلوم نہ آهي تہ ڪنهن جي آهي. سيد صفائيءَ جي قبر پڻ ساڳيءَ طرح جيئن مير معصوم جي آهي، آيتن ۽ اشعارن جي اُکر سان چٽيل آهي. پيراندي ءَ کان تاريخ جو ڪتبو آهي:

ماه قرشي لقب صفايي
کافراشت فلک ولايي نورش

ناگاه ازين جهانگ سير
افتاد بان جهان عبورش
نامي ز براي سال تاريخ
گفتا: پر نور باد گورش

انهيءَ پيراندييءَ واري لوڙهه تي تاريخ واري شعر جي چوڌاري ڪناري تي هي اشعار اکريل آهن:

اي آمده بـــــرسر مزارم — از آمـــــدنت اميدوارم
حسرت زده ام بخاک مانده — افتـــاده دريـــن مغـــاک مـــانده
يک فاتحه بخوان بـــا خلاص — تـــاحق کـــندت بمغفرت خاص[1].

قبر جي پاڙ واري ڪناري تي چوڌاري هينيان شعر اکريل آهن [2]:

1- اي آمـــده، بـــر مـــزار نـــامي
و ز آمدنـــت، شـــده گرامـــي
چـــون آمـــدهٔ؛ زيـــارتي کـــن
از فاتحـــه، يـــک اشـــارتي کـــن
از مرحلـــهٔ جهـــان غمنـــاک
شـــد مـــنزل مـــا ســـراچهٔ خـــاک
رحمـــي! رحمـــي! کـــه بـــس غريبـــم
از عيـــشِ زمانـــه، بـــي نصيبـــم

2- جـــان قـــاصدِ راه، آن جهـــان اســـت
ايـــن جـــا، دوســـه روزه ميهمـــان اســـت
همپـــائئ شـــعله کـــن، برفتـــار
همگـــامئ بـــرق کـــن، شـــرر وار
ســـنگي کـــه نهـــاده برمـــزار اســـت
ســـر تـــا ســـرش از غمـــ فگـــار اســـت

---

[1] نقشي ۾ شعرن جي جاءِ ڏسڻ گهرجي.
[2] نقشو ڏسڻ گهرجي.

بشـــگافي اگـــر درون ايـــن ســـنگ
گـــر ســـنگ بـــود دلـــت شـــود تنـــگ

3- ايـــــن راه بـــــود دراز و تـــــاريک
ويـــن خانـــهٔ گـــور، تنـــگ و تـــاريک

4- محتـــــاج لطيفـــــهٔ دعـــــايم
گـــو فاتحـــه کـــه، بـــي نوايـــم

مير صفائيءَ جو گنبذ جن شهتيرن تي بينل آهي، انهن تي چوڏاري هينان شعر اُکريل آهن. ساڳئي انهيءَ نموني جيئن مير معصوم جي گنبذ وارن شهتيرن تي آهن:

1- چـــون دانســـتي مـــاحصلِ دنيـــا را
امـــروز بگيـــر توشـــهٔ فـــردا را

2- فـردات چـو امـروز همـي دسـت دهـد
زنهـــار بفـــردا مفـــگن ســـودا را

3- از نيـک و بـد زمانـه پرهيـز و بـرو
زيـن کهنـه رباط پـر خطـر، خيـز بـرو!

4- چون کار زمانـه سـر بسـر دردِ سراسـت
دستي بـه سـرِ خـود نـه و بـگريـز و بـرو!

پهريون شعر جنوب طرف، ٻيو مشرق ۾ ٽيون شمال ۽ چوٿون مغرب ۾ آهي.

1- بيـا نـامي! دمـي از مـرگ کـن يـاد
2- بکـن در مـاتر خـود، نوحـه بنيـاد
3- بيـا تـا يـک نفـس بـر خـود بموييـم
خـدا رحمـت کنـاد از خـود بگوييـم
4- قريـــن مغفـــرت بـــاد آشـــنائي
کـه گويـد بعـد مـا بـر مـا دعـائي

پهريون شعر جنوب، ٻيو شمال، ٽيون مغرب ۾ ۽ چوٿون مشرق طرف آهي.

(3) ميرمعصوم جي مزار

ميرجي مزار نهايت مضبوط پٿر ۾ خوبصورت اُکر سان سينگاريل آهي. قبر جي ڪنارن ۾ وچ تي چوڏاري آيتن جي اُکر آهي [1]. قبر جي پيراندي ڪان هيءُ تاريخي ڪتبو آهي:

1- ميـر معصـوم آن مـه بـرج شـرف
آفتـابِ شـرع و ديـن، فخـرِ زمـن

2- روز جمعـه سـادس ذي الحجـه گشـت
عـازمِ جنـت بـامرِ ذوالمنـن

3- سـال فوتـش از خـرد جسـتم، بگفـت:
بـود نـامي صـاحب ملـک سـخن

ميرمعصوم واري گنبذ جي اندران پهرين آيتون ۾ اقوال اُکريل آهن ۾ وٽ تي اشعارن جي اُکر آهي. گنبذ جي شهتيرن تي رباعيون آهن، خوبصورت نستعليق خط ۾. رباعيون هي آهن:

1- نـي گـل بـرخ بـاد صبـا مـي خنـدد
نـي نـي، همـه بـر غفلـت مـامي خنـدد
گويـم! گويـم! کـه چـرا مـي خنـدد
بريـک دمِ عمـرِ بـي وفـا مـي خنـدد

2- از تفرقـهٔ دهـر اگـر رسـتي، هيـچ!
ور جـاي شـدت بلنـد و پسـتي، هيـچ!
چـون آخـر کـار بـايدت خـاک شـدن
دانسـتي هيـچ، ور ندانسـتي هيـچ!

3- جـز غـم دل اهـل درد خنـدان کـه کنـد
جـز نالـه، دوايـي مسـتمندان کـه کنـد

---

[1] آيتن جي ڪتبن جا نقل مولانا شفيع مرحوم، جي ڪتاب، "صناديد سنڌ"، جي ص. 3 کان ص. 8 تائين ڏسڻ گهرجن.

جـز گريـ، نـوازش غريبـان کـ کنـد
جـاروب مـزار خاکسـاران کـ کنـد

4- نـامي، کـ ز دست دهـر در تـاب شـده
پژمـرده گليسـت کـز رخـش آب شـده
زود است کـ بنـگري تـو آن غمـزده را
آسـوده بزيـر خـاک و در خـواب شـده

5- در دهر اگـر گـدا و گـر محتشـر است
آخـر همـ را روي، بسـوي عـدم اسـت
عمر تو اگر بيش بوَد، کـم ز کـم است
زير اک، چونيک بنگري يکدو دم است

6- روزي کـ دلم ز دهـر نوميـد شـود
جـان نيـز بسـر مـنزل جـاويد شـود
ذرات وجودم کـ، بمهـرش شده خـاک
کمتـر ذره ازو چـو خـور شـيد شـود

7- مـا آمـده بوديـم دريـن بـاغ بگشـت
چون ابر بروي سبزه، چون باد بدشت
چـون نرگـس پرخمـار، ناگـاه از خـواب
تاچشـم کشـاديم ز هـم، عمـر گذشـت

8- هـان نـامي! هـان! بخويـش يکدم پـرداز
مردانـ بسـاز توشـۀ رفتـن سـاز
داري درپيـش بـس رہ دور و دراز
اي کـاش! آميـد آمـدن بـودي بـاز

9- این اهل قبور بین، بخواب اند همه
آسوده ز دادن جواب اند همه
از نشأه جام واپسین تا دم حشر
در زیر زمین مست خراب اند همه

10- نامي من ازین دهر پشیمان رفتم
ناچیده گلي، ازین گلستان رفتم
بودم، دو هزار آرزو در دل بیش
نا کرده یکي از آن، بسامان رفتم

11- در موسم گل، چمن رخ آتش گون کرد
دل، دیده دوستان، پر خون کرد
سبزه نبود بخاک ما غمزدگان
غر سبز شد و ز خاک سر بیرون کرد

12- زد شیشهٔ چرخ سنگ، بر ساغر ما
خون شد چو اناردانه، دل در بر ما
گردي نه نشه بود بر افسر ما
اکنون بنگر خاک سیه بر سر ما

13- اي آنکه جهان گرفتهٔ خوش بکنار
داني که ترا بوقت کار، آید کار
گر ملک حبش داري ور ملک تتار
باخود بنري هیچ، بغیر از کردار

14- ما قصه نگفتیم و کلام آخر شد
حرفي ننوشتیم، پیام آخر شد

صبح طربـم نـا شده شام، آخر شد
چون نوبتِ مـا رسيد، جام آخر شد

خاص گنبذ جي اندران جيڪي شهتير ڏنل آهن، انهن مٿان هينيان اشعار اُکريل آهن:

1- نـامي! گـل ايـن بـي چمـن چيـدن نيسـت
زيـن بـاغ بـر آکـ، رخصت ديدن نيسـت
زيـن گلشـن غـم، بهـار شـادي مطلـب
در غنچـهٔ او، اميـد خنديـدن نيسـت

2- گـر نيـک شمـاري سـخنم را، ور زشـت
در باغ جهان، کس گـل جاويد، نکشت
چـون کـرده و نـاکرده ز تـو ميطلبنـد
خواهي تو بدوزخ رؤ، خواهي بـ بهشت

3- از مـال، اگـر دهـر کنـي مـالا مـال
سـودي نبـود تـرا ز، افزونـي مـال
روزي اگـر افزائـي در، مـدت عمـر
دانم کـ بمـاني بجهـان، سـالها سـال

4- نـامي! ز فلـک دوش دلم کـرد سـوال
کـز رفتـه و آئنـده بيـان کـن احـوال
گفتا: چـ خبر؟ ز رفتگـان نيسـت اثـر!
آئنده چـو رفتـه دان چـ ميپرسـي حـال

1- عمريسـت کـ، از جملـهٔ خاموشـانيم
از جـام اجـل فتـاده مدهوشـانيم

مـائیم کـه، کـس بیـاد نـارد مـارا
یـاد آر کـه، از خیـل فراموشـانیم

2- بگذر بسوي قبـور، اگـرداري هـوش
بنـگر سـوي خفتگـان گویـاي خمـوش
کاینک اجل، از گوش تـو، بیـرون آرد
ایـن پنبـهٔ غفلتـي کـه، داري در گـوش

3- نـامي ز گنـه، روي سـیاه آورده
وز کـردهٔ خـود بـاتو، پنـاه آورده
گوینـد: بعاصیـان بـود مغفـر تـت
تـو غفـاري و مـن گنـاه آورده

4- نـامي بکشـا چشـم بصیـرت دریـاب
بنیـاد زمانـه همچو نقشي است بـر آب
بـاتو گویـم کـه حاصلي دنیـا چیسـت
بیدارئ یک زمـان و بـاقي همـه خـواب

5- جـام از مـئ عیـش تلخکـام افتـاده
ویـن مجلـس بـاده ناتمـام افتـاده
بنـگر ز حریفـان مـي و جـام افتـاده
مسـتانه بخـواب هـر کـدام افتـاده

6- گوینـد: بـود فاتحـه را فایحـه
زان فایحـه بخـش نکهـت رایحـه
بـر روح گذشـتگان فرسـت اخلاصـي
محتـاج دعـائیم بخـوان فاتحـه

تاريخ بناء: مٿين شهتيرن مان شمالي شهتير تي انهيءَ چوڪنديءَ جي بناءَ جي تاريخ جو شعر اُڪريل آهي، جيڪو مير معصوم جو پنهنجو نہ، بلڪ ٻئي ڪنهن شاعر جي تصنيف آهي:

امير سيد فاضل محمد معصوم
بروي كوه بنا كرد منزلي بشكوه
عجب خجسته مقامي كه خلق مي آيند
پيءَ زيارتش از هر طرف گروه گروه
چو از دبير خرد سال اين بنا جستم
قلم گرفت و رقم زد: عمارت سرِ كوه (1002 هـ)

چوني جي قبر؟

مير ابوالقاسم ۽ مير معصوم جي ٻن پٽر جي قبرن وچ ۾ چوني سان ٺهيل هڪ ننڍي قبر آهي، جيڪا پار جي معلوم ٿئي ٿي.

(4) ابوالقاسم جي قبر

چوٿون نمبر قبر مير معصوم جي وڏي پاڻ مير ابوالقاسم جي آهي. پاڻ بهادر، اديب ۽ شاعر هو. ڏوهه جواني ۾ فوت ٿيو. هڪ فرزند مير محمد شجاع يادگار ڇڏيائين. قبر تي پيراندي ڪان ڪتبو آهي:

چو شد مير بوالقاسم نيک راي
سوي دار عقبيٰ ز دار فنا
چو نامي طلب كرد تاريخ او
خرد گفت: رفتا بدار البقا (991 هـ)

گنبذ جي اندر ڪنارن تي هي شعر آهن:

1- رفتيم چو از ميانه، ياران رحمي
بر حال خراب دلفگاران رحمي
2- چون خاک شديم و خاک ماگشت غبار
رحمي! رحمي! بخاکساران رحمي

3- چون خاک شودز غم وجود پاکت
و ز حادثه بر باد دهد افلاکت

4- جز سبزه، کسي سر نکشد بر گورت
جز بار، کسي پا نه نهد، بر خاکت

هي اشعار متن کان آهن:

5- شادئ زمانه، جز غمي بيش نبود
وين عمر گرانمايه دمي بيش نبود

6- سوداي بتان، جز المي بيش نبود
خونابهٔ ديده، جز نمي بيش نبود

7- ترا گر آسمان منزل نشين است
هم آخر جاي تو زير زمين است

(5) چوني جي قبر

اوپر کان مرکزي چٽيءَ هيٺ پهرين قبر کتبي کان سواءِ آهي، ٽي سگهي ٿو ته مير جي پاءُ مير محمد فاضل جي هجي. گنبذ جي کنارن تي اندران هي اشعار اکريل آهن:

1- ما چهره بخون جگر آراسته ايم
وز ناله، جمالِ خويش پيراسته ايم

2- چون غنچه ندیده خنده، بباد
ننهاده قدم، چوسرو برخاسته ايم

3- تنها با خود، در انجمن بايد بود
باخويش هميشه در سخن بايد بود

4- هم بلبل و هم گل چمن بايد بود
ديوانهٔ کار خويشتن بايد بود

پهرين ست اوپر جي پاسي کان آهي، بي اتر کان، ٽين اولهه ۽ چوتين ڏکڻ طرف کان آهي.

انهيءَ ٽلهي واريءَ چوڪنديءَ سان گڏ پوءِ جي ٺهيل ٻي عمارت آهي، جنهن جي ڇت ۾ ٻه ڪاڪ دار گنبذ آهن. جنهن جي هيٺان ٽي قبرون چوني جون ڪتبي ڪان سواءِ موجود آهن. انهن ٻن عمارتن ڪان ٻاهر ساڄڻي ٽلهي ۾ بلنديءَ تي 36 قبرون آهن (1962ع)، جيڪي گهٽو ڪري چوڏهين صديءَ جون آهن. ٽي قبرون پٽر جون آهن، جن مان هڪ تي ميرصفائيءَ وارو ساڳو ڪتبو آهي، غالباً اهو پيل هو جنهن کي ڪٽي هن قبر تي هنيو ويو آهي.

ميرمعصوم جي حرم جي قبر

قبرن جي انهيءَ مجموعي ۾، جنهن قبر تي هيٺيون ڪتبو آهي، انهيءَ لاءِ گمان غالب آهي ته اها ميرصاحب جي حرم جي قبر ٿي سگهي ٿي. ڪتبي جو مطلب پڻ انهيءَ خيال جي تائيد ڪري ٿو، جيئن جلي اکرن مان ظاهر ٿيندو.

ڪتبي جي عبارت مان معلوم ٿو ٿئي ته ميرصاحب جي وفات ڪان پوءِ ستت ئي ساڳي سال (1014هـ) ۾ سندن حرم ۾ فوت ٿي فراق ۾ فرقت ڪان آجا ٿي پيا! ڪتبو هي آهي:

مهد عليا سرشت اهل بهشت — روح پا کش بجنان بادا شاد
بي رخ حضرت نواب بدهر — يکزمان چشم جهان بين نکشاد
رفت و رست از الم فرقت آن — اين بود صدق وفاي ميعاد
سال فوتش ز خرد جستم، گفت: — منزلش گلشن قدوسي باد

انهن مان ڪن قبرن تي ڪاشيءَ ۾ پٽر جا ڪتبا آهن. ڪن مدفونين جا نالا هي آهن: سيد ميرغوث علي شاهه (1303هـ)، سيد ميرفيض علي شاهه، سيد ميرعظير علي شاهه، ميرمحمد علي شاهه (1322هـ)، سيد ميرلعل شاهه (؟ 13هـ)، ميرجعفر علي شاهه، ميرعلي اڪبر شاهه (1311هـ)، ميرعنايت علي شاهه (1317هـ)، والدهه ارباب علي شاهه (1?66هـ)، ميرارباب علي شاهه ولد ميرحسين علي شاهه (1337هـ).

قبرستان جي موجوده حالت: ميرجي انهيءَ تاريخي قبرستان تي هن وقت ٽن ڌرين جو قبضو آهي. خاندان جو، محڪمه آثار قديمه جو ۽ اوقاف ڪاتي جو. فن، اڻ ڄاڻ هٿن هيٺ وقت بوقت جي مرمت تاريخي حيثيت کي گهٽو نقصان پڻ پايو آهي. اها رفتار ۽ طريقو قائم رهيو ته هن گورستان جو به ٿٽي جي جامع مسجد وارو حشر ۽ حال ٿيندو.

(3) منارو 1002هـ-1013هـ

قبرستان جي احاطي اندر ڇنڻيءَ جي اولهه ۾ مير معصوم جو مشهور منارو موجود آهي، جنهن تي تقريباً چار صديون گذري ويون آهن، سائڪي توانائيءَ ۽ تازگيءَ سان سروقد بينو آهي، ۽ ائين ٿو معلوم ٿئي ڇڻ سکر متان پاسباني ڪري رهيو آهي.

مناري جي تعمير ۾ هيٺ پٿر جي پيڙهه آهي ۽ مٿي پڪيون سرون ڪتب آندیون ويون آهن. مناري جي ڪرسي 84 فوٽ ويڪري آهي ۽ مٿي چوڻيءَ تائين پهچڻ لاءِ اندران ئي اندران منجهس 84 ڏاڪا آهن. ڪنس جو چوڻ آهي ته مناري جي بلندي به 84 فوٽ آهي. سرون چيرولیءَ سڻان اوساريل آهن.

ڏاڪڻ جي متان ڪتبو آهي، جنهن مان تعمير جي آغاز جو سال 1002هـ ۽ پڄاڻيءَ جو سال 1013هـ ملي ٿو. گويا مير جنگ کان فارغ ٿي، مناري جو بنياد وڌو ۽ باقي سال پاڻ مختلف جاين تي سفر ڪندو رهيو—جيئن ته سيوي، قندار، آسير، ايران، آگرو وغيره، ۽ منارو پنڌيان تعمير ٿيندو رهيو. پاڻ جڏهن ايران کان 1013هـ ۾ موٽيو، انهيءَ سال منارو به نهي راس ٿيو. مناري جي سلسلي ۾ تحفة الڪرام جي مؤلف هڪ بي بنياد روايت نقل ڪئي آهي، لکي ٿو:

"جلال الدين محمد اڪبر بادشاهه وڏي رقم حرمين ڏانهن نذر ۾ موڪلي هئي، جيڪا واپس آئي، پوءِ حڪم مطابق مير معصوم اها رقم مناري ۽ بين يادگارن کي نهرائڻ ۾ خرچ ڪئي [1].

مناري جي سلسلي ۾ مقامي طرح بيون به ڪيتريون روايتون مشهور آهن، جن ۾ ڪابه حقيقت ڪانه آهي. اصل ۾ پنهنجي افتاد طبع جي بناءِ تي مير معصوم اهو منارو نهايت وٽندڙ ۽ موزون جاءِ تي يادگار لاءِ نهرايو. سندس ذهن ۾ دهليءَ جو قطب مينار ۽ انهيءَ جي عظمت موجود هئي. غزنيءَ طرف ويو ته اتي غزنوين جا يادگار منارا ڏٺائين. يقيناً افغانستان جو "منارو جام" به سندس نظر مان گذريو هوندو. اهڙيءَ طرح جڏهن اصفهان ۾ ويو ته اتي به ڪيس سلجوقين جو يادگار مسجد عليءَ وارو مشهور منارو نظر آيو، جنهن جي پڪ ۾ پاڻ ڪتبو نصب ڪيائين.

---

[1] جلال الدين محمد اكبر پادشاه مبلغي گرانقدر براي نذر حرمين فرستاده بود، پس آمده، مير معصوم حسب الامر شاهي ازان مبلغها نشيمنهاي پاكيزه و مناره معروضه يادگاري درو ترتيب داده (3: 124 چاپو قديم.)

مناري جي ساخت ۾ مٿي پهچي، ٽورو هڪ طرف ڏانهن جهڪاءُ ٿيو آهي، جيڪو ناهڻ وقت ئي رکيو ويو آهي.

مناري جي تعمير يا ڪنهن خاص سبب جو تفصيل ڪٿي بيان ڪونہ ٿيو آهي، فقط سيني ڏسندڙن انهيءَ جي تعمير جي ساراھ ڪئي آهي. اهڙيءَ طرح انگريز اهلِ قلم بہ انهيءَ جا مداح رهيا آهن، جهڙوڪ: برٽن، هيوز، ڪزنس وغيره تعريف ڪن ٿا. [1]

مٿي وڃڻ لاءِ جيڪا ڏاڪڻ آهي، انهيءَ لاءِ هيٺ پاڙ وٽ دروازو آهي، جنهن جي مٿان تعمير جي سالن جو ڪتبو هيٺين عبارت سان لکيل آهي:

1- بناء هذالمناره في زمان

2- سلطان جلالدين محمد اكبر پادشاه غازي

3- بدر فلک علا محمد معصوم

4- كزوي بزمانہ صيت نيكو ناميست

5- افراشت چنين بناء عالي كہ ز قدر

6- افراختہ سر بچرخ مينا فاميست

7- تاريخ بناء او ملايک از عرش

8- گفتند:- جهان نما منار ناميست (1002ھ)

9- مير معصوم آن رفيع القدر

كہ ازو كار دين بآئين است

10- كرد طرح منار تا گويند:

كين پي ياد گار ديرين است

11- پير چرخ از براي تاريخش

طاق عرشي برين بگفت اين است [2]

12- قايلہ مير بزرگ بن سيادت پناه مير محمد معصوم

اهو ڪتبو—جيئن آخري سٽ مان ظاهر آهي — مير بزرگ جو تيار ڪيل آهي، جيڪو پاڻ بہ ايران ويندي پيءُ سان ڪر از ڪر افغانستان تائين ساڻ هو. جيئن فراه واري ڪتبي مان ظاهر ٿئي ٿو.

---

(1) هيوز گزيٽئر ص. 827- سکر گزيٽئر ص. 9- ڪزنس ص. 151، وغيره.

(2) 952-61=1013

سکر جي گزيٽئر ۾ غلطيءَ سبب 14 سال تيار ٿيڻ جو عرصو بيان ڪيو ويو آهي.[1] ظاهر آهي ته ٻه سال زياده لڳيا ويا آهن. تاريخ معصوميءَ جي سنڌي مترجم انهيءَ لکت جي پيروي ڪندي، ساڳئي عرصي کي لکيو آهي. سال ٻه غلط لکيا اٿس، يعني 1003ھ ۾ بنياد رکيو ويو ۽ مير بزرگ پيءُ جي وفات بعد مناري جي تڪميل 1026ھ ۾ ڪئي.[2]

(4) آرامگاھ 1004ھ

مناري ۽ قبرن جي مرڪزي چوڪنڊيءَ جي وچ ۾، گنبذ سان هشت پهلو هڪ عمارت آهي، جيڪا آرامگاھ لاءِ ڪتب اچي سگهي ٿي. منجهس چار دروزا آهن ۽ چار پاسا بند اٿس. گنبذ جي اندران چت تي يا ٻاهران چت تي نهايت خوبصورت ڪاشيءَ جو ڪر ٽيل آهي ۽ اندر خواھ ٻاهر مٿئين ڪناري سان ٻه ڪاشيءَ جو پٽو اٿس. ٻن دروازن جي مٿان نشيمن وانگر وڌاوڙا آهن، جن جي چت تي اندران خوبصورت نستعليق خط ۾ اشعار اُڪريل آهن. پنهنجي وضع ۽ بيهڪ جي لحاظ سان هيءَ عمارت نهايت خوبصورت ۽ نزاڪت واري معلوم ٿئي ٿي.

اها عمارت 1004ھ ۾ تعمير ٿي، جنهن جي تاريخ ”مڪان با فيض- مان نڪري ٿي. تاريخ واري شعر جي پهرين مصرع ۾ ”محلِ فيض“ ترڪيب استعمال ٿيل آهي، تنهنڪري انهيءَ عمارت کي خاندان يا عوام ۾ ”فيض محل“ سڏيو وڃي ٿو. عمارت 17 فوٽ ويڪر ۾ ۽ 50 فوٽ اوچائيءَ ۾ آهي. صورتحال نقشي ۾ ڏسڻ گهرجي. اشعارن جي شروع ۾ نمبر ڏنا ويا آهن ۽ نقشي ۾ اشعارن واريون جايون انهن ساڳين نمبرن سان نروار ڪيون ويون آهن:

1- اي بنده نواز ذره پرور از لطف تو ذره، مهر انور
روزي که چو سبزه سر برآرم ز ا بر، کرمت اميدوارم

2- هر چند که خار بوستانم بخشا بطفيل گلستانم
نوري بدلم فگن خدايي تا با تو رسم بروشنايي

---

[1] دسترڪت گزيٽئر، ص 59.
[2] تحفة الڪرام، مخدوم امير احمد، ص 27.

3- من بيخودورفتم دل زدستم دستي، كه بخاك مانده پستم
صد ديو گريزد از برونم زين ديو كه هست در درونم

4- كوديده كه هرچه اوست، بينم بكشايم و روي دوست بينم
هر چند كه چشم ماست نا پاك يك رشحهٔ لطف بس برين خاك

5- چون موبتن، ار گناه روييد عفو تو ز ابر لطف شويد
بخشش بود ارب نيك كاران پس واي بما تباه كاران

6- هر چند گناه، رحمتت بيش زان روي اميد وارم از خويش
من خفتم و د شمنم نگهبان از دشمن خانه چون برم جان

7- نامي كه چوخاك آستان است زان خاك سرش بر آسمان است
اي خاك بر آن كه خاك بنود بر خاك درت هلاك نبود

8- اين گنبد با شكوه نامي كز قدر شد آسمان با فيض
چون بودمحل فيض، ازان رو تاريخ شدش مكان بافيض
(1004 هـ)

هي ٻه رباعيون وڌاوڻن جي چت تي اكريل آهن:

9- سر منزل درد ما هوائي دارد ويرانهٔ غم نيز صفائي دارد
ديوانه دل مرامل‍امت مكنيد اين وادي نيز، ره بجاي دارد

10- فرياد رحيل ازهمه كس ميشنوي آواز دراز پش و پس ميشنوي
كرده همه شبگير بسر منزل دور تو خفته بره بانگ جرس ميشنوي

(5) قندار جو باغ 1006هـ

مير معصوم جي هڪ دستاويز جو پير علي محمد شاهه راشديءَ ذڪر ڪيو آهي، جيڪو قندار اندر هڪ باغ جي خريداريءَ متعلق آهي. انهيءَ دستاويز مان ظاهر ٿئي ٿو ته 2 محرم 1006 هـ جو مير معصوم خواجه محمد

هاشم ولد خواجہ حسين کان باغ خريد کيو، جنهن ۾ انگورن جا درخت هئا ۽هڪ جريب جي ايراضيءَ ۾ هو.

اهو تڏهن جو مذڪور آهي، جڏهن پاڻ مير معصوم قندار جي فوجي خدمت تي مامور هو.

(6-7) منزل گاهہ 1006 هـ-1007 هـ

ساڌ ٻيلي جي سامهون، درياهہ جي سڪر واري ڪناري تي، هڪ پٽائين احاطي جي اندر ۾ عمارتون آهن، جن کي "منزل گاهہ مسجد" سڏيو وڃي ٿو. اِهي اُهي عمارتون آهن، جن جي ڪري هِـتان جي هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ هميشہ جي لاءِ جدا ڪندڙ خون خرابو ٿيو ۽ سماجي خواهہ سياسي تاريخ لاءِ انهن جا نتيجا نهايت اڳرا ۽ اندوهناڪ ثابت ٿيا. انهيءَ احاطي ۾ ۽ عمارتون آهن، جن مان هڪ 1006 هـ ۾ تيار تي ۽ ٻي 1007 هـ ۾ ٺهي. پهرينءَ جو ڪتبو هن ريت آهي:

1- خوشا منزلي باغ رضوان رقم
که جان را دهد فيض باغ ارم

2- بتاريخ اين جاي عشرت سرشت
زهي جاي عشرت‌رقم زد قلم

في شهور 1006هـ

ٻي عمارت ٽوري فاصلي تي پڪين سرن سان ٺهيل هشت پهلو آهي، اولهہ کان ديوار تي هي ڪتبو اٽس:

1- در زمان خلافت بادشاه اعظم شهنشاه معظم
جلال الدين محمد اکبر بادشاه غازي خلدالله ملکه

2- بنانمود، اين عمارت خير امير معصوم نامي
بکري بن سيد صفائي ترمذي از براي نفع

3- عامه مسلمانان. هر که درين بنا مقبره سازد
لعنت خدا و پيغمبر ان و ملايکه و مومنان برو باد
1007 هـ

اهو ڪتبو مير معصوم جو پنهنجو هٿايل نہ آهي، عبارت مان ظاهر آهي تہ ڪنهن ٻئي صاحب، ممڪن آهي گهٽو پوءِ هٿايو آهي. سنڌ گزيٽئر جي مؤلف

مسٽر Smith لکيو آهي ته 1006 هه ۾ ٺهيل هيءَ عمارت مسجد آهي. مسٽر Cousens پڻ انهيءَ خيال جي تائيد ڪئي آهي [1]. سندس قياس آهي ته اهي ٻيئي عمارتون دراصل هڪ باغ ۾ هونديون، جيڪو ميو معصوم رفاهه عام ۽ تفريح لاءِ ٺهرايو هيو. انهيءَ ۾ هڪ عمارت مسجد لاءِ ۽ ٻي آرام لاءِ ٺهرائي وئي.

پير علي محمد راشديءَ کي تحقيق ۽ تلاش ڪندي معصومي خاندان ۾ هڪ دستاويز ڏسڻ ۾ آيو، جنهن مان ظاهر ٿيو ٿي ته—"9- تاريخ جمادي الثاني 1005 هه جو ميو سيد معصوم ۽ سندس پٽ ميو بزرگ هڪ باغ، جيڪو ڪوه ساڌ ٻيلي جي سامهون آهي، سکر جي قاضي فخرالدين مرحوم جي پونيرن کان هڪ سؤ ٽنڪ ۾ خريد ڪيو—" دستاويز ۾ باغ جون حدون هن طرح بيان ڪيون ويون هيون:

مشرق: باغ ۽ سراءِ عشرت ميو معصوم.

مغرب: اراضي سعادت سلطان بيگم ميو يارحسين جلايو.

جنوب: عام رستو.

شمال: درياهه پنجاب.

دستاويز تي قاضي علي بن اسماعيل وغيره جون مهرون هيون.

انهيءَ دستاويز مان معلوم ٿئي ٿو ته انهيءَ ايراضيءَ ۾ قاضي فخرالدين جي باغ سان گڏ ميو معصوم جي "سراءِ عشرت" ۽ هڪ ٻيو باغ هو. پانڌجي ٿو ته ميو انهن سڀني کي قاضي فخرالدين جو باغ سندس پونيرن کان خريد ڪري پنهنجي ايراضيءَ کي ڪشادي ڪرڻ لاءِ انهيءَ ۾ ملائي ڇڏيو. اهو ڪنارو، لئنسڊائون پل تائين، پانڌجي ٿوته انهيءَ دؤر اندر تفريح گاهه هو. ساڌ ٻيلو، خواجه خضر جو آستان، ميو معصوم جو سيتاسر درياهه اندر، ۽ ڪناري سان اهي باغ ۽ سرائون، پرينءَ پڪ سان روهڙيءَ جو شهر، ميو معصوم جو عيدگاهه، ابوالقاسم نمڪين جو صفئ صفا (ستين جو آستان) ۽ باقي سڄو ڪنارو "چهار باغ" سان سر سبز ۽ شاداب. پريان اروڙ جو شهر، جتي جي زمين هنداڻن ۽ گدرن جي باغن لاءِ مشهور ۽ معروف هئي. اهي رونقون ڏسي ته ميو نمڪين "صفئ صفا" جو تلهو درياهه جي پڪ تي نهرايو، جنهن متان ويهي چانڊو ڪيون راتيون گذارينڊو هو.

---

[1] ائنٽي ڪئٽيز آف سنڌ. ص 154.

اڄ انهن سڀني تاريخي آثارن مان ساڻ ٻيلو، خضر جو آستان، صفئ صفا، عيد گاهه ۽ منزلگاهه جون ٻه عماتون هڪ احاطي اندر ويران ۽ خاموش، موجود آهن—نه اها رونق ۽ نه اها فضا.

(8) جهاز نما مسجد 1007 هـ

مظهر شاهجهاني جو مصنف لکي ٿو ته: سکر طرف درياهه جي ڪپ تي سيتاسر واري گنبذ سامهون هڪ ٻيءَ ٽڪريءَ مٿان ميو معصوم جهاز نما مسجد ٺهرائيءَ هئي، جيڪا نهايت سهڻيءَ جاءِ تي هئي ۽ پٽر جي ڏاڪڻ انهيءَ تي پهچڻ لاءِ ٺهرائي هئائين. ماڻهو انهيءَ تان لهي، درياهه مان وضو ساري نماز پڙهندا هئا، عيد ڏينهن خاص طرح بکر ۽ سکر جا رها ڪو اتي اچي گڏ ٿيندا هئا [1].

پانئجي ٿو ته اها مسجد انهيءَ کان علاوه هئي، جنهن کي هن وقت منزلگاهه جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو.

(9) سيتاسر يا ستياسر 1007هـ

"ذخيرة الخوانين" جي مصنف، جنهن "سيتاسر" يا "ستياسر" جي تعريف ڪندي لکيو آهي ته-"روءِ زمين تي انهيءَ جو مثال ملڻ مشڪل آهي" — انهيءَ متعلق موجوده دؤر جو انگريز مؤرخ بلاخمن آئين اڪبريءَ جي ترجمي ۾ لکي ٿو ته:

"بکر جي سامهون سکر ۾ درياهه جي انهيءَ شاخ تي—جيڪا بکر جي چوڌاري وهي ٿي—وچ ۾ ميو معصوم هڪ گنبذ ٺهرايو هو. جنهن جو نالو "ستياسر" رکيو ويو."

انهيءَ مؤرخ جو ماخذ ماثر الامرا آهي. وڌيڪ پاڻ ڪوبه اضافو ڪونه ڪيو آڻائين. انهيءَ گنبذ واريءَ عمارت جي تاريخ "گنبد دريائي" (1007 هـ)- مان نڪري ٿي.

مظهر شاهجهاني (1040هـ) سيتا سر ٺهڻ کان 33 سال پوءِ لکي ويئي آهي. منجهس بکر جي دلچسپ جاين جو ذڪر ڪندي، مصنف لکي ٿو:

---

[1] معاذي اين گنبذ بطرف سکهر بالاي گوه جنب دريا مسجدي بصورت جهاز راست کرده. بسيار جاي با صفا شده. بطرف دريا زينهاي سنگ بسة که از آنجا مردم فرود آمده وضو سازند. روز هاي عيد تماشا گاه خلايق بکهر و سکهر است-(ص 4-5.)

"در مغرب رويه قلعه، پاكروهي، كوهي مسطح درميان دريا افتاده و در انجا چند درخت خرما و يک گنبدي واقع است. آن کوه را "شاد بيله" مي گويند."

اها تصوير آهي انهيءَ ساڌ بيلي جي، جيڪو پوءِ هندن جو مذهبي آستان ٿيو ۽ منجهس ڪيئي عمارتون تعمير ڪري سموري هندوستان جو مڪيه مذهبي تيرٿ ڪري شمار ڪيو ويو. ميو معصوم جي دؤر ۾ يعني اڪبري عهد کان وٺي شاهجهان جي زماني تائين اتي هڪ گنبذ ۽ به ٽي ڪجيءَ جا وڻ هئا. "شاد بيلو" شايد تفريحي نالو هو، جنهن کي پوءِ "شاد" مان ڦيرائي "ساڌ" ڪيو ويو- جهڙيءَ ريت خود اسان جي پنهنجي ڏسندي ڏسندي، هڪ اکر جي هير ڦير سان ڪيترن جاين، ماڻڪ ۽ مڪانن جا نالا بدلايا ويا آهن، مثلاً: رام باغ سان الف جو اضافو ڪري آرام باغ ڪيو ويو وغيره وغيره.

بهرحال ساڻيو مصنف انهيءَ سلسلي ۾ لکي ٿو:

"و پنج كروهي كوهچه درميان دريا بود، چنانچه در هواي زمستان كه آب كمي ميكرد آن كوهچه ظاهر ميشد و در موسم آب كلاني هيچ اثر آن كوهچه ظاهر نمي شد. و اكثر كشتيهائي كه از طرف بالائي آمدند بان كوهچه دكه [1] خورده شكسته، غرق ميگشتند".

ميو معصوم جي پنهنجي هڪ ٻيڙي، جيڪا هو ٻاهران پٽرن جي پرايو ٿي آيو، سا اتي اڇي، انهيءَ ٽڪريءَ سان ڏڪ ڪائي ٻڌي ويئي، جنهن کان متاثر ٿي ميو معصوم اتي نشان تعمير ڪرائڻ جي ضرورت محسوس ڪئي. ۽ هن اهو گنبذ ٺهرايو، جيئن پري کان ميو بحر انهيءَ کي ڏسي، ٻيڙين کي موڙو ڏياري هليا وڃن. مظهر شاهجهانيءَ جومصنف لکي ٿو:

"گنبد سبزي بالايش عمارت ساخته "سيتاسر" نام نهاده و عجب جاي خوش نما شده، اكثر مردم بطريق سير آنجا ميروند، و محظوظ ميگردند. و كشتي هم آنجا را ديده در طغيان آب بملاحظ ميگذرد". [2]

هن وقت تہ انهيءَ جاءِ جو نالو نشان ڪونہ آهي. صورتحال کي نظر ۾ رکندي ،اسان جو خيال آهي تہ ساڌ بيلي کان اُپرندي طرف لينسڊائون پل وٽ

---

(1) هيءُ مقامي لفظ سنڌي زبان جو (ڏڪو) ڪتب آندو ويو آهي.
(2) مظهر، ص. 4.

اهو گنبذ هو. جنهن پنهنجي دور ۾ پنجاب کان ايندڙ يا اوڏانهن ويندڙ ٻيڙن لاءِ لائيٽ هائوس جو ڪر ٿي ڏنو.

(10) رفاهي جاءِ جيسلمير 1008 هـ

ڪتبن جي باب ۾ جيسلمير جا ڪتبا نقل ڪيا ويا آهن. جن منجهان هڪ ڪتبو ظاهر ٿو ڪري ته قنڌار کان موٽندي، 1008هـ ۾ ميـر معصـوم جيسلمير واري رستي کان دربار ۾ پهتو. مير جي آمد و رفت جو اهوئي رستو هو. پاڻ انهيءَ دفعي 14 ڏينهن اتي جي راجا راول وٽ مهمان ٿي رهيو. ۽ اتي هڪ رفاهي جاءِ تعمير ڪرايائين، جنهن جي تاريخ آهي بناي دلپذير. ميـر بزرگ جو هيءُ ڪتبو اتي موجود آهي:

"از خدمت قندهار طلب فرموده بودند. در حين نزول بدين مقـام بناي اين بقعهٔ خير نهاد..."

جاءِ منهدم ٿي ويئي آهي. جنهن جا چند ڪتبا هن وقت حڪومت جي تحويل ۾ آهن. انهن کي مولوي مراد عليءَ نقل ڪيو آهي. [1] ۽ جناب مـالڪ رام راقم الحروف ڏانهن ڪتبن جو نقل موڪليو. جيڪو درج ڪيو ويو آهي.

(11) مسجد ۽ اوطاق قنڌار؟

مير معصوم پنهنجي خانداني بزرگ سيد شير قلندر جي مزار تي يادگار لاءِ هڪ مسجد ۽ اوطاق نهرائي آهي. جيڪا اڄا تائين موجود آهي. ڏهـ ڪوهـ مغرب طرف قنڌار کان پري سڪيلچ ٽڪر (سپيروان) تي- منظر نهايت سهڻو ۽ وٽندڙ آهي [2].

(12) حويلي- باغ - مسجد؟

ذخيرة الخوانين جي ذريعي جنهن حويليءَ، مسجد ۽ باغ جو ڏس ملي ٿو. انهن مان ڪنهن جو بـ اثر ۽ آثار اڄ موجود ڪونـ آهي. پـانئجي ٿو تـ اهي عمارتون معصومي ساداتن جي محلي ۾ ڪنهن جاءِ يا حويليءَ ۾ اڇي ويون آهن. انهن عمارتن جي جاءِ وقوع اڄ نروار ڪرڻ ممڪن نـ آهي. اهڙيءَ ريت

---

[1] يادگار مراد علي از مولوي مراد علي مطبع چراغ راجستان اجمير 1316هـ، ص 308-انهن جو نقل ڪراچيءَ جي هڪ اردو رسالي تنوير ۾ ب چپيو هو.

[2] مقالو "مير معصوم"، پروفيسر عبدالحي حبيبي، آريانا سال 4 ش 6 ص. 38.

باغ، جيڪو ويهن ايڪڙن ۾ هو. سو به برباد ٿي ويو ۽ اهي گل ٻوٽا سڀ ويا جن لاءِ شيخ فريد لکيو آهي ته:

"گلهاي و در ختهاي ميوه دار نشانده که تفرج عالم است".

(13) هشت پهلو گنبذ ۽ هفت چاه سکر

پراڻي سکر کان نئين سکر ڏانهن ايندڙ سڙڪ جي ڪناري تي جيل جي پر ۾ گنبذ سان هڪ هشت پهلو عمارت موجود آهي. روايت آهي ته انهيءَ جي چوڌاري ست کوهه هئا جتي يقيناً باغ ۽ وڻراهه هوندي. هن وقت عمارت ويران، کوهه گر ۽ زمين خواه عمارت تي ڪوڙن جو قبضو آهي. انگريزن انهيءَ عمارت کي تيل جي گودام لاءِ استعمال ڪيو هو. بقول پير علي محمد راشدي، خاندائي روايت مطابق انهيءَ عمارت تي ڪتبو هو، جيڪو پوءِ گر ٿي ويو. عبارت اهائي هئي جيڪا منزل گاهه واري ڪتبي تي آهي:

"بناي اين بقايه خير نهاد، امير معصوم نامي بکري جهت سير و استراحت وارد و صادر و مقيم مسافر، هر که درين بناء مقبره کند لعنت خدا و پيغمبران و ملائکه و مومنان برو باد".

ظاهر آهي ته اهو ڪتبو پوءِ ڪنهن خاندان جي فرد عمارت تي هٽايو آهي. اها عمارت اصل ۾ انهيءَ تفريح گاهه ۾ نشست لاءِ نهرايل ٿي ڏسجي.

انهيءَ طرز تي هشت پهلو عمارت، اهڙي گنبذ سان، اسان سمر قند ۾ "ريگستان" جي علاقي ۾ ميرزا الغ بيگ جي مدرسي جي پٺيان لڳ ڏٺي. عجيب اتفاق آهي ته ساڳي طرز تعمير اسان وٽ سکر ۾ آئي. اگرچه ماورالنهر جي طرز تعمير ۽ سنڌ جي تعميري نوع ۾ ڪيترين مشترڪ نشانيون موجود آهن.

عمارت جي جيڪا حالت آهي يا جنهن طريقي تي مٿس قبضو آهي، انهيءَ جو لازمي نتيجو نڪرندو. جو اها تاريخي جاءِ ڏهي تباهه ٿي ويندي. محڪمهٔ آثار قديمه وارن کي ڪڏهن سجاڳي ٿيندي، جو انهيءَ تاريخي ورثي جي سار سنڀال لهي، پنهنجو فرض منصبي پورو ڪندا.

متفرق آثار

مير معصوم هندستان ۽ قندار ۾ ڦرندو رهيو، ۽ جتي ويو ٿي اتي ڪتبو يا عمارت، مسجد يا مسافر خانو يادگار لاءِ ڇڏيندو ٿي ويو. هن وقت ظاهر

آهي تہ ڪيترا يادگار تباهہ ٿي ويا هوندا، ۽ ڪي هوندا تہ انهن جي پاڻ کي خبر پئجي نہ سگهي آهي.

پير علي محمد راشديءَ پنهنجي ياداشتن ۾ لکيو آهي تہ: 25 ڊسمبر 1931ع جو معصومي ساداتن سردار ثابت علي شاهہ کي پرمڙسائي جي پڳهہ ٻڌائڻ لاءِ جيڪو جلسو ڪيو. انهيءَ ۾ سيد نور علي شاهہ معصوميءَ استقباليہ خطبي ۾ ڪن تاريخي جاين جو ذڪر ڪيو. ليڪن حقيقت ۾ اهي فقط خانداني روايتون آهن ۽ فقط ٻڌ ٻڌ تي مدار رکن ٿيون. ڪيترين جاين جي نسبت مير ڏانهن ڪئي ويئي، حالانڪہ اهي مير معصوم جون ٺهرايل نہ آهن، جهڙوڪ اٽڪ جو قلعو، جهلم جي پل، گجرات ۾ هڪ مينار ۽ ٽي مسجدون، (مسجد دلڪشا- مسجد اقصيٰ- مسجد اڪبري)، ۽ وزير آباد جا ڪي يادگار. انهيءَ سلسلي ۾ سيد نور علي شاهہ مرحوم تزڪ جهانگيري، آئين اڪبري ۽ فرشتہ جو نالو ورتو. ظاهر آهي تہ انهن ڪتابن ۾ مٿي بيان ڪيل ڪنهن يادگار جو مذڪور ڪونہ آهي. سيد مير نور علي شاهہ شڪارپور جي قلعي لاءِ چيو تہ اهو مير معصوم جونهرايل آهي. ظاهر آهي تہ اڪبر جي دؤر ۾ شڪارپور جو وجود ڪونہ هو ۽ نہ اتي ڪو قلعو موجود آهي. ممڪن آهي تہ ڪنهن حصي جئ شهر پناهہ متعلق اهو گمان ڪيو ويو هجي، جيڪا پڻ اوڏڪي پٽ هجڻ سبب ڪڏهن جو ڏهي ختم ٿي ويئي.

بهر حال اهو يقين آهي تہ معلوم يادگارن کان سواءِ بہ مير معصوم ڪيترا يادگار ڇڏيا هوندا، جن جو افسوس آهي جو پتو ڪونہ ٿو پوي. [1]

---

(1) (10-7-1978ع)

باب پنجويهون

اولاد

سيد صفائيءَ کابر وئي ساداتن مان شادي ڪئي هئي، جيئن گذريل صفحن ۾ ڏيکاريو ويو آهي، سندس اولاد جو ابتدائي نقشو هن ريت آهي:



مير معصوم جي پائرن ۾ خاندان جي بين قابل ذڪر شخصيتن جو ذڪر اسان ايندڙ باب ۾ ڪنداسين. هتي فقط مير مرحوم جي پٽ مير بزرگ ۾ سندس اولاد جو مذڪور ڏيون ٿا.

جيئن "ذخيرة الخوانين" ۽ "تحفتہ الڪرام" مان معلوم ٿئي ٿو، مير بزرگ کي ٻہ فرزند ٿيا، جن مان ميرزا قنڌاريءَ جو نالو فقط ذخيرة الخوانين ۾ آيو آهي. تحفتہ الڪرام جي لکت مطابق مير بزرگ جي اولاد جو سلسلو هن طرح ٿئي ٿو. جنهن کي احوال پڙهڻ کان پهرين ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي:



[1] ڏسو ذخيره، 2: 411 - پاڻس خواجه مير ڪلان، ڏسو ذخيره ، ص 2: 412



متئين ڪهول ۾ ميو بزرگ نالیرو ٿيو. سندس تفصيلي احوال ڏيڻ کان پهرين متئين سلسلي متعلق تحفتہ الڪرام جي مؤلف جيڪي لکيو آهي، انهيءَ کي نقل ڪجي ٿو. ڇاڪاڻ تہ پنهنجي دؤر تائين جي بن صدين جي عرصي ۾ خاندان متعلق لکت ۾ فقط اهو مواد ملي ٿو.

ميو محمد زڪريا لاءِ ميو قانع جو قول آهي تہ پاڻ ظاهر خواهہ باطن ۾ وڏو بزرگ هو. ۽ شاهہ خير الدين سان عقيدت سبب پراڻي سکر ۾ سکونت اختيار ڪري زندگي گذاريائين.

متئين قول مان ظاهر ٿئي ٿو جڏ محمد زڪريا کان اڳ، سيد صفائيءَ کان وٺي ميو بزرگ تائين، سکر ۽ بکر جي ڪنهن بہ محلي ۾ انهيءَ خاندان جي مستقل سکونت ڪانہ هئي، ۽ محمد زڪريا پهريون ماڻهو آهي، جنهن پراڻي سکر ۾ رهائش اختيار ڪئي. حالانڪ اها روايت درست نہ آهي. اهو تہ سگهي ٿو تہ محمد زڪريا هيڏي هوڏي هلڻ چلڻ جي بجاءِ خيرالدين جي خانقاهہ تي يڪجائي تي ويهي رهيو هجي، ۽ وفات تائين ٻئي ڪنهن در جو منهن نہ ڏٺائين. ليڪن پراڻي سکر جي رهائش ميو معصوم کان بہ اڳ خاندان اختيار ڪري چڪو هو.

سيد محمد علي شير - سيد محمد بزرگ: متئين مير زڪريا ڪي ٻه فرزند ٿيا. مير قانع جي عبارت منجهيل آهي. لکي ٿو: "ايضاً دو پسر والا گذاشته."

مير عزيزالله - مير لطف الله: متئين فقره مان اهو صريحاً پتو ڪونہ ٿو پوي تہ هي ٻہ سيد ڪهڙي فرزند جو اولاد هئا. مير عزيزالله لاءِ مير قانع، "عزيز مصر" جي تلميح ڪتب آڻيندي، لکي ٿو تہ ڪيس:-

مير ڪرم شاه - مير گلاب شاه نالي ٻہ پٽ ٿيا، جيڪي تحفة الڪرام جي تاليف (1181 ھ) وقت زنده هيا.

مير لطف الله: سيد محمد بزرگ جو فرزند هو، جنهن ڪي ٻہ پٽ ٿيا:

مير عزت علي - مير احسان علي: اهي ٻيئي فرزند مير قانع جي زماني (1203 ھ) تائين موجود هئا.

مير علي شير: مير محمد زڪريا ولد مير بزرگ وڏي جو فرزند نهايت مان ۽ سومان وارو سيد ٿي گذريو آهي. ڪيس ٽي پٽ-

مير اسدالله - مير عنايت الله - مير بزرگ ثاني: نالي ٿيا، جي پڻ پنهنجو دؤر نهايت خير خوبيءَ سان پورو ڪري ويا. پوئين مير بزرگ ثانيءَ ڪي-

مير شهباز علي عرف مير علي شير نالي پٽ ٿيو، جيڪو مير قانع جي دؤر ۾ هو.

مير اسد الله ثاني: متئين مير اسدالله ولد مير علي شير ولد مير زڪريا ولد مير بزرگ اول جو ڏهٽو مير اسدالله ٿيو، جنهن جي علمي استعداد جي مير قانع تعريف ڪئي آهي.

سيد پاڻ مرادياب خان ولد ميان نور محمد والي سنڌ وٽ مراد آباد ۾ رهندو هو، جتي مير قانع جي ساڻس ملاقات ٿي.

شعر ۾ **آرزو** تخلص ڪندو هو. نالي جي مناسبت سان مير قانع سندس سجع ٿاهي:

"اسد الله ساقيءَ ڪوثر" [1]

"مقالات الشعرا" ۾ لکي ٿو تہ: حڪيم يعقوب خان سان دوستي هيس ۽ ٻيئي گڏ هوندا هئا. پاڻ وضعدار سيدزادو هو. ننڍي ٻہ ويو، جتي مير قانع سان

---

[1] تحفة الكرام، ص. 131.

مليو. نموني لاءِ مير قانع سندس هڪ شعر ڏنو آهي:

مست گردم ز بادهٔ کوثر اسدالله ساقيم باشد [1]

مير بزرگ

مير معصوم کان پوءِ خاندان ۾ برڪ ۽ ناميارو شخصيت جو مالڪ مير بزرگ ٿيو. جنهن پيءُ کان پوءِ مغل دربار خواه دؤر ۾ خاص حيثيت پيدا ڪئي، ۽ سندس رهت ۽ هلت چلت قابل ذڪر ۽ اميراڻي ٺاٽ سان رهي.

سندس تعليم ۽ تربيت ۾ مير معصوم کابه ڪسر کانه ڇڏي- جهڙيءَ طرح شيخ فريد بکريءَ جو قول آهي [2]. مير معصوم "تاريخ معصومي" ۾ انهيءَ پٽ جي لاءِ لکي ۽ سندس نالي منسوب ڪئي، جيئن مير بزرگ جي ذهني تربيت ٿي سگهي. مير ديباچي ۾ لکي ٿو:

"... نيٺ هن وقت اکين جو نور ۽ دل جو نار مير بزرگ- شال رب کريم کيس صالح ڪري- هن ڪتاب جي ناهڻ جو سبب ٿيو. ۽ آءٌ هن ورقن کي لکڻ لاءِ تيار ٿيس. جيئن پاڻ (مير بزرگ) انهن ماڻهن جي احوال پڙهڻ مان- جيڪي تربيت يافته هئا ۽ گذر ڪري چڪا آهن- پاڻ به تربيت پرائي ۽ نفعي ۽ نقصان، خير ۽ شر جي نتيجن مان واقف ٿئي ۽ هوشيار رهي ۽ پڻ تجربيڪار ۽ نيڪ سيرت ۽ اخلاق وارن بزرگن جو طور ۽ طريقن مان فائدو وٺي ۽ ذليل ۽ بيهودين عادتن وارن جي صحبت ۽ ويجهڑائي کان پرهيز ۽ پاسو ڪري" [3].

مير بزرگ پيءُ جي خاص نظرداريءَ هيٺ پليو ۽ پڙهيو. ظاهر آهي ته مير معصوم پنهنجي اڪيلي فرزند جي تربيت ۾ کابه ڪوتاهي کانه ڪئي

---

(1) مقالات ص. 267.

(2) پدرش در تربيت او تقصير نکرده.

(3) ... در عقدهٔ تسويف و تاخير مي ماند. تا درين ايام که قرهٔ عيني و ثمرهٔ فؤادي مير بزرگ جعله الله من عباده صالحين باعث تحرير و تاليف سبب تسويد و تصنيف اين نميقه گرديده. علته غائئ اين وثيقه گشت... باشد که از مطالعهٔ احوال تربيت يافتگان مهد امکان و گذشتگان بني نوع انسان بلوازم خير و شر و مواد نفع و ضر وقوف و اطلاع حاصل نموده، بحس. سيرهٔ هوشمندان آگاه و نيکو صفتان بارگاه اهتذا يابد، و به سنن سنيه و اخلاق رضيه آن زمرهٔ عليه اقتدا کرده، از شيوهٔ ناپسنديدهٔ اهل نخوت و غفلت و خصائل ايشان وشيمهٔ رديهٔ ارباب بطالت و عطلت اجتناب و احتراز نمايد. ومن الله التوفيق و العصمة والعون (مقدمه ص. 3.)

هوندي. منجهس اهي ئي علمي ۽ تمدني خوبيون هيون، جيڪي سندس والد ۾ هيون. خطاط هو، شاعر هو، بهادر ۽ سپاهي منش هو، ليڪن مزاج اميراڻ هيس. پيءُ وانگر تاريخي ذهن رکيائين ٿي، جيڪا ڳالهه سندس ڪتبن مان ظاهر آهي. سندس خوشخطيءَ جي تعريف سندس معاصر شيخ فريد بکريءَ پڻ ڪئي آهي[1].

جهانگير جي دؤر ۾ شاهي ملازمت ۾ هو، غالباً پيءُ جي دؤر ۾ ئي ڪيس اها ملازمت ملي، چاڪاڻ ته جهانگير جي پٽ خسرو، جڏهن پيءُ جي تخت نشينيءَ وقت پيءُ سان بغاوت ڪئي، انهيءَ وقت ميرِ بزرگ شاهي ملازمت ۾ هو. هڪ دفعي سرڪاري فوج جي دستي ڪيس هٿياربنديءَ واري حالت ۾ رستي ويندي پڪڙيو، ۽ حد جي ڪوتوال وٽ ڪيس پيش ڪيو ويو. سپاهين جو گمان هو ته هيءُ به خسرو جي ساڻين مان آهي. معاملو نازڪ هو. تنهنڪري جهانگير وٽ پيش ٿيو. مير بزرگ خسرو جي ساڻ کان انڪا ڪيو. جهانگير هٿياربنديءَ جو سبب پڇيو. مير عرض ڪيو ته والد جي وصيت آهي ته "شاهي ڪيمپ ۾ پهري جي دوران خادم کي هميشه مالڪ جي حفاظت لاءِ هٿيار بند رهڻ گهرجي. جنهن وقت مون کي گرفتار ڪيو ويو، انهيءَ وقت آءُ پهري تي هيس، تنهنڪري مسلح هجڻ لازمي هو." چوڪيءَ جي وقايع نويس تصديق ڪئي، جنهنڪري مير بزرگ جي نه فقط جان بچي ويئي[2]، بلڪ ڪيس آفرين ڪئي ويئي. انهيءَ منجهان ظاهر آهي ته مير معصوم جي آخري دؤر ۾ جڏهن ته مير موٽي بکر آيو، انهيءَ وقت مير بزرگ جهانگير جي ملازمت ۾ هو. اهو واقعو 1014 هـ جي آخر يا 1015 هـ جي ابتدا جو آهي، چاڪاڻ ته خسرو 8- ذوالحج 1014 هـ جو آگري مان باغي ٿي پڳو ۽ جهانگير پنڌانس روانو ٿيو. خسرو 3- صفر 1015 هـ جو گرفتار ٿي، لاهور ۾ پيءُ وٽ پيش ٿيو[3]. مير معصوم جو انتقال خسرو جي پڇڻ کان ٻه ڏينهن اڳ 6- ذوالحج 1014 هـ جو ٿيو. انهيءَ مان اهو به گمان يقين جي حد تائين پهچي ٿو ته مير معصوم اوچتو ڪنهن بيماريءَ سبب انتقال ڪيو، جڏهن ته بادشاهه خسرو جي بغاوت سبب

---

(1) ... خط خوب مينوشت... (1 : 420.)

(2) ذخيرو، 1: 419.

(3) خسرو جي سلسلي ۾ ڏسو تذڪره امير خاني، ص. 34- 35.

آگري ۽ لاهور جي درميان ڪنهن منزل تي هو ۽ ميو بزرگ ساڻس همرڪاب معلوم ٿئي ٿو.

مغل دستور مطابق امير جي وفات تي سندن ملڪيت شاهي ضبطيءَ هيٺ ايندي هئي، ۽ انهيءَ بعد جيڪڏهن ضرورت هوندي ته سموري يا انهيءَ جو مناسب حصو سندس پونيرن کي نئين سر ڏنو ويندو هو. معلوم ٿئي ٿو ته ميو معصوم جي ملڪيت انهيءَ قانون جي زد ۾نه آئي. اهوئي سبب هو جو ميو بزرگ اميرانه ٺاٽ سان زندگي بسر ڪئي.

ميو بزرگ سان مٿيون واقعو 1014 هه جي آخر يا 1015 هه جي پهرين مهيني ۾ پيش آيو. ۽ چند مهينن بعد ڪيس بخشيءَ جي عهدي تي قندار اماڻيو ويو. جيڪا ڳالهه پڻ ظاهر ڪري ٿي ته ميو بزرگ جهانگير وٽ اعتماد پيدا ڪري چڪو هو، نه ته قندار جهڙيءَ نازڪ مهم تي ضرور ڪنهن قديم ملازم کي موڪليو وڃي ها.

جهانگير جي پهرئين سال ۾ خسرو جي بغاوت کان پوءِ پيو مسئلو قندار ۾ ايراني حملي جو پيش آيو. جنهن ۾ مغل گورنر شاهه بيگ سخت مجبور ٿي پيو ۽ بادشاهه لاهور کان خسرو جي بغاوت مان فراغت حاصل ڪري ميرزا غازي ترخان جي سرداريءَ هيٺ ڏانهس فوجي ڪمڪ موڪلي. ميو بزرگ - جيئن ذخيرة الخوانين جو قول آهي- ميرزا جي دستي ۾ بخشي ٿي، اوڏانهن ويو [1].

ميو جي اوڏانهن وڃڻ جي تاريخ جو تعين سندس هيٺئين ڪتبي مان ظاهر ٿئي ٿو، جيڪو هُن واٽ ويندي ديري غازي خان جي لغاري تحصيل ۾ يار کان (پشين رود) جي هڪ مقبري تي هنيو آهي. ڪتبي جي عبارت آهي:

"بتاريخ هفدهم ماه رمضان 1015 هه بحڪم بندگان حضرت نورالدين محمد جهانگير بادشاه غازي بکمک قندهار تعين شده بود. ازين منزل عبور نموده — ميو بزرگ ابن نواب مرحومي ميو محمد معصوم بکري المتخلص نامي" [2].

انهيءَ ڪتبي منجهان نه رڳو ميو بزرگ جي وڃڻ جي تاريخ جو پتو پوي ٿو، بلڪ انهيءَ گمان کي به تقويت پهچي ٿي ته:

---

(1) ميو بزرگ ... بکهري بخشي در خدمت ايشان (غازي) بوده (2: 393.)

(2) ميرزا غازي ترخان اور اسکي بزم ادب، ص. 229 - 230.

الف: مير بزرگ پيءُ جي زندگيءَ ۾ شاهي ملازمت ۾ آيو.

ب: لاهور ۾ جهانگير سان همرڪاب هيو. پٽس جي وفات سندس غير حاضريءَ ۾ ٿي.

ج: خسرو جي بغاوت مان 3- صفر 1015 هه جو بادشاهه فارغ ٿيو ۽ اتي کيس قنڌار جي معاملي جو اطلاع مليو. بادشاهه ميرزا غازيءَ سان گڏ مير بزرگ جو حڪم به صادر ڪيو. ٻيئي سنڌ جا هئا، ٻيئي نوجوان هئا، ٻيئي مزاج ۾ يڪسان هئا، تنهنڪري بادشاهه اهو انتخاب ڪيو ٿو ڀانئجي.

د: مير بزرگ ست مهينا 13 ڏينهن خسرو جي گرفتاريءَ بعد پنجاب ۽ سنڌ ۾ گذاريا. ڀانئجي ٿو ته بغاوت ختم ٿيڻ ۽ قنڌار جي حڪم صادر ٿيڻ بعد بکر ۾ آيو، ۽ پيءُ جي وفات ڪري پيدا ٿيل مسئلن کي هڪ منهائو ڪري قنڌار ويو.

ڪتبي ۾ مير بزرگ پيءُ لاءِ مرحوم جو لفظ لکيو آهي، جيڪو خاص اهميت رکي ٿو [1].

مير بزرگ جي مزاجي ڪيفيت ۽ بود و باش جي صورتحال جو نقشو ذخيرة الخوانين جي صاحب جنهن طريقي سان بيان ڪيو آهي، انهيءَ مان هيٺين تصوير ذهن ۾ اڀري ٿي:

- پيءُ جي ميڙا چونڊيءَ کي ٻنهي هٿن سان لٽائيندو ٿي رهيو.
- هميشه ڳاٽ اوچو رکيائين. غرور ۽ تمڪنت منجهان ڪنهن سان سڌي منهن ڪونه ڳالهايائين.
- نوڪر چاڪر تمام گهڻا هيس، جن کي اميراڻي ٺاٺ سان هلائيندو هو.
- ڪنهن به صوبيدار يا سرڪاري ڪاموري سان رهائي رسائي ڪانه هيس ۽ نه ڪنهن جي ڪاڻ ڪڍيائين. سڄي حياتي لاغرضيءَ سان رهيو.
- نشو پتو تمام گهڻو ۽ هر قسم جو ڪندو هو.
- طبعيت جو تکو، بلڪ ڪنهن حد تائين جبرو انداز هيس.

---

[1] مولانا شفيع، باوجود صاف ڪتبي جي به، روز روشن جي لکت تي خيال ظاهر ڪيو آهي ته مير 1019 هه ۾ فوت ٿيو، يعني مولانا مرحوم کي وسهڻ ۾ ڳالهه نٿي آئي ته آگري کان بکر پهچي مير فوراً به فوت ٿي سگهي ٿو. مٿيون ڪتبو گويا قبر جي ڪتبي بعد مزيد دليل جي حيثيت رکي ٿو.

❖ پيءُ جي ملازمن کي سخت ورتائين. کين کاڻ ۾ هٽندو هو. چهبکن ۽ کوڙن سان کين مارينڊو هو.

❖ لباس، اتيءَ ويڻيءَ، دسترخوان ۽ خوراک ۾ نهايت لطيف ۽ نزاکت وارو هو.[1]

قندار ۾ مير کافي عرصو (1015هـ - 1022 هـ) رهيو. مير غازيءَ کان سواءِ ڪيترا صوبيدار ۽ امير سندس دؤر ۾ اتي آيا، جهڙوڪ:

سردار خان،

بهادر خان، ابوالنبي اوزبڪ،

قزاق خان، باقي بيگ اوزبڪ — وغيره.

مير بزرگ انهن سڀني جي موجودگيءَ ۾ هڪ ئي طريقي ۽ انداز ۾ هليو آيو[2]. غلط ڪنهن سان ڪونہ هليو. ليڪن جهڪيو بہ ڪنهن جي اڳيان ڪونہ. صوبيدار پنهنجي رعب ۾ هوندو هو تہ شاهہ صاحب پنهنجو مَڇ جدا لايو ويٺو رهيو. بادشاهہ کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي پنهنجو بالادست سمجهي، سو سنڌ جي سيد زادي کان کين پڳو. ٿورو کي گهٽو جيڪڏهن ڪيس لحاظ ٿيو ٿي، تہ اهو ميرزا غازي ترخان جو، سو بہ غالباً هر وطنيءَ ۽ هر مشربيءَ سبب — چاڪاڻ تہ ٻيئي هڪجهڙا شوقين، دل جا سخي ۽ هٿ جا ڇوٽ هئا، بادشاهہ ڪونہ هئا، پر سندن مزاج ۾ شاهي گهٽي ئي هئي. ميرزا غازي بلا جو خرچائو هو. قندار ۾ جڏهن پيسو ڪٽي ويندو هوس، تہ مير بزرگ کان قرض ڪڍندو هو. جهڙيءَ طرح تاريخ طاهريءَ جي مصنف لکيو آهي، جيڪو پڻ ساڻئي دؤر ۾ ميرزا سان منسلڪ هو ۽ ٻنهي نوجوانن جي مزاجي افتاد کي ويڻي ڏنائين[3].

مير بزرگ کڏهن قندار کان موٽيو، ان جو صحيح پتو ڪونہ آهي، ليڪن اندازو آهي تہ 1021 هـ ۾ ميرزا غازي فوت ٿيو، مير بزرگ انهيءَ کان پوءِ تبديل ٿيو هوندو.

---

[1] ... زرهاي پدر را بہ اصراف خرج کرد. دماغي بهم رسانيد و سر تواضع بکس فرو نمي آورد. نوکر بسيار داشت و پيش قرار نگاه ميداشت. و با هيچ صاحب صوبہ نساخت و کيف خوردن از هر قسم بافراط رسانيد و ظالم طبيعت گشت. عاملان پدر را بشکنجہ کشيد و توک و غلولہ بانهامي زد... در بساط و پوشاک و خوراک بسيار لطيف بود (2: 394.)

[2] ذخيره، 2: 393.

[3] ... احوال ايشان (ميرزا) بجاي رسيد کہ از سرکار سردار خان و مير بزرگ قرض آورده خرج بيوتات ميساختند... (طاهري، ص. 207.)

قندار کان پوءِ معلوم ٿئي ٿو تہ ميرِ بزرگ شاهي دربار ۾ پهتو. جڏهن بادشاهہ جي منزل شادي آباد مانڊو ۾ هئي. اُتهن کيس دکن ۾ تقرريءَ جو حڪم مليو. ذخيرة الخوانين جو مصنف لکي ٿو تہ چگو عرصو (متمادي ايام). تي رهيو [1]، ليڪن جاگير جي اپت مان خرچ جو پورائو ڪونہ ٿي ٿيس، جنهنڪري استعفا ڏيئي، موتي ڳوٺ هليو آيو ۽ اچي پنهنجي پدري املاڪ جي اپت منجهان گذارو ڪرڻ لڳو.[2]

ميرِ بزرگ ذهين، اديب ۽ سخن سنج هو. نظم خواه نثر ۾ کيس قدرت حاصل هئي. افسوس آهي، جو سندس شعري مجموعو ۽ سندس والد جي ديوانن وانگر اسان تائين پهچي نہ سگهيو. مقالات الشعرا ۾ سندس هڪ شعر نموني لاءِ درج آهي. ميرِ ۽ مقالات جي وچ ۾ ڪر و بيش ڏيڍ سؤ ورهين جي وٿي آهي. گويا انهيءَ زماني ۾ ئي ٻنهي پيءُ پٽن جو ڪلام نايابِ تي چڪو هو. ميرِ قانع کيس فڪر رسا جو صاحب ۽ طبيعت جو ذڪي سڏي ٿو [3]. شعر هي آهي:

دوش، سوداي سرِ زلف کسي، کرد گذر
سحر، ازهر سرِمو، حلقہ بپايم پيچيد

پيءُ جي وفات جي تاريخ ميرِ بزرگ جي پنهنجي چيل آهي، جهڙيءَ طرح گذريل صفحن ۾ ڄاڻايو ويو آهي. اهڙيءَ طرح گذريل ڪن ڪتبن ۾ سندس چيل بيون تاريخون ۽ موجود آهن، جيڪي ڪتبن جي تحت ڏنيون وڃن ٿيون.

ميرِ بزرگ کي - جيتري قدر ڪتابن مان يا خانداني روايتن مان معلوم ٿيو آهي- هڪ نياڻي ۽ ٻہ پٽ ٿيا. سندس هڪ پٽ ميرزا قنداريءَ جي اولاد جو سلسلو معلوم نہ ٿي سگهيو- اهو پٽ، جيئن نالي منجهان گم ٿيو پوي، قندار ۾ (1015هـ - 1022 هـ) ڄائس. ذخيرة الخوانين جو مصنف لکي ٿو تہ: ده سواري منصب تي ڏٺي ۾ تعينات آهي، سندس گذارو پيءُ ۽ ڏاڏي جي املاڪ مان ٿئي ٿو. اکين جو حياءُ اٽس، اهليت رکي ٿو ۽ مڙس ماڻهو آهي [4]. سندس

---

(1) ذخيرة الخوانين، 2: 394.

(2) چون از جاگير کفاف معيشت او نمي شد. ترک منصب و جاگير کرده در بکهر وطن خود مقيم گشت. باملاک و باغات پدر قانع گرديده نشست.

(3) طبع مذکي و فکر رسا داشت (مقالات.)

(4) سہ پستي ده سوار منصب داده و تعينات تتہ است. اوقات گذر او بر املاک جد و پدر است. حياي چشم و اهليت مردمي بسيار دارد... (ذخيره.)

لکڻ منجهان ائين ظاهر آهي تہ ذخيره جي تاليف وقت (1066 هـ) جيئرو هو. نياڻي خواجہ محمد چشتي مودودي جي نڪاح ۾ آئي، جيڪو سلطان مودود چشتيءَ جي اولاد مان هو ۽ سندس خاندان جي پيري مريدي شال (ڪوئٽا) ۽ مستونگ جي بلوچن ۽ پناڻن ۾ هئي قندار جي صوبيدار بهادر خان سان سندس اختلاف تي پيو، جنهن متس ايران جي بادشاهہ کي قندار ڏيڻ جي سفارش جو الزام ڏري، گرفتار ڪرڻ چاهيو تي، جتان پڇي اچي اڳواڻ جهانگير وٽ پهتو ۽ بيگناهي ثابت ڪرڻ بعد کيس منصب ۽ قندار جي قلعداري ملي. عمر جو آخري زمانو سيد پور ۾ گذاريائين [1].

مير بزرگ جو اولاد — جنهن کي معصومي خاندان سڏيو وڃي تو ۽ پراڻي سکر ۾ رهي تو- سندس وڏي فرزند مير محمد ذکريا جي نسل مان آهي، جنهن جو حوالو متي تحفة الڪرام جي روايت سان اچي چڪو آهي. پراڻي سکر کان علاوه "ذخيره" جو قول آهي تہ سندس خاندان جا کي فرد ملتان طرف پڻ وڃي رهيا [2].

مير بزرگ جي قبر پنهنجي والد جي چوڪنديءَ ۾ آهي. قبر تي ڪتبو ڪونہ آهي. "ذخيره" جي روايت آهي تہ مير بزرگ 1044 هـ ۾ وفات ڪئي، ۽ "ماثرالامرا"، جنهن جو ماخذ ذخيرو آهي، لکي تو تہ 1042 هـ ۾ فوت ٿيو [3]. سندس قبر پڻ قياس جي آڌار تي مقرر ڪئي وئي آهي.

بهر صورت مير معصوم ڪان پوءِ مير بزرگ تنها اهڙو ماڻهو ٿيو، جنهن پنهنجو نالو تاريخ جي ورقن تي قائم رکيو. پنهنجي آمدنيءَ ڪان علاوه پٽس جا 30 -40 لک نقد بہ هئا، جن کي هن بقول ماثرالامرا خوب اڏائي ختر ڪيو [4].

---

(1) ذخيره، 2: 411. ميرزا غازيءَ جي وفات جو قصو بيان ڪندي، ذخيرة الخوانين جي، مصنف ميرزا خسرو چرکس جي پٽ پائي خان جي دعوت جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن ۾ مصنف ۽ خواجہ شريڪ ٿيا. اهو 1028 هـ جو واقعو آهي، جيڪو حسن ابدال ۾ ٿيو. (2: 23.)

(2) ماثرالامرا، 2: 328.

(3) ذخيره 2: 394. ماثرالامرا 1042 هـ سال لکيو آهي. (3: 328.)

(4) ذخيره لکيو آهي تہ مير معصوم پنهنجي حياتيءَ ۾ 30 - 40 لکن جو مالڪ ٿيو. ماثرالامرا انهن 30 - 40 لکن لاءِ لکيو آهي تہ مير بزرگ اڏائي ڇڏيا. (ذخيره 1: 202، ماثر 3: 328).

(19- آگسٽ 1978ع، ڪراچي.)

باب چويهون

ميرصفائيءَ جا پ فرزند

ميرمعصوم کان علاوه سيد ميرصفائيءَ کي پ فرزند هئا. جيکي ميرمعصوم کان وڏا هئا. پهريون:

ميرابوالقاسم

هو، جيکو سيني ۾ وڏو هو. اڪبري دربان مان- بقول ملان بدايونيءَ - کيس احديءَ جي منصب تي سرفراز ڪيو ويو هو. ملان بدايونيءَ کيس "اعظم اکابر بکهر" لکيو آهي [1]. شعر و سخن سان ب، معلوم ٿئي ٿو ت، سندس شغف هو.

984 هـ ۾ ميرعدل امروهي بکر جو حاڪم هو. انهيءَ دؤر ۾ سيويءَ جو جهڳڙو پيدا ٿيو. اهو علاقو هونءَ ب هميشه کان بکر جي سرڪار لاءِ متي جو سور هو. ماٺهو آزاد طبع هئا ۽ کنهن جي ب ماتحت رهڻ يا محڪوم ٿي زندگي گذارڻ کان کين عار لڳندو هو، جنهنڪري رکي رکي، موقعو ۽ مهل ڏسي، هميشه بکر کان آزاد رهڻ جي کوشش کندا هئا. اڪبري دؤر ۾ ب هنن کيترا دفعا آزاد ٿيڻ جي کوشش ڪئي ليکن هن طرف مغل حڪومت جو رعب ۽ دٻدٻو هو. سندس لشڪر سنڌ ۾ موجود ٿي رهيو، تنهنڪري هر دفعي سيويءَ جي باشندن کي شڪست کائي محڪوم ٿيڻو ٿي پيو.

984 هـ ۾ جڏهن هنن بغاوت ڪئي، ان وقت ميرعدل [2] بکر جي مغل گورنر — جيکو ازلي بدبخت ۽ سخت ظالم هو- پنهنجا پُٽ لشڪر سميت اوڏانهن روانا ڪيا، جن وجي آزادي پسند قوتن کي زير ڪيو. انهيءَ کان پوءِ 1003 هـ ۾ وري بغاوت ٿي، جنهن ۾ ميرمعصوم ۽ سنڌ خواه ملتان جا گورنر، لشڪر وٺي ويا ۽ وجي بغاوت کي ختم ڪيائون. ميرسيد ابوالقاسم بکريءَ سيويءَ جي فتح جي تاريخ چئي:

---

[1] بدايوني، 2: 245.

[2] ميرعدل 11- رمضان 983 هـ جو بکر پهتو. 8- شعبان 986 هـ جو اتي فوت ٿيو. سندس پٽ ابوالفضل کانئس پوءِ انچارج ٿيو، جنهن کان 9- ذوالحج 985هـ جو اعتماد خان چارج ورتي— سيد ابوالقاسر، سيد ابوالحسن ۽ سيد ابوالمعالي سندس ٻيا ب پٽ هئا.

— فتح سيوي شد باولاد نبي [1]- (984 هـ)

مير ابو القاسم پيءُ واري سال ۾ (991 هـ) فوت ٿيو. جڏهن مير معصوم گجرات ڏانهن هو. پيءُ جي چوڪنديءَ ۾ دفن ٿيو. مير معصوم تاريخ چئي، جيڪا قبر جي پيراندي‌ءَ کان اُکريل آهي:

چو شد مير ابو القاسم نيک راي
سوي دار عقبيٰ ز دار فنا
چو نامي طلب کرد تاريخ او
خرد گفت: رفتا بدار بقا

مير صفائيءَ جو ٻيو پٽ هو:

مير محمد فاضل

جيڪو مير معصوم کان وڏو ۽ ابوالقاسم کان ننڍو هو. هيءُ سيد پنهنجي دؤر جو تمام وڏو ۽ مشهور شاعر هو. سندس وڏ فضيلت ۽ ذهانت هيءَ هئي ته باوجود هن جي، جو هو نوءُ واردن جي پيءَ پيڑهيءَ جو فرد هو ۽ جڏهن ته اجا سندس گهر ۽ ڪچهريءَ جي زبان فارسي هئي، پاڻ سنڌيءَ ۾ڪافيون چوندو رهيو، جيڪي فصيح ۽ خاص و عام ۾ مقبول هيون [2].

اهو بزرگ ڪڏهن فوت ٿيو، سندس زندگيءَ جا ٻيا ڪهڙا واقعا آهن، تن جي ڪابه سڌ ڪانه آهي، بهر حال ذخيرة الخوانين جي تصنيف کان اڳ انتقال ڪري ويو هو. سندس قبر به چوڪنديءَ ۾ انهن منجهان هڪ هجڻ گهرجي، جيڪي چوني سان ۽ بنان ڪتبي جي آهن.

انهيءَ سيد کي فقط هڪ نياڻيءَ جو اولاد ٿيو، جنهن جو نڪاح سندس پائٽئي يعني ابوالقاسم جي فرزند مير محمد شجاع سان ٿيو.

مير معصوم، جنهن صورت ۾ پنهنجي امارت ۽ عهدن سبب پنهنجي دؤر جو وڏو ماڻهو هو، تنهنڪري سندس اولاد جو ذڪر ڪجهه نه ڪجهه ڪتابن ۾ اچي ويو ۽ اڄ به سمورا معصومي سادات پاڻ کي سندس ئي اولاد مان سڏائين تا. مير معصوم جي باقي بن پائرن يا ڪر از ڪر مير ابوالقاسم کي محمد

---

(1) بدايوني 2: 245.

(2) ... دوم مير محمد فاضل ک... شعر بزبان سندي از قسم کافي بکمال فصاحت ميگفت و قبوليت داشت (2: 201.) "20- آگسٽ 1978ع، ڪراچي."

شجاع مان کھڑو اولاد ٿيو. اڳتي هلي وڏيو يا ختر ٿي ويو. ان جو کوبہ ڏس پتو کونہ ٿو ملي.

معصومي ساداتن وٽ جيڪي شجرا آهن، انهن سيني جو سرو بہ مير بزرگ سان ملي ٿو. اهڙيءَ حالت ۾ مير محمد شجاع جي نسل متعلق کجھ چوڻ مشڪل آهي. ٿي سگھي ٿو تہ نسل مرڳو وڏيو ئي کونہ؟ يا مير معصوم جي اهميت کي محسوس ڪندي، انهيءَ ٽَريءَ بہ پاڻ کي مير بزرگ جي نسل ۾ پيوست ڪري ڇڏيو. بهر حال مير صفائيءَ جي بن فرزندن جو اولاد ظاهر کونہ ٿيو.

باب ستاويهون

معصومي خاندان جا چند قابل ذڪر فرد

معصومي خاندان پراڻي سکر ۾ رهي ٿو. جتي سندن ابن ڏاڏن جا وڻاڻ هئا. اهي ئي هنڌ، اهي ئي ماڳ ۽ مڪان ايا وسايو پيا اچن. سيئي سادات پنهنجي سرنديءَ وارا، زميندار ۽ اثر رسوخ جا صاحب آهن. منجهائنن گهٽوڪري انگريزي پڙهيل ۽ ڪيترا صاحب سرڪاري ملازمتن ۾ رهيا آهن. انگريز جي دؤر ۾ پڻ سرڪاري عهدن تي هئا.

هن وقت سيئي سادات شيعي عقيدو رکن ٿا. مير صفائي ۽ مير معصوم يا مير بزرگ تائين منجهن اهو عقيدو ڪونہ هو. خبر نہ آهي تہ پوءِ ڪهڙي زماني ۾ ۽ ڪهڙي اثر هيٺ انهيءَ عقيدي کي اختيار ڪيو ويو. خاندائي فضيلت ۽ شرافت نسبيءَ جي روايتن کي ايا سوڌو قائم رکيو اچن ٿا.

هن هيٺ چند انهن شخصيتن جو ذڪر ڪجي ٿو، جن کي راقم الحروف (1931ع کان 1962ع تائين) ڏٺو ۽ انهيءَ دؤر سان متعلق آهن:

سردار سيد ثابت علي شاهہ بن علي مردان بن مير عباس علي بن مير حسن علي بن مير شهباز علي بن مير بزرگ ثاني. هن سفيد ريش بزرگ کي سيني معصومي ساداتن 25- ڊسمبر 1931ع جو، هڪ جلسو ڪري، پنهنجيءَ سرداريءَ جي پڳ ٻڌرائي، جنهن ۾ اسان ٻيئي پائر بہ شريڪ هئاسين، ۽ درحقيقت اهوئي جلسو سبب بڻيو اسان جي ربط جو، جنهن کان متاثر ٿي، منهنجي برادر بزرگوار "حيات معصوم" (جنوري 1932ع) لکيو، انهيءَ ننڍڙي رسالي جو 46 سالن بعد هن ورقن جي صورت ۾ نتيجو نڪري رهيو آهي.

سردار ثابت علي شاهہ نهايت شريف، خانداني وضعداريءَ جو مجسمو، ۽ لحاظي مڙس هو. انهيءَ زماني ۾ تقريباً 70 سالن جو هو. ڪيس هڪ فرزند سيد رسول بخش شاهہ هو. هي ٻيئي پيءُ پٽ اسان سان، اسان جي سکر ۾ رهڻ تائين قرب جو ناتو رکندا آيا.

سيد نور علي شاهہ: قدآور شخص، نهايت چست ۽ هڏڪاڻ وارو برجستو بزرگ هو. خضاب ڪندو هو، مشهدي لنگي متي تي ٻڌندو هو.

شڪارپور ڊويزن جي ٻيلي ڪاتي ۾ هيڊ ڪلارڪ هو. اسان جو دوست هو. هن ئي بزرگ متي ذڪر ڪيل جلسي جو اهتمام ڪيو هو ۽ پاڻ آڏرپائي تقرير (خطبہ استقباليہ) پڙهي هئائين. 1953ع (1373 هـ) ۾ هن جهان مان لاڏاڻو ڪيائين. سندس نسب چوٽين پيڙهيءَ ۾ مير بزرگ ثانيءَ سان لڳي ٿو— نور علي شاهہ، مير حسين علي شاهہ، همت علي شاهہ، مير حسن علي شاهہ، مير شهباز علي شاهہ، مير بزرگ ثاني.

نور علي شاهہ مرحوم کي ٽي پائر هئا: ارباب علي شاهہ چيف آفيسر، باقر علي شاهہ ۽ الهورايو شاهہ. پاڻ ٽي پُٽ ڇڏيائين— ارباب علي شاهہ، وارث علي شاهہ ۽ عنايت علي شاهہ.

حاجي سيد نائب علي شاهہ: هيءُ سيد سنڌي اسڪول ۾ ماستر هو. آخري مرتبو راقر ڪيس 9- جنوري 1962ع جو ڏٺو. نيڪ ۽ مرنجان مرنج سيد هو. سندس سلسلو هيءُ آهي: نائب علي شاهہ، اختر علي شاهہ، مظفر علي شاهہ، همت علي شاهہ، مير حسن علي شاهہ، مير شهباز علي شاهہ، مير محمد بزرگ ثاني.

سيد منور علي شاهہ: مير بزرگ پهرئين کان پوءِ خاندان ۾هيءَ ٻيو سيد ٿيو، جنهن شاهہ خرچيءَ ۽ عيش و عشرت ۾ مال مڏي سپ خرچ ڪري، پنهنجي ڏاڏي جي روايتن کي تازو ڪري ڇڏيو. نهايت سهڻو، قد جو پورو، بت ۾ چڙڪ، ڏاڙهي صاف ۽ مڇون سنهيون، رنگ ڪٽڪائو پوراڻ ڏانهن مائل- سکر ۾ سندس جوانيءَ جي هاڪ هئي. راڳ جو ماهر ۽ ڇاڻو هو. ڪنهن سان ڪونہ اُڇايائين، هميشہ پنهنجي رنگ ۾ مست رهيو.

خاندان جي وڏي گهراڻي مان هو، تنهنڪري وٽس دستاويز، سڪا، مهرون ۽ خانداني ڪتاب تمام گهڻا هئا، جيڪي لاپرواهيءَ سبب تباهہ ۽ درياهہ برد ٿي ويا.

اسان جڏهن هن حَسين ۽ دل جي صاف سيد کي ڏٺو هئاسين، ان وقت سندس اُجهامندڙ جوانيءَ تي ارمان ٽيندو هو. مال مڏيءَ سان گڏ پنهنجي صحت بہ داءَ تي هٽي رهيو هو، جنهن جو اونو هو، ۽ آخر خدا نہ پلائي تہ دق ۽ سلهہ ۾ هي جهان ڇڏي ويو.

مير بزرگ ثانيءَ سان سندس سلسلو قريب ترين هو: مير منور علي شاهہ، غلام شاهہ، مير عباس علي شاهہ، حسن علي شاهہ، مير شهباز علي شاهہ، مير بزرگ ثاني.

سيد قوت علي شاهه: هن دؤر ۾ خاندان جو غالباً هيءُ ئي تنها سيد آهي، جنهن زماني جي لحاظ سان سياست ۾ شهر جي مسئلن ۾ دلچسپي ونڻي، ترقي ڪئي ۽ اقبالمنديءَ تي پهتو. قد پورو پنو. انگ اکر سهٽا، دل جو ڪشادو، مهمان نواز، هٿ ۾ دل ٻئي ڪليل. سيد صفائيءَ جو مسجد سان لڳ سندس جاءِ آهي. سکر ميونسپالٽيءَ جو ڊسمبر 1952 کا نومبر 1958ع تائين صدر رهيو. 1943 کان 1957ع تائين ضلعي لوڪلبورڊ جو ميمبر هو. 1913ع ۾ ڄائو. ڪيس ٽي ٻيا ٻ ڀائر آهن— محمد علي شاهه، سيد علي شاهه ۽ امداد شاهه، جن مان محمد علي شاهه سڀني ۾ وڏو ۽ 1908ع ۾ ڄائو. سموري زندگي روضه خوانيءَ ۾ صرف ڪيائين. محرم ۾ سڄي هندوستان اندر ڪيس گهرايو ويندو هو. چند سال ٿيا، جو فوت ٿيو آهي.

قوت علي شاهه جو نسب هن ريت آهي: قوت علي شاهه، حاڪر علي شاهه، محمد علي شاهه، حسن علي شاهه، شهباز علي شاه ه، مير بزرگ ثاني.

مير قربان علي شاهه: هيءُ سيد ٻ پڙهيل ۽ پنهنجي سرنديءَ وارو آهي. پراڻي سکر ۾ معصومي محلي اندر جاءِ اٿس. زميندارياءَ تي گذر بسر ڪري ٿو.

سادات ۽ تعليم: موجوده معصومي سادات تعليم حاصل ڪرڻ ۽ زماني سان هلڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. ڪيترا فرد منجهانئن گريجوئيٽ آهن. مثلاً:

(1) ارباب علي شاهه B.A ، چيف آفيسر.
(2) وارث علي شاهه B.A ، ايڪسائيز ڪاتو.
(3) اختر علي شاهه B.A ، "
(4) پناهه علي شاهه B.A-B.T ، تعليم ڪاتو.
(5) حسن علي شاهه B.A ، فاريسٽ ڪاتو.
(6) اقبال حسين شاهه B.A

اها صورت حال 1962ع تائين جي آهي، جنهن بعد يقيناً هنن تعليم ۽ زماني جي ٻين مسئلن ۾ ترقي ڪئي هوندي [1].

---

[1] 12- سيپٽمبر 1978ع.

باب اٺاويهون

همكار ۽ احباب

مير معصوم اڪبر جي اقبال واري دؤر ۾ مغل سلطنت جي عروج جي زماني ۾ سرڪاري ملازمت ۾ داخل ٿيو. هندستان اندر يا بيرون ملڪ جي مختلف جنگين ۽ معرڪن خواه مسئلن ۽ معاملن ۾ پنهنجي وقت جي چوندڙ اميرن، عهديدارن، اديبن ۽ عالم سان برابر جو شريڪ ۽ ساٿي ٿي رهيو- ظاهر آهي ته اهڙيءَ صورتحال ۾ سلطنت جي تقريباً سڀني اهم ۽ مشهور ماڻهن سان سندس چارچشمي ٿي هوندي، ڪن سان چڙي ڏيڻ ويڻ، ڪن سان واقفيت، ڪن سان تعلقات ۽ ڪن سان دوستي ۽ قلبي ربط ضبط ٿيو هوندو. مير صاحب هم صفت موصوف ۽ هميشه متحرڪ انسان هو. تنهنڪري بيشتر هر ذوق ۽ هر مشرب رجال ساڻس تعلق وارا هوندا. ليڪن افسوس آهي، جو نه چڙو مير معصوم، بلڪ انهيءَ مد ۾ اسان جون تاريخون گهٽو ڪري سڀني جي حق ۾ سادي ورق جي حيثيت رکن ٿيون. چنانچه انهيءَ عنوان تحت مير ۽ سندس دوستن متعلق ڪٿان به مواد ڪونه ٿو ملي. بدقسمتيءَ سبب اسان وٽ تاريخ نويسي بادشاهن، حاڪمن ۽ بالادستن جي جنگ جوئي ۽ باهمي ڪشت وخون جي دائري اندر پئي رهي آهي، اُن ۾ سماجي ۽ تهذيبي يا شهري زندگيءَ ۾ اٿيءَ وينيءَ جي صورتحال کي ڪڏهن به اهميت نه ڏني ويئي آهي، جنهنڪري پنهنجن گذريل صدين جواهو پهلو بلڪل اونداهو پيو ڏسجي. مير معصوم جهڙي دلچسپ امير ۽ اديب سان ڪيترن ماڻهن جون دلچسپ مجلسون ۽ محفلون ٿيون هونديون. جيڪڏهن تاريخن ۾ انهيء قسم جا اندراج هجن ها، ته ڪيتري نه مفيد ۽ اهم معلومات اڄ پنهنجي سامهون هجي ها.

مير جي ڪن واقفڪارن جو ڪتابن جي منتشر جملن مان ڏس پتو پوي ٿو، انهن عبارتن کي گڏي، هتي درج ڪري، هڪ تصوير ٺاهيون ٿا- - جيتوڻيڪ اڃ پوري آهي، تاهم انهيءَ کي به غنيمت سمجهڻ گهرجي.

سنڌ ۾ مير معصوم جڏهن هوش سنياليو، انهيءَ وقت شاهه حسن ارغون حڪمران هو. حڪومت جو مرڪز ٺٽو هو، ليڪن بکر، جنهن صورت ۾ سرحدي شهر هو، تنهنڪري جغرافيائي لحاظ سان انهيءَ کي خاص اهميت حاصل هئي.

پنجاب، هندستان هڪ طرف، ۽ بلوچستان، افغانستان ۽ ايران ٻئي طرف سرحد تي هئا، انهيءَ ڪري بکر ۾ٿ ٻيو گاديءَ جو هنڌ هو. سلطان محمود بکريءَ سان — جيڪو اتان جو صوبيدار ۽ پوءِ حاڪر ٿيو- مير جي والد ۽ ٻين متعلقين جا واسطا ۽ هر وطن هجڻ جي حيثيت ۾ گهرا تعلق هئا. ظاهر آهي ته سلطان محمود ۽ انهيءَ جي گرد رهندڙ سيني اميرن ۽ معاصر عالمن سان مير معصوم جا به واسطا هئا، بلڪ هڪ ضعيف روايت مطابق مير پهرين ملازمت محمود بکريءَ وٽ ڪئي هئي.

اهڙيءَ طرح شاهه حسن ارغون جي وفات بعد (962 هـ)، عيسيٰ ترخان نٽي ۾ گاديءَ تي وينو ۽ سنڌ ٻن حڪومتن ۾ تقسيم ٿي ويئي. نٽو هميشه کان سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ رهندو ٿي آيو. تنهنڪري سياسي، سماجي خواه ثقافتي ورڻي جي لحاظ کان سنڌ جي مملڪت ۽ ملڪ جو نٽو ننگر ٿڻ ٽڪ هو. هر فن ۽ هر شعبي جا نامور ماڻهو- اندريان خواهه ٻاهريان- اتي رهيا ٿي. شعر وسخن ۽ علم و هنر جو شهر مرڪز هو. تهذيبي لحاظ سان دمشق، بغداد، بخارا ۽ سمرقند سان ڪلهو ٿي هنيائين. مير ذي اقتدار خاندان جو فرد ۽ پاڻ ذي علم ماڻهو هو. تنهنڪري حتماً نٽي ۽ اتان جي آسپاس جي چيدن ماڻهن سان سندس ڏيڻ ويڻ هوندي.

سيوهڻ سندن ناناڻڪي آکهه جو پاسو هو. هيءُ شهر به علم ۽ فن جي لحاظ کان پنهنجي اقبال منديءَ جي انتها تي پهتل هو. اهڙيءَ ريت سنڌ جوهر حصو قصبو ۽ قريو سمن جي زماني کان وٺي اسان جي ماضيءَ جو هڪ روشن ترين باب رهندو ٿي آيو. مولانا جاميءَ جا جيڪڏهن انهيءَ سلسلي ۾ هينيان شعر ذهن ۽ زبان تي اچن ته هوند بيجا نه ٿيندو:

این زمینی است کہ، سر منزلِ جانان بودہ
مطرحِ نور، رخِ آن مہ تابان بودہ
این زمینی است کہ، هر جا خس و خار است درو
پیش ازین رشتہ بجایش گل و ریحان بودہ
این زمینی است کہ، هر شیب و فرازی کہ دروست
جای آمد شدِ آن سرو خرامان بودہ
میدهد خاک درش، خاصیت آن آبی
کہ نصیبِ خضر، از چشمہ حیوان بودہ

بهر کیفیت، میر جي زندگيءَ جو قابل ذکر عرصو، جنهن صورت ۾ سنڌ کان ٻاهر گذريو، تنهنکري سندس احبابن جو حلقو بہ زياده تر سنڌ کان ٻاهر سمجهڻ گهرجي. سنڌ اندر، علاوه استادن ۽ معاصر اهل کمال ماڻهن جي، ٽن شخصيتن جو احوال هيٺ ڏجي ٿو، جن جو مير سان خاص تعلق بيان کيو ويو آهي.

* * *

(1) **ابوالغيث بخاري:** هيءُ بزرگ بکر جو صوفي ۽ خدا پرست بزرگ هو، جيکو، حسب روايت ملان بدايوني، مير معصوم جو روحاني پيشوا (مرشد) هو. مير جو پنهنجو قول آهي تہ سندس گهوڙا جيکڏهن هک ڏينهن گاهہ يا داڻو نہ کائيندا هئا تہ کيس سخت ملال ۽ کاوڙ لڳندي هئي ۽ اهو سڄو ڏينهن انهيءَ منيان واري کيفيت سبب کنهن سان کونہ ڳالهائيندو هيو. هي بہ سندس چوڻ آهي تہ جڏهن پاڻ مير ابوالغيث سان مليو ۽ انهيءَ جو صورتحال ڏٺائين، ۽ معلوم ٿيس تہ نہ چڙو هُن جي گهوڙن کي بعض دفعا ڏينهن پنيان ڏينهن گاهہ نصيب نہ ٿيندو هو بلڪ خود هُن جي پنهنجي بورچي خاني ۾ کاڌ خوراک جي اڻ هوند سبب باهہ نہ ٻرندي هئي ۽ انهيءَ حالت ۾ بہ هو. يعني مير ابوالغيث، خوش وخورم ۽ سيني سان کلندو ڳالهائيندو هو. انهيءَ وقت مير جي مزاج ۾ تغير آيو ۽ هن ضبط حال ۽ تزکيۂ نفس جو سبق سکيو— پيسو هجي تہ چا، جي نہ هجي تہ چا! هينءَ بہ سڄڻ واہ واہ! هونءَ بہ سڄڻ واہ واہ!

از حادثات، در صف آن صوفيان گريز
کز بود غم کنندو زنابود شاد مان [1]

انهي روايت کان زياده انهيءَ بزرگ جو احوال کونہ ٿو ملي. مير پنهنجي تاريخ ۾ آندل بزرگن ۾ انهيءَ جو ذکر کونہ کيو آهي. بکر جي هک بزرگ مير ابوالغيث جو احوال مير قانع تحفة الکرام ۾ آندو آهي، ليکن انهيءَ جو زمانو ميرزا پير محمد (چنگيز جي پوٽي) جو لکي ٿو.[2]

(2) **شيخ ميان اسحاق فاروقي بکري:** شيخ فريد جو مامون، بکر جي جيد عالمن ۽ شهر جي اهم ترين خاندان هو. بکر مان گجرات ويو. خواجہ نظام الدين

---

(1) بدايوني، 3: 365.
(2) تحفة الکرام، چاپو قديم، 3: 126.

جي ملازمت ۾ جو فرد داخل ٿيو ۽ سندس وڪيل مطلق العنان (اٽارني جنرل) ٿي رهيو. بکر ۾ مير معصوم ۽ شيخ همسبق ۽ هم درس هئا. شيخ جي ئي ذريعي پاڻجي ٿو مير معصوم خواجه نظام الدين جي ويجهو آيو [1]: ۽ آخر پنهنجي علمي فضيلت ۽ تاريخي ڄاڻ سبب سندس مصاحب ۽ همدم ٿيو.

تاريخ طاهري ۽ تحفة الڪرام ۾ آخوند اسحاق بکريءَ ٽالي هڪ عالم فاضل شخص جو مذڪور ملي ٿو. جيڪو پنهنجي دؤر جو زبردست استاد ۽ مدرس هو. تاريخ طاهريءَ جو مصنف وٽس پڙهيو ۽ پوءِ ميرزا غازي ترخان به سندس شاگردي ۾ آيو [2]. ابتدا ۾ هو سلطان محمود خان بکريءَ وٽ هو. پاڻجي ٿو اُهوئي اسحاق بکري ساڳيو بزرگ آهي، جيڪو پهرين سلطان محمود وٽ هو، پوءِ گجرات ۾ خواجه نظام الدين وٽ رهيو ۽ آخر ۾ وطن موٽي اچي سنڌ فتح ٽيڻ بعد يا انهيءَ کان ٽورو اڳ ميرزا غازي ترخان جو معلم ٿيو. شيخ سعدي ۽ مولانا روم جي پڙهائڻ ۾ ڪيس خاص مقام حاصل هو. شعر به چوندو هو. مقالات ۾ سندس هڪ بيت آهي:

مي طپد دل در برم در شوق تو
مي گذارد خانه را از زوق تو.

فريد بکريءَ جو قول آهي ته شيخ اسحاق پٽ خواجه نظام الدين کي "طبقات" جي لکڻ ۾ مير معصوم سان گڏ مدد ڏني.[3]

(3) **شاهه قلي**: انهيءَ ٽالي مير جو هڪ دوست هو، جنهن سان مير، ابوالغيث وارو قصو بيان ڪري ٿو. ذخيرة الخوانين جي مؤلف جي روايت آهي ته شاهه قلي مير جي سنگتي هو ۽ گجرات جي سفر ۾ ساٿس گڏ هو.[4] شاهه قليءَ جو انهيءَ کان زياده احوال معلوم نه ٿي سگهيو.

* * *

هن هيٺ انهن مشهور ماڻهن جو ذڪر ڪجي ٿو، جيڪي سنڌ کان ٻاهر هئا ۽ مير جا دوست هئا.

---

(1) ذخيره جي روايت ته، مير تنگدستيءَ سبب پيدل گجرات پهتو ۽ شيخ جي ذريعي ڪيس ملازمت ملي، غلط آهي. (1: 201.)
(2) طاهري، 13-14. تحفة الڪرام، 3:128. مقالات، 89. مرزا غازي ترخان، حسام الدين، 129-130
(3) ذخيره، 1: 208 - 209.
(4) ذخيره 1: 202.

(4) **خواجہ نظام الدين احمد بخشي:** ميرمعصوم جو سائي، سنگتي، قدردان ۽ سرپرست هو. سندس ساڻ سنگت ۾ رهڻ ڪري ميرڪي ڪيئي فائدا پهتا. سڀ کان وڏو فائدو هيءُ ته ميرجي "تاريخ سنڌ" لکي جيڪا "طبقات" جي تاليف سبب وجود ۾ آئي. ٻيو هيءُ ته ڪيترن اديبن ۽ شاعرن سان ميرجي شناسائي ٿي، جن جو واسطو خواجہ سان هو يا جيڪي وٽس گجرات واري زماني ۾ آيا ويا ٿي.

ٻنهي جو سابقو گجرات ۾ هڪٻئي سان ٿيو ۽ 992هـ کان 998هـ تائين ست سال مسلسل سندن ساڻ رهيو. پوئين سال ۾ شاهي حڪم تي جڏهن خواجہ لاهور آيو. ان وقت ميربہ ساڻس گڏ آيو. جنهن کان پوءِ هڪٻئي کان جدا ٿي ويا. يعني ميرسنڌ هليو آيو ۽ خواجہ صاحب ٻين خدمتن جي بجاآوري ڪندو رهيو.

خواجہ جي والد جو نالو خواجہ محمد مقيم هو. جيڪو شيخ الاسلام حضرت خواجہ عبدالله انصاريءَ هراتيءَ جي اولاد مان هو. بابر جي زماني ۾ خواجہ مقيم "ديوان بيوتات" رهيو. انهيءَ جي وفات بعد ميرزا عسڪريءَ جو وزير ٿي احمد آباد پهتو. جيڪو ان وقت احمد آباد جو صوبہ دار هو. خواجہ مقيم همايون بادشاهہ جي غريب الوطنيءَ واري سفر ۾ ايران ساڻس گڏ هو. خواجہ مقيم، سلطان محمود بکريءَ جي آخري زماني ۾ مغلن پاران بکر ۾ "امين" جي عهدي تي بہ رهي چڪو هو[1].

خواجہ نظام الدين احمد "طبقات اڪبري" گجرات ۾ لکڻ شروع ڪئي. ميرمعصوم انهيءَ سلسلي ۾ خاص طرح سندس معاون ۽ مددگار هو. ماثرالامرا ميرجو نالو انهيءَ سلسلي ۾ خاص طرح ورتو آهي.

ملا عبدالقادر بدايوني، خواجہ جي خاص دوستن منجهان هو. ۽ غالباً اهوئي سبب ٿيو. جو ميرسان بہ ملاجا مراسر گهرا ٿيا.

خواجہ نظام الدين 45 ورهين جو ڦوهہ جوانيءَ ۾، محرقہ تپ ۾ مبتلا ٿي، 23 صفر 1003 هـ (28 آڪٽوبر 1594ع) جو هي جهان ڇڏي ويو. لاهور ۾ سندس پنهنجي باغ ۾ ڪيس دفن ڪيو ويو. سندس موت سيني کي ڏکوئي وڏو کابہ اک اهڙي نہ هئي، جيڪا آلي نہ ٿي هجي. بدايونيءَ تاريخ چئي:

---

[1] ماثرالامر - 3: 249.

رفت ميرزا نظام الدين احمد
سوي عقبيٰ وجست و زيبا رفت
جوهر او ز بس كه عالي بود
در جوار، ملك تعاليٰ رفت
قادري يافت سال تاريخش
گوهري بي بها ز دنيا رفت

طبقات پنهنجي نوعيت جي پهرين تاريخ آهي، جيڪا نه چڙو تحقيقي آهي بلڪ هندستان جي سموري اسلامي دؤر تي حاوي آهي- يعني سبڪتگين جي حملي (367هـ) کان وني (1001 هـ) تائين. پوءِ جي سيني تاريخن انهيءَ جو تتبع ڪيو آهي.[1]

خواجه علم دوست ۽ ادب پرور هو. ۽ جتي رهيو پنهنجي چوڌاري عالم، اديب ۽ اهل فن گڏ ڪري ويٺو. گجرات ۾ ڪيترا عالم ۽ شاعر سندس محفل ۽ مجلس سان وابسته هئا. انهن سڀني جو تعلق مير معصوم ساڻ به هو. هڪ ئي برادريءَ جا رڪن هئا. خواجه جي شخصيت مير معصوم جي سلسلي ۾ نهايت اهر آهي. هُن مير جي زندگيءَ ناهڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو ۽ مير تي سندس شخصيت تمام گهڻو اثر انداز تي.

(5) **ملا عبدالقادر بدايوني:** منتخب التواريخ جو (1004 هـ) مصنف ۽ اڪبري دؤر جو ٻي باڪ ۽ شخصي پسند ناپسند جي تاثر هيٺ لکندڙ مورخ. هن پنهنجي تاريخ جي رٿا "طبقات" جي نهج تي رکي آهي. سندس تاريخ مواد جي لحاظ سان نهايت مفيد ۽ ڪارآمد آهي، ليڪن شخصي راءِ تحت لکڻ جي هُن ايتري سختيءَ سان پابندي ڪئي آهي، جو سندس رايا هروپرو يا اڪيون پوٽي قبول ڪرڻ جهڙا نه آهن. تاهر هوئي هڪ اهڙو تاريخ نويس آهي، جنهن پنهنجي دؤر جي واقعات تي تنقيد ڪري، روايتي انداز کي پٽيءَ پاڻنهن اچلائي، تصوير جي ٻئي رخ ڏسڻ جو ۽ ان تي سوچڻ جو موقعو پڙهندڙن اڳيان پيش ڪيو آهي. نيتيجي طور مغل دؤر جي بين تاريخن يعني اڪبر نامه، طبقات وغيره جي يڪ طرفي لکڻيءَ جي تڪ تور متعلق تمام گهڻي آساني تي

[1] مقالو خواجه نظام الدين احمد از حسام الدين، مجلهٔ جام جر، آڪٽوبر 1967ع. بدايوني- ايليٽ، 5: 177.

پيئي آهي. اڃوڪي لکندڙ اڳيان ملاهه بدايونيءَ جي تاريخ سبب تصوير جا پيئي طرف اڇي ويا آهن، جنهنڪري ملان جي، باوجود ڪمزورين جي بـ، پنهنجيءَ جاءِ تي مؤرخاڻي حيثيت اٽل آهي.

ملا عبدالقادر بدايوني 17 ربيع الثاني 947 هـ [1] (21 آگسٽ 1040ع) جو اجمير صوبي جي رنٿنبور سرڪار جي ٽوڏه ڳوٺ ۾ ڄائو. گويا مير معصوم ڪانئس گهٽ وڌ سادا ٽي سال ڪن وڏو (944 هـ) هو. ملوڪ شاهه ابن حامد سندس والد جو نالو هو. پاڻ مختلف استادن وٽ مروج علمن ۾ تعليم ونندو رهيو. مخدوم اشرف (نانهس)، شيخ پنجو، ميان حاتر سنيلي، شيخ عبدالله ولد شيخ الهڏنو خيرآبادي، شيخ مبارڪ ناگوري ۽ قاضي ابوالمعالي بخارائي سندس استاد هئا. ميان حاتر (متوفي 969 هـ) جي مريدي پڻ اختيار ڪيائين. پنهنجي تاريخ ۾ اڪبري مشاهيرن جو تذڪرو ميان حاتر جي احوال سان شروع ڪيو اٿس.

شيخ مبارڪ وٽ فيضي ۽ ابوالفضل پڻ ساٿس گڏ همدرس هئا. اڪبري دؤر جي هنن بن مشهور اميرن ۽ عالمن سان سندس دوستي رهي نـ سگهي، بلڪ هو سندن بدخواهه ٽي پيو. فيضيءَ جو ذڪر هـن نهايت ترش ۽ غير شائستن لفظن ۾ ڪري، پنهنجي عناد ۽ بغض جو بخار ڪڍيو آهي.

969 هـ ۾ ملا جو والد آگري ۾ گذاري ويو. سندس لاش ڪٽي ملان پنهنجي پاءُ شيخ محمد سميت بساور (ضلع بدايون) ويو. ٻئي سال تي ملان جو ڏاڏو اشرف بـ بساور ۾ فوت تي ويو. ملان ڪجهـ وقت بعد بساور مان لڏي بدايون ۾ اچي (973 هـ) رهيو، جنهن بعد پٽياليءَ اچي، حسين خان (متوفي 983 هـ) جاگيردار جو ملازم ٿيو. حسين خان همايون جي دؤر جو اميـر ۽ ساٿس هندستان جي فتح ۾ شريڪ هو. اڪبري دربار ۾ بـ هـن جي اُهائي امارت قائم رهي ۽ سـ هزاري منصب تي فـائز رهيو [2]. حسين خان وٽ ملان 981 هـ تائين ملازم رهيو.

974 هـ ۾ جڏهن ملان ڪجهـ وقت لاءِ آگري آيو، تنهـن زمـاني ۾ خواجه نظام الدين سان سندس جاڙ سجاڙ ٿي [3] جنهن اڳتي هلي دوستيءَ ۽

---

(1) بدايوني، 1: 363.
(2) ائين، 30- شمار 53.
(3) بدايوني، 2: 99.

يڪدليءَ جي صورت اختيار ڪئي. 981 هـ ۾ حسين خان وٽان ڇڏي، ملا اڪبر سان، جلال الدين قورچي ۽ حڪيم عين الملڪ جي معرفت، اچي متعارف ٿيو. اڪبر ڪيس فوجي عهدو ڏيڻ گهريو. ليڪن ملان مدد معاش ۾ زمين تي راضي ٿيو. هڪ سال بعد، اربع جي ڏينهن وارين نمازن جي پيش امام مقرر ٿيو [1]. ملا ڪي پهرين هڪ سؤ بيگا مدد معاش ۾ مليا هئا ۽ شوال 983 هـ ۾ هڪ هزار بيگا سندس حوالي ٿيا. اهو انتهائي انداز هو، جيڪو مغلن جي دؤر ۾ مدد معاش ۾ ڏنو ويندو هو.

ملا مختلف وقتن ۾ سرڪاري ملازمت اندر هيٺينءَ طرح ڪتاب لکيا:

(1) **چهل حديث**

(2) **تاريخ الفي** جو هڪ حصو. (990 ھ)

(3) **مهابارت** جو ترجمو. (990 هـ)

اڪبر ڪي ملا جو هيءُ ترجمو پسند نه آيو، جنهن تي هُن ملا ڪي حرام خور ۽ شلغم خور سڏيو [2].

(4) **رامائڻ** جو ترجمو [3]. 996ھ

انهيءَ ترجمي تي بادشاهه خوش ٿيو ۽ ملا ڪي بساور مان جاگير ڏيرائي. 997هـ جو، بدايون ۾ ڏني ويئي. انهيءَ کان پوءِ ملان "بدايوني" جي نالي جو جز بڻيو.

(5) **تاريخ ڪشمير** از ملان شاهه محمد شاهه آبادي جو سليس فارسي ترجمو [4]. (998 هـ)

(6) **معجم البلدان** جي هڪ حصي جو ترجمو [5]. (998 هـ)

انهيءَ سان ملا بدايون ويو، جتي بيمار ٿي پيو ۽ دربار مان سندس غير حاضري طول وٺندي ويئي. ويندي وقت سرڪاري ڪتب خاني مان "خرد افروز" [6] نالي رسالو- جيڪو سنگاسن بتيسيءَ جو ترجمو هو- ڪنيو ويو، جنهن جي طلب بادشاهه ڪيترا دفعا ڪئي ۽ آخر بادشاهه ڪاوڙجي ملا جي جاگير رد

---

(1) بدايوني، 2: 206- 226.
(2) بدايوني، 3: 118.
(3) بدايوني، 2: 337 - 366.
(4) بدايوني، 2: 374.
(5) بدايوني، 2: 375.
(6) بدايوني، 2: 183.

ڪري ڇڏي ۽ ڏانهس فوراً حاضر ٿيڻ جو حڪم موڪليو. ملان بيماريءَ سبب مجبور هو. خواجہ نظام الدين ۽ ابوالفضل دربار ۾ بادشاهہ جي غصي لاهڻ ۾ ڪوشان رهيا [1].

(7) نجات الرشيد. (999هـ)

هيءُ رسالو، ملان شمس آباد ۾، جڏهن ته خواجہ نظام الدين وٽ سندس جاگير تي هو، لکي پورو ڪيو. ۽ اتي خواجہ جي صحبت ۾ هُن "منتخب التواريخ" لکڻ جو نقشو رڌيو.

اڪبر جي فوري حڪم تي ملا آخرڪار پنير ڳوٺ (نزديڪ سرحد ڪشمير) ۾ شاهي منزل تي پهتو. ملا پنج مهينا غير حاضر هو. شاهي پڇا تي هن حڪيمن جا سرٽيفڪيٽ پيش ڪيا، ليڪن بادشاهہ اهي قبول نہ ڪيا ۽ سندس غصو پنهنجي جاءِ تي قائم رهيو. اُن تي ملا سخت مايوس ٿيو، لکي ٿو ته پنجن مهينن تائين هو "قصيدي برده" ۽ "حصن الحصين" جو ورد ڪندو ۽ دعائون گهرندو رهيو. آخر ڪار پنجن مهينن بعد بادشاهہ ڪشمير کان موڪلندي هڪ منزل تي آيو ۽ ڪيس "جامع رشيدي" جي ترجمي جو خيال آيو. شاهي دربار ۾ خواجہ نظام الدين ۽ ملا جا ٻيا خيرخواهہ موجود هئا، جن ترجمي لاءِ ملا جو نالو پيش ڪيو. جنهن بعد شاهي غصو ڏورو ٿيو ۽ ملان 17 ربيع الاول 1000 هـ جو لاهور ۾ شاهي حضور ۾ پيش ٿيو.

فيضي، جنهن لاءِ ملا پنهنجي بدنيتيءَ سبب نهايت تلخ عبارتون لکيون آهن ۽ ڪيس ڪافر سڏيو اٽائين، تنهن دکن منجهان ملا جي پرزور سفارش بادشاهہ جي خدمت ۾ موڪلي. ملا پنير مان ڏانهس پنهنجي حالت زار جو اطلاع موڪليو هو. جيتوڻيڪ شاهي غصو فيضيءَ جي عريضي پهچڻ کان اڳ لهي چڪو هو، تاهم فيضيءَ جي سرٽيفڪيٽ کي غنيمت سمجهي، ملا بادشاهہ جي خدمت ۾ پيش ڪيو [2].

خط ۾ فيضيءَ جي متعلق جيڪي ڪجهہ ملا لکيو آهي، سامهون رکي، پڙهندڙ آسانيءَ سان فيصلو ڪري سگهي ٿو ته فيضي ڪيڏو نہ عالي ظرف ۽ ملا ڪيترو نہ پست فطرت، ذليل ذهنيت ۽ تنگ حوصلي جو ماڻهو هو.

---

(1) بدايوني، 2: 377.

(2) خط اڪبرنامہ ۾ آهي ۽ بدايونيءَ به ڏنو آهي، 3: 303.

(8) بحر الاثمار (1003 هـ)

هيءُ ڪتاب ڪشمير جي سلطان زين العابدين جي چوڻ تي تيار ڪيو ويو هو، جنهن ۾ هندن جي متعلق قصا ۽ ڪهاڻيون آهن. ملا متئين سال ۾ انهن جو ترجمو ڪيو. 1002 هـ ۾ ملا جا ۽ سرپرست فوت ٿي ويا، هڪ خواجه نظام الدين ۽ ٻيو خواجه ابراهيم حسين [1]. ترت ئي 1003 هـ ۾ ٻيا ٻه سنگتي فوت ٿيس، هڪ شيخ يعقوب صيرفي ڪشميري ۽ ٻيو حڪيم عين الملڪ. ڏهين تاريخ صفر 1004 هـ جو فيضي فوت ٿيو، جنهن جي وفات جو نقشو نهايت ذليل نموني ۾ ملان ڇنيو آهي.

(9) منتخب التواريخ (1004 هـ)

ملا بدايوني 999 هـ ۾ پنهنجي تاريخ جو نقشو ناهي انهيءَ ڪي لکڻ شروع ڪيو. سندس تاريخ ۾ تنقيد جو ترش لهجو ۽ پنهنجي سموري ماحول ڪان بيزاري، انهيءَ ڪري موجود آهي، جو 999 هـ ڪان 1004 هـ تائين جو زمانو خود ملا جي صورتحال جي سلسلي ۾ اطمينان بخش نه هو. بادشاهه جي ڪاوڙ، دوستن جي وفات ۽ پنهنجي خانگي معاملن ۾ هڪ ڪرائي نه. اهوئي وڏو ڪارڻ ملا جي لهجي جي ترشيءَ جو ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

1004 هـ ۾ پاڻ 57 سالن جي ڄمار ۾ بدايون ۾ — جڏهن موڪل تي ويل هو— فوت ٿيو. سندس قبر ڇئي وڄي ٿي ته بدايون جي لڳ عطاپور ڳوٺ ۾ انبن واري باغ جي ڀڪ ۾ آهي [2].

مير معصوم سان تعلق پائنجي تو خواجه نظام الدين جي ذريعي ٿيس. خواجه ٻنهي جو دوست بلڪ سرپرست هو. مير متعلق ملا جو لهجو نهايت نرم ۽ وٽندڙ آهي، جنهن مان ظاهر تو ٿئي ته ملا صاحب جي دل مير صاحب لاءِ ٽڏي هئي. مير جي شعرن جو انتخاب به ملا ٻين جي مقابلي ۾ وڌيڪ ڏنو آهي، ۽ سندس لاءِ "بلند طبعيت ۽ عالي فطرت" جا لفظ ڪتب آڻي تو.

مير جنهن وقت احمد آباد ۾ هو، ان وقت هيئيون قصيدو اتان لکي ڏانهس موڪليو هئائين، جيڪو انهيءَ وقت اٽڪ جي منزل تي هو. ملا پنهنجي تاريخ ۾ قصيدو نقل ڪيو آهي:

---

(1) بدايوني، 3: 228.

(2) تاريخ بدايون، راءِ بختاور سنگ، مطبوعه بريلي، 1868ع

قصیدو میر معصوم

داغي کـ بـود بـر دل از عشـق در ازل
از دولت فـراق تـو، بـا درد شـد بـدل
طوفان آتشي کـ دل از درد، بر کشـید
افگنـده در مـزاج زمیـن و زمـان خلـل
یاد غـم تـو، میـد هـدم چاشسـنیٔ درد
طبعـم فـراق میـد هـدم لـذت اجـل
خوش آن کـ در طریق محبت قدم نهاد
چون شوق بیملاحظ چون عشق بي حیل
ره یـابي ار، بکارگـه صنـع بنـگري
هر صنع در معامل، هر عشق در عمل
بي تابیم ز عشق، بد یوانگي کشـید
آخر شدم من از تو بد یوانگي مثـل
خوناب گرم بس کـ ز دل ریختـم فگند
ایـام سربسـر همـه در آتشـین و حـل
عشـقت هزار عقدهٔ غـم، پیشـم افگنـد
نـاکرده یـک دقیقهٔ هجـران هنـوز حـل
هـر بیـم مـرگ میـد هـدم نشـأهٔ فـراق
هـر ذوق وصـل میـد هدم شوق از امـل
ناگشتـه حشر، روز قیامت شود پد یـد
زین آتشي، کـ از جگرم گشت مشتعل
درخـون نشسـته چشـم جهـاني ازان مـژه
درخاک خفتـه خلقي ازان چشـم مکتحـل
در هـر دوکـون آتـش دیوانگـي زدم
رمزي ز سـر عشـق تـو ناگفتـه در غـزل
آن دل کـ داشـتم ز تـو آمیختـه بعشـق
خونـاب گشت و از مژها ریخت برطـل

دارم بهر مژه ز غمت، ابر شعله بار
دارم بسینه آتش ، هجران هزار تل
مشغول در مشاهده ات چشم روزگار
مثعوف از ملازمتت دیدهٔ دول
خواهم خلاصیم دهد رز دوزخ فراق
ماحي کفر و حامیٔ دین هادیٔ ملل
شام نجف علي ولي، شاه لافتيٰ
کز نقد انبیا ز جهان اوست ما حصل
ماهي که مهر کرده از و اکتساب نور
شیري که شیر چرخ ازو مانده در وحل
حفظش اگر حصار کشد بر جهانیان
جز مرگ کس برون نرود از در، اجل
بیند بخواب قوت سر پنجه ات اگر
بازوي چرخ بر کند از بیخ دست شل
بانگ مهابت تو رسد گر بکوه هسار
پیچد چو تازیانه صدا در تن، جبل
یک نقطه قاف قدر تو سنجد اگر بقاف
آن جاي قاف گیرد و این جاي بر زحل
دستت اگر عنان ابد باز پس زند
افتد هزار مرحله واپس تر از ازل
نحلِ فلک ز گلشن قدرِ تو یک ورق
باغ جهان ز مزرع جور، تونیم تل
در عهدت آن‌چنان شده شیرین، مزاج دهر
کز زهر، فرق مي نتوان کرد، تا عمل
گر بر بصل فتد نظر همتت بسهو
در جنب او نماید گردون، کم از بصل
با خصم ذوالفقار و بسایل نعم بلي
ظاهر بعهد تو شده معني لا وبل

گر در ضمير تو گذر د صورت غضب
از بيـر همچـو بيـد بـلرزد تـن اجـل
با شد سپهر قدر ترا وسعتي، که مهر
نبـود عجب اگـر بـودش شـاهقِ جبـل
گـر خنجرت بتيـغ سياست زبـان دهـد
اي واي چـرخ کجـرو مکـار پـر دغـل
آرايشِ عـروس سخن چون بمدح تسـت
بـر بسـتر از معـانئ رنگيـن بـرو حلـل
اي واي برتو نامي! و بر اهل حشر واي!
در محشر آيـدت چـو سيـه نامـۂ عمـل
هسـتر ز آفتـاب شـفيغي اميـدوار
روزي کـه هيـچ جـا نبـود سـايۂ امـل
بـارانِ ابـر رحمـت و سـاقئ روز حشـر
آن دين پناه اعظر و آن صاحب اجل [1]

مير جو هي لاميو قصيدو "مخزن الغرائب" ۾ به آيل آهي. [2]

(6) **عبدالرحيم خان خانان:** محمد بيرم خان خانان جو فرزند پنهنجي جنگي مهارت، فتوحات، سياسي قابليت، علمي سرپرستيءَ ۽ داد و دهش سبب اسلامي دنيا جو عظيم ۽ محبوب ترين شخصيتن منجهان هڪ هو. بلڪ برمکين بعد هي پهريون امير هو، جنهن امارت ۽ سخاوت ۾ ضرب المثل پيدا ڪري ڇڏيا. سندس شخصيت ۾ عجيب شان محبوبي هو. هڪ دفعو جنهن ساڻس ملاقات ڪئي، سو وري کانئس جدا نہ ٿيو— اديب، شاعر، ۽ اهل فـن تہ مٿس پروانن وانگر فدا هئا.

ماثر رحيميءَ جو ٿيون جلد انهن شاعرن جي حال ۾ آهي، جن خان خانان

---

[1] بدايوني، 3: 366 - 370- ملا بدايونيءَ جي سوانح جا سندس تاريخ کان سواءِ هيٺيان ماخذ آهن:
1- Badaoni and His Works, By Blochmann
J. A. S. III, 1869, P. 106-144
2- بزم تيموريہ، سيد صباح الدين، 1: 191 - 237.
3- ايليٽ، تاريخ هند، 5: 477.

[2] نسخۂ خطي پنجاب، ورق 345 ب و بعد.

جي شان ۾ قصيدا چيا آهن. انهيءَ دؤر جا وڏي ۾ وڏا شاعر سندس مداح ۽ سندس زرپاشين مان فيضياب هئا. عرفي، كليم، نظيري، شكيبي وغيره ساٽس متعلق هئا. ماثر رحيميءَ اهڙن 107 شاعرن جو احاطو كيو آهي، جن قصيدا چيا آهن، ليكن انهن جڏهن عبدالرحيم جي مدح ۾ زبان كولي آهي تہ چڻ ماٽڪ ۽ موتي نكتا آهن- هنن قصيدن جو رنگ ۽ شان ئي نرالو آهي. شاهي شان ۾ چيل قصيدن ۾ دماغ كان كم ورتو ويو آهي ۽ هنن قصيدن ۾دلين جا سودا تيل آهن.

عبدالرحيم خان خانان جو سنڌ سان تعلق چڙو فاتحاڻي حيثيت جو نہ هو. بلك انهيءَ كان هڻي هك قسم سان سندس قلبي لاڳاپو پڻ هو- - سنڌ جي سرزمين سان سندس محبت هئي. سنڌ جي مسئلن ۾ اكبري ۽ جهانگيري دربار ۾ هُن هميشہ سنڌ طرفان وكالت كئي. چيو وڃي تو تہ هن سنڌي زبان بہ سكي هئي ۽ شعر بہ چيو هئائين. عمر كوٽ جي سوڍن منجهان سندس شادي تيل هئي، جنهن بيبيءَ مان كيس ميرزا رحمٰن داد ڄائو. پنهنجي پٽ ايرج ميرزا كي جاني بيگ جي نياڻيءَ سان پرڻايو هئائين[1]. سنڌ، جيسين ميرزا غازي ترخان زندهہ هو (1021 هـ)، تيسين عبدالرحيم خان خانان جي كري ئي انهيءَ خاندان جو تخت رهي. خود سنڌ واريءَ جنگ ۾ بہ هُن آخري وقت تائين اهائي كوشش كئي تہ خون خرابي كا پرهيز ڪري ۽ جاني بيگ صلح جي ذريعي سنڌ مغلن جي حوالي ڪري.

خان خانان جو مير معصوم سان پهريون دفعو تعلق گجرات واري دؤر (992هـ - 998 هـ) ۾ پيدا ٿيو. 999 هـ لاهور ۾ گڏ هئا، جڏهن بنهي كي سنڌ جي مهر لاءِ روانو ٿيڻو پيو. 1001 هـ تائين بنهي جو قريبي لاڳاپو رهيو. مير پاڻ عالم بہ هو، اديب شاعر بہ هو. ازان سواءِ مزاج شناسيءَ ۾ بہ يگانو هو، تنهنكري ظاهر آهي تہ خان خانان جهڙي جوهر شناس انسان وٽ مير جو مقام ڇا هوندو!

نٽي جي مهر ۾ خانخانان سان گڏ كيترا شاعر بہ همركاب هئا، مثلاً: شكيبي، انيسي، بقائي، غيوري، وقوعي، محوي، حياتي، كامي، محمد شيرازي، تاج شيرازي، شجاع شيرازي ۽ مير عيوضي وغيره سيئي سنڌ ۾ انهيءَ موقعي تي گڏ هئا. انهن منجهان كيترن سنڌ جي فتح ۽ نٽي ۾ منعقد

---

(1) ڏسو شجرو تحفة الكرام، ص 386.

ٽيل چراغان جي موقعي تي قصيدا چيا. انهن سيني شاعرن سان مير جي بحيثيت هڪ شاعر جي يا خود قدردان ۽ ادب پرور جي حيثيت ۾ ڏيڻ ويڻ، راهه و رسم ۽ شعر و سخن جي ڏي وڻ ضرور ٿي هوندي [1]

نظيري ۽ ڪليم ٻيئي انهيءَ دور جا اهم ترين شاعر هئا. نظيري ته گجرات ۾ هو ۽ فوت به اُتي (1023 هـ) ٿيو. خان خانان سان بنهي جو تعلق هو ۽ يقيناً مير جي به ساڻن چهار چشمي هوندي. عرفي (964 - 999 هـ) ٻيو عظيم شاعر انهيءَ دؤر سان متعلق هو. جڏهن مير گجرات کان لاهور آيو، ته عرفي لاهور ۾ ئي هو. ۽ سنڌ ڏانهن اسهڻ واري سال 999 هـ ۾ عرفيءَ جو لاهور ۾ انتقال ٿيو. اهو فقط خان خانان کي ئي اعزاز نصيب ٿيو، جو عرفيءَ سندس مدح چئي. وقت جو بادشاهه به انهيءَ سعادت کان محروم رهيو.

خان خانان 964 هـ ۾ ڄائو ۽ 1036 هـ ۾ فوت ٿيو. دهليءَ ۾ سندس مدفن آهي. ڪانئس اڳ يا پوءِ هندستان جي سرزمين کي جهڙس انسان، غريب پرور ۽ اهل دل امير نصيب ڪونه ٿيو [2].

خان خانان جو پنهنجو ادبي ذخيرو ڪونه ٿو ملي. چند هندي ڏوهيڙا ۽ ٻه - ٽي فارسي غزل موجود آهن. بابر نامه جو فارسي ترجمو سندس نثر نويسيءَ جو شاهڪار آهي.

مٽي مشهور ماڻهن ۽ اميرن سان گڏ ڪن شاعرن جو به ذڪر ڪيو ويو آهي، جن جي سڏيءَ يا اڻ سڏيءَ طرح مير صاحب سان به ڄاڻ سڃاڻ هئي. انهن شاعرن کان علاوه مير معصوم جو ذاتي بلڪ گهاٽو تعلق انهن سيني شاعرن سان به رهيو، جيڪي گجرات ۾ خواجه نظام الدين سان وابسته هئا. انهيءَ سلسلي جي شاعرن جو مذڪوره هت آڻجي ٿو.

---

[1] تحفة الڪرام، 256 - 257.

[2] ماثر رحيميءَ جا ٻه جلد، خان خانان سان متعلق آهن. مقالات الشعرا ۽ تحفة الڪرام ۾ سنڌ جي سلسلي ۾ سندس احوال آهي. بزم تيموريه جلد پهرئين ۾ سندس احوال ڏنل آهي. انگريزيءَ ۾ Ph.D لاءِ هڪ مقالو لکيل آهي:

Abdu, R-Rahim Khan-I-Khanan
and his literary Circle
By Dr. C.R. Naik
gujarat University, Ahmedabad, 1966

هڪ ڪتاب ۾ ڪابه خصوصيت ڪانه آهي، سمورو ماثر رحيميءَ جو چربو آهي.

(7) **امني، ملاغني:** خواجہ نظام الدين جو پروردو ۽ گجرات ۾ ساڻس گڏ هو. پهرين خوفي تخلص هيس، جنهن کي خواجہ بدلائي امني کيو. غالباً خوف ۽ بي يقينيءَ واريءَ زندگيءَ جو سفر جهاڳي، خواجہ جي امان ۾ اچي پهتو هو، تنهن مناسبت سان اهو تخلص کيس ڏنو ويو. هيءَ ربائي سندس آهي:

منم کہ غیر غم اندوختن نمي دانم
تمام رشکم و واسوختن نمي دانم
بنور خاطر اگر، روشناس خورشیدم
چراغ بخت خود افروختن نمي دانم [1]

(8) **بقائي:** ايراني اصل نسل جو هو، پهريون ملک قميءَ وٽ دکن ۾ پهتو، اتان احمد آباد ۾ خواجہ وٽ آيو. ابتدا ۾ مشغولي تخلص هئس، خواجہ بدلائي بقائي کيس. خواجہ جڏهن فوت ٿيو تہ خانخانان جي سرپرستيءَ هيٺ آيو.

تا عش زمژگان بتان نیشتر آورد
خون از رگ و از ریشۂ من جوش بر آورد
فریاد کہ تا چشم زدم، تیر خیالش
از دیدہ فرو رفت و سر از دل بدر آورد [2]

(9) **حيائي:** بدايونيءَ جو قول آهي تہ خواجہ سان گجرات ۾ گڏ هو.

پیغام دوست داغ جگر تازہ میکند
دردِ وداع و رنج سفر تازہ میکند

— —

عاشق رخ خویش بر درت سود و برفت
وان مهر کہ باتو داشت، بنمود و برفت
یک شب بهزار حیلہ در بزمِ وصال
پروانہ بشمع دیدہ بکشود و برفت [3]

(10) **صرفي ساؤجي:** گجرات ۾ خواجہ سان وابستہ صاحب ديوان شاعر هو. بدايونيءَ جو قول آهي تہ قصيدي ۽ غزل ۾ خاص طرز جو مالک هو. لاهور

---

(1) بدايوني، 3: 187، نورالحسن 70.
(2) بدايوني، 3: 196، صديق 81.
(3) بدايوني، 3: 221.

ڀر بہ رهيو. آخر ڀر فيضيءَ سان دکن ويو، جتي فوت ٿيو.

گل فروشِ من کہ خواهد گل ببازار آورد
باید اول تاب غوغاي خريدار آورد [1]

خواجہ نظام الدين سان مٿين شاعرن کان علاوہ هنن شاعرن جو بہ تعلق هو:

وقوعي، مير شريف نيشاپوري (1003 هـ) [2]
ملا لطفي منجم [3]
ملا عبدي رازي [4]

* * *

مير معصوم سان ايران جي سفر ڀر بہ ڪيترن اديبن ۽ شاعرن جي ملاقات ڏيڻ ويڻ ٿي. هيٺين شاعرن متعلق روايت ملي سگهي آهي:

(11) **تقي ڪاشي:** ايراني دوستن مر تقي ڪاشي مصنف تذکرۂ "خلاصہ الاشعار" جو نالو سرفهرست آهي. هُن پنهنجي تذکري ڀر مير جو چشمہ ديد احوال لکيو آهي ۽ سندس گهٽي ڀر گهٽا شعر درج ڪيا اٿس. ڪاشان ڀر مير جيترا ڏينهن ترسيل هو، تقيءَ سان سندس ملاقاتون ٿيندیون رهيون ۽ شعر وسخن جي محفل گرم رهي.

سندس نالو تقي الدين محمد بن شرف الدين علي حسين آهي. 943هـ ڀر ڄائو ۽ 1016 هـ ڀر هن پنهنجو تذکرو پورو ڪيو، جنهن کي 985 هـ کان لکڻ شروع ڪيو هئائين. تقريباً مير معصوم جو هم عمر هو.

مير معصوم جا اسان کي گهٽي ڀر گهٽا شعر وٺائيس مهيا ٿيا. ورنہ ٻين تذکرن چند شعرن تي اکتفا ڪئي آهي.

(12) **اوحدي بلياني:** مير تقي الدين محمد بن معين الدين صاحب "تذکرہ عرفات العاشقين" متوفي 1030 هـ. هي شاعر مير سان اصفهان ڀر (1013 هـ) مليو، جنهن وقت مير بادشاهہ سان ملي موٽ ڪاڏي هئي. اصفهان ڀر مير جي اعزاز ڀر جيڪي مشاعره ٿيا، انهن ڀر اوحدي حاضر هو.

---

(1) بدايوني، 3: 26.
(2) بدايوني، 3: 378. نظام الدين، 2: 505. رحيمي، 3: 687. صبا، 764. صديق، 518. آزاد خزانہ، 443.
(3) نظام الدين، 2: 501. بدايوني، 3: 320. نور، 88. صبا، 597.
(4) سام ميرزا— نظام الدين 2: 899.

973 هـ ۾ ڇائو، 1015 هـ ۾ هندستان آيو، ۽ آگري ۾ پنهنجي تذڪري ڪي "عرفات العاشقين" جي نالي سان 1024 هـ ۾ مرتب ڪيائين. 1039 هـ تائين جيئرو رهيو.

(13) **حڪيم شفائي:** شرف الدين حسيني اصفهاني (متوفي 1038هـ) پنهنجي دؤر جو جيد شاعر بلڪ ايران ۾ صفوين جي دؤر اندر رهندڙ شاعرن ۾ نهايت بلند مرتبي جو مالڪ هو. ميرزا صاحب چوي ٿو:

در اصفهان، ڪه بدرد، سخن رسد، صائب
ڪنون ڪه، نبض شناس سخن شفائي نيست

اصفهان جي مشاعرن ۾ شريڪ رهيو ۽ مير سان شاعراڻيون صحبتون ڪيائين. شفائي شاعريءَ سان گڏ پنهنجي دؤر جو جيد حڪيم به هو. اهڙيءَ طرح مير کي به طب سان شغف هو. تنهنڪري سندن صحبتون دو آتشه شراب جهڙيون هيون. سندس شعر آهن:

از رد قبول دگرانش چه تفاوت
آن بنده ڪه در چشم خريدار در آيد

— —

گفتي ڪه چه شد قاعده مهرو محبت
رسمي ڪهني بود، بعهد تو برافتاد

— —

شفائي را تمامي عمر در راهِ تو مي بينم
بڪويت مير ود يا از سر ڪوي تو مي آيد

— —

آن دل ڪه نامزد بوفاي تو ڪرده ام
ڪاري مڪن ڪه عربده جوي دگر شود

(14) **فڪري، محمد رضا:** اصفهاني (متوفي 1020 هـ) اصفهان ۾ مير معصوم جي مشاعرن ۾ شريڪ ٿيو. پنهنجي دؤر ۾ اصفهان جي چند مڪيه شاعرن منجهان هو. اهوئي سبب ٿيو، جو شاهه ايران جو وزير هن کي به دعوت ڏيئي شريڪ ڪيو.

هڪ خوبرو چوڪر تي عاشق ٿي، دکن پهتو، جتي وفات ڪيائين:

اگر مز اشک گلگون، شده لاله گون زمينها
نتوان شدن پشيمان گل، عاشقي ست اينها

— —

آن قدر خون زلب لعل تو دارم در دل
کز در ونم نفس، آلوده بخون مي آيد

— —

زان دهان تنگ، فکري آرزوي بوسه چيست
آرزو خوبست در جائيکه گنجند آرزو

(15) **عتابي تکلو**: حسن بيگ هرات ۾ ڄائو. قزوين ۾ پليو ۽ رهيو اڇي اصفهان ۾. مير معصوم سان ايران کان گڏيو آيو. غالباً سندن ملاقات اصفهان ۾ ٿي. هندستان اڇي وري موٽي ويو. ٻيو دفعو 1020 هـ ۾ آيو ٿي، جو قندار ۾ ميرزا غازي ترخان وٽ ترسي پيو ۽ سندس مدح گوئي کري انعام حاصل کيائين. 1021 هـ ميرزا جي وفات بعد هندستان آيو. سندس وفات جي سال تي اختلاف آهي. 1025 هـ وڌيڪ قرين قياس آهي.

ديوان مرتب کونہ کيائين، ليکن ايترو شعر هيس، جو کيئي ديوان کڻا ٿين. نظاميءَ جو تتبع ۾ خسمو به مرتب کيو هئائين.[1]

ندانم آن گل خود رو، چه رنگ و بو دارد
که مرغ هر چمني، گفت و گوي او دارد

— —

خوش آن شبي که خيالم برد بگيسوي يار
دران دو سلسله ام، مويمو بگرداند

---

[1] "ميرزا غازي ترخان اور اس کي بزم ادب" ۾ وڌيڪ احوال ڏسجي. "4 - 10 - 1978ع"

باب اوٽيهون

شعر

جهڙيءَ ريت گذريل صفحن ۾ بيان ٿي چڪو آهي، ميرجو ڪلام، جيڪو بقول تقي ڪاشي غزلن جي ٻن ديوانن، هڪ رباعين جي ديوان ۽ پنجن مثنوين تي مشتمل هو، سو گم ٿي چڪو آهي. ٽالپرن جي ڪتبخاني ۾ هڪ نسخي جي هجڻ جو مذڪور اچي چڪو آهي، سو پڻ زماني جي لاهن چاڙهن جتي سنڌ جي انهيءَ شاهي خاندان کي ختر ڪري ڇڏيو، اتهن سندن جمع ڪيل اهو علمي ذخيرو به تهه و بالا ٿي، منتشر ٿي ويو- اهڙيءَ طرح جيئن خزان جي موسم ۾ وڻن ۽ ٻوٽن جا پن ڇٽي ٽڙي پکڙي ۽ آخر ۾ ختم ٿي وڃن. ٻهر صورت في الحال دنيا جي ڪنهن به ڪتبخاني ۾ ميرمعصوم نامي بکريءَ جي ڪنهن به ديوان، ڪنهن به مثنويءَ جو ڏس پتو ڪونه ٿو ملي. جيڪو ديوان پراڻي سکر ۾ خاندان وٽ موجود آهي، جنهن جو نقل پير علي محمد راشديءَ 1932ع ۾ ڪيو هو، سو ميرمرحوم جو نه آهي، بلڪ ڪنهن استاد مقطع ۾ يا ته اصل شاعر جو تخلص ڪيل نامي‌ءَ جو تخلص آڻي جعلسازي ڪئي آهي، يا ڪنهن ٻئي ساڳي تخلص واري معمولي شاعر جو آهي، جنهن کي خاندان ۾، ميرجو سمجهي، محفوظ ڪيو ويو آهي. انهيءَ ديوان ۾ حمد، نعت، منقبت آهن. ابتدا ٿئي ٿي:

بسم الله الرحمٰن الرحيم　　اول اثنار جديد قديم
كرد خداوند ز حمد وسپاس　　بنده خود را بخودي حق شناس

اختتام هن شعر تي آهي:

سزاي بنده كه مظلوم نفس و شيطانم
عطيۀ بدهي خاصه از براي حسين [1]

انهيءَ ديوان تان ڊاڪٽر دائود پوٽي مرحوم ڪجهه شعر ميرمعصوم جا سمجهي "تاريخ سنڌ"جي ديباچي ۾ درج ڪيا آهن. مثلاً: هن قصيدي جا شعر:

اول دفتر بنام ايزد دانا　　صانع پروردگار و حي توانا...

---

[1] ديوان 10 ذيقعده 1351 هـ (مارچ، 1932ع) جو سکر ۾ نقل ٿيو.

اهو سعديءَ جو قصيدو آهي، جيڪو سندس ديوان ۾ موجود آهي. اهڙيءَ طرح ٻيو قصيدو ڊاڪٽر مرحوم نقل ڪيو آهي:

باد خزان وزيد فرو ريخت نوبهار
عمر عزيز رفت و نكرديم هيچ كار...

منهنجي دوست احمد گلچين معانيءَ جو خيال آهي تہ اهو اميدي تهرانيءَ جو معلوم ٿو ٿئي. قصيدي ۾ "باغ اميد" جو نالو آيو آهي، جيڪو اميديءَ نهرايو هو ۽ انهيءَ منجهہ پاڻ ماريو ويو هو. "باغ اميد" جو نالو جنهن انداز ۾ آيو آهي، انهيءَ مان اهو خيال ڪرڻ تہ اميديءَ جو قصيدو آهي، منهنجي خيال ۾ صحيح نہ آهي، ليڪن بهرحال قصيدو ڪنهن جو بہ هجي پر مير معصوم جو نہ آهي. ساڃيءَ ريت هيءُ قصيدو:

روزي كہ زير خاك تن ما نهان شود
و آنها كہ كرده ايم يكايك عيان شود

انهيءَ قصيدي جا (53) بيت شيخ سعديءَ جي ديوان ۾ الحاقي شعرن جي تحت درج آهن، جن کي ذكاء الملك فروغيءَ پنهنجي تصحيح شده نسخي مان خارج ڪري ڇڏيو آهي.

مير جو ڪلام هن وقت اهوئي دستياب آهي، جيڪو گورستان ۾ ڪتبن تي يا بين يادگار پٿرن جي تختن تي اُکريل آهي يا مختلف تذڪرن ۾ بطور انتخاب درج ٿيل ملي ٿو. ۽ انهيءَ جو اندازو ايترو ٿورو آهي، جو انهيءَ جي آڏار تي مير جي شاعريءَ متعلق ڪوبہ صحيح اندازو ڪرڻ مشڪل آهي. تنهنڪري مجبوراً انهيءَ راءِ تي تكيو ڪرڻو پوي ٿو، جيڪا تذكره نويسن ڏني آهي ۽ گذريل صفحن ۾ درج ٿي چڪي آهي. اسان جي پنهنجي شخصي راءِ اها آهي تہ مير جو هڪ ئي مخصوص رنگ هو، جيڪو هن رباعين ۾ ظاهر ڪيو آهي ۽ غزل كان زياده هو ربائيءَ جو استاد بلڪ انهيءَ صنف جو بادشاهہ هو.

سيني معاصر تذكره نويسن مير جي شاعراڻي ڪمال ۽ انهيءَ فن ۾ سندس صلاحيت جي تعريف ڪئي آهي. تقي اوحدي، جنهن سان مير صاحب اصفهان ۾ مليو، تنهن لكيو آهي تہ واقعي كيس شاعريءَ ۾ عظيم قوت ۽ قدرت حاصل هئي [1]. اهڙيءَ طرح تقي كاشي يا سندس ذاتي دوستن ملان

[1] عرفات تقي اوحدي: "الحق اورا قوت و قدرت عظيم در شاعري بود" رسالہ تاريخ حيدرآباد دكن. ص. 34، جنوري 1929ع.

بدايوني وغيره سڀ انهيءَ سلسلي ۾ يڪ زبان آهن. سواءِ ٻن تذڪرن جي، يعني "مجمع النفائس" (1164 هـ) ۽ "گل رعنا" (1182 هـ) جي، جن هڪٻئي جي نقل ۾ لکيو آهي ته مير جي ڪلام ۾ رطب ويابس گهڻو آهي [1]. ليڪن اها راءِ مجمع النفائس جي مصنف تقي اوحديءَ ڏانهن منسوب ڪندي نقل ڪئي آهي. سندس پنهنجي نه آهي. هڪ شاعر جو ڪلام سوفيصد درجي اول جو هجي، سو ظاهر آهي ته ممڪن نه آهي، تنهنڪري انهيءَ ڪليه کان مير معصوم به مستثنيٰ ڪونه هوندو.

هن هيٺ اسان ترتيب زمانيءَ جي لحاظ سان مير جا دستياب ٽيل شعر نقل ڪريون ٿا، جيئن ڪلام جي تصنيف جو پتو پئجي سگهي ۽ مير جي تاثرات جي ارتقا جي پروڙ به ڪري سگهون.

گذريل صفحن ۾ مير جو هڪ قصيدو ملان بدايونيءَ جي احوال ۾ ڏنو ويو آهي، جيڪو 999 هـ کان اڳ جو يعني گجرات واري زماني جو (992 - 998 هـ) ٿي سگهي ٿو. اهڙيءَ طرح قبرستان جي سلسلي ۾ جيڪي اشعار ۽ رباعيون آيل آهن، سي 1002 هـ کان اڳ جون آهن. اهو سال ڇوڪندييءَ نهٽ جو آهي.

ڪتابن ۾ سڀ کان پهريون انتخاب آهي طبقات اڪبريءَ جو، جنهن جي تاليف جو زمانو 1002 هـ آهي. طبقات ۾ ٽي شعر اهڙا آهن، جن مان هڪ مطبوعه نسخي ۾ ڪونه آيو آهي، جنهن کي مطربي سمرقنديءَ طبقات وارن ٻين بيتن سان گڏ نقل ڪيو آهي. اهي ٽي بيت هي آهن:

باز دل وصل جو، مصلحت جان گذاشت
آرزوي درد کرد، خواهش درمان گذاشت
نيم نگاهش بناز، دين و دل از من ربود
نيم نگاه دگر، در گرو جان گذاشت [2]
نامي از اندوه هجر، سوي عدم رخت بست
واي که جان را بهر، دست و گريبان گذاشت [3]

---

[1] نفائس: "اگرچه رطب و يابس در کلامش فراوان است" گل رعنا جي عبارت به ساڳي آهي. نفائس جي عبارت مان ظاهر آهي ته اها راءِ تقي اوحديءَ جي آهي، جيئن ته لکي ٿو: درينجا تقي گويد که ... الحق اورا قوت و قدرت درين فن بود اگرچه رطب و يابس رکلامش فراوان است.

[2] هيءَ بيت مطربيءَ ڇاپي نسخي کان علاوه ڏنو آهي.

[3] طبقات ۽ تذکرة الشعراء مطربي، ص. 15.

انهيءَ کان پوءِ ساڳئي ئي دؤر ۾ زماني جو انتخاب ملان بدايونيءَ جو آهي، جنهن پنهنجي تاريخ 1004 هـ جو پوري ڪئي.

ابيات

چون گريهٔ من ديد، نهان کرد تبسم
پيداست که اين گريهٔ من، بي اثري نيست [1]

— —

در عشق نشه ايست، که عشاق خسته را
ذوقي ست در فراق که، اندر وصال نيست [2]

— —

داده پيغام بقاصد مه من خنده کنان
ظاهر است از سخن او اثر خنده هنوز [3]

— —

چه خوش است آن که از خود روم و تو حال پرسي
بتو شرح حال گويم بزبان بيزباني [4]

رباعيات

يک حصهٔ عمر من بناداني رفت
يک حصهٔ ازان چنان که ميداني رفت

— —

يک حصه به بيهوده به بيکار گذشت
يک حصهٔ بافسوس و پشيماني رفت [5]

— —

---

[1] بدايونيءَ کان علاوه ٻي شعر طبقات، گلِ رعنا، مخزن الغرائب، شمع انجمن، تاريخ مظفري (خطي، انجمن) ۾ آهي.
[2] گل رعنا، مخزن الغرائب.
[3] گل رعنا، مخزن الغرائب، انيس العاشقين، نشتر عشق.
[4] طبقات، ماثرالامرا، مقالات الشعرا، گل رعنا، نشتر عشق، مخزن الغرائب. هيستائين سڀ بيت بدايونيءَ ۾ آيل آهن. (3: 366.)
[5] مخزن الغرائب.

از درد تو صد گونه دلِ من ریش است
در هجر توام قیامتي درپیش است
دم درکشم و نفس به بیرون نکشم
کز دل تالب هزار دوزخ بیش است

— —

تنها باخود در انجمن باید بود
باخویش همیشه در سخن باید بود
هم بلبل و هم گل چمن باید بود
دیوانهٔ بکار خویش باید بود [1]

— —

عشقت نه متاع هر خریدار بود
اورا دو جهان بهادي یکتار بود
گل نیست که در کوچهٔ و بازار بود
یا مشک که در دکانِ عطار بود [2]

— —

جویاي جمالش ار چه بسیار بود
هر دیده نه لایقِ رخِ یار بود
هر کفر نه اندر خورِ زنار بود
هر سر نه سزاوار سرِدار بود

— —

در بحر دلم قلزم خون مي جوشد
صد دوزخ در دم بد رون مي جوشد
در وضعِ زمانه آتش خواهم زد
زینگونه که در درون جنون مي جوشد

— —

---

[1] گل رعنا، مخزن الغرائب.
[2] گل رعنا.

هـر لحظـه دلم خيـال تـو سـاز كنـد
زان سُـو كـه توئي هـزار انـداز كنـد
ترسـم جانـا كـه مـرغ جـان از قفسـر
يكبـار ز شـوق وصـل پـرواز كنـد [1]

— —

هـر سـال كـه گـل ببوسـتان مـي آيـد
شـادي و نشـاط در جهـان مـي آيـد
هـر صفحـهٔ گـل ز بيوفـائئ حرفـي
سهل است كه بلبل بفغان مي آيد [2]

— —

اي آن كـه بـر آن رخـت نظـر مـي بـايد
چشـم تـو وراي چشـم سـر مـي بـايد
خواهي كه ز عشق هاش غـافل نشـوي
در چشـم دلـت، چشـم دگـر مـي بـايد

— —

در ديـده ز انـدوه خبـر مـي بـايد
در نالـه ز درد اثـر مـي بـايد
در سـينه بجـاي دل شـو ر مـي بـايد
در ديـده بجـاي خـون جـگر مـي بـايد

— —

در عشـق بتـان مشـق جنـون بـايد كـرد
جـان را بفـراق رهنمـون بـايد كـرد
چون شيشـه تمام پر ز خـون بـايد شـد
وانگـه ز رهِ ديـده بـرون بـايد كـرد [3]

— —

---

[1] مخزن الغرائب.
[2] مخزن الغرائب.
[3] تقي كاشي، مخزن الغرائب، نگارستان سخن، گل رعنا.

امـــروز صبـــا بـــوي وفـــائي دارد
گويـــا خبـــري ز آشـــنائي دارد
ديوانـــه دل مـــرا بجـــوش آورده اســـت
آشـــفتگي مـــگر ز جـــائي دارد

— —

در مذهب ما بجمله يکسان مـي بـاش
در دايـرهٔ کفـر بايمـان مـي بـاش
ايـن اسـت طريـق عشـق جانانـهٔ مـا
زنار بـگردن و مسـلمان مـي بـاش [1]

— —

گـــلزار جمـــال عـــارض دلـــدارم
چـون جلـوه دهـد بخـاطر افگـارم
دريـا دريـا، جهـان جهـان، خـون ريـزم
بستان بستان، چمن چمن گلبارم [2]

— —

روزي کـه بفريـاد غمـش بـر خيـزم
دار دامـن هجـر دسـت دل آويـزم
زان گريـه کـه بـاخون جـگر آميـزم
خـونِ دو هـزار دل بدامـن ريـزم

— —

گـه نـالم و گـه ز نالـه خـاموش کنـم
باشـد کـه ز جـاي سـخنت گـوش کنـم
فـارغ ز خيـال تـو نيـم يـک نفسـي
ترسـم کـه دگر نفس فراموش کنـم [3]

— —

---

[1] گل رعنا، مخزن الغرائب.
[2] تقي کاشي.
[3] مخزن الغرائب.

هر اشک که از دیده برانگیخته ام
با زهر غمش، نخست آمیخته ام
ترسم که بحشر دوزخي بر خیزد
این گریه کي در فراقِ او ریخته ام

— —

از آلایشِ روزگار اندر گلۂ
عیبِ دگران مکن، تو هر زان گلۂ
پرهیز ز آلودگيۂ دامنِ خویش
نامي! دوسه روزي که درین مزبلۂ [1]

— —

اي آنکه تو بار بسته بر راحلۂ
در خواب شده غافل ازین مرحلۂ
بیدار شو! و پاي طلب در ره نه
رفتند همه، تو نیز ازین قافلۂ

— —

فریاد راحیل از همه کس مي شنوي
آوازد را، ز پیش و پس مي شنوي
کرده همه شبگیر بسر منزل دور
توخفته بره بانگ جرس مي شنوي [2]

— —

دلدار مجو تا همه دل خون نه شوي
وز وي نه شوي تا تو د گر گون نه شوي
شوریده و شیدائيۂ و مجنون نه شوي
تا از روشِ زمانه بیرون نه شوي [3]

— —

---

(1) تقي كاشي، مخزن الغرائب.
(2) مخزن الغرائب. هيۂ رباعي عادل شاهه فاروقيۂ جي مقبري تي مير جي هنيل كتبي ۾ به آهي.
(3) مخزن الغرائب.

تا كي؟ دل از اين و آن، پر از كينه كني!
تا چند به زر سينه چو گنجينه كني؟
كار اين نه بود كه تيره سازي دل را
آن كار بود كه دل چو آئينه كني! [1]

— —

بدايونيءَ كان پوءِ، 1012 هه ۾ ڪيل انتخاب تقي ڪاشيءَ جو آهي، جيڪو هن ملاقات جي دوران پنهنجي تذڪره "خلاصة الاشعار" ۾درج ڪيو آهي، جنهن ۾ يقيناً مير جي پنهنجي پسند به شامل هوندي. گهٽي ۾ گهٽو انتخاب (563 شعر) انهيءَ تذڪري ۾ آيو آهي، جيڪو هيٺ ڏجي ٿو:

غزليات [2]

بانگ غفران چو زند رحمت او، عصيان را
تكيه بر كفر بود از كرمش، ايمان را
ريش درد دلم، ايدوست! بمرهم مخراش
ورنه از آتش دل داغ كنم درمان را

— —

هجرا را، بود بهر خاتمه اي، روز وصال
هست در عهد تو قانون دگر هجران را
صد ره از گنبد فيروزه نهم پا برتر
همچو آه خود اگر چست كنم دامان را

— —

عفو تو، بسته است لب عذر خواه را
بر رو نهاد داغ شفاعت گناه را
از بس بجستجوي تو پيک نظر دويد
ديدم هزار آبله در پا، نگاه را

---

[1] مخزن الغرائب. هيستائين آيل ڪلام بدايونيءَ ۾ نقل ٿيل آهي. (3: 370 - 375.)
[2] جيڪي بيت يا رباعيون هن ڪان اڳين ڪتابن ۾ آيون يا درج ٿي چڪيون آهن، اهي مٿي آندين ويون آهن.

از بس که ناز و عشوه فشاند، گـه خرام
آرایـش بهـار دهـد، جلـوه گـاه را

— —

بي گـل رویـش، ز بـرق آه آتشبار مـا
سایهٔ گل، شعله گردد بر سر دستار مـا
تا فگنده سایه بر ما از کرم آن آفتاب
رشک دارد آفتاب از سـایهٔ دیـوار مـا

— —

